# پرديسي پادري

(ناول)



ليکڪ:
اليور گولڊ سمٿ

سنڌي ادبي بورڊ

# پرديسي پادري

## (ناول)

donated from
Suleman A. Memon's
personal library

ليکڪ:
آليور گولڊ سمٿ

مترجم:
احمد خان محمود خان ميمڻ

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2006ع

[هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا سنڌي ادبي بورڊ وٽ محفوظ آهن

ڇاپو ٻيهريون    سال 2006ع    تعداد هڪ هزار

قيمت: هڪ سؤ پنجهتر رپيا

**[ Price Rs. 175-00 ]**

خريداريءَ لاءِ رابطو:

**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گهر**

تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ

**(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)**

**Email Address: sindhiab@yahoo.com**

**Website: www.sindhiab.com**

---

هيءُ ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پرنٽنگ پريس ڄامشورو ۾ مئنيجر سيد سڪندر علي شا
ڇپيو ۽ انعام الله شيخ سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# ڇپائيندڙ پاران

انساني سماج تغير پسند آهي، جنهن ۾ ٿيندڙ هر تبديليءَ جا ڪي نہ ڪي اسباب ٿين ٿا. انهن مڙني سببن جو تعلق ڦري گهري وري بہ انسان سان ٿئي ٿو. انسان جيئن تہ هڪ شعوروند سماجي جانور آهي، تنهنڪري هن ڪي فطرت طرفان اهو ادراڪ حاصل آهي، تہ هو پنهنجي علم، عقل ۽ هوش ذريعي ڪائنات جي سمورن لقائن ۽ ڳُجهن جي وسعتن کي نہ صرف سمجهي پر اُنهن تي ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان قادر بہ رهي. قدرت، انسان کي عقل ۽ هوش اُن ڪري عطا ڪيو، تہ جيئن هو پنهنجي زندگي بي جيوت کان بهتر ۽ نرالي بڻائي ۽ ايندڙ نسل لاءِ رهنمائيءَ جا ڪي اهم اصل ۽ مثال قائم ڪري. هن دنيا ۾ زندگي تہ حيوان بہ گذارين ٿا، پر ڇاڪاڻ تہ اهي علم، عقل ۽ هوش کان قاصر آهن، تنهنڪري اهي پنهنجي ايندڙ نسلن لاءِ پنهنجا تجربا- عبرت ۽ سبق طور ڇڏي نہ ٿا وڃن پر اهو انسان ئي آهي، جيڪو پنهنجي گذاريل زندگيءَ جا سمورا تجربا پوين جي لاءِ پيش ڪري هڪ نصيحت ڇڏي وڃي ٿو.

'ناول' بہ انساني سماج ۾ گذرندڙ حالات جو اهڙوئي جيئرو جاڳندو عڪس آهي، جنهن کي پڙهي ماڻهو عبرت حاصل ڪري سگهي ٿو. **'پرديسي پادري'** هڪ اهڙوئي ناول آهي، جيڪو انساني نفسيات جي تمام ويجهڙائيءَ کان جائزو وٺندي لکيو ويو آهي. هيءُ ناول اصل ۾ انگريزي ناول 'دي وِڪار آف ويڪفيلڊ' جو سنڌي ترجمو آهي، جيڪو سنہ 1766ع ۾ آئرلينڊ جي جڳ مشهور ناول نگار 'آليور گولڊ سمٿ' لکيو. 'آليور گولڊ سمٿ' جو نالو انگريزي ادب ۾ هڪ وڏو مقام رکي ٿو. سندس لکتون زندگيءَ ۾ سندس ڪيل عرقريزيءَ جو نتيجو آهن. 'آليور' بنيادي طرح هڪ غريب عيسائي هو، جيڪو پنهنجي والد 'چارلس گولڊ سمٿ' جي مري وڃڻ کان پوءِ پنهنجي ڳوٺ 'اسمٿ هِل' جي هڪ ڪليسا جو پادري ٿيو. هو پنهنجي طبيعت ۾ خلق لاءِ

محبت، شفقت ۽ حساسيت رکندڙ شخص هو. فطرتاً حساس هئڻ ڪري هو پادريءَ مان هڪ مثالي ليکڪ بڻيو ۽ ايکويهن کان متي ڪتاب لکيائين. هيءُ ناول به انهن ڪتابن ۾ هڪ امتيازي حيثيت رکي ٿو.

مسٽر احمد خان محمود خان ميمڻ صاحب هن ناول کي سنڌي ويس ڍڪائي سنڌي ادب ۾ هڪ سني ۽ اصلاحي ناول جو اضافو ڪيو. اسان کي اميد آهي ته ميمڻ صاحب جي ڪيل هيءَ محنت لائق پڙهندڙ حضرات کي ضرور پسند ايندي.

| | |
|---|---|
| **ڄامشورو، سنڌ** | **انعام الله شيخ** |
| خميس ١٩- ربيع الثاني ١٤٢٧هه | سيڪريٽري |
| بمطابق 18- مئي 2006ع | سنڌي ادبي بورڊ |

# فهرست


| صفحو | عنوان |
|---|---|
| 7 | ❖ ديباچو: مترجم پاران |
| 9 | ❖ مقدمو |
| 9 | (الف) گولڊ سمٿ جي سوانح حيات |
| 13 | (ب) گولڊ سمٿ جون تصنيفون |
| 15 | (ج) گولڊ سمٿ جا معاصر ۽ دوست |
| 18 | (د) گولڊ سمٿ جي طرز تحرير |
| 19 | (هه) وڪار آف ويڪفيلڊ جي آکاڻي |
| 24 | (و) وڪار آف ويڪفيلڊ ڪتاب جي تصنيف ۽ اشاعت |
| 25 | (ز) ڪتاب بابت |
| 28 | ❖ اظهار مصنف |

| | | |
|---|---|---|
| باب پهريون: | ويڪفيلڊ شهر جي هڪ خاندان جو بيان | 29 |
| باب ٻيو: | ڪٽنب جون ڪمبختيون | 34 |
| باب ٽيون: | هجرت | 39 |
| باب چوٿون: | نصيب ۽ خوشي | 47 |
| باب پنجون: | هڪ نئين واقفيت. اميدون هميشه برصواب نتيون تين | 51 |
| باب ڇهون: | ٻهراڙيءَ جي خوشي | 56 |
| باب ستون: | هڪ شهري مذاق | 61 |
| باب اٺون: | عشق نه آهي راند | 67 |
| باب نائون: | ٻن اعليٰ درجي وارين عورتن سان ملاقات | 78 |
| باب ڏهون: | وڏي درجي وارن ماڻهن سان ڪلهي رس ٿيڻ جي ڪوشش | 82 |
| باب يارهون: | ڪٽنب جو پنهنجي شان کي برقرار رکڻ جو ارادو | 87 |

| | | |
|---|---|---|
| باب ٻارهون: | ويڪفيلڊ جي ڪتنب سان نصيب جي ناهمواري | 93 |
| باب تيرهون: | مسٽر برچل جي باري ۾ هڪ غلط فهمي | 99 |
| باب چوڏهون : | تازيون پريشانيون | 103 |
| باب پندرهون: | مسٽر برچل جي بدمعاشيءَ جو ظاهر ٿيڻ | 110 |
| باب سورهون: | ڪٽنب جون حرفتون | 116 |
| باب سترهون: | حرص جي مقابلي ۾ اخلاق جي ناڪامي | 122 |
| باب ارڙهون: | گم ٿيل ٻار لاءِ پيءُ جي ڳولا | 132 |
| باب اوڻويهون: | هڪ غير مطمئن شخص | 138 |
| باب ويهون: | هڪ ورلو فيلسوف | 148 |
| باب ايڪيهون: | باهمي راضپي واري دوستي | 165 |
| باب ٻاويهون: | پيار ۽ ڏوهن جي معافيءَ بابت | 174 |
| باب ٽيويهون: | محض مجرم ئي ذليل ٿي سگهي ٿو | 179 |
| باب چوويهون: | نيون مصيبتون | 184 |
| باب پنجويهون: | ڪوبہ مقام چڱائيءَ کان خالي نہ آهي | 190 |
| باب ڇويهون: | جيل ۾ هڪ سڌارو | 195 |
| باب ستاويهون: | ساڳيو مضمون هلندڙ | 201 |
| باب اناويهون: | مُـرڪَ ۽ لُـڙڪَ | 205 |
| باب اٺٽيهون: | خالق جو مخلوق سان هڪجهڙو ورتاءُ | 216 |
| باب ٽيهون: | خوشيءَ واريون اميدون | 221 |
| باب ايڪٽيهون: | اڳئين ڪريم النفسي | 230 |
| باب ٻٽيهون: | پُڄاڻي | 246 |
| ❖ | ڪتابن جي لسٽ، جي مترجم ترجمو ڪندي ڏنا | 250 |

—❖—

# ديباچو

سنڌ يونيورسٽيءَ جي اختياريءَ وارن مون کي ايم - اي فائينل جي امتحان سال 1957ع لاءِ. ”وڪار آف ويڪفيلڊ“ (The Vicar of Wakefield) نالي هڪ انگريزي ڪتاب آگسٽ 1956ع ۾ سنڌيءَ ۾ ترجمي ڪرڻ لاءِ عنايت ڪيو. قياس هو، جيئن ته هيءُ هڪ ناول آهي، تنهنڪري ترجمي ڪرڻ ۾ ڪا تڪليف نه ٿيندي، پر اڳيان ”آليور گولڊ سمٿ“ جي شخصيت سان ڪم هو. سو اَڪَ جي ماکي لاهڻي ڪانه هئي. گهڻو ئي رت ولوڙڻو پيو، ۽ دماغ سوزي ڪرڻي پيئي، ۽ آخرڪار منهنجي پگهر جو پورهيو، موجوده ڪتاب جي صورت ۾ تيار ٿي ويو. مون هيءُ ترجمو ”آڪسفورڊ يونيورسٽي پريس“ جي 1952ع واري ڇپايل ڪتاب تان ڪيو آهي.

ڪن صاحبن جو رايو هو، ته انگريزي نالن جي بدران سنڌي نالا ڪم آڻجن. سنڌن راءِ کي دل ۾ ڏريندي ڪيترا ترجمي جا ڪتاب نظر مان ڪڍيم، مگر مون کي ڪثرت انهن ڪتابن جي ڏسڻ ۾ آئي جن ۾ نالا ڦيرايل نه آهن. مطالع ڪيل ڪتابن جا نالا پڇاڙيءَ ۾ عرض رکيا اٿم. ازانسواءِ هن ڪتاب جو پس منظر سڄو مغربي طرز جو آهي، ۽ ڪردارن جي رهڻي ڪهڻي، ٻولي، گفتگو، رسومات ۽ عادات سڀئي مغربي آهن. انهن جي معاشي زندگيءَ ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون ڳالهيون نظر اچن ٿيون، جن کي اسان جي تهذيب ۾ جاءِ ڪانهي. جيڪڏهن سنڌي نالا استعمال ڪجن ها، ۽ اُهي ياڳا ڪڍي ڇڏجن ها، ته ڪتاب جي اصليت قائم رهي نه سگهي ها، ۽ ڪيترا ٽڪرا ترجمي کان سواءِ ڇڏڻا پون ها، جنهنڪري ڪتاب جو مفهوم مڪمل ٿي نه سگهي ها. اهوئي سبب آهي جو مون اصلوڪا نالا قائم رکيا آهن.

ترجمي ڪرڻ مهل مون کي تمام گهڻين تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو جهڙوڪ: ڪتاب ۾ جملن جون ترڪيبون تمام ناقص ۽ لنبيون آهن، ٻولي گهرو ۽ جهوني ڪتب آيل آهي، ان کان سواءِ غير مروج محاورا ۽ حرف جملا گهڻا ۽ متروڪ ٿيل فعلن جو انبار ڪم آيل آهي. مذڪوره دقتن کي پنهنجي ناقص وت آهر منهن ڏيئي، رنڌا روڙي هيءُ ڪتاب تيار ڪيو اٿم، ۽ اميد اٿم ته پڙهندڙن کي پسند ايندو.

آخر ۾ آءُ سنڌ جي مايہ ناز اديب، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي ۽ تعليمي شعبن جي سرواڻ، جناب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو دلئون ٿورائتو آهيان، جنهن صاحب مون کي ڪتاب جي ترتيب ۽ سٽاءَ ۾ گهڻي مدد ڪئي آهي.

آءُ پنهنجي استاد محترم محبوب علي چنہ صاحب جن جو پڻ نهايت شڪر گذار آهيان، جن جي بدولت ئي بنده کي هن ڪتاب جي پيش ڪرڻ جي جرائت ٿي آهي.

هتي آءُ پنهنجي سعادتمند شاگرد مسٽر ولي محمد کي ڪيئن وساريان، جنهن صاحب ڪتاب جي نقل ڪرائڻ ۾ مون سان ڪافي هٿ ونڊايو آهي.

**احمد محمود ميمڻ**

هالا نوان

# مقدمو

## (الف) مصنف جي سوانح حيات

"آلِيوَر گولڊ سمِٿ" انگريزي ادبي دنيا جي انهن ممتاز ترين هستين مان آهي، جن انگريزي ادب جي هر پهلوءَ تي ڪاميابيءَ سان لکيو، ۽ پنهنجي قلم جي جنبش سان قوم جي سماجي، ذهني ۽ مذهبي خيالات ۾ ڦيرو آڻي ڇڏيو.

### ولادت ۽ اوائلي زندگي:

"آلِيوَر گولڊ سمِٿ" آئرلنڊ جي "راسڪامن" ضلع جي هڪ ڳوٺ "سمِٿ هِل" ۾ تاريخ 10 نومبر 1728ع ۾ ڄائو. سندس پيءُ جو نالو "چارلس گولڊ سمِٿ" هو جو هڪ ڪليسا جو پادري هو. سندس ماءُ "آئن" هڪ اسڪول ماستر "آلِيوَر جونسِ" جي ڌيءُ هئي.

"چارلس گولڊ سمٿ" تمام سٻاجهيءَ ۽ وڻندڙ طبعيت وارو هوندو هو. هن پنهنجن ٻارن جي دلين تي پڻ مولىٰ جي محبت ۽ خلق خدا جي خدمت ڪرڻ جا خيال جاڳايا. جيتوڻيڪ هيءُ تمام غريب هو ته به جيڪڏهن ڪو واٽهڙو يا غريب ماڻهو ڪانئس مانيءَ ۽ رهائش جي گُهر ڪندو هو ته هو ڪيس خالي هٿين نه ڇڏيندو هو. "آلِيوَرِ" پڻ پنهنجي پيءُ جي فوت ٿيڻ بعد ساڳيو طريقو اختيار ڪيو.

### تعليم:

"آلِيوَر" کي سندس والدين پهريائين هڪ ٻُڍيءَ عورت وٽ (A. B. C) پڙهڻ لاءِ موڪليو، جنهن جو ڇوڻ آهي، ته هن جيڪي به ٻار ڏنا هئا، تن سيني ۾ "آلِيوَرِ" موڳن ۾ موڳو هو. پر ڏسو قدرت جا ڪرشما جو هيءُ ٻارڙو آخر اهڙيءَ ته ڪڙيءَ تي پهتو، جو "وڪار آف ويڪفيلڊ" ۽ "سٽيزَن آف دي وَرلڊ" جهڙا بهترين ڪتاب ۽ "شي سٽُوپس ٽُ ڪَانڪَر" ۽ "ڊيزَرٽيڊ وِليجِ" جهڙا مشهور نظم لکيائين.

ٿورن مهينن بعد "آلِيوَر" کي اسڪول ڏانهن موڪليو ويو. پهريائين ڪَليسائي حلقي جي ماستر وٽ ۽ پوءِ رفته رفته "ايلفِن" اَٿلون ۽ ايجورٽس شهرن جي اسڪولن ۾ تعليم ورتائين. سندس زندگي تڪليفن سان ڀرپور هئي، ۽ پنهنجي اسڪول ۾ نهايت ئي ناخوش هوندو هو. مُنهن تي ماتا جي نِشانن

هئڻ ڪري شڪل جو ڪوجهو هو. قد جو پڻ ڇوٽو هو. انهيءَ ڪري سندس هم ڪلاسي ڪيس گهڻو ڏڪاريندا، ماريندا ۽ ڪُٽيندا هئا، ۽ مٿانئس ٺٺوليون ڪندا هئا.

سن 1745ع ۾ "آليوَر" "ڊَبلِن" شهر جي "ترنٽي ڪاليج" ۾ داخل ٿيو، جنهن جي دروازي اڳيان هن وقت بہ سندس پتلو بيٺل نظر اچي ٿو. سندس پيءُ ڪاليج جي في ڀرڻ کان لاچار هو. انهيءَ ڪري ڪيس هن شرط تي داخل ڪيو ويو تہ هو باغيچي کي بُهاري ڏيندو ۽ مانيءَ وقت پليٽون وغيره ڪڍي ڏيندو.

مطلب تہ هڪ اهڙي شاگرد جي حيثيت ۾ داخل ٿيو جو ڪيس ڪاليج جي فيءَ جي گهٽتائيءَ جي عيوض هينانهين درجي جا ڪم ڪرڻا پيا. يونيورسٽيءَ ۾ پڻ هن پنهنجا ڏينهن ڏاڍا ڏکيا گذاريا، ڇاڪاڻ تہ ڪوبہ شاگرد ساڻس تعلق نہ رکندو هو، ۽ ڪيس چڱيءَ نظر سان نہ ڏسندو هو. تنهن کان سواءِ هيءُ تمام غريب هو، ۽ انهيءَ ڪري نهايت پريشان حال رهندو هو. پنهنجن استادن جي آفرين حاصل ڪرڻ لاءِ بہ هو پاڻ کي هوشيار ثابت نہ ڪري سگهيو. ازانسواءِ سندس بي قاعدي عادتن ۽ غير مهذب حرڪتن پڻ ڪيس يونيورسٽيءَ اختياريءَ سان گهڻو ڪجهہ مقابلي ۾ آندو. انهن خامين سان گڏ منجهس ڪي خوبيون بہ هيون جن جي قدرداني ڪئي ويندي هئي. جيتوڻيڪ هو ڪجهہ وقت لاءِ "ڪارڪ" ڏانهن ڀڄي ويو، تہ بہ سن 1749ع ۾ هن يونيورسٽيءَ جي بي - اي امتحان جي سَنَد حاصل ڪئي.

يونيورسٽي ڇڏڻ کان پوءِ ساڳئي سال سندس پيءُ گذاري ويو، ۽ ان ڪري هو ڪجهہ وقت پنهنجيءَ ماءُ وٽ رهيو. هن پادري ٿيڻ چاهيو تي ۽ انهيءَ ڪري اهو عرصو پڻ انهيءَ نوڪريءَ جي آرڊر جي انتظار ۾ گذاريائين، پر سندس درخواست رد ٿي ويئي. ان بعد هو ڀرواڙيءَ جي هڪ معزز شخص جي ٻارن جو استاد ٿيو ۽ اهو وقت ڏاڍيءَ خوشيءَ ۾ گذاريائين.

هن پوءِ لنڊن ۾ قانون پڙهڻ جو ارادو ڪيو ۽ پاڻ سان پنجاهہ پائونڊ ڪڻي اوڏانهن روانو ٿيو. ڪيس اهي پيسا سندس چاچي ڏنا هئا، پر "ڊبلن" شهر ۾ پهچندي ئي سيئي پيئسا جُوا ۾ هارائي ڇڏيائين، جنهن ڪري اڳتي وڃي نہ سگهيو. آخر سن 1752ع ۾ سندس چاچي ڪيس وري بہ پيسي جي مدد ڪئي، ۽ هو ڳوٺ ڇڏي طب پڙهڻ لاءِ "ايڊنبرا" شهر ڏانهن روانو ٿيو.

## سيرو سياحت:

آلِيورَ "ايڊنبرا" ۾ ٻـه سال رهيو، پر سمورو عرصو تعليم پرائڻ کان وڌيڪ تفريح ڪرڻ ۾ گذاريائين. سن 1754ع جي ابتدا ۾ "هالنڊ" ڏانهن روانو ٿيو. کيس اميد هئي تـه اتي ڊاڪٽريءَ جي سَنَد حاصل ڪري سگهندو، پر اها سندس اُميد پوري نـه ٿي. ڪجهه وقت کان پوءِ سندس دل ۾ مسافريءَ ۽ سياحت جو شوق پيدا ٿيو، ۽ پيرين پنڌ يورپ جي سفر تي روانو ٿيو. ان سفر ۾ برابر کيس ٽي سال لڳي ويا، ۽ پهرين فيبروري 1756ع تي سن ٽورن پيسن ۽ هڪ طب جي سَنَد سان "ڊوور" جي بندر تي اچي لٿو.

## مشغولي:

سفر تان واپس ورڻ بعد "آلِيور" پنهنجي پيٽ قُوتَ حاصل ڪرڻ لاءِ گهڻائي متا مونا هنيا، ۽ هڪ ٻئي پٺيان ڪيترا ڌنڌا اختيار ڪيائين. پهريائين هڪ دوا فروش جو اسٽنٽ ٿيو، پوءِ وري حڪيم ٿيو ۽ ڪجهه وقت اهو ڌنڌو ڪري وري وڃي هڪ ڪتب فروش جو "پروف ريڊر[1]" ٿيو، ان بعد وري هڪ اسڪول جو نائب ماستر ٿيو. سن 1758ع ۾ هن مضمون ۽ تبصرا لکڻ شروع ڪيا ۽ فرينچ ٻوليءَ ۾ لکيل ڪتاب جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪيائين. ساڳئي سال کيس "ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ" هندستان ۾ ڊاڪٽريءَ جي جڳهه جي آڇ ڪئي، پر اها جڳهه حاصل نـه ٿي سگهيس.

"آلِيورَ" هاڻي اخبار نويسيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو ۽ سن 1759ع ۾ کيس هڪ هفتيوار رسالي "دَ بِي" لاءِ ساري مواد ڏيڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو. ڪجهه وقت گذرڻ بعد "سمُوليٽ" جي رسالي "برٽش مئگزن" ۽ ٻئي هڪ ميعاري رسالي "بزي باڊِي" جو باقاعدي مضمون نگار ٿيو. سن 1760ع ۾ هن "پبلڪ ليجر" رسالي ۾ پنهنجا مضمون "هڪ چينائيءَ جا خط" جي عنوان سان ڏنا، جي پوءِ سن 1762ع ۾ جمع ڪري هڪ ڪتاب تيار ڪيو ويو، ۽ سندس نالو "سٽيزَنس آف دي وَرلڊ" رکيو ويو. هيءَ تصنيف "آلِيورَ" جي نصيب جي ڦيري جو سبب بني.

سن 1761ع ۾ سندس واقفيت "ڊاڪٽر جانسن" سان ٿي، جنهن کيس پنهنجي دوستن جي گروهه ۾ شامل ڪيو، ۽ سندس واقفيت ان وقت جي مايه

---

[1] Proof Reader.

ناز اديبن سان ڪرائي، ٻن سالن جي عرصي بعد سن 1763ع ۾ 'جانسن' جي اڳواڻيءَ هيٺ جيڪا جماعت "دي لِٽرري ڪلب" جي نالي سان نهي، ان جو هيءُ اوائلي ميمبر ٿيو. ۽ ملڪ جي وڏن مصنفن مان هڪ ليکجڻ ۾ آيو.

سن 1765ع ۾ هن جو لکيل هڪ ڪتاب "دي ٽرئولر" (مسافر) ڇپيو. ٻئي سال "ڊاڪٽر جانسن" جي نوازش سان "وڪار آف ويڪفيلڊ" نالي ڪتاب ڇپيو. جنهن جو ترجمو بنده پيش ڪيو آهي. اها ئي هڪ تصنيف آهي، جنهن کيس دنيا ۾ مشهور ڪيو آهي. سن 1768ع ۾ هن جي هڪ تصنيف بنام (نيڪ فطرت انسان) "دي گُڊ نيچرڊ مئن" ڇپي، ۽ سن 1770ع ۾ سندس هڪ نظم "دي ڊيزرٽيڊ وليج" شايع ٿيو.

'گولڊ سمٿ' غريب هو يا شاهوڪار، نامعلوم هو يا مشهور، مگر سندس خرچ هميشه آمدنيءَ کان زياده هوندو هو. هو فخر سان چوندو هو ته جيڪو به هن خرچ ڪيو ٿي سو سندس قلم جي ڪمائي هو. اهڙيءَ طرح هن پنهنجي تصنيفات جي مدد سان عزت حاصل ڪئي، پر رقم تمام قليل ڪمائي.

**موت:**

پئسي هٿ ڪرڻ لاءِ سخت ڪم ڪرڻ، ۽ بدني ورزش نه وٺڻ سبب هن جي صحت خراب ٿي پيئي، ۽ آخر 4- اپريل 1774ع ۾ 46 ورهين جي عمر ۾ مري ويو. سندس دوستن هن جي يادگار قائم رکڻ لاءِ، "ويسٽ منسٽر ائبي" نالي ديول ۾ هڪ تختي لڳائي، جنهن تي سندس تصوير ۽ 'جانسن' جو جوڙيل ڪتبو اُڪريل آهن.

*

# (ب) آلِيوَر گولِڊ سِمٿ جون تصنيفون

(1) "دي بِي" (ماڪيءَ جي مک) (1759ع - 1760ع)

(2) "دي ڪَئپٽوِٽي" (اسيري) (1774ع)

(3) "دي سٽيزَنز آف دي وَرلڊ" (دنيا جا شهر واسي): هن ڪتاب ۾ جملي 1 2 3 خط آهن. هيءُ انهن خطن جو مجموعو آهي، جي "پبلڪ ليجر" اخبار ۾ ايندا هئا. ۽ "چينائي جا خط" جي عنوان سان 1759ع کان 1762ع تائين شايع ٿيندا رهيا.

(4) "دي ڊيزَرٽيڊ وِليج" (ويران ڳوٺ) 1770ع : هيءُ هڪ بهترين نظم آهي. جنهن رقت انگيز نموني ۾ هي نظم لکيل آهي تنهن جو مثال انگريزي ادب ۾ تمام ڇڊو ملي ٿو.

(5) "دي ڊبِل ٽرانسفارميشنَ" 1765ع : هيءَ نظم ۾ چيل هڪ آکاڻي آهي.

(6) "دي ايڊِ ونِ اَئنڊ اَئنجلينا" 1765ع: هيءُ هڪ گيت آهي، جنهن ۾ "ايڊونِ ۽ ائنجلينا" جي عشق جو احوال ڏنل آهي.

(7) " دي ايليجي آن مَئڊ ڊاگ" (چتي ڪتي تي مرثيه) 1765ع:- هيءُ مرثيه ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

(8) "دي ايسئيز" 1758ع – 1765ع: هن ڪتاب ۾ جملي 24 مضمون آهن.

(9) "دي گُڊ نيچَرڊ مئَن" (نيڪ فطرت وارو انسان) 1768ع.

(10) "دي هَئنچ آف وَينزَن" 1765ع: هيءُ هڪ خط آهي.

(11) دي هَرمِٽ" (راهب) 1765ع: هيءُ هڪ گيت آهي جوهن ڪتاب ۾ آزاد نظم ۾ ڏنل آهي.

(12) "دي هسٽري آف دي اَرٽ اَئنڊ اَئنيميٽيڊ نيچَر" 1774ع.

(13) "دي لائيف آف بالنگ بُرُوڪ" (بالنبروڪ جي سوانح حيات).

(14) "دي لائيف آف رچَرڊ ناش" (رچرڊ ناش جي سوانح حيات) 1762ع.

(15) دي لائيف آف تامَس پارنيل " (تامس پارنيل جي سوانح حيات 1768ع.

(16) " دي لائيف آف والٽيئر" (والٽيئر جي سوانح حيات) 1768ع.

(17) "پريزنٽ اسٽيٽ آف لٽريچر اِن يُورَپُ" (يورپ ۾ ادب جي موجوده حالت) 1759ع.

(18) "رِٽَلِيئيشن" (انتقام 1774ع: هيءَ هڪ نظم آهي.

(19) "شَي اسٽُوپِس ٽُو ڪَانڪَر" 1773ع.

(20) "دي ٽرَولَرُ" (سياح) 1764ع.

(21) "دي وِڪارِ آف ويڪفيلڊ" (پرديسي پادري) 1766ع: هيءَ ڪتاب ناظرين حضرات جي هٿن ۾ مطالعي لاءِ موجود آهي.

*

# (ج) گولڊ سمٿ جا معاصر ۽ دوست

"گولڊ سمٿ" هڪ نهايت ئي اعليٰ ۽ خليق طبع جو مالڪ هو. انهيءَ ڪري مفلسيءَ سبب جيتوڻيڪ امير ۽ وڏا ماڻهو سندس دوستيءَ ۾ وڏي تعداد ۾ آيل نہ هئا، تہ بہ سندس صحبت ۾ خوشدل دوستن جو ٽولو هميشہ موجود هو. دوستن بابت پنهنجي موجوده ڪتاب جي پهرئين باب ۾ چوي ٿو تہ، "جيڪڏهن اسان کي ڪٿي ساوا ستابا سڄڻ نہ هئا، تہ بہ عام طرح اسان جي چوڌاري خوشدل دوستن جو حلقو رهندو هو". هيءُ پنهنجن دوستن ۾ نهايت ئي پسنديده هو. چاڪاڻ تہ بانسري وڄائي، نظم ناهي ۽ ڳائي سگهندو هو، ۽ پنهنجي ڪچهريءَ کي پنهنجيءَ ظرافت سان رونقدار ۽ زنده رکي سگهندو هو. جئين تہ زماني جا گهڻائي لاها ۽ چاڙها ڏٺا هئائين، جدا جدا نموني جي ماڻهن سان لهہ وچڙ ۾ آيو هو، ۽ گهڻو سير ڪيو هئائين، انهيءَ ڪري سندس واقف ڪارن جو تعداد پڻ ڪافي وڏو هو. ادبي دنيا ۾ قدم رکڻ ڪانپوءِ سندس واقفيت گهڻن اديبن ۽ شاعرن سان ٿي، ۽ انهن جي گروهہ ۾ ئي ڪيس گذارڻو پوندو هو، مگر سندس خاص تعلقات "جانسن" جي جماعت سان رهيا. هن جا چند دوست ۽ معاصر هيٺيان هئا:

(1) "ٿامَس پَرسِي" (1729 - 1811):- هن صاحب "آڪسفورڊ" شهر جي "ڪرائيسٽ چرچ" ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ سن 1782ع ۾ "ڊرومور" شهر جو وڏو پادري ٿيو. سن 1765ع ۾ قديم انگريزي نظم تي هڪ ڪتاب "رِيلِڪس آف اَئنشَنٽ انگلِش پوئِٽرِي" نالي لکيائين، "گولڊ سمٿ" جي ساڻس نهايت گهڻي محبت هئي، ۽ هميشہ سندس عزت ڪندو هو.

(2) "جانِ نيُوبَري" : هيءُ صاحب ڪتاب ۽ رسالا ڇپائيندو هو. سندس "پبلڪ ليجر" رسالو مقبول هو. ان رسالي ۾ "گولڊ سمٿ" جا مضمون خطن جي صورت ۾ "هڪ چينائيءَ جا خط" جي عنوان سان ڇپيا هئا. جي نيٺ گڏ ڪري سال 1762ع ۾ هڪ ڪتاب "دي سِيٽيزَنز آف دي وَرلڊ" جي نالي ڇپايو ويو.

(3) "شميول جانسن" (1709 - 1784ع): هيءُ هڪ ڪتب فروش جو پٽ هو ۽ "ليچفيلڊ" شهر ۾ ڄائو هو. هن پنهنجي اوائلي تعليم "ليچفيلڊ"

جي گرامر اسڪول ۾ ۽ اعليٰ تعليم "پيمبروڪ ڪاليج" ۾ ورتي. جڏهن ٻاويهن ورهين جو نوجوان ٿيو، تڏهن سندس پيءُ مري ويو، ۽ پنهنجي ڪتب کي مفلسيءَ ۾ ڇڏي ويو.

"جانسن" پنهنجي گذران حاصل ڪرڻ لاءِ مصنفيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪيو. ۽ سن 1735ع ۾ "لوبو" جي فرينچ ٻوليءَ ۾ ڇپيل شعر جو ترجمو هڪ ڪتاب "وائيج ٽُو ائبسينيا" نالي ڇپايو، مگر گهڻو فائدو ڪونہ ٿيس.

ساڳئي سال "مسز ايلزبيٿ پورٽر" سان شادي ڪيائين، ۽ "ليچفيلڊ" جي قريب "ايڊل" نالي ڳوٺ ۾ اسڪول قائم ڪيائين، پر ڪامياب نہ ٿيو. ان بعد هن وري بہ ادبي دنيا ۾ قدم رکيو ۽ ٿوري ئي وقت ۾ تمام چڱو نالو ڪڍيائين، سندس ڪيترين تصنيفون مشهور آهن. "گولڊ سمٿ" جي هن سان سن 1761ع ۾ واقفيت ٿي، ۽ سندس جماعت جي خاص ميمبرن مان هڪ ٿي پيو.

"جانسن" کي "گولڊ سمٿ" لاءِ دلي محبت هئي، ۽ کيس ضرورت وقت مدد ڪندو هو. هڪ دفعي جڏهن "گولڊ سمٿ" قرض سبب گرفتار ٿيو، تڏهن هن صاحب 60 پائونڊ ڏيئي کيس آزاد ڪرايو. جڏهن "گولڊ سمٿ" وفات ڪئي، تڏهن "جانسن" ئي هو، جنهن سندس دفن ۽ ڪفن جو سمورو خرچ پاڻ تي کنيو. جيتوڻيڪ "گولڊ سمٿ" هٿ ڦاڙ هو، ۽ سندس آخرين ساعتون نا ڪفايت شعاريءَ جي يادگيرين جي بادلن سان اونداهيون ٿيل هيون، تہ بہ "ڊاڪٽر جانسن" سندس خلاف هڪ لفظ بہ ٻڌڻ پسند نہ ڪندو هو. هو چوندو هو تہ، "اڄو تہ سندس اوڻايون ياد نہ ڪريون، هيءُ هڪ تمام اعليٰ انسان هو".

(4) "برڪ" (1729ع - 1797ع): هن صاحب پنهنجي تعليم "ترنٽي ڪاليج ڊبلن" ۾ حاصل ڪئي. سندس پهريان بہ ڪتاب هرهڪ "ونڊيڪيشن آف نيچرل سوسائٽي" ۽ "فلاسافيڪل انڪوائري ان ٽُو دي سبلائيم اينڊ دي بيوٽيفل" سال 1756ع ۾ شايع ٿيا. سن 1765ع ۾ هيءُ صاحب پارليامينٽ جو ميمبر چونڊيو ويو، ۽ پهرين تقرير سن 1766ع ۾ آمريڪا جي سوال تي ڪيائين. هو توڙي گورنمينٽ تي تمام سخت اعتراض ڪندو هو. ۽ هڪ ڪتاب "آبزرويشنس آن دي پريزنٽ اسٽيٽ آف دي نيشن" جي نالي ڇپايائين. هن صاحب ٻيا بہ ڪيترا ڪتاب ڇپايا، ۽ ملڪي مکيہ اديبن مان هڪ ليکجڻ ۾ ايندو هو. سندس ڪتابن مان هڪ

ڪتاب، جو هن فرينچ انقلاب بنسبت لکيو، سو نهايت گهڻو مقبول ٿيو. "بَـرڪ"، "جانسن جي ادبي جماعت" جي اوائلي ميمبرن مان هڪ هو.

(5) ڊيوڊ گارڪ" (1717 - 1779ع): هيءُ "ايڊل" ۾ "جانسن" جو شاگرد هو، ۽ جڏهن جانسن اهو شهر ڇڏي لنڊن ۾ اچي رهيو، تڏهن هيءُ پڻ ساڻس گڏ لنڊن ۾ آيو. پهريائين هڪ ناٽڪي ڪمپنيءَ ۾ اداڪار ٿيو، ۽ "اورُو نوڪو" نالي ناٽڪ ۾ حصو ورتائين، پر سندس ناماچار "رچرڊ ٿيون" نالي ناٽڪ ۾ پارٽ وٺڻ سبب وڌيو، هيءُ صاحب "جانسن" جي ادبي جماعت جو ميمبر هو.

(6) ايڊورَ ڊِگبـَـن" (1737 - 1794ع): هـن صاحب پهرين "ويسٽ منسٽَرِ ديول" ۽ "مَئگـڊالَـن" شهر ۾ تعليم ورتي، مگر ڪجهه ڪونه پرايائين. سورهن سالن جي عمر ۾ ڪئٿولڪ مذهب اختيار ڪيائين. سندس پيءُ کيس "لاسين" شهر ڏانهن موڪليو، جتي هـن ڪئٿولڪ مذهب ڦٽو ڪري پراٽيسٽنٽ مذهب اختيار ڪيو. هن جو اتي "مَئـڊِمِ نيڪَر" سان نينهن لڳو، پر سندس پيءُ سان اختلاف ٿيڻ سبب وهانءُ ٽٽي پيو. سن 1758ع ۾ هيءُ صاحب موٽي انگلينڊ ۾ آيو، ۽ سن 1764ع ۾ جڏهن اٽليءَ ۾ سير ڪري رهيو هو، تڏهن هڪ تصنيف "دي هِسٽرِي آف دي ڊِڪلائين ائنڊ فال آف دي رومن ايمپائَر" لاءِ مسودو جوڙيائين. پيءُ جي مري وڃڻ ڪانپوءِ لنڊن ۾ اچي رهيو. هيءُ صاحب سن 1774ع ۾ پارليامينٽ ۾ گهڙيو، ۽ يڪدم "لارڊ نارٿ" جي طرف ووٽ ڪيائين. ان ووٽ ڏيڻ سبب کيس "واپار ۽ نوَ آبادين جي ڪمشنر" جو عهدو مليو. سن 1776ع ۾ هن مٿي بيان ڪيل تاريخ جو پهريون جـُلد شايع ڪيو. سن 1783ع ۾ هيءُ صاحب وري بہ موٽي "لاسينِ" ڏانهن ويو، ۽ اتي سڪونت پذير ٿيو. هن پنهنجيءَ تاريخ جا باقي ٽي جـُلد سن 1788ع ۾ شايع ڪيا.

(7) "سَر جو شُوئا رنالـڊِس" (1723 - 1792ع): هيءُ صاحب "رايَـلِ اَڪَـئڊمـي آف آرٽـس" جو پهريون پريزيڊنٽ ۽ هڪ وڏو نقاش هو. 'جانسن'، 'بَـرڪ' ۽ 'گولڊ سـمـٿ' سان سندس گهاٽي دوستي هئي، ۽ جانسن جي برپا ڪيل اَدَبـي جماعت جي ميمبرن مان هڪ هو. هـن انهن ليڪچرن جو هڪ ڪتاب تصنيف ڪيو، جي ان وقت "رايل اڪئڊميءَ" جي شاگردن کي مصوريءَ جي فن جي اصولن تي ڏنا ويندا هئا.

* * *

# (د) گولڊ سمٿ جي طرز تحرير

گولڊ سمٿ جي گھٽي ۾ گھٽي فضيلت سندس طريقۂ تحرير ۾ ئي مضمر آهي. سندس تحرير ۾ اعليٰ درجي جي مستند يوناني ۽ رومي طرز پنهنجيءَ نزاڪت، لطافت، خوش اسلوبيءَ، سليقہ منديءَ، خوبيءَ ۽ شان سان نمودار آهي، جا ناقابلِ اعتراض ۽ سڀ ڪنهن الزام کان پاڪ آهي. گھڻائي مصنف ٿي گذريا آهن، جن پنهنجي تصنيفن ۾ اعليٰ درجي جون لطافتون ۽ نزاڪتون رکيون آهن، مگر شايد ئي ڪو هن جهڙو مصنف ٿيو هجي، جنهن سڀ ڪنهن قسم جي نزاڪتن جو اعليٰ ذخيرو پنهنجي تحرير ۾ ڪم آندو هجي.

هن جي تحرير صاف، سليس ۽ سُٿري آهي، ۽ موزون وقتن تي زوردار پڻ آهي. سندس بيانَ پڙهندڙ جي اکين اڳيان تصوير چٽيندڙ آهن. ۽ پڙهندڙ هرهڪ واقعي کي پنهنجي اکين اڳيان نقش ٿيل ڏسي سگهي ٿو. سندس خوش طبعي دلچسپ، مزيدار ۽ پُرمسرت آهي. جيڪي بہ هن لکيو، سنجيده، مذهبي خيال سان پرپور، خوش طبع يا خوش مزاج، مگر ان ۾ ڪانہ ڪا لطافت ۽ شائستگي ضرور موجود آهي. اهڙين خاصيتن جي اميد هڪ اهڙي ماڻهوءَ کان رکي نٿي سگهجي، جنهن پنهجي زندگي چورن، گداگرن، گهومن، پَندن ۽ نَقالن سان اهڙن قابل نفرت گند جي چُرن ۾ گذاري هجي، جي وڏن شهرن ۾ نفرت جا مرڪز بنيل هئا.

"گولڊ سمٿ" جي خيالات جا موضوع عام آهن، ۽ سندس احساسات اڪثر طرح ظاهر ۽ پڌرا آهن. سندس بولي رنگين، نفيس ۽ نزاڪت واري لباس ۾ ملبوس ٿيل آهي. جهڙيءَ طرح ڪو سفلہ طبع ماڻهو بادشاهي شان و شوڪت ۽ دٻدٻي سان تخت تي براجمان هجي، تهڙيءَ طرح ڪوبہ خسيس موضوع سندس قلم جي ڪمال سان هڪ اعليٰ قسم جي موضوع جي ڏيکاري ڏئي ٿو.

سندس طرز تي هڪُ اعتراض جذباتي امڪانات جي ڪَميءَ جو آهي. رُومي ۽ يوناني طريقي تي لکندڙ مصنف، جهڙوڪ: "جانسن" ۽ "گولڊ سمٿ" جذباتيت پيدا ڪرڻ وارن بيانن ۾ لاثاني آهن. اهي ڪڏهن بہ اسان جي ذهن کي مطمئن ڪرڻ ۾ ناڪام نٿا ٿين. مگر ورلي ڪو اسان جي دل کي اثر انداز ڪن ٿا. انهيءَ ڪري اهوئي هڪ نقص، رومي ۽ يوناني طرز اختيار ڪندڙ مصنفن جي نثر ۾ موجود آهي.

هن ۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي، تہ هيءَ هڪ نهايت وڏو مرتبو رکندڙ انسان ۽ وڏي شان شوڪت وارو اديب هو.

# (هـ) "وڪار آف ويڪفيلڊ" جي آڪاڻي

"ڊاڪٽر پرمروز ويڪفيلڊ" شهر جي هڪ ڪليسا جو پادري هو. سندس زال "ڊيبورا" هڪ اعليٰ پادري خاندان مان هئي. ڪيس جملي 6 ٻار هئا: وڏي پٽ جو نالو "جارج" هو. جنهن کي "لنڊن" ۾ اعليٰ تعليم ڏياري ويئي هئي. وڏي ڌيءُ "اوليويا" 18 ورهين جي هڪ زنده دل، شگفته خاطر ۽ خوش انداز ڇوڪري هئي. سندن ٽيون ٻار "صوفيا" هئي. جا پنهنجي لاءِ ٻين جي دلين ۾ محبت پيدا ڪرڻ جي ڪافي قابليت رکندي هئي. سندس ٻئي پٽ "موزز" پنهنجي گهر ۾ تعليم حاصل ڪئي هئي، انهيءَ ڪري ڪجهه موڳو ۽ پنهنجي متعلق ڪجهه ڏَم هٽندڙ تي پيو هو. سندن ٻه ننڍا ٻار "ڊِڪ" ۽ "بِلِ" اڃا پنهنجي ٻالڪپڻي ۾ هئا.

سموري گهر جو واحد گذارو انهن ڏهن هزارن پائونڊن تي هو، جي "ڊاڪٽر پرمروز" جي چاچي فوت ٿيڻ وقت ڇڏيا هئا. ديول جي پادريءَ هئڻ ڪري ڪيس جيڪا رقم وظيفي طور ملندي هئي، سا هو پادري قبيلي جي يتيم ٻارن ۽ بيوهه عورتن کي ڏيئي ڇڏيندو هو. هن صاحب کي هڪ شاديءَ واري اصول سان دلي محبت هئي، ۽ ان لاءِ هو دل و جان سان لڙيو. هيءُ ان اصول لاءِ چڻ ته چريو هو، ۽ چاهيائين ٿي ته، ڪنهن به صورت ۾ اهو اصول رائج ڪجي، ۽ ڪوبه پادري پنهنجي هڪ زال جي فوت ٿي وڃڻ بعد ٻيءَ زال سان شادي نه ڪري. هن اصول سبب "مسٽر ولمات" سان سندس تڪرار ٿي پيو. جنهنڪري سندس پٽ "جارج"، جو "ولمات" جي گهران مڱيل هو تنهن جو مڱڻو ٽٽي پيو. ساڳئي وقت تي شهر جو واپاري جنهن وٽ "مسٽر پرمروز" جا پئسا ڌراوت طور رکيل هئا، سو ڀڄي ويو، ۽ ڪيس جيڪو نفعو اُن وٽان ملندو هو، سو بند ٿي ويو. انهيءَ مالي نقصان پهچڻ سبب هيءُ غريب ٿي پيو، ۽ ستر ميلن جي مفاصلي تي پنجويهن پائونڊن جي سالياني وظيفي سان هڪ ننڍڙي ڳوناٺي ديول جي پادريءَ جي جڳهه قبول ڪيائين. اتي هي ڪجهه ايڪڙ زمين خريد ڪري وڃي رهيو ۽ "جارج" کي پئسي ۽ اعليٰ درجي حاصل ڪرڻ لاءِ "لنڊن" ڏانهن روانو ڪيائين.

رستي تي هڪ غريب مگر شريف الطبع انسان "مسٽر برچل" سان سندس ملڻ ٿيو. جنهن "صوفيا" کي هڪ نهر ۾ ٻڏڻ کان بچايو.

"ڊاڪٽر پرمروز" جو ڪٽنب پنهنجي سڪونت گاهه تي وجي رهاڪو ٿيو. ان کان پوءِ "مسٽر برچل" انهن وٽ اڪثر طرح ملاقاتي تي ايندو هو. ٿوري ئي وقت گذرڻ بعد سندن ڳوٺ جو زميندار "مسٽر تارنهل" پڻ سندس گهر اچڻ لڳو. هن جلدئي پنهنجي حسن ۽ دولت جي مدد سان "اوليويا" جي محبت حاصل ڪري ورتي ۽ "اوليويا" پڻ ساڻس محبت ڪرڻ لڳي.

"تارنهل" هڪ دلير عاشق هو ۽ وقتاً فوقتاً سندن گهر ايندو هو. هن "اوليويا"جي والدين اڳيان پڻ پنهنجي عشق کي ڪونہ لڪايو. "اوليويا" خود عشق ۾ تمتار هئي ۽ سندس ماءُ ڪيس محبت ۾ ڪامياب بنائڻ لاءِ گهٽائي جتن ڪيا.

هڪ ڏينهن زميندار ٻن شهري عورتن سان گڏ سندن گهر آيو. ۽ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ "اوليويا" ۽ "صوفيا" کي شائستہ بنجڻ لاءِ ڪجهہ وقت شهر ۾ رهڻ گهرجي. خرچ جي پورائي ڪرڻ لاءِ "موزز" کي ويجهڙائي ۾ لڳندڙ ميلي تي گهوڙي وڪڻڻ لاءِ موڪليو ويو. هيءُ ميلي تي پهتو. ۽ گهوڙو وڪڻي پئسا ڪٺي جيئن بئي گهوڙي جي ڳولا ۾ هلندو رهيو. تيئن هڪ زبردست دوکي باز "مسٽر جينڪنسن" جي ور چڙهي ويو. هن ڪيس هڪ ٺامي جي ٻانهين سان جڙتو ساين عينڪن جو وڏو تعداد ڏيئي ڪانئس سيئي پئسا ڦري ورتا. انهيءَ سبب بئي دفعي خود "ڊاڪٽر پرمروز" باقي گهوڙي کي نيڪال ڪرڻ لاءِ ميلي تي ويو. گهوڙي ۾ ڪيترائي عيب هئا. ۽ جيڪو بہ خريدار آيو ٿي، سو انهيءَ تي کلي ننوليون ڪري هليو ٿي ويو. ڪجهہ وقت گذرڻ بعد ڪيس هڪ پادري گڏيو. جو هڪ ڪلال خاني ۾ شراب چُسڪي پيڻ ۽ تفريح وٺڻ لاءِ وني ويس. اتي هيءُ هڪ بزرگ سان مليو ان سان سندس گفتگو ٿي. ان بزرگ جي گفتگو سندس دل تي تمام گهڻو اثر ڪيو. هن بزرگ گهوڙو خريد ڪيو. پر جيئن تہ تيهن پائونڊن جو نوٽ متجي نہ سگهيو. انهيءَ ڪري ڪيس سندس پاڙيسري "فلمبرو" جي نالي در سني هنڊي لکي ڏنائين. جڏهن "پرمروز" موٽي پنهنجي ڳوٺ آيو. تڏهن پهريائين پنهنجي پاڙيسريءَ وٽ ويو. مگر معلوم ٿيس تہ ڪيس دوکو ڏنو ويو هو. انهيءَ وچ ۾ "مسٽر برچل" ۽ "پرمروز" جي ڪٽنب جي وچ ۾ غلط فهميءَ سبب نفاق پيدا ٿيو. ۽ "مسٽر برچل" "صوفيا" جي ملاقات لاءِ اچڻ بند ڪري ڇڏيو.

جلدي "پرمروز" جي ڪٽنب لاءِ هڪ نهايت سخت بدبختي پيدا ٿي. "تارنهل" "اوليويا" کي پڃائي ويو. ۽ "پرمروز" کيس ڳولڻ لاءِ روانو ٿيو. جڏهن ڳولي لهڻ ۾ ناڪام ٿي واپس ٿي وريو. تڏهن موٽ تي ڪنهن ناٽڪي ڪمپنيءَ جي هڪ اداڪار سان سندس ملڻ ٿيو. هو ان سان گڏجي رستي جي پر واري ڳوٺ ۾ اچي پهتو. جتي "مس ولمات" ۽ "مسٽر ولمات" رهندا هئا. "ڊاڪٽر پرمروز" "مس ولمات" سان گڏجي ناٽڪ ڏسڻ ويو. سندس حيرت جي حد نہ رهي، جڏهن ڏٺائين تہ "جارج" ناٽڪ ۾ هڪ اداڪار جو پارٽ ادا ڪري رهيو هو. "پرمروز" نڪي "جارج" کي نڪي "مس ولمات" کي "اوليويا" جي نڪري وڃڻ جي احوال کان واقف ڪيو. "مس ولمات" اڄاتائين "جارج" سان محبت ۾ قاتل هئي، مگر ڪيترين معاشرتي ڳالهيون سندن وچ ۾ رڪاوٽ وجهندڙ هيون. "جارج" کين پنهنجي سموري ڪهاڻي ٻڌائي تہ جڏهن هيءُ لنڊن پهتو. تڏهن مصنف ٿيڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر ڪوبہ ماڻهو سندس تصنيف کي نڪي پڙهندو هو ۽ نڪي ڪا تحسين ئي ڏيندو هو. ۽ سندس دوست پڻ کيس ڇڏي ويا. ان ڪانپوءِ هي يورپ ويو ۽ هڪ غريب رولوءَ پَـنڌَ وانگر جدا جدا ملڪن ۾ رليو.

اجا "پرمروز"، "جارج" ۽ "مس ولمات" پاڻ ۾ ڪچهري پئي ڪئي تہ، "مسٽر تارنهل" پڻ اتي اچي سهڙيو. هن "جارج" کي ٻاهرين ملڪ ڏانهن وڃڻ خاطر پئسا اڌارا ڏنا. "جارج" روانو ٿيو ۽ "پرمروز" واپس پنهنجي گهر ڏانهن راهي ٿيو. رستي تي هيءُ هڪ ڪلال خاني ۾ ٽڪي پيو. جتي "اوليويا" سان سندس ملڻ ٿيو. "اوليويا" کيس ٻڌايو تہ، کيس "مسٽر تارنهل" پڃائي ويو هو. ۽ مصنوعي شادي ڪرڻ بعد ٻہ هفتا کن گڏ رهي، پوءِ کيس ڇڏي ڏنائين.

"ڊاڪٽر پرمروز" "اوليويا" کي پنهنجي گهر وٺي ويو، ۽ کيس تسلي ڏيڻ جي ڪوشش ڪيائين، مگر سموري ڪوشش اجائي ويئي.

زميندار "تارنهل" جو "مسٽر پرمروز" کي پئسن اڌاري ڏيڻ جو سبب دوکو ڏيڻ هو. هڪ پاسي سندس خيال هو، تہ ائين ڪرڻ سان "جارج" کي ميدان مان ڪڍي، "مس وِلماتِ" سان شادي ڪريان، ۽ ٻئي طرف سندس خيال هو تہ پادري سندس دٻاءَ هيٺ هجي. "جارج" جي وڃڻ کان پوءِ "تارنهل" پنهنجي مقصد کي ڪامياب بنائڻ جي ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي. هن "ڊاڪٽر پرمروز"

تي زور رکيو تہ هو کيس ”مس ولمات“ سان شادي ڪرڻ جي اجازت ڏئي، مگر هن ائين نہ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ سندس ڇوڪري هو تہ، ”اوليويا“ سندس قانوني شادي شده زال هئي، ۽ هڪڙيءَ زال جي جيئري ٻيءَ سان شادي ڪرڻ غير قانوني آهي. ”مسٽر تارنهل“ کي ان تان مَنيان لڳي ۽ کيس قرض جي ادائگي نہ ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيل ڏانهن موڪليائين.

هاڻي ”ڊاڪٽر پرمروز“ جو سڄو ڪٽنب لڏي اچي انهيءَ ڳوٺ ۾ رهيو، جتي جيل هو. جيل ۾ سندس ملاقات فريبي ”جيڪنسن“ سان ٿي، جو هاڻي سندس هڪ سنو مددگار ثابت ٿي پيو. ”جيڪنسن“ پنهنجي سموري ڪهاڻي کيس ٻڌائي، تہ پاڻ ابتدا کان وٺي تمام هوشيار ليکيو ويندو هو. جيڪي بہ هي چوندو هو ۽ جيڪي ڪندو هو، ان تي ماڻهو اعتبار نہ ڪندا هئا. انهيءَ ڪري پنهنجي بچاءَ خاطر کيس دوکيباز ٿيڻو پيو. هن پنهنجي بستري جو گهڻو حصو ”ڊاڪٽر“ کي ڏنو. جڏهن ڊاڪٽر قيدين جي اخلاق کي سڌارڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، تڏهن هيءُ ساڻس ساٿي ٿي بيٺو.

هڪ ڏينهن پادريءَ کي ٻڌايو ويو تہ، ”اوليويا“ مري ويئي آهي. هن احوال سندس دل کي زبردست صدمو پهچايو. ”مسٽر جيڪنسن“ ۽ پنهنجي زال جي زور آڻڻ تي هن هڪ خط ”مسٽر تارنهل“ ڏانهن معافيءَ لاءِ لکيو ۽ کيس اجازت ڏني تہ، هو ڀلي ”مس ولمات“ سان شادي ڪري. ”تارنهل“ جواب ڏنو تہ، وقت گذري چڪو آهي ۽ هن وقت صلح ٿي نٿو سگهي. سُتتَ معلوم ٿيس تہ سندس ڌيءُ ”صوفيا“ کي ڀڄ ڪو بدمعاش ڪڍي ويو هو. اجا ڪٽنب ”صوفيا“ جي ڪچي وڃڻ تي ماتم ڪري رهيو هو، تہ ٻي مصيبت اچي متانئن نازل ٿي. ”جارج“ رَت ۾ ٻاڙهو ٿيل، قيديءَ جي صورت ۾ وٽن پهتو. پڇا ڪرڻ تي هن چيو، ”جڏهن مون کي ”مسٽر تارنهل“ جي ڪيل ظلمن جي احوال بنسبت پنهجيءَ ماءُ کان خط پهتو، تڏهن مون پنهنجي والدين جي متان ٿيل ظلمن جي بدلي وٺڻ خاطر، ”مسٽر تارنهل“ کي چئلينج موڪليو. هن منهنجيءَ للڪار جو جواب بَسَر خود نہ ڏنو، مگر پنهنجا چار ماڻهو موڪليائين، جن مون کي زخمي ڪري گرفتار ڪيو. جيئن تہ ڀهريائين مون چئلينج ڏنو هو، انهيءَ ڪري آءٌ بي ڏوهي نہ آهيان ۽ مون کي معافي ڀڄ ملي نٿي سگهي“.

حالتون هاڻي وڌيڪ تاريڪ نظر اچڻ لڳيون. ”اوليويا“ مري ويئي هئي، ”صوفيا“ زوريءَ ڪڇي ويئي هئي، ”جارج“ خون جي مقدمي ۾ قاتل هو، سڄو

ڪٽنب مسڪينيءَ ۾ مبتلا هو ۽ "ڊاڪٽر پرمروز" جيل ۾ هو. ڪجهه وقت بعد "موزز" ڊوڙندو آيو، ۽ کين ٻڌايائين تہ "صوفيا"، "مسٽر برچل" سان گڏ اچي رهي آهي. اهو جلدي معلوم ٿي ويو تہ "مسٽر برچل" هن کي بچايو هو.

"صوفيا" کين ان ماڻهوءَ جون جملي نشانيون ٻڌايون، جيڪو کيس کڻي ويو هو. انهيءَ احوال ملڻ تي "مسٽر جينڪنسن" کيس سڃاتو ۽ "سر وليم تارنهل" (جو هن وقت تائين "مسٽر برچل" جي لباس ۾ هو) جي ضمانت تي ان ماڻهوءَ کي هٿ ڪرڻ لاءِ جيل کان ٻاهر روانو ٿيو. "زميندار تارنهل" پڻ اتي آيو، ۽ پاڻ کي بي گناهہ ثابت ڪرڻ لاءِ دليل ڏنائين. انهيءَ وقت "مسٽر جينڪنسن" "بئڪسٽر" سان گڏ آيو. "بئڪسٽر" قبول ڪيو تہ هو زميندار جي حڪم موجب "صوفيا" کي کڻڻ لاءِ آيو هو. "سر وليم" حڪم ڪيو تہ "جارج" کي آزاد ڪيو وڃي "جينڪنسن" هڪ لڪيل شاهدي پيش ڪئي، تہ "اوليويا" "تارنهل" جي سچي پچي ڄال هئي. "مس ولمات" پڻ اچي ويئي هئي. جو هوءَ ٻئي ڏينهن تي "مسٽر تارنهل" سان پرڻجڻي هئي. زميندار جي سموري بدمعاشي ظاهر ٿي پيئي، ۽ هن "جارج" سان شادي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو. "اوليويا" پڻ اتي حاضر ٿي، جنهن تي پادريءَ کي تمام گهڻو تعجب لڳو ۽ سندس دل ۾ ڏاڍي خوشي پيدا ٿي. ائين ڏنو ويو تہ "جينڪنسن" پادريءَ کي "اوليويا" جي فوت ٿيڻ جي ڪوڙي خبر فقط هن مراد سان ٻڌائي هئي، تہ هيءُ "مسٽر تارنهل" کي معافيءَ لاءِ خط لکڻ تي مجبور ٿئي.

هن وقت سڀني جي چهرن تي خوشي ڇانئجي ويئي هئي، فقط "مسٽر تارنهل" ئي هو جو اداس بيٺو هو. هو پنهنجي چاچي جي اڳيان گوڏن ڀر جُهڪي رحم لاءِ التجا ڪري رهيو هو. "مسٽر وليم تارنهل" ساڻس فقط سندس گذران جيترن پئسن ڏيڻ جو واعدو ڪيو، ۽ پڌرو ڪيو تہ، زميندار جي ملڪيت جو ٽيون حصو "اوليويا" جو ٿيندو. "ڊاڪٽر پرمروز" سڄي ڪٽنب جي وري خوش ٿيڻ تي خدا جو شڪريو بجا آندو. جلدي پڇي ويل واپاريءَ جي هٿ اچڻ ۽ سندن ڏهن هزارن پائونڊن جي واپس ملڻ جو احوال پهتو. "صوفيا" کي "سر وليم" سان پرڻايو ويو، ۽ "مس ولمات" کي "جارج" سان. هاڻي سڀني طرف خوشي ۽ مسڪراهٽ ڦهلجي ويئي ۽ سڀئي تمام خوش ٿيا.

* * *

# (و) ”وڪار آف ويڪفيلڊ“ ڪتاب جي تصنيف ۽ اشاعت

هيءُ ترجمو نئين ڪتاب جيڪو ناظرين ڪرام ملاحظ ڪري رهيا آهن، ان جي اصل انگريزي ڪتاب ”وڪار آف ويڪفيلڊ“ جي تصنيف جي خاطريءَ واري تاريخ ڏيئي نٿي سگهجي، پر سمهجي ٿو تہ ”گولڊ سمٿ“ ان جي لکڻ جي شروعات 1761ع ڌاري ڪئي هئي. سن 1762ع ۾ جڏهن هيءُ لنڊن ۾ اهڙين حالتن ۾ پنهنجي زندگي بسر ڪري رهيو هو، جيڪي سندس لاءِ اوکيون ۽ تڪليف واريون هيون، تڏهن ان کي لکي ختم ڪيائين. ان کان پوءِ جلدي هو پنهنجي اڻنگيءَ هلت ۽ اجاين خرچن سبب جاءِ جي مالڪياڻيءَ کي مسواڙ پهچائي نہ سگهيو ۽ ان مائيءَ جي درخواست تي کيس گرفتار ڪيو ويو. مٿئين حالت ۾ هن يڪدم پنهنجي دوست ”ڊاڪٽر جانسن“ کي مدد لاءِ پيغام موڪليو. ”جانسن“ تڪڙو ئي تڪڙو سندس گهر پهتو ۽ سٺ پائونڊ ڏيئي کيس آزاد ڪرايو. انهيءَ وقت گولڊ سمٿ کيس مذڪوره ڪتاب جو هٿ اکري نسخو ڏنو. ڊاڪٽر هڪ ئي نگاه سان ڏٺو تہ اها هڪ اعليٰ تصنيف هئي. هن اهو ڪتاب ”گولڊ سمٿ“ وٽان ڪنيو، ۽ هڪ پبلشر ”مسٽر نيوبريءَ“ کي سٺ پائونڊن ۾ وڪڻي پنهنجو قرض وصول ڪيو. هن روئداد جي تاريخ جي بہ پڪي خبر نہ آهي، مگر ”پروفيسر مَئسَن“ جي راءِ موجب اها سن 1764ع جي پڇاڙي هئي.

مسٽر نيوبريءَ مارچ 1766ع ۾ هيءُ ڪتاب ٻن حصن ۾ ڇپايو ۽ سندس قيمت ڇهہ شلنگ رکي. ساڳئي سال مئي مهيني ۾ ٻيو ۽ آگسٽ ۾ ٽيون دفعو ڇپايو ويو. ان کان پوءِ هن جو وڪرو گهٽجي ويو ۽ سن 1771ع تائين چوٿون ڇاپو شايع ٿيو. سندس چوٿون ڇاپو آهستي آهستي نيڪال ٿيو، ۽ پنجون 1775ع ۾ ۽ ڇهون مصنف جي مرڻ کان پنج سال پوءِ سن 1779ع ۾ شايع ٿيو. ”گولڊ سمٿ“ جي حياتيءَ ۾ ئي هن ڪتاب جا ڪيترا ترجما ٿي ويا هئا ۽ سندس شهرت ٻاهرين ملڪن ڏانهن پکڙجڻ لڳي.

سن 1786ع تائين هن ڪتاب جون گهٽ ۾ گهٽ 94 انگريزي اشاعتون ٿي چڪيون هيون، ۽ جيڪو تعداد ان تاريخ کان وٺي اڄ تائين ڇپجي چڪو آهي، سو ڳاڻيٽي کان ٻاهر آهي.

# ( ز ) ڪتاب بابت

اصل ڪتاب 32 بابن ۾ ورهايل آهي. هر هڪ باب کي جدا جدا عنوان ڏنل آهي، جو سڄي باب جو حاصل مقصد نظر اچي ٿو. ۽ هڪ نصيحت يا اصطلاح يا هڪ قول جي ڏيکاري ڏئي ٿو.

ائين برابر آهي تہ ڪن جاين تي آڪاٽي رڪجي وڃي ٿي، ۽ اهي ڳالهيون وچ ۾ اچي پون ٿيون، جي آڪاٽيءَ کي اڳتي هلڻ نٿيون ڏين. پر ساڳئي وقت اهي آڪاٽيءَ جي متن سان لاڳاپو رکندڙ آهن. اهڙين جاين تي مصنف پنهنجا خيال ۽ ارادا نهايت خوش اسلوبيءَ سان بيان ڪري ٿو. عيسائي مذهب، سياست، ادبي رجحان ۽ ٻين ڪيترن موضوعن تي بحث ڪري، پنهنجي خيال کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. انهيءَ ڪري ائين چوڻ غلط نہ ٿيندو، تہ هيءُ ڪتاب نہ فقط اسان کي هڪ عشقيہ قصو ٻڌائي ٿو، مگر ان سان گڏ ڪيتريون نصيحتون ۽ اخلاق سڌارڻ لاءِ هدايتون پڻ ڪري ٿو.

پهريان باب اسان کي مکيہ اداڪارن جي شخصيت، سندن طبعيت ۽ عشق جي آغاز کان واقف ڪن ٿا. ان کان پويان اهي باب آهن، جيڪي عشق جي اوَج تي رسڻ بابت احوال ڏين ٿا. ٽئين نمبر ۾ اهي باب آهن، جي ڏيکارين ٿا تہ، ظالم زميندار پنهنجي عشق کي ڪامياب بنائڻ لاءِ ڪهڙا ڪڌا ڪرتوت اختيار ڪري ٿو. چوٿين منزل تي اسين ڏسون ٿا، تہ پادري جيڪو پنهنجي اصول ۽ ايمان تي پختو رهي ٿو، ان جي ڪٽنب تي ڪيتريون نہ مصيبتون اچي ڪڙڪن ٿيون. پنجين حصي ۾ "سر وليم ٿارنهل" جي نوازش سان، سمورو مونجهارو صاف ٿي وڃي ٿو ۽ ظالم زميندار جي بيهودگين جي سزا کيس ملي ٿي، سروليم جي شادي 'صوفيا' سان ۽ 'جارج' جي 'مس ولماٽ' سان ٿئي ٿي، ۽ سڄي ڪٽنب تان مصيبتون لهي وڃن ٿيون.

آڪاٽي سان لڳو لڳ، مصنف، ڪتاب ۾ ڪيترن اهم مسئلن ۽ ملڪي حالات تي ڪافي تبصرو ڪيو آهي. ملڪ جي سياسي حالات تي دل کولي پنهنجا رايا ڏئي ٿو. باب 18 ۾ سمورو ذڪر ان باري ۾ آهي. سندس خيال آهي تہ، ملڪ ۾ صرف شاهوڪار ماڻهو آزاديءَ جا خواهشمند آهن، مگر غريب

ماڻهو بادشاهي راڄ ۾ خوش وَ خرم آهن. شاهوڪارن جي ٽڪرن تي پلجندڙ انسان شاهوڪار مربين جي نوازش حاصل ڪرڻ لاءِ، سواءِ ڪنهن سوچ ويچار جي، آزاديءَ ۽ خودمختياريءَ جو نعرو بلند ڪن ٿا، مگر ائين نٿا سمجهن، تہ اهو نعرو خود سندن آزاديءَ کي نقصان پهچائيندو.

اديبن ۽ ادبي طرز تحرير تي تبصرو ڪندي، هيءُ صاحب، 'جارج'جي واتان چوائي ٿو، تہ ڪيس سندس سوٽ ٻڌايو، تہ اهڙا موچڪا ۽ ڪُند فهم ماڻهو، جي جيڪڏهن موچيءَ جي گهر ڄمن ها، تہ بہ ساري ڄمار هوند صرف جُتيون ڳنڍين ها، مگر نيون هرگز بنائي نہ سگهن ها، سي بہ هن وقت مصنفيءَ جي ڌنڌي ۾ ڪامياب ٿي سگهيا آهن، ۽ پنهنجو روزگار سواءِ ڪنهن بہ تڪليف جي ڪمائي آسودگيءَ سان زندگي پيا گذارين.

ان وقت جي نظم بابت پنهنجا خيال پيش ڪندي چوي ٿو، تہ انگريزي نظم، رومين جي آخرين دور واري نظم جو نقل آهي. شاعرن پنهنجي شعر ۾ صفتن جو تمام گهڻو انداز ڪم ۾ آڻي، ان کي بارگير بنائي ڇڏيو آهي. مرثيہ گو شاعرن کي بہ ڪو سنئون سڌو عنوان نظم لاءِ ڪونہ ٿو ملي، انهيءَ ڪري هو هر ڪنهن خسيس واقعي کي پنهنجي نظم ۾ آڻين ٿا. ان لاءِ دليل ڏئي ٿو تہ جيڪڏهن ڪا حسين عورت پنهنجي ونجڻي يا ڪا ٻي اهڙي خسيس شيءِ وڃائي ٿي تہ شاعر پنهنجي گهر ڊوڙي وڃي ٿو، ۽ ان واقعي کي پنهنجي شعر ۾ آڻي ٿو.

ملڪ جي ماڻهن جي مذاج تي تبصرو ڪندي ٻڌائي ٿو تہ، ماڻهن کي انهيءَ ڳالهہ موهي وڌو آهي تہ، پنهنجي صحبت صرف وڏي درجي وارن ماڻهن سان رکن، مگر اها ڳالهہ سمجهہ ۾ ئي ڪانہ ٿي اچي، تہ ائين ڪرڻ سان هو نہ فقط انهن ماڻهن وٽ ذليل ٿيندا، مگر اهي غريب جن سان هو پنهنجا تعلقات ٽوڙيندا، سي پڻ کين ڌڪاريندا. ازانسواءِ ناٽڪ يا نظم، بنسبت سندن مذاج پڻ گهڻا فرسوده آهن. هو ناٽڪ ۾ صرف وندر لاءِ وڃن ٿا، ۽ جڏهن ڪوبہ ناٽڪ "جانسن" يا "شيڪسپيئر" جو جوڙيل ڏسن ٿا، تڏهن ڏاڍا خوش ٿين ٿا. ناٽڪ جي اڪاٽيءَ يا خوبيءَ سان سندن ڪوبہ واسطو ڪونهي، پر سندن مطلب صرف انهن جذباتن سان آهي جي هو منجهن جاڳائي ٿو.

هيءُ گهرو ادب جو پهريون شاهڪار ناول آهي. هن ۾ ڪيترائي خيال موجود آهن جن مان جيڪر نئون ادب روپ وٺي. هن ۾ تبصري، ماضي بنسبت

فراست، شعور ۽ تصور جا رجحان پڻ موجود آهن. هن ڪتاب ۾ روحاني فيض پنهنجي نزاڪت، جذبي، خود ضابطگيءَ ۽ استقلال جي سيني عنصرن سان نمايان آهي. ڪتاب جي ٻولي ڪري ۽ دلچسپ معلوم ٿئي ٿي. انهيءَ هوندي به ان زماني جي مروج فعلن جو گهڻو انداز سمائيندڙ آهي ۽ ان جو رستو علم بيان جي قانون بنسبت سنجيدگيءَ کان محروم ٿيل آهي.

ان ۾ شڪ نه آهي ته "وڪار آف ويڪفيلڊ" جو سٺاءُ لاڳيتن اتفاقن ۽ ناممڪن ڳالهين سبب شايد اڻوڻندڙ ڏسڻ ۾ اچي، مگر باريڪ بينيءَ جي فراست، بااصول قوت حيات ۽ اداڪارن جي ايمانداري ڪيس هميشه لاءِ مقبول بنائيندڙ آهن. حقيقت ۾ اها اداڪارن جي اندروني حقيقت، مقصد ۽ عمل ٿئي آهن جي پڙهندڙ کي دائمي خوشي ڏين ٿا. ۽ جي "وڪار آف ويڪفيلڊ" کي ڳوناٺي زندگيءَ متعلق تصنيف ڪيل ناولن ۾ اعليٰ ۽ اهم جڳهه ڏين ٿا.

"مئڪاولي" شڪايت ڪئي آهي، ته هُن جي آکاڻي انهن آکاڻين مان هڪ آهي، جيڪي بدترين نموني ۾ تيار ڪيون ويون آهن. هن جو اهو چوڻ آهي، ته "آکاڻيءَ جو آخرين حصو مُنڍ واري حصي کان گهڻو گهٽ ترتيب ڏنل آهي. جيئن اسين مصيبتن جي احوال کي ويجها پوندا وڃون ٿا. تيئن بيهودگي وڌندي وڃي ٿي، ۽ دلچسپيءَ جا واقعات گهٽ ٿيندا وڃن ٿا". ناول جي سٽاءَ تي اهڙي نڪته چيني ڪٿي موزون هجي به. پر "گولڊ سمٿ" جي هرگز اها مرضي نه هئي ته سندس ڪتاب جو ڪو حصو غير دلچسپ ٿئي. سچ پڇ ته، هي پاڻ به ڪتاب جي اوڻاين کان باخبر هو، ۽ جيڪڏهن سندس گهر جي مالڪياڻيءَ جي سخت هلت ۽ سندس دوست "جانسن" جي تڪڙ نه هجي ها، ته خاطري آهي ته هيءُ صاحب ڪتاب تي وري به نظر ثاني ڪري ها، ۽ آکاڻيءَ کي سهڻي ترتيب ڏئي ها.

ڪتاب ۾ ڪٿي ڪهڙا جهول هجن، مگر اهو قبول ڪرڻو پوندو ته انگريزي ادب جي ننڍن شاهڪارن ۾ هيءُ وڏي اهميت رکي ٿو. "واشنگٽن آئرونگ" چوي ٿو ته "هن ڪتاب هر هنڌ مقبوليت حاصل ڪئي آهي". "ٿئڪري" جي چوڻ موجب، هن ڪتاب جي مصنف يورپ جي هر ڪنهن قلعي ۽ مڙهيءَ ۾ باريابي حاصل ڪئي آهي. "گوئٽي" پڌرو ڪيو آهي ته، هيءُ انهن بهترين ناولن مان هڪ آهي، جي هر ڪنهن طبع لاءِ لکيا ويا آهن. مٿين سببن ڪري اسين پڻ هن ڪتاب جي مصنف کي نه صرف سندس ادبي قابليت تي تحسين ڏيون ٿا، مگر سندس دل جي نيڪيءَ ۽ مزاج جي پڻ تعريف ڪريون ٿا.

# اظهار

هن تصنيف ۾ سوين نقص آهن، ۽ انهن جي خوبين جي ثابت ڪرڻ جي ضمن ۾ سوين ڳالهيون ٻڌائي سگهجن ٿيون، مگر اهو غير ضروري آهي. هڪ ڪتاب بيشمار غلطين سان به دلچسپ ٿي سگهي ٿو، يا ڪنهن به هڪ نقص کانسواءِ به خشڪ ٿي سگهي ٿو. هن ڪتاب جو سورمو پاڻ ۾ مڪيه ٽي ڪردار سمائي ٿو. هي پادري آهي، ڪاشتڪار آهي ۽ خاندان جو سرواڻ آهي. هو سيکارڻ لاءِ اهڙو تيار آهي، جهڙو اطاعت لاءِ، ۽ جهڙو سادو آسودگيءَ ۾ آهي، تهڙو شاندار غريبيءَ ۾. هن شاهوڪاريءَ ۽ ترقي واري دور ۾ اهڙو اداڪار ڪير ٿي سگهندو؟ اُهي، جي اعليٰ زندگيءَ جا شوقين آهن، سي هن جي ڳوٺاڻي رهڻيءَ ڪهڻيءَ جي سادگيءَ کان ذڪار سان مُنهن موڙيندا. اهي، جي گارگند کي غلطيءَ وچان چرچو ڪري تصور ڪن ٿا، سي سندس ٻي ضرر گفتگوءَ ۾ ظرافت نه ڳولي سگهندا، ۽ اهي جن کي مذهب تي ٺٺولي ڪرڻ سيکاريو ويو آهي، سي هڪ اهڙي ماڻهوءَ تي کلندا، جنهن جي تسليءَ جا خاص سامان مستقبل مان ئي مهيا ڪيا وڃن ٿا.

- آليور گولڊ سمٿ

رستي جي پر تي رهندا هئاسون، جتي ڪيترا ئي مسافر ۽ اجنبي ماڻهو خارتوت مان تيار ڪيل اسان جي مشهور شراب جي ذائقي وٺڻ لاءِ اسان وٽ ايندا هئا. ۽ آءٌ هڪ تاريخ نويس جي صداقت سان چوان ٿو ته، مون ڪنهن به صاحب کي ان شراب مان وڌ ڪيندي نه ڏٺو. اسان جا سوٽ جي "انين پيڙهيءَ ماڪوڙو ماسات" جي مصداق وانگر هئا. ۽ جن کي نسلن جي داخلا رکڻ واري دفتر جي مدد کان سواءِ اسان واريءَ عزازت جي يادگيري هئي، سي اسان سان ملاقات لاءِ اڪثر ايندا هئا. انهن مان ڪن اسان جي گهڻي عزت افزائي نٿي ڪئي، ڇاڪاڻ ته منجهن ڪي انڌا، پنگلا ۽ لولا لنگڙا هئا، پر منهنجي زال زور رکندي هئي، ته جيئن ته اهي ساڳئي نسل جا آهن. تنهنڪري انهن کي پڻ اسان سان گڏجي ساڳئي دسترخاني تي ماني کائڻ گهرجي. انهن سببن ڪري جيڪڏهن اسان کي ڪٺي ساوا ستابا سجڻ نه هئا، ته به عام طرح اسان جي چوڌاري هميشه خوشدل دوستن جو حلقو رهندو هو، ڇاڪاڻ ته هي رايو واقعي باوقار آهي، "جيئن مهمان غريب تيئن هو خدمت ڪرڻ سان دائمي وڌيڪ خوش". جيئن ماڻهو لالہ جي گل جي رنگن يا پوپٽ جي پرن ڏانهن پسنديءَ سان گهور ڪري نهاريندا آهن، تيئن آءٌ پنهنجي فطرت موجب انسان جي خوشنما چهرن جو ثنا خوان هئس. انهيءَ هوندي به جڏهن اسان جي ماڻهن مان ڪو به ماڻهو بد اخلاق ڏٺو ويندو هو، يا تڪليف ڏيندڙ مهمان هوندو هو، يا اهڙو هوندو هو جنهن مان پَلَو آجا ڪرڻ چاهيندا هئاسون، ته اسان جي گهر ڇڏڻ وقت آءٌ هن کي سواريءَ جو ڪوٽ، يا بوٽن جو جوڙو، يا ڪن وقتن تي ڪو ٽوريءَ قيمت وارو گهوڙو اُڌاري طور ڏيندو هوس. ۽ مان هن معلوم ڪرڻ تي راضي هوس. ته هو انهن شين کي موٽائڻ لاءِ وري ڪونہ ايندو. انهيءَ طريقي سان انهن ماڻهن کان جن کي اسين پسند نه ڪندا هئاسون، گهر آجو ٿيندو هو، پر "ويڪفيلڊ" جو ڪٽنب، ڪڏهن به مسافرن يا محتاجن کي موٽائي ڇڏيندڙن ۾ شمار نه ڪيو ويندو هو.

اهڙيءَ طرح اسان ڪيترا سال تمام مسرت جي عالم ۾ گذاريا. نه فقط ائين، مگر اسان کي ڪن وقتن تي اهڙيون ننڍيون مشڪلاتون پيش اينديون هيون، جيڪي پرورد گار سندس نعمتن جي قدرَ قيمت وڌائڻ لاءِ موڪليندو آهي. اِسڪولي ڇوڪرا منهنجي باغ کي لٽيندا هئا. ۽ منهنجيءَ زال جي ڪيرٿي

ٻليءَ ۽ ٻارن جي ور چڙهندي هئي. ڪن وقتن تي ڳوٺ جو زميندار منهنجي وعظ جي تمام دلسوز فقرن جي بيان ڪرڻ وقت ننڊ ۾ پئجي ويندو هو. يا سندس زال ديول ۾ منهنجي زال جي خلق جي جواب ۾ اڻ سهائيندڙ مروت جو مظاهرو ڪندي هئي. اسين اهڙن واقعن مان پيدا ٿيندڙ رنجيدگيءَ تي جلد قابض ٿي ويندا هئاسون. ۽ ٿن يا چئن ڏينهن جي دوران عجب ڪائڻ لڳندا هئاسون. ته هنن اسان کي ڪيئن نه تنگ ڪيو ٿي!

منهنجا ٻار پرهيزگاريءَ جا پليل هئا. ۽ ڪين جيئن ته نرميءَ کان سواءِ تعليم مليل هئي، تنهن ڪري اهي چڱيءَ بيهڪ وارا ۽ تنومند هئا. منهنجا پٽ جانٺا ۽ چست. منهنجون ڌيئرون حسين ۽ شگفته هيون. جڏهن آءٌ پنهنجن انهن ٻارن جي وچ ۾ بيهندو هوس، جي منهنجي پيرسنيءَ جي عالم ۾ پنيرائي ڪرڻ جو دلاسو ڏيندڙ هئا. تڏهن آءٌ "ڪائونٽ ائبِـنسبرگ" جي مشهور آکاڻيءَ کي دهرائڻ کانسواءِ رهي ڪين سگهندو هوس. "هينري ٻئي" جي جرمنيءَ ڏانهن ڪاهه وقت جڏهن ٻيا درباري خزانا کڻي آيا. تڏهن هو صاحب پنهنجا ٻٽيهه (32) ٻار پاڻ سان وني آيو. ۽ اهي پنهنجي حاڪم جي خدمت ۾ هڪ قيمتي نذراني طور پيش ڪيائين. ساڳيءَ طرح حالانڪ مون کي صرف ڇهه (6) ٻار هئا. ته به مون ڪين پنهنجي ملڪ لاءِ هڪ وڏو قيمتي تحفو ٿي سمجهيو.

اسان جي وڏي پٽ جو نالو "جارج" هو. جو سندس چاچي جي نالي پويان رکيو ويو هو. جنهن اسان جي لاءِ ڏهه هزار پائونڊ ڇڏيا هئا. اسان جو ٻيو ٻار هڪ ڇوڪري هئي، جنهن کي سنديس چاچيءَ جي نالي پويان "جِراسيل" ڪوٺڻ ٿي چاهيم. مگر منهنجي زال، جا اميد واريءَ جي سمي ۾ رومانوي افسانا پڙهندي رهندي هئي، تنهن زور رکيو ته ڪيس "اوليويا" ڪوٺيو وڃي. ٻئي سال اسان کي ٻي ڌيءَ عطا ٿي، ۽ مون پڪو فيصلو ڪيو. ته سندس نالو "جراسيل" رکڻ گهرجي، پر هڪ شاهوڪار عزيز عورت جنهن کي ان ٻار جي لاءِ عيسائي مذهب موجب نالي رکڻ وقت اقرار ڪندڙ ٿيڻ جو شوق هو. تنهن جي هدايتن موجب ان ڇوڪريءَ کي "صوفيا" ڪوٺيو ويو. اهڙيءَ طرح اسان جي ڪٽنب ۾ به رومانوي نالا هئا. مگر آءٌ ساڪ سان ڇوان ٿو ته. ان ۾ منهنجو هٿ ڪونه هو. "موزز" انهن کان بعد جو هو. ۽ ٻارنهن سالن جي وڇوٽيءَ کان پوءِ اسان کي به وڌيڪ پٽ تولد ٿيا.

جڏهن آءٌ پنهنجا ننڍڙا ٻار ڏسندو هوس، تڏهن جيڪا مون کي اڻ کُٽ خوشي ٿيندي هئي، ان کان نتائڻ ٻيڻا ٿيندو، مگر منهنجي زال جي آڪڙ ۽ خوشي مون کان گهٽ وڌيڪ هئي. جڏهن اسان جا ملاقاتي چوندا هئا، "مسز پرمروز" سچ پچ ته اوهان کي سڄي ملڪ کان عمدا ٻار آهن". تڏهن هوءَ جواب ڏيندي هئي، "جي ها، منهنجا پاڙيسري! اهي اهڙا آهن جهڙو قدرت کين جوڙيو آهي. ڪافي حسين آهن، جيڪڏهن اهي ڪافي چڱا ٿين. ڇاڪاڻ ته حسين اهو آهي جنهن جا عمل نيڪ آهن". پوءِ هوءَ پنهنجين ڌيئرن کي حڪم ڪندي هئي، ته هو پنهنجا مٿا مٿي جهلين. منهنجون ڌيئرون بنا ڪنهن لڪ لڪاءَ جي، سچ پچ ته تمام خوبصورت هيون. صرف ٻاهريون ڏيک ويک منهنجي لاءِ اهڙي خسيس حالت آهي، جو جيڪڏهن سڄي ملڪ جي گفتگو جو اهو عام پهلو نه هجي ها، ته هوند مون کي بيان ڪرڻ لاءِ اصل ياد نه هجي ها. "اوليويا" هاڻي 18 ورهين جي هئي ۽ ڪيس حسن جي اها جهجهائي هئي، جنهن سان مصور حسن جي ديويءَ هيبيءَ" جو نقش چٽيندا آهن. هوءَ هڪ فراخ دل، خوش مزاج، ڪڙي سڙي ۽ حڪمران طبعيت رکندڙ ڇوڪري هئي.

"صوفيا" جون روشون پهريائين اهڙيون دل کي ڇڪيندڙ نه هيون، مگر اڪثر وڌيڪ خاطريءَ وارو عمل ڪنديون هيون، ڇاڪاڻ ته اهي نرم، حليم ۽ دل لُڀائيندڙ هيون. "اوليويا" هڪ ئي ضرب سان جيتجي ويندي هئي، مگر "صوفيا" اهڙين ڪافي ڪوششن کان پوءِ ئي اثر هيٺ ايندي هئي.

عورت جو سڀاءُ سندس روشن جي تبديليءَ سان ئي جُڙندو آهي. ڪم از ڪم منهنجي ڌيئرن سان اهو اصول لاڳو هو. "اوليويا" گهڻن طالبن لاءِ تمنا رکندڙ هئي، مگر "صوفيا" جو ارادو فقط هڪ کي هٿ ڪرڻ جو هو. خوش ڪرڻ جي تمام گهڻي خواهش "اوليويا" کي متاثر ڪندي هئي، پر "صوفيا" پنهنجي ڪنهن اتفاقي زيادتي جي خوف ڪري پنهنجين چڱاين کي به دٻائي ڇڏيندي هئي. هڪ مون کي پنهنجي فطري سادگيءَ سان وندرائيندي هئي، جڏهن آءٌ خوش هوندو هوس، ته ٻي وري مون کي پنهنجي فهم سان مسرور ڪندي هئي، جڏهن آءٌ غمگين هوندو هوس. اهي خاصيتون ٻنهي ۾ بلنديءَ تائين پهتل نه هيون. ۽ آءٌ اڪثر انهن کي سارو ڏينهن پنهنجين خصلتن کي مٽائيندو ستائيندو ڏسندو هوس. الَمرَ جي پوشاڪ منهنجيءَ البيليءَ "اوليويا"

کي نخريلي بنايو. ۽ ربينن جي نئين جوڙي سندس ننڍيءَ پيڻ کي فطري سادگيءَ کان وڌيڪ پيو ڪجهه عطا تي ڪيو. منهنجي خواهش هئي، تہ منهنجو وڏو پٽ "جارج" وڌن تعليمي ماهرن مان هڪ ٿئي، تنهن ڪري کيس "آڪسفورڊ" ۾ تعليم ڏياري ويئي. منهنجو ننڍو پٽ "موزز" جنهن لاءِ مون ذندي ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو هو، تنهن پنهنجي گهر ۾ متفرقہ تعليم حاصل ڪئي. مگر اهي نوجوان شخص، جن دنيا جو تجربو اجا پوريءَ طرح نہ پرايو آهي، انهن جي خاص اخلاقن کي بيان ڪرڻ غير ضروري ٿيندو.

المختصر، ڪٽنب جي هڪجهڙائي سيني جي مٿان غالب هئي، ۽ سچ پچ تہ ائين ڪٺي چئجي، تہ انهن جو اخلاق هڪڙو ئي هو. ۽ اُهو اهو هو، تہ هو سيئي هڪجهڙا مروت ڪندڙ، خوش اعتقاد ۽ سادا هئا. ۽ هڪ ٻئي تي پيش قدمي ڪندڙ نہ هئا.

*

# باب ٻيو

## ڪتنب جون ڪمبختيون

اسان جي ڪتنب جا سيئي دنيوي ڪاروبار منهنجيءَ زال جي هٿ هيٺ هئا. ۽ روحاني ريجهه وارا ڪم مون پنهنجيءَ سنڀال ۽ نظرداريءَ هيٺ رکيا هئا. اسان جي اتي رهڻ جو اُجورو جملي 35 پائونڊ ساليانو هو. آءٌ اهي پئسا ديول جي پادري فرقي جي يتيم ٻارن ۽ بيوه عورتن کي ڏيئي ڇڏيندو هوس. مون کي پنهنجي ڪافي ملڪيت هئي. آءٌ انهن وظيفن کان بي نياز هوس، ۽ سواءِ ڪنهن عيوضي ملڻ جي پنهنجي فرض ادا ڪرڻ ۾ مون کي نهايت گهڻي ۽ ڳجهي خوشي حاصل ٿيندي هئي. مون ڪوبه نائب نه رکيو. مون ديول جي سموري علائقي جي هر ماڻهوءَ سان واقفيت هئڻ سبب شادي ڪيل مردن کي تحمل ڪرڻ، ۽ ڇڙهن کي شاديءَ ڪرڻ جي ترغيب ڏيڻ جو ڪم شروع ڪيو. ايتريقدر جو ٿورن ڏينهن ۾ اها هڪ عام چوڻي ٿي پيئي، ته "ويڪفيلڊ" ۾ ٽي عجيب گهرجون آهن. هڪ پادري بنا غرور وارو، ٻي: جوان مرد جوين جي جستجو ۾، ۽ ٽين: شراب خانا گراهڪن جا گهرجائو.

شادي هميشه منهنجي دل گهريو مضمون هوندو هو، ۽ مون ڪيترا خطبا ان جي خوشين کي ثابت ڪرڻ لاءِ لکيا. مگر هڪ خاص اصول هو جنهن جي حمايت ڪرڻ مون ضروري سمجهي. آءٌ "وهسٽن[1]" سان شامل راءِ ٿيس، ته انگلنڊ جي ديول جي پادريءَ لاءِ پنهنجي هڪ زال جي فوت ٿي وڃڻ بعد ٻي شادي ڪرڻ غير قانوني آهي، يا ان کي ٻين لفظن ۾ ائين چئجي، ته مون پاڻ کي ان اصول تي پڪو رکيو. ته هڪ شاديءَ کان وڌيڪ ڪنهن به حالت ۾ ٻي شادي نه ڪجي.

ابتدائي ڏينهن ۾ مون کي ان مذڪوره جهڳڙي ڏانهن شوق ڏياريو ويو، جنهن بابت ڪيترين ئي ضخيم تصنيفون لکيون ويون آهن. مون ان مضمون تي ڪجهه ننڍڙا ڪتاب ڇپايا. ۽ جيئن ته اهي فروخت نه ٿيا. تنهنڪري سون

[1] وهسٽن: 1667ع- 1756ع) هيءُ هڪ ٻيءَ شاديءَ جو مخالف ۽ سائنٽي وقت هڪ ناميارو مصنف هوندو هو. هن جا ڪتاب "سوانح حيات" فاسفوس (Fosephus)، اوائلي نصرانيت، (Primtive Christiening) ڌرتيءَ جو اصول (Theory of Earth) مشهور آهن.

ڪي ائين معلوم ڪرڻ تي اطمينان آهي، تہ اهي صرف ڪن جزوي خوش نصيب صاحبن پڙهيا هوندا. منهنجي دوستن مان ڪن ان کي منهنجو هڪ ضعيف پهلو سڏيو. مگر افسوس! انهن مون وانگر ان موضوع کي گهڻي غور لائق نہ سمجهيو. جيترو گهڻو مون ان تي ويچار تي ڪيو، اوترو گهڻو اهو مڪيہ نظر تي آيو. پنهنجن اصولن کي پٽري ڪرڻ ۾ آءٌ "وهسٽن" کان بہ مورڳو هڪ قدم اڳتي وڌي ويس. "وهسٽن" پنهنجيءَ زال جي قبر مٿان ڪُتبو اُڪرايو هو تہ، "صرف هوءَ ئي هڪ "وليم وهسٽن" جي زال هئي". مون پڻ اهڙو ساڳيو ئي ڪتبو پنهنجيءَ زال لاءِ لکايو، جيتوڻيڪ هوءَ اجا زنده هئي. ان ڪتبي ۾ مون سندس ڏاهپ، ڪفايت شعاريءَ ۽ حياتيءَ پر وفاداريءَ جي حد کان وڌيڪ تعريف ڪئي، ۽ ان کي سهڻي نموني ۾ نقل ڪرائي هڪ سهڻي فريم ۾ وجهي، بخاري جي مٿئين جاري مٿان رکيم. جتي اهو ڪيترن ڪارائتن ڪمن کي پورو ڪري سگهيو ٿي. ان منهنجيءَ زال کي پنهنجي خاوند جي خواهشن کان ۽ مون کي پنهنجيءَ گهر واريءَ جي سچائيءَ کان آگاهہ ڪيو ٿي. ان منهنجيءَ زال جي دل ۾ ناموس جو شوق جاڳايو ٿي، ۽ سندس پڇاڙيءَ جو خيال هميشہ سندس دل ۾ ڇمايو ٿي.

شايد اڪثر شاديءَ بابت سفارشون پڌندي ائين ٿيو، جو منهنجي وڏي پٽ ڪاليج ڇڏڻ کان پوءِ هڪ پاڙيسريءَ جي ڌيءُ سان پنهنجو نينهن لڳايو. هو ديول ۾ هڪ وڏو درجو رکندڙ آفيسر هو، ۽ پنهنجي ڌيءُ کي گهڻي دولت ڏيئي تي سگهيو، مگر دولت ان ڇوڪريءَ جي گڻن جي مقابلي ۾ هڪ تمام خسيس شيءِ هئي. "مس ارابيلا ولمات" سيني جي راءِ موجب، (منهنجي بن ڌيئرن کان سواءِ) سيني کان حسين هئي. سندس جواني، صحت ۽ معصوميت، سندس بيحد شفاف چهري ۽ مسرت بخش نگاه ڪري اجا بہ وڌيڪ دوبالا ٿي ٿي، ۽ اُن تي عمر رسيده بزرگ پڻ لاغرضيءَ سان نظر وجهي نٿي سگهيو. "مسٽر ولمات" کي پڻ معلوم هو، تہ آءٌ پنهنجي پٽ کي وڏي جائداد ڏيئي تي سگهيس، انهيءَ ڪري هو انهيءَ مائٽيءَ جي خلاف نہ هو. اسان جا ٻئي ڪٽنب اهڙي صلح ۾ گڏ رهڻ لڳا، جهڙو عام طرح رشتيداريءَ کان اڳ ۾ پيدا ٿيندو آهي. پنهنجي تجربي جي ان يقين تي تہ شاديءَ لاءِ محبت جي اظهار وارا ڏينهن اسان جي زندگيءَ جا نهايت خوشي ڏيندڙ ڏينهن آهن. آءٌ انهيءَ عرصي کي

”مسٽر ولمات“ کي ڏيکاري. مون کي خاطري هئي ته مون کي هن وٽان تحسين ملندي، مگر گهڻو وقت ئي ڪونه لڳو، جو مون معلوم ڪيو، ته هو تمام شدت سان ان جو مخالف ٿي پيو هو، ۽ ان لاءِ هن کي ڪافي سبب پڻ هئا، ڇاڪاڻ ته هو ان وقت ڇوٿين زال سان وهانءُ ڪرڻ لاءِ قربداريءَ جا رستا رکي رهيو هو. جيئن اميد ڪئي ٿي ويئي تيئن سندس ان رَوَش، نفرت سان گڏ اسان جي وچ ۾ نفاق پيدا ڪيو، جنهن اسان جي متوقع رشتيداريءَ ۾ دخل انداز ٿيڻ جو خوف ڏياريو، مگر شاديءَ لاءِ جيڪو ڏينهن مقرر ڪيل هو، ان جي اڳيئن ڏينهن تي اسان انهيءَ موضوع تي مفصل طرح بحث ڪرڻ قبول ڪيو.

بحث لاءِ ٻنهي طرفن کان پوريءَ دلچسپيءَ سان تياري ڪيل هئي. ”مسٽر ولمات“ ان ڳالهه تي زور ڏنو، ته آءٌ پختو مذهبي ماڻهو نه هوس، مون ساڳيو الزام مٿس رکيو. هن ان جو جواب ڏنو، ۽ آءٌ ساڻس ڳنڍجي پيس. انهيءَ وقت جڏهن مخالفت گرما گرم ٿي، تڏهن منهنجن عزيزن مان هڪ مون کي ٻاهر سڏ ڪيو، ۽ مون کي انهيءَ تڪرار کي ڪم از ڪم منهنجي پٽ جي شاديءَ ٿيڻ تائين ڇڏڻ جو مشورو ڏنو. مون چيو، ”حق جي دامن کي هٿان ڇڏي هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي شاديءَ جي ڪيئن اجازت ڏيان، جو اڳيئي بيهودگيءَ جي حد تائين پهچي چڪو آهي؟ اهڙي طرح تون شايد اها به صلاح ڏين، ته آءٌ پنهنجيءَ ملڪيت تان به هن پنهنجيءَ حجت وانگر دست بردار ٿيان“. منهنجي دوست جواب ۾ چيو، ”مون کي هن اطلاع ڏيڻ ۾ ڏک ٿو ٿئي، ته تنهنجي ملڪيت هن وقت ڪجهه به نه آهي. شهر جو واپاري، جنهن وٽ توهان جا پئسا پيل هئا، سو ڏيوالي جي اعلان کان بچڻ خاطر ٻاهر هليو ويو آهي، ۽ سمجهيو ٿو وڃي ته پائونڊ جي بدران هڪ شلنگ به نه ڇڏيو اٿس. مون نٿي چاهيو، ته اوهان کي يا اوهان جي ڪٽنب کي شادي ٿيڻ تائين هن احوال کان آگاهه ڪريان، پر هاڻي هيءَ خبر شايد اوهان جي گرمجوشيءَ کي گهٽائڻ لاءِ ڪارائتي ثابت ٿئي. آءٌ سمجهان ٿو، ته توهان جي شخصي سياڻپ پڻ اوهان کي تيستائين ڍونگ ڪرڻ تي آماده ڪندي، جيستائين توهان جي پٽ کي هن نوجوان عورت جي دولت قبضي ۾ اچي.“ مون جواب ڏنو، ”نيڪ، جيڪا ڳالهه تون ڪرين ٿو، سا جيڪڏهن ڪٿي درست هجي، ۽ جيڪڏهن آءٌ ڪٿي فقير ٿيان، ته به نڪي اها مون کي ڪڏهن به ڪم ذات بنائيندي، ۽ نڪي مون کي پنهنجي اصول کان

ڦيرائڻ لاءِ ڀلائيندي. آءٌ يڪدم ويندس ۽ پنهنجي حالتن کان بيءَ ذر کي واقف ڪندس. جيستائين منهنجي حجت جو سوال آهي، آءٌ مورڳو پنهنجيون اهي سڀيئي رعايتون جي پيرسني جي فائدي ۾ هيم، سي واپس وٺندس، ۽ آءٌ هاڻي هن کي شادي ڪرڻ جي ڪنهن بہ معنيٰ ۾ هرگز اجازت نہ ڏيندس."

جڏهن مون پنهنجي بدبختيءَ جي خبر پڏري پٽ بيان ڪئي، تڏهن ٻنهي ڪٽنبن جا جيڪي مختلف جذبا هئا، انهن جو بيان ايڏو تہ وڏو آهي، جو ڪري ڪين سگهبو، پر جيڪي ٻين محسوس ڪيو، سو جيڪي عاشق برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿيا، ان جي مقابلي ۾ گهٽ هو.

"مسٽر ولماٽ" جو اڳيئي منهنجي پٽ ۽ "مس ولماٽ" جي وهانءَ ٽوڙڻ جي پوريءَ طرح شائق هو، سو هن ضرب سبب جلدي پڪو ارادو رکندڙ ٿي پيو. سياٽپ جو گڻ منجهس تمام مڪمل هو، اهائي صرف هڪ وصف آهي، جا اسان وٽ باهتر ورهين جي عمر ۾ موجود هوندي آهي.

*

# باب ٽيون

## هجرت

اسان جي ڪٽنب جي هاٽي صرف اها تمنا هئي، تہ اسان جي بد نصيبيءَ واري خبر شال بغض واري يا قبل از وقت هجي، پر جلد ئي منهنجي شهر واري ايلچي جو هڪ خط آيو، جنهن ۾ ساري تفصيل جي تصديق ڪيل هئي. ملڪيت جو نقصان مون لاءِ شخصي طرح تمام خسيس ٿئي ها، مگر جيڪا ڏکيائي مون محسوس ڪئي، سا منهنجي گهر جي ڀاتين بنسبت هئي، جن کي حقارت کان بي نياز ٿيڻ جي تعليم نہ هوندي، هيناٺون ٽيٽو پيو هو.

جيئن تہ اڳواٽ آتت صرف غم جي يادگيري ڏياريندڙ آهي، انهيءَ ڪري ٻن هفتن گذرڻ تائين مون سندن رنج روڪڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، انهيءَ عرصي ۾ منهنجا خيال سندن پرورش ڪرڻ لاءِ ڪن مستقبل جي ذريعن سوچڻ ۾ مصروف هئا، ۽ آخر ساليانو 15 پائونڊن جي قليل وظيفي سان مون کي نائب پادريءَ جي جڳهہ پرانهينءَ پسگردائيءَ ۾ آڇي ويئي، جتي آءٌ اجا تائين پنهنجا اصول ڪنهن بہ اهنج کان سواءِ برقرار رکي ٿي سگهيس. هڪڙي ننڍڙي ٻني جي بندوبست دوران پنهنجي ڪمائي وڌائڻ جي ارادي سان مون اها رٿ خوشيءَ سان قبول ڪئي.

انهيءَ تجويز کي قبول ڪرڻ بعد منهنجو ٻيو فڪر پنهنجي دولت جي باقي ٻڳ ٽوٽ کي گڏ ڪرڻ ڏانهن هو، ۽ سيني قرضن گڏ ڪرڻ ۽ ادا ڪرڻ بعد اسان وٽ چوڏهن هزار پائونڊن مان باقي صرف چار سوءُ ٻچيل هئا. تنهنڪري هاٽي منهنجو خاص ڌيان پنهنجي ڪٽنب جي وڏائيءَ کي سندن حالتن مطابق هيٺ آڻڻ جو هو، ڇاڪاڻ تہ مون کي چڱيءَ پر پروڙ هئي، تہ خواهشات جو وڌائڻ بجاءِ خود هڪ عذاب آهي. مون چيو، ”منهنجا ٻچا، اوهان ان ڳالهہ کان بي خبر ٿي نٿا سگهو، تہ اسان جي ڪابہ سياڻپ اسان جي گذريل بدبختيءَ کي روڪي نہ سگهي ها، مگر ان جي اثرن کي بيڪار بنائڻ ۾ سياڻپ شايد گهٽو ئي ڪي ڪري. پاڻ هاٽي مسڪين آهيون، منهنجون خواهشون ۽ سياڻپ اسان کي پنهنجيءَ هيٺيءَ حالت سان موافقت پيدا ڪرڻ جو اَمر ڪن ٿيون. پوءِ اچو تہ سواءِ ڪنهن ڇُون وَ چرا جي انهن عياشين کي ڇڏي ڏيون، جن جي

اختيار ڪرڻ ڪري ڪيترا ماڻهو ذليل ٿي پيا آهن ۽ انڪساريءَ وارين حالتن ۾ اهو آرام ڳوليون جنهن سان سڀئي خوش ٿيون. غريب اسان جي مدد کان سواءِ گذارين ٿا، پوءِ ڇو نہ اسان کي پڻ انهن جي مدد کان سواءِ زندگي گذارڻ جو سبق سکڻ گهرجي؟ منهنجا ٻچا، اڄو تہ هن ساعت کان وٺي پنهنجا فرضي حق ڇڏي ڏيون. جيڪڏهن اسين سياڻا آهيون تہ اڄا تائين اسان وٽ خوشيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي بقايا ڇڏيل آهي، ۽ اڄو تہ نصيب جي اوڻاين کان راضي رهڻ لاءِ ڪمر ڪشيون".

منهنجو وڏو پٽ هڪ تربيت ورتل تعليم يافتہ هو. تنهنڪري مون کيس شهر ڏانهن موڪلڻ جو ارادو ڪيو، تہ جيئن اتي سندس لياقتون اسان جي ۽ سندس پنيرائي ڪن. دوستن ۽ ڪٽنب جي جدائي شايد تمام الم انگيز ڪيفيتن مان هڪ آهي، جا مفلسيءَ جي خدمتگار آهي. اهو ڏينهن جلد آيو، جنهن تي اسان کي پهريون دفعو ڏار ٿيڻو پيو. منهنجو پٽ پنهنجيءَ ماءُ ۽ ڀين گهر جي ڀاتين کان موڪلائڻ بعد مون وٽ دعا لاءِ آيو، جنهن پنهنجين مِنين سان پنهنجا لڙڪ بہ ملايا هئا. مون کيس دلي طرح دعا ڪئي، جا پنجن گينين سميت اباڻي ميراث هئي جيڪا ان وقت آءٌ متس عنايت ڪري ٿي سگهيس. مون چيو، "منهنجا ٻچا تون پنهنجي وڏي ڏاڏي "هوڪر" وانگر پيرين پنڌ لنڊن ڏانهن وڃين ٿو. مون کان اهو ساڳيو گهوڙو جو کيس نيڪ پادريءَ "جويل" ڏنو هو، ۽ هيءَ لٺ وٺ، ۽ هيءُ ڪتاب پڻ وٺُ، جو تنهنجي لاءِ رستي تي تسلي بخش ثابت ٿيندو. هن جون هي بہ سٽون ڏهن هزارن سٽن کان بہ وڌيڪ قيمتي آهن. "آءٌ جوان هوس ۽ هاڻي ٻڍو آهيان، تڏهن بہ مون ڪڏهن بہ حق تي هلندڙ ماڻهوءَ کي وساريل يا سندس اولاد کي پنهنجي پيٽ پالڻ لاءِ پنندڙ ڪونہ ڏٺو. جيئن تون مسافري ڪندو رهين تيئن ٻلي هيءَ تنهنجي لاءِ دلداري ٿئي. منهنجا پٽ وڃ ۽ تنهنجو نصيب ڪهڙو بہ ٿئي، تڏهن بہ ائين ڪج جيئن آءٌ تو کي سال ۾ هڪ دفعو ضرور ڏسان. انهيءَ هوندي بہ دل وڏي ڪر، شال خدا تنهنجو نگهبان ٿئي". هو وڏي درجي ۽ عزت جو طالب هو، تنهنڪري زندگيءَ جي هن کيل ۾ کيس بي سرو سامان موڪلڻ ۾ مون کي ڪوبہ خطرو ڪونہ ٿيو. مون کي معلوم هو، تہ هو ڪامياب ٿئي يا ناڪام، پر هو پنهنجو پارٽ تمام سنو ادا ڪندو.

هن جي روانگيءَ اسان لاءِ پڻ اهوئي جدائيءَ جو رستو تيار ڪيو جنهن جو وقت ان ڪان ٿورا ڏينهن پوءِ آيو. اهو پاڙو جنهن ۾ اسان ڪيتريون ئي ساعتون آرام ۽ سک سان گذاريون هيون. ان کي ڳوڙهن ڳاڙڻ کان سواءِ ڇڏي ڪين سگهياسون. ان سان گڏ اهو ڪٽنب جنهن ڪڏهن به پنهنجي گهر کان ڏهه ميل پري مسافري نه ڪئي هئي، ان لاءِ ستر ميلن جي مسافري واقعي صبر آزما هئي، ۽ اهي غريب جي ڪجهه ميل اسان جي پويان آيا. تن جي آهن ۽ دانهن پڻ غم وڌائڻ ۾ حصو ورتو. پهرئين ڏينهن جي مسافريءَ اسان کي سلامتيءَ سان اسان جي مستقبل واري پناهه گاهه کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تائين پهچايو. اسان اها رات هڪ رستي جي پرتي هڪ ڳوٺ جي گمنام مهمان سراءِ ۾ گذاري. جڏهن اسان کي ڪوٺي ڏيکاري ويئي، تڏهن مون پنهنجي دستور موجب مڪان جي مالڪ جي ڪچهريءَ جي طلب ڪئي. جا هن خوشيءَ سان قبول ڪئي، ڇاڪاڻ ته جيڪي به هن پيتو ٿي، ان بئي صبح جو اسان جو بل وَڌايو ٿي. هن کي ان سڄيءَ پسگردائيءَ جي خبر هئي، جنهن ڏانهن آءٌ لڏي پئي ويس، ۽ خاص طرح زميندار تارنهل" کي سڃاڻندو هو. جو منهنجو زميندار ٿيڻو هو. ۽ ان جاءِ کان ٿورن ميلن جي مفاصلي تي رهندو هو. هن ٻڌايو ته اهو سڪر ماڻهو خاص طرح صنف نازڪ سان ناتي رکڻ ۾ مشهور هئڻ سبب دنيوي خوشين کان وڌيڪ ٻي ڪنهن به قسم جي دنيوي ڄاڻ جي خواهش نه رکندو آهي. هن چيو ته ڪوبه اخلاق سندس هنرن ۽ اورچائيءَ کي روڪي نٿو سگهي ۽ ڏهن ميلن جي گهيري ۾ ورلي ڪا هاريءَ جي ڌيءَ هوندي، جنهن کيس سواءِ ڪامياب ٿيڻ ۽ بي وفا هئڻ جي ڏنو هوندو. جيتوڻيڪ هن احوال مون کي ڏک پهچايو. مگر منهنجي ڌيئرن تي ان جو تمام مختلف اثر پيو. سندن چهرا قريب ڪاميابيءَ جي اميد ۾ روشن ٿيندا پئي ڏنا ويا. منهنجي زال پڻ ڪا گهٽ خوش ڪين ٿي ۽ کيس سندن ڪشش ۽ اخلاق تي يقين هو. جڏهن اسان جا خيال انهيءَ طور مشغول هئا. تڏهن ميزبانڻ ڪوٺيءَ ۾ پنهنجي مڙس کي اطلاع ڏين لاءِ اندر گهڙي ته اهو اجنبي سڪر ماڻهو جو سندس گهر ۾ به ڏينهن رهيو هو. تنهن وٽ پئسا ڪونه هئا ۽ ڪين سندس ليکي سان مطمئن ڪري نٿي سگهيو. "پئسا ڪونه اٿس؟" ميزبان وراڻيو. "اهو ضرور ناممڪن آهي. ڇاڪاڻ ته اجا ڪالهه ڪي ڳالهه آهي ته هڪ ٻڍي زخمي ٽيل سولجر کي، جنهن کي

ڪتي جي چوريءَ ۾ شهر جي وچان ڦتڪا لڳا هئا. بچائڻ لاءِ هن اسان جي سزا ڏيندڙ چپڙاسيءَ کي ٽي گينيون ڏنيون". ان هوندي به جيئن ته ميزبانڻ پنهنجيءَ ڳالهه تي اجا به زور رکڻ لڳي، تنهنڪري هن قسم کنيو ته هو ڪنهن به طريقي مطمئن ٿيندو ۽ ڪوٺي ڇڏڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. مون کيس عرض ڪيو ته، منهنجو تعارف مذڪوره سخي ماڻهوءَ سان ڪرايو وڃي. هن مون کي اهو سڪر ماڻهو ڏيکاريو، ۽ منهنجي عرض جي ادائگي ڪئي. هو اٽڪل تيهن ورهين جو ڏسڻ ۾ ٿي آيو ۽ انهن ڪپڙن ۾ ملبوس هو، جن تي ڪنهن وقت زري لڳل هئي. سندس بدن جي بناوت سني هئي ۽ سندس چهري تي ويچار جا سَرَ هئا. هن جي ڳالهائڻ ۾ ڪجهه ڪمي ۽ کهراڻ هئي ۽ آداب مجلس جي پابنديءَ جو ڄاڻو يا نفرت ڪندڙ ڪونه هو. جاءِ جي مالڪ جي ڪوٺيءَ ڇڏڻ بعد آءٌ هڪ معزز ماڻهوءَ کي اهڙين حالتن ۾ ڏسي، ان اجنبيءَ سان پنهنجي ڪاروبار کي بيان ڪرڻ کان پاڻ کي روڪي ڪونه سگهيس، ۽ ان وقت جي ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ کيس پنهنجو ٻٽون آڇيم. هن جواب ڏنو، "سائين آءٌ دل وَ جان سان ونان ٿو، ۽ مون کي خوشي آهي، جو مون جيڪا پنهنجن پئسن ڏيڻ ۾ نظر چُوڪ ڪئي آهي، تنهن مون کي ڏيکاريو آهي، ته اجا تائين ڪي ماڻهو توهان جهڙا آهن، تنهن هوندي به آءٌ ضرور التجا ڪندس ته مون کي منهنجي محسن جو نالو ۽ رهڻ جي جاءِ معلوم ڪرائي وڃي، جيئن جيترو جلد ممڪن ٿي سگهي اوترو جلد کيس اهي واپس ڪيا وڃن".

اهڙيءَ طرح مون کيس نه فقط پنهنجي نالي ۽ گذريل بدبختين پر پنهنجي مقصود جڳهه به ٻڌائڻ سان پوريءَ طرح مطمئن ڪيو. "هي" هن دانهن ڪري چيو، "منهنجي اميد کان وڌيڪ نيڪ شگون آهي جو مان پڻ ساڳئي رستي تان هلڻو آهيان ۽ هت اٽل سبب ترسيو پيو هوس، جا اميد ته سڀاڻي تائين لنگهڻ جي قابل ٿي ويندي". سندس رفاقت ۾ مون کي جيڪا خوشي ٿيڻ ڪپندي هئي، سا ظاهر هئي ۽ منهنجي التجا ۾ منهنجيءَ زال ۽ ڌيئرن جي شامل ٿيڻ سبب هو رات جي مانيءَ لاءِ ترسڻ تي مجبور ٿي پيو. ان اجنبيءَ جي گفتگو جا ساڳئي وقت وڻندڙ ۽ نصيحت آميز هئي، تنهن مون کي ان جي جاري رکڻ جي تمنا ڪرڻ لاءِ آماده ڪيو. پر هاڻي آرام ڪرڻ ۽ ايندڙ ڏينهن جي ٿڪ خلاف تفريح وٺڻ جو نيڪ وقت هو.

ٻئي ڏينهن صبح جو اسين سڀ اڳتي روانا ٿياسون. منهنجو ڪتنب گهوڙن تي سوار هو. "مسٽر برچل" اسان جو نئون ساٿي رستي جي پاسي کان فوٽ پاٿ تان پئي هليو ۽ مشڪ سان چوندو پئي هليو ته اوهين خراب نموني سوار ٿيل آهيو. آءٌ اهڙو ته مهربان ٿيندس جو اوهان کي پوئتي ڇڏڻ جي ڪوشش نه ڪندس. جيئن ته اڄا اتل ماني ڪانه ٿي هئي، تنهن ڪري اسان کي هڪ بورائو" روز تي رڪڻو پيو. جو اڳيان ڏُک پئي هليو. مسٽر برچل ۽ آءٌ سيني جي پويان پئي آياسون. اسان رستي جي ٿڪ کي فلسفيانه بحثن سان هلڪو پئي ڪيو. جي ڏسڻ ۾ ٿي آيو ته هو پوريءَ طرح سمجهي سگهيو ٿي. مگر جنهن ڳالهه مون کي گهڻي ۾ گهڻو عجب ۾ وڌو سا اها هئي، ته جيتوڻيڪ هو پئسا اُڌارا وٺندڙ هو تڏهين به پنهنجي راءِ کي ايتري گهڻي ضد ۾ هوڏ سان ٿي بچايائين، جو ڄڻ ته هو منهنجو مربي هو. جيئن اسان رستو وٺيو پئي وياسون، تيئن هو وقت به وقت مون کي آگاهه ڪندو پئي هليو ته اهي جدا جدا جايون اسان جي اڳيان نظر ۾ آيون ٿي سي ڪنهن جون هيون. هن ڪجهه مفاصلي تي بيٺل تمام عاليشان گهر ڏانهن اشارو ڪري چيو، "هيءَ هڪ نوجوان سکر ماڻهوءَ "مسٽر ٿارنهل" جو گهر آهي، جو هڪ وڏيءَ دولت جو مالڪ آهي، ليڪن مڪمل طرح پنهنجي ان چاچي تي مدار رکي ٿو، جو پاڻ گهڻو ڪري شهر ۾ گذاري ٿو، ۽ ٿوري تي راضي رهي، باقي سمورو ڌن پنهنجي ڀائٽي جي حوالي ڪري ٿو، ته ڀلي هو ان مان لطف حاصل ڪري". مون چيو، "چا! منهنجو نوجوان زميندار تڏهن ان ماڻهوءَ جو ڀائٽيو آهي، جنهن جا اخلاق، سخاوت ۽ خاص گڻ ساري علائقي ۾ مشهور آهن؟ مون ٻڌو آهي ته "سر وليم ٿارنهل" سموريءَ حڪومت ۾ تمام سخي مگر پورالن ماڻهن مان هڪ جي نمائندگي ڪري ٿو ۽ هڪ مڪمل فيض وارو ماڻهو آهي". مسٽر برچل وراڻيو، "شايد ڪم وَ بيش ائين ئي آهي. ڪم از ڪم جڏهن هو جوان هو، تڏهن پنهنجيءَ سخاوت کي تمام ڪثرت سان هلايائين. جيئن ته ان وقت سندن سرگرميون تمام مضبوط هيون، ۽ اهي سڀ اخلاق جي طرف هيون، انهيءَ ڪري انهن هن جي سخاوت کي عجب جي حد تائين پهچايو. هن شروعات ۾ سولجر ۽ عالم جي سَنَدُنِ حاصل ڪرڻ کي پنهنجو مقصد بنايو. جلد لشڪر ۾ هڪ نامور سولجر ٿي پيو، ۽ علم وارن ماڻهن ۾ ڪجهه ناموس ٿيس. چاپلوسي

هميشه لالچي ماڻهوءَ جي پٺ ونندي آهي، ڇاڪاڻ تہ صرف اهڙي ماڻهوءَ کي خوشامد مان خوشي حاصل ٿئي ٿي. هيءَ انهن ماڻهن جي ميڙن سان گهيريل هو، جي کيس پنهنجي هلت جو صرف هڪ پاسو ڏيکاريندڙ هئا. انهيءَ ڪري هن عالم گير همدرديءَ ۾ پنهنجي خانگي دلچسپيءَ جو لحاظ وڃائڻ شروع ڪيو. هن سچيءَ انسانذات کي پيار ڪيو ٿي، ڇاڪاڻ تہ دولت کيس ان ڄاڻڻ کان روڪيو ٿي تہ اهي انوري هئا. حڪيم اسان کي بدن جي هڪ بي اعتداليءَ بابت ٻڌائيندا آهن. جنهن ۾ سڄو بدن ايترو تہ حد درجي جو حساس ٿيندو آهي جو تمام ٿورو ڇهڻ پڻ ايذاءُ ڏيندو آهي.

اهڙيءَ طرح جيڪي ڪن ماڻهن جسماني طرح سَنو ٿي، ان کي هن معزز انسان پنهنجي دل ۾ محسوس ڪيو ٿي. تمام ٿوري ۾ ٿوريءَ پريشانيءَ، پوءِ اها سچي هئي يا ڪوڙي، مگر ان سندس دل تي تمام تکڙو اثر ڪيو ٿي ۽ هن جي روح ٻين ماڻهن جي اهنجن جي ناساز احساس هيٺ تمام گهڻو پاڻ پتوڙيو ٿي. اهڙيءَ طرح دستگيري ڪرڻ ڏانهن راغب هئڻ سبب سولائيءَ سان اندازو لڳائي سگهجي ٿو، تہ هن ماڻهن جو ڪيترو انداز ڏنو هوندو. جي منٿ ڪرڻ ڏي مائل هئا. هن جي فضول خرچيءَ سندس دولت کي ڪمزور ڪرڻ شروع ڪيو، پر نہ سندس نيڪ فطرت کي، اها سچ پچ تہ وڌندي ويجهندي ڏني ويئي. جيئن هي غريب ٿيندو ٿي ويو، تيئن بي احتياط پڻ ٿيندو ٿي ويو، ۽ جيتوڻيڪ هن هڪ سمجهو ماڻهوءَ وانگر ڳالهايو ٿي، مگر سندس ڪم بي عقلن وارا هئا. تنهن هوندي بہ اجا تائين تقاضا ڪندڙن سان وڪوڙيل هو، ۽ جيڪو عرض کيس ڪيو ٿي ويو، ان هرهڪ کي جيئن تہ وڏيڪ وقت لاءِ پورو ڪري نٿي سگهيو، تنهن ڪري پئسن بدران انجام تي ڏنائين. اهي ئي سڀ ڪجهہ هئا، جي هي ٻين تي عنايت ڪري سگهيو ٿي، ۽ کيس ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي انڪار سان ڏک ڏيڻ جو ڪافي پڪو ارادو نہ هو. ان نموني هن پنهنجي چوڌاري انهن محتاجن جا ميڙ ڪنا ڪيا، جن کي نا اميد ڪرڻ جي جيتوڻيڪ کيس خاطري هئي، تہ بہ سندن دستگيري ڪرڻ جي خواهش ٿي ڪيائين. اهي ڪجهہ وقت لاءِ سندس پويان لڳندا رهندا هئا، پر نيٺ مناسب عتابن ۽ حقارت سان کيس ڇڏي ويندا هئا. پر نسبتاً جيئن هي ماڻهن ۾ حقارت جي قابل ٿيو، تيئن باٺمرادو بہ ڏاڍو ڏڪار جوڳو ٿي پيو. سندس دل انهن ماڻهن جي چاپلوسيءَ

تي مدار رکيو هو ۽ ان چاپلوسيءَ جي پٺ پرائيءَ نڪري وڃڻ سبب، هي پنهنجيءَ دل جي ان تحسين مان، جنهن جو هيءُ ڪڏهن بہ احترام ڪرڻ نہ سڪيو هو، خوشي حاصل ڪري نہ سگهيو. دنيا هاڻ نئون ڏيک ونڻ شروع ڪيو. سندس دوستن جي چاپلوسي سادگي پسنديءَ ۾ گهٽجڻ لڳي. پسنديءَ هاڻي مشوري جو وڏيڪ دوستانہ روپ ورتو ۽ جڏهن مشورو نامنظور ڪيو ويو، تڏهن ان عتاب پيدا ڪيو. هن هاڻي ڏٺو، تہ اهي دوست جي فائدن لاءِ سندس چوڌاري اچي گڏ ٿيا هئا، سي عزت لائق نہ هئا. هن "هاڻي اهو پڻ محسوس ڪيو تہ ٻئي جي دل ونڻ لاءِ هميشہ پنهنجي دل ڏيڻ گهرجي. هن سوچيو، آءٌ هاڻي ڏسان ٿو تہ، جيڪو آءٌ رهيو هوس، سو وساري رهيو آهيان."

المختصر سائين، هن پاڻ کي تعظيم ڏيڻ جو قصد ڪيو ۽ پنهنجي ڪرنڌڙ نصيب کي وري حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ رٿ رٿي. هن مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هن پنهنجي وهمي طريقي سان ساري "يورپ" جو پيرين پنڌ سفر ڪيو ۽ هن وقت جيتوڻيڪ ٽيهن ورهين جي عمر کي مس پهتو آهي، تہ بہ سندس حالتون هميشہ کان وڏيڪ عاقلانہ ۽ وچٽريون آهن، پر ان هوندي بہ هو هڪ خوش مزاج انسان آهي ۽ سودائيءَ طبعيت مان خوشي حاصل ڪري ٿو.

"مسٽر برچل" جي احوال ۾ منهنجو ڌيان ايترو تہ محو ٿي ويو، جو جيئن هو اڳتي پئي هليو تيئن مون ورلي ڪو اڳيان نهاريو. جيستائين اسين پنهنجي ڪٽنب جي واڪن تي خبردار ٿياسون. ان وقت مون پنهنجيءَ ننڍي ڌيءُ کي تيز وهندڙ نهر جي وچ ۾ گهوڙي تان ڪريل ۽ نهر سان ڪشمڪش ڪندڙ ڏٺو. هن بہ دفعا غوطو کاڌو، مگر اهو منهنجي وس ۾ نہ هو، جو آءٌ ان جي مدد ڪري سگهان. منهنجا حواس اهڙا تہ باختہ ٿي ويا جو آءٌ سندس دستگيريءَ لاءِ ڪابہ ڪوشش ڪري نہ سگهيس. يقين آهي تہ هوءَ ناس ٿي وڃي ها. جيڪڏهن منهنجو دوست هن کي خوف ۾ ڏسندي يڪدم سندس بچاءُ ۾ ٽپو نہ ڏئي ها، ۽ ڪجهہ تڪليف برداشت ڪرڻ کان پوءِ ڪيس سلامتيءَ سان ٻئي ڪناري تي نہ آڻي ها. نهر سان گڏ ڪجهہ اڳتي وڌڻ سان، باقي ڪٽنب سلامتيءَ سان اُڪري پار پيو، جتي اسان کي هن سان پنهنجي واقفيتن کي ملائڻ جو موقعو مليو. سندس احسانمندي بيان ڪرڻ کان وڏيڪ جلد تصور ڪري سگهجي ٿي. هن (منهنجي ڌيءُ) پنهنجي بچائيندڙ جو شڪريو لفظن کان وڏيڪ پنهنجي نگاهن

سان ڪيو. سندس ٻانهن تي ليٽي رهي، ڇڏڪ ڪانئس مدد ملڻ جي اجا تائين خواهش پئي رکيائين. منهنجيءَ زال پڻ ڪنهن ڏينهن پنهنجي گهر ۾ هن جي احسان موٽائڻ جي.خوشيءَ حاصل ڪرڻ جي خواهش تي ڪئي. اهڙيءَ طرح پير واريءَ مهمان سراءِ ۾ تفريح ونڻ لاءِ گڏجي طعام تناول ڪرڻ بعد ”مسٽر برچل“ اسان کان موڪلائي ويو، ڇاڪاڻ ته ڪيس ملڪ جي ٻئي حصي ڏانهن وڃڻو هو ۽ اسان پنهنجي مسافري اڳتي وڌائي. جيئن هو ويو، تيئن منهنجيءَ زال چيو، ”آءٌ هن کي حد کان وڌيڪ پسند ڪريان ٿي ۽ دعويٰ سان چوان ٿي ته جيڪڏهن هن جو نسل ۽ دولت اهڙا هجن جي ڪيس اسان جهڙي ڪٽنب مان شاديءَ ڪرڻ جو حقدار بنائين ته پوءِ مون کي ٻيو ڪوبه ماڻهو ڪونه ٿو سجهي جنهن کي آءٌ ان ڪم لاءِ جلد ۾ جلد انتخاب ڪريان“. سندس اهڙي بلند مرتبي واري طريقي ۾ ڪيل گفتگو ٻڌڻ تي آءٌ مشڪل ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به ڪري نٿي سگهيس، مگر سندس اهڙن ٻي ضرر وهمن ڪان، جي اسان کي گهڻو خوش ڪرڻ ڏانهن مائل ٿين ٿا، ڪڏهن به ناراض نه ٿيس.

*

# باب چوٿون

## نصيب ۽ خوشي

اسان جي رهائش جي جڳهه هڪ ننڍڙي ڳوٺڙي ۾ هئي، جنهن ۾ هاري رهندا هئا. جيڪي پنهنجيون زمينون پوکيندا هئا. ڪين نڪا شاهوڪاريءَ جي خبر هئي ۽ نڪي غريبيءَ جي سُڌ. هنن کي زندگيءَ جون سڀئي سهوليتون پنهنجن گهرن ۽ ڳوٺن ۾ موجود هيون، تنهنڪري ٻاهر ٻئي ڪنهن شهر ڏانهن نه ويندا هئا. اهي پاڻ وٽ اڃا تائين اخلاقن جي قديم سادگي سانديندا تي آيا، ۽ عادت موجب تور خرچائو هئا. ڪين اها به خبر ڪانه هئي ته بِرد ٻاري به ڪو هڪ ڳڻ آهي.

پورهئي وارن ڏينهن تي هو خوشيءَ سان ڪم ڪندا هئا. مگر وڏن ڏينهن کي آرام ۽ خوشيءَ جا تهوار ڪري ملهائيندا هئا. هو ڪرسمس راڳ جاري رکندا تي آيا. وئلنٽائين[1] ڏينهن تي هو پنهنجي محبت جون ڳنڍيون سوکڙيءَ طور موڪليندا هئا. ڏوهه ٻاس وارن ڏينهن[2] تي تئيءَ ۾ تريل پڪوڙا کائيندا هئا. پهرين اپريل تي هو پنهنجيون حرفتون ڏيکاريندا هئا، ۽ مذهبي طرح ميڪالمس[3] جي اڳئين ڏينهن جي شام تي سوپاريون پچيندا هئا. اسان جي ويجهي پهچڻ جي اطلاع ملڻ تي سڄي ڳوٺڙي جا ماڻهو عاليشان وڳن سان ملبوس تيل شرنائي وڄائيندا، پنهنجي مذهبي رهنما سان ملڻ لاءِ ٻاهر آيا. اسان جي اعزاز ۾ دعوت جو پڻ انتظام ڪيل هو، جنهن ۾ اسين خوشيءَ سان شريڪ ٿياسون. انهيءَ مجلس ۾ جا گفتگو، خيال ۽ ويچار سان ٿيڻ کپندي هئي، سا ڪل پوڳ ۽ چرچي ۾ پئي ڪئي ويئي.

اسان جي رهائش واري ننڍڙي جاءِ، هڪ هيٺ جهڪندڙ ٽڪريءَ جي دامن ۾ واقع هئي، جا پويان سهڻن ننڍڙن ٻوٽن سان ڇانيل هئي. ان جي اڳيان هڪ نهر هئي جا گڙگڙ ڪري پئي وهي. ان نهر جي هڪ پاسي چراگاهه ٻئي پاسي ساوڪ هئي. منهنجي ٻني اٽڪل ويهارو ايڪڙ هئي. اهو بهترين زمين جو

---

[1] عاشقن جو ڏينهن ڪرستانن ۾ هي هڪ پاڪ ڏينهن ڪري ملهايو ويندو آهي.

[2] ڏوهه ٻاس وارا ڏينهن: (Shrove tide) هنن ڏينهن تي عيسائي پنهنجن پادرين جي اڳيان وڏا ڏوهه ٻاسيندا آهن ۽ معافيون گهرندا آهن.

[3] ميڪالمس شام (Mechaelmas eve) هي عيسائين جو وڏو ڏينهن آهي، ۽ سينٽ ميڪائيل جي ياد ۾ ملهايو ويندو آهي.

ٽڪرو مون پنهنجي مالڪ کان هڪ وڏي رقم لونگيءَ طور ڏيئي ورتو هو. منهنجي ننڍڙي احاطي جي صفائي بي مثال هئي. ان ۾ ايلمس [1] جهڙا جهنگلي بوٽا بيٺل هئا ۽ لوڙهن جي قطارن ۾ هيج روز[2] بهترين رونق لڳايو بيٺا هئا. منهنجي گهر ڪي صرف هڪ طبقو هو، جو ڇپر سان ڍڪيل هو، ۽ منجهس نهايت فرحت بخش هوا هئي. اندرين پٽين کي عمدي ڇُن جي اڇي پوچي ڏنل هئي، ۽ منهنجي ڌيئرن انهن کي پنهنجي خيال موجب مورتن سان سينگارڻ جو ڪم پاڻ تي کنيو هو. اها ساڳي ڪوٺي اسان کي ويهڻ جي صفحي ۽ رڌڻي طور ڪم آئي تي، جنهن ڪري اها گرم رهي تي. ازانسواءِ جيئن ته اها ڪوٺي تمام گهڻي صاف رکي ويندي هئي. ۽ منجهس پليٽون، ساسريون ۽ ٽامي جا سيپيئي چمڪندڙ ٿانوَ سلسليوار قطارن ۾ رکيل هوندا هئا، ۽ دلفريب منظر لڳايو بيٺا هوندا هئا، تنهن ڪري ڪنهن به وڌيڪ قيمتي فرنيچر جي ضرورت محسوس نٿي ٿي. ان ۾ بيا به ٽي ڪمرا هئا. هڪ مون ۽ منهنجي زال لاءِ ۽ ٻيو اسان جي ٻن ڌيئرن لاءِ ۽ ٽيون جو اسان جي ڪوٺيءَ اندر ٻن بسترن سان هو، سو ٻين باقي ٻارن لاءِ هو.

اها ننڍڙي جمهوري رياست جنهن ۾ مون قانون رائج ڪيا، سا هيٺئين طريقي انتظام هيٺ رکي ويئي. سج اُبرڻ وقت اسين سڀ پنهنجي وڏي صفحي ۾ گڏ ٿيندا هئاسون، جتي نوڪر باهه اڳيئي ٻاري ڇڏيندو هو، جو ته مون چڱي نسل جي پرورش لاءِ ڪجهه اهي غير ارادي طريقا جاري رکڻ نيڪ ٿي سمجهيا، جن کان سواءِ آزادي هميشه دوستيءَ کي ناس ڪري ڇڏي ٿي. تنهنڪري هڪ ٻئي کي مناسب رسم موجب سلام ڪرڻ کان پوءِ اسين سڀيئي شڪرگذاريءَ لاءِ ان هستيءَ ڏي جهڪندا هئاسون، جنهن اسان کي (زندگيءَ جو) ٻيو ڏينهن عنايت ٿي ڪيو. هن فرض ادائگيءَ کان پوءِ آءٌ ۽ منهنجو پٽ دستوري پورهئي تي ٻاهر ويندا هئاسون، ۽ منهنجي زال ۽ ڌيئرون نيرن تيار ڪرڻ ۾ مشغول رهنديون هيون. اسان جي نيرن مقرر وقت تي تيار ٿيندي هئي. آءٌ هڪ ڪلاڪ سيني کي پورهئي کان رخصت ڏيندو هوس. اهو وقت منهنجي

[1] ايلمس (Elms): ولايتي جهنگلي ٻوٽو آهي. جنهن جا پن ننڍا ۽ ڏندن وارا ٿيندا آهن.

[2] هيج روز (Hedge rose): هي ٻوٽا عام طرح ولايت ۾ گهرن جي ٻاهران پوکيا ويندا آهن، ۽ سڀجي احاطي جي چوڌاري لوڙهن جو ڪم ڏيندا آهن.

زال ۽ ڏيئرون انتهائي خوشيءَ ۾ گذارينديون هيون ۽ آءٌ ۽ منهنجو پٽ فلسفيانہ دليل و دلائل ۾ صرف ڪندا هئاسون.

اسين سج اڀرئي اٿندا هئاسون، ۽ سج لٿي کان پوءِ پورهيو بند ڪري گهر ڏانهن پنهنجي منتظر ڪٽنب وٽ واپس ايندا هئاسون، جتي مشڪندڙ نگاهون، گرم چلهہ، ۽ وٽندڙ باهہ اسان جي استقبال لاءِ تيار هوندا هئا. اسان وٽ هميشه مهمان خانو لڳو پيو هوندو هو. ڪڏهن ڪڏهن اسان جو پاڙيسري گهڻ ڳالهائو هاري فلمبرو ۽ اڪثر ڪري معذور شرنائي وڄائندڙ ملاقات تي ايندا هئا، ۽ اسان جي شراب مان مزو حاصل ڪندا هئا. جنهن جي تيار ڪرڻ ۾ نہ اسان رسد وڃائي هئي ۽ نہ پنهنجي واڪاڻ. هنن ماڻهن کي سني ساٿيءَ بنجڻ جا گهٽي ئي طريقا ايندا هئا. جڏهن هڪ ساز ڇيڙيندو هو، تہ ٻيو وري ڪو دل ڏکوئيندڙ گيت ڳائيندو هو. رات جي وقت منهنجن ننڍڙن پٽن کي ڏينهن وارو سبق پڙهايو ويندو هو، ۽ انهن مان جيڪو بہ بلند آواز، چٽو ۽ سنو پڙهندو هو، ان کي آچر جي ڏينهن اڌ پيني غريبن جي خيرات واريءَ پيتيءَ ۾ وجهڻ لاءِ ڏني ويندي هئي.

آچر جو ڏينهن گهر جي ڀاتين لاءِ سچ پچ تہ ڏيک ويک جو ڏينهن هوندو هو. ان ڏيک ويک کي منهنجون سپيئي عيش عشرت جي برخلاف ڪيل فهمائشون روڪي نٿي سگهيون. جيتوڻيڪ مون سمجهيو ٿي تہ وڏائيءَ جي خلاف ڏنل منهنجين سمجهاڻين منهنجي ڌيئرن جي غرور تي فتح حاصل ڪئي هئي، مگر مون ڏٺو تہ هو اڃا تائين پنهنجن اڳئين ڏيکن ويکن ڏانهن ڳجهيءَ طرح مائل هيون. هنن اڃا تائين بہ زريءَ، ربين، شيشي جي ڪشن (هارن) ۽ ٿات وارن ريشمي ڪپڙن کي پسند ڪيو ٿي. منهنجي زال پڻ اڃا تائين قرمچي رنگ جي ريشمي ڪپڙي پهرڻ جو شوق رکندڙ هئي، ڇاڪاڻ تہ آءٌ اڳي چوندو هوس تہ اهو ڪيس ڏاڍو نهيو ٿي.

خاص طرح پهرئين آچر تي منهنجي ڌيئرن جي هلت مون کي شرمنده ڪيو. اڳئين رات تي مون کين چيو، تہ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير ڪپڙا پائي تيار ٿين، ڇاڪاڻ تہ آءٌ هميشه ٻيءَ جماعت کان ڄڱو وقت اڳ ديول ۾ پهچڻ پسند ڪندو هوس. هنن منهنجن حڪمن جي پوريءَ طرح بجا آوري ڪئي، پر جڏهن صبح جو اسان سيني کي نيرن جي مانيءَ لاءِ وڏي صفحي ۾ گڏ ٿيڻو هو، تڏهن هو پنهنجين اڳين رونقن سان زَرق برق وارن ڪپڙن ۾ ملبوس ٿيل نظر آيون. وارن جي سُرهي تيل سان سندن وار چمڪايل، وٽندڙ ڪاري سلڪي

ڪپڙي سان نقاب نڪتل، چوغن جون دامنيون پويان هڪ وڏي ڏِگَ وانگر گڏ ٻڌل، ۽ سڀ ڪنهن تحرڪ تي ڪڙڪڙ ڪندڙ هيون. آءٌ سندن وڏائيءَ تي کلڻ کان پاڻ کي روڪي نہ سگهيس، خاص طرح پنهنجيءَ زال تي مون کي گهڻو تعجب لڳو، جو مون کي اميد هئي تہ ڪيس وڌيڪ شعور هوندو. هن نازڪ وقت تي مون وٽ فقط اهو اُپاءُ هو، تہ پنهنجي پٽ کي هڪ تمام ضروري نموني جي آواز ۾ حڪم ڪريان، تہ گاڏي وٺي اچي. ڇوڪريون منهنجي حڪم تي حيران ٿي ويون. مون وري بہ اڳئين کان بہ وڌيڪ سنجيدگيءَ سان پنهنجي اڳئين حڪم کي دُهرايو. منهنجيءَ زال چيو، "پيارا، مون کي خاطري آهي تہ توهين چرچو ٿا ڪريو. اسان تمام چڱيءَ طرح پنڌ هلي سگهون ٿيون، ۽ اسان کي هاڻي گاڏيءَ جي طلب نہ آهي". "بار جهڙي! تون پليل آهين"، مون وراڻيو. "اسان کي گاڏي گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اسين جيڪڏهن هن ٺـٺَ ٺانگر سان پنڌ ديول ڏانهن هلنداسون، تہ هن ديول جي علائقي جا ڇوڪرا اسان کي 'اهو اهو' ڪندا". "تحقيق"، منهنجيءَ زال جواب ڏنو، "مون هميشه اهو تصور ڪيو ٿي، تہ منهنجو "چارلس" پنهنجي اردگرد پنهنجن ٻارن کي صاف ۽ حَسين ڏسڻ جو شائق آهي". مون هن جي ڳالهہ کي وچ ۾ روڪي چيو، "توهين پلي اهڙا صاف ۽ سُترا ٿيو، جهڙا اوهان ٿيڻ چاهيو، ۽ آءٌ اوهان کي ان لاءِ وڌيڪ پيار ڪندس. پر هي سڀ ڪجهہ صفائي نہ آهي، مگر بيهودي نمائش آهي. هي چُـٽيون، گلابي رنگ جي لالائي ۽ نقاب اسان کي پاڙي وارن جي زالن وٽ متنفر ڪندا". مون وڌيڪ سنجيدگيءَ سان چيو، "منهنجا ٻچا، اهي چوغا ڪنهن سني اگهہ واريءَ شيءِ ۾ تبديل ڪيا وڃن، ڇاڪاڻ تہ اسان جي فضيلت وارا طريقا طلبيندڙ آهيون، انهن وٽ اهي بلڪل اڻ سونهندڙ آهن. آءٌ نٿو سمجهان، تہ ڪپڙن تي اهڙيون جهالرون ۽ نـٺُ ناهہ ڪو شاهوڪارن ۾ بہ سُهائيندڙ آهي. جيڪڏهن اسين ويچار ڪريون، تہ تلهي ليکي بہ هنن خود نمائيءَ جي پَـٽيـڻ سان دنيا جي غريبن جي اوگهڙ ڍڪجي سگهي ٿي.

هيءُ اعتراض حقيقي رنگ ۾ اثرائتو ٿيو. هو گهڻيءَ جميعت سان يڪدم پنهنجي لباس کي بدلائڻ ويون ۽ ٻئي ڏينهن مون ڏٺو، تہ منهنجون ڌيئرون پنهنجي دامنين کي ٻنهي ننڍڙن ٻارن "ڊِڪ" ۽ "بل" جي لاءِ آچر جي ڏينهن پائڻ وارن واسڪوٽين ناهڻ ۾ مشغول هيون، ۽ اجا بہ جا ڳالهہ تسلي بخش هئي، سا اها، تہ هن چند چاڻ بعد سندن چوغا وڌيڪ وٽندڙ ڏسڻ ۾ آيا.

# باب پنجون

## هڪ نئين واقفيت، اميدون هميشہ برصواب نٿيون ٿين

گهر کان ٿورو پري منهنجي اڳئين جاءِ نشين هڪ اوطاق ها ٿارن [1] ۽ هَنــيِ سَڪِـل [2] نالي انگريزي ولَـينَ سان ڍڪيل نهرائي هئي. جڏهن موسم عمدي هوندي هئي ۽ اسان جو پورهيو جلد پورو ٿيندو هو، تڏهن اسين اتي بدستور گڏجي شام جي سناٽي ۾ هڪ وسيع نظاري مان حظ حاصل ڪرڻ ويهندا هئاسون. اتي اسين چانهن پڻ پيئندا هئاسون، يا وقتي طرح ماني کائڻ جي محفل پڻ ٿي پوندي هئي. جيئن تہ اهڙي مجلس ڪڏهن ڪـڏهن ٿيـندي هئي، انهيءَ ڪري تيـارين جي چڱي خاصي گوڙ گهمسان سبب، اها هڪ نئين خوشي ڦهلائي ڇڏيندي هئي. انهن موقعن تي اسان جا ٻہ ننڍڙا ٻار اسان جي مانيءَ کائڻ وقت ويهي ڳائيندا هئا، ۽ اسان جي مانيءَ ختم ڪرڻ کان پوءِ ڪين باقاعدي ڪارايو ويندو هو. ڪن وقتن تي پنهنجي وندر ۾ ڦير گهير ڪرڻ لاءِ ڇوڪريون سِتار تي ڳائينديون هيون. اهي جيستائين ننڍڙي راڳ جي مجلس تيار ڪنديون هيون، تيستائين منهنجي زال ۽ آئون هيٺ "بـلو بيـل" ۽ "سينٽاري [3]" نالي گلن سان سينگاريل سلاميءَ واري بنيءَ ۾ گهمڻ ڦرڻ ويندا هئاسون. اتي اسين بيحد خوشيءَ سان پنهنجي ٻارن بابت ڳالهائيندا، ۽ ان هير جو مزو ماڻيندا هئاسـون، جا تندرستي ۽ سڪون ٻنهي سان آڻيندي هئي.

هن نموني گذارڻ سان اسان ائين معلوم ڪرڻ شروع ڪيو، تہ زندگيءَ جو هرڪو درجو پنهنجيون خاص خوشيون ڏئي ٿو. هرڪو صبح اسان کي محنت جي وري ڪرڻ لاءِ جاڳائيندو هو، پر هر شام اسان کي ان جو عيوضو ڪل ۽ خوشيءَ ۾ ڏيندي هئي.

اها اجا بهار جي شروعات هئي، هڪ موڪل جي ڏينهن، جيئن تہ آءٌ اهڙن ڏينهن کي پورهئي کان آزاديءَ جا لمحا ڪري سمجهندو هوس، انهيءَ ڪري پنهنجي سڄي ڪٽنب کي پنهنجي مٿئين بيان ڪيل دستوري وندر جي جڳهہ

---

[1] ها ٿارن:- هڪ ڪنڊن واري ول آهي جنهن ۾ عجيب قسم جا گل ٿيندا آهن. هن قسم جون وليون انگلنڊ ۾ عام جام آهن.

[2] هني سڪل: هي بہ هڪ ٻوٽو آهي جو انگلينڊ ۾ جام ٿيندو آهي.

[3] بلو بيل، ۽ سينٽاري: هي ٻئي جهنگلي ٻوٽا آهن جن ۾ سهڻا ۽ وڻندڙ گل ٿيندا آهن.

تي وني ويو هوس، ۽ اسان جي موسيقارن پنهنجي راڳ جي مجلس شروع ڪئي هئي. جيئن اسين راڳ ٻڌڻ ۾ مشغول هئاسين، تيئن اسان هڪ هرڻ، پنهنجي ويهڻ واريءَ جاءِ ڪان اٽڪل ويهن قدمن اندر تڪڙو لانگهائو ٿيندو ڏٺو. سندس سهڪڻ مان ائين ٿي معلوم ٿيو، تہ ڪيس شڪارين تمام گهڻو تنگ ڪيو هو. اسان کي ان غريب جانور جي مصيبت تي ويچار ڪرڻ لاءِ اجا گهڻو وقت ئي نہ مليو هو، تہ اسان ڪتن ۽ گهوڙي سوارن کي پويان ڪجهہ مفاصلي تي تمام گهٽي چوهہ ۾ ساڳيو رستو وٺي لانگهائو ٿيندو ڏٺو. مون يڪدم پنهنجي ڪٽنب کي موٽائي گهر وٺي هلڻ جو ارادو ڪيو. مگر منهنجي زال ۽ ڌيئرون هُرڪُرِ، يا عجب، يا ڪنهن ٻِجهي مقصد سبب ويٺيون رهيون. شڪاري، جو سيني جي اڳيان هو، سو پاڻ جهڙن ڇئن يا پنجن ماڻهن سان تڪڙو اسان جي اڳيان لنگهي ويو. ان ڪان پوءِ هڪ اميراڻيءَ شڪل وارو نوجوان اڳتي وڌي آيو، ۽ ڪجهہ وقت اسان بنسبت ويچار ڪرڻ ڪان پوءِ، شڪار جي پويان پوڻ بدران بيهي رهيو. هن پنهنجي هڪ حاضريءَ واري نوڪر کي پنهنجو گهوڙو ڏنو، ۽ بي پرواهيءَ ۽ شاناڻتي نموني سان اسان ڏانهن وڌي آيو. ڪيس تعارف جي ڪابہ گهرج نہ رڪندڙ ڏٺو ويو. هن اهڙي نموني منهنجي ڌيئرن کي سلام ڪيو جو ڄڻ تہ ڪيس مهربانيءَ واري استقبال جي خاطري هئي، پر منهنجون ڌيئرون اڳيئي شڪل مان انومان ڪيڻ جو سبق سکيل هيون. جنهن تي هن اسان کي ٻڌايو تہ، سندس نالو "ٿارنهل" هو ۽ جيڪا زمين اسان جي چوڌاري پکڙيل هئي، تنهن جو هو مالڪ هو. هن وري پيهر ڪٽنب جي زناني عالم کي سلام ڪيو، ۽ دولت ۽ عمدن ڪپڙن کي اهڙو تہ زور ٿيو جو سندس سلام جو انڪار نہ ڪيو ويو. سندس خطاب بي باڪ ۽ تحسين بخش هو، تنهنڪري اسان وڌيڪ گهرا ٿياسون. موسيقيءَ جا ساز قريب پيل ڏسي هن هڪ راڳ سان لطف اندوز ٿيڻ لاءِ عرض ڪيو. آءٌ اهڙيءَ نامناسبت واريءَ واقفيت کي پسند نہ ڪندو هوس، ۽ مون پنهنجي ڌيئرن کي ائين نہ ڪرڻ لاءِ اک جو اشارو ڪيو. مگر منهنجو اشارو منهنجي زال ڪان مليل اشاري سان رد ٿي ويو، ۽ ان جو نتيجو اهو نڪتو جو هنن تمام مسرت بخش آواز ۾ هڪ شاعر "ڊرائيڊن"[1] جو دلپسند راڳ ڳائي ٻڌايو. "مسٽر ٿارنهل" سندس ادائگيءَ ۽ پسند ڪان

[1] ڊرائيڊن: هيءُ انگليند جو هڪ نامور شاعر ٿي گذريو آهي.

تمام گهڻو خوش ڏسڻ ۾ آيو. هن پوءِ پاڻ سِتار ڪنئي. جيتوڻيڪ هن سِتار گهڻي لاپرواهيءَ سان وڄائي، تہ بہ منهنجيءَ وڏي ڏيءَ سندس اڳيئن ڏنل داد جي موٽ گهڻي چاهہ سان ڪئي، ۽ ڪيس خاطري ڏني، تہ سندس آواز مرڳو سندس استاد جي آواز کان بہ وڌيڪ بُلند هو. اهڙي داد تي هن ڪنڌ هيٺ نمايو، جنهن جي واپسي منهنجيءَ ڏيءُ گهڻي خاطر تواضع سان ڪئي. هن هُنَ جي پرک ڪي ساراهيو ۽ هن سندس سمجهہ جي واکاڻ ڪئي. ڪيترو بہ گهڻو عرصو ڪين ان کان وڌيڪ واقف بنائي نہ سگهي ها سندن ساده دل ماءُ پڻ پنهنجي زميندار جي اندر اچڻ ۾ شراب مان ذائقي وٺڻ تي اصرار ڪيو. ائين چئجي تہ سڄو ڪٽنب ڪيس خوش ڪرڻ ۾ سرگرم ڏٺو ويو. منهنجي ڌيئرن انهن مسئلن سان هن کي وندرائڻ جون ڪوششون ڪيون، جن کي پاڻ تمام جديد تي سمجهيائون ۽ منهنجي پُٽَ وري ان جي برعڪس ڪيس هڪ بہ سوال قديم مسائل مان ڏنا، جن لاءِ ڪيس کلڻ هاب تيٽو پيو. منهنجا ننڍڙا بار پڻ ان ڪم ۾ پوئتي نہ پيا ۽ تمام گهڻي چاهہ سان ان اجنبيءَ جي ويجهو چُهٽيا رهيا. سندس خراب هٿن کي زميندار جي ڪپڙن تي جا زري لڳل هئي، ان کي جهلڻ ۾ داغ ڪرڻ، ۽ جيڪي اندر هو ان جي ڏسڻ لاءِ ڪيسي جي ڦڙڪين کي ڇڪڻ کان روڪڻ لاءِ، سڀيئي منهنجون ورتل ڪوششون ناڪام ٿيون. شام ٿيڻ تي هن موڪلايو، مگر تيستائين نہ جيستائين هن وري بہ ملاقات کي تازي ڪرڻ لاءِ اجازت نہ گهري، جا جيئن تہ هو اسان جو زميندار هو، تنهنڪري اسان يڪدم قبول ڪئي.

اجا هو ٻاهر نڪتو ئي مس هو، تہ منهنجيءَ زال ان ڏينهن تي جيڪا سرگذشت ٿي هئي، ان بابت مجلس سڏائي. هوءَ انهيءَ راءِ جي هئي، تہ اهو هڪ سياڳو داءُ هو. هن نہ ٿيڻ جهڙيون ڪيتريون عجيب ڳالهيون سمجهيون هيون. هن وري بہ ان ڏينهن ڏسڻ جي اميد تي ڪئي، جڏهن اسين پنهنجا ڪنڌ انهن بهترين ماڻهن سان گڏ مٿي جهلي سگهياسون ٿي. هن صداءِ احتجاج بلند ڪندي چيو تہ، ڪيس ڪوبہ ڊپ ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿي آيو تہ ڇو بہ "رِنڪلر" جون ڪـڪـيون وڏن دولت مندن سان شاديون ڪن ۽ سندس ٻارن کي ڪوبہ لائق مڙس نہ ملي. جيئن تہ هيءُ پويون دليل مون ڏانهن خطاب ڪيل هو، تنهن ڪري مون اعتراف ڪيو تہ، ان لاءِ آءٌ پڻ ڪو سبب ڏسي ڪونہ ٿو سگهان.

نڪي ان لاءِ تہ چو "مسٽر سمڪنس" خوبصورتيءَ ۾ ڏهہ هزار پائونڊ انعام طور حاصل ڪيا، ۽ اسان نلهائي نلها رهجي وياسون. منهنجيءَ زال واڪو ڪري چيو، "چارلس" آءٌ دعويٰ سان ٿي چوان، تہ هن ئي نموني تون منهنجين ڌيئرن ۽ مون کي خوشيءَ وقت دل شڪستو ڪرين ٿو. "صوفيا" منهنجي پياري، مون کي ٻڌاءِ تہ تنهنجو اسان جي نئين ملاقاتي بابت ڪهڙو رايو آهي؟ ڇا تون نٿي سمجهين تہ هو تمام سني طبيعت وارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو؟" "امان، سچ پچ تہ گهڻي قدر ائين هو". صوفيا وراڻيو، "آءٌ سمجهان ٿي تہ هر شيءِ تي هن کي گهڻو ئي ڪجهہ چوڻو آهي، ۽ ڪڏهن بہ شڪست کائڻ وارو نہ آهي. حبئن ڪا شيءِ وڌيڪ خسيس تيئن هن کي وڌيڪ ڳالهائڻو آهي". "اوليويا" چيو، "هيءَ مرد تيڻ جي لائق آهي، مگر آءٌ ڪيس گهڻو پسند نٿي ڪريان. هي حد کان بي ادب ۽ گستاخ آهي، پر ستار تي ضرب رسائيندڙ آهي". هنن ٻنهي جوڙين جيڪي ڪجهہ چيو، تنهن جي مون ابتڙ تشريح ڪئي. مون معلوم ڪيو تہ صوفيا اندروني طرح هُن کي ايترو ئي ڌڪاريو ٿي، جيترو ٻُجهيءَ طرح اوليويا ڪيس پسند ٿي ڪيو. مون چيو، "منهنجا ٻچا، هن بابت اوهان جا ڪٿي ڪهڙا بہ رايا هجن، مگر حق جي ڳالهہ اها آهي، تہ هن مون کي سندس فائدي ۾ پاڻ ڏانهن راغب نہ ڪيو آهي. نامناسبت واريون دوستيون هميشہ نفرت ۾ ختم ٿين ٿيون. هن جي ايتري نرم مزاجيءَ جي باوجود مون سمجهيو، تہ هو اسان جي وچ ۾ جيڪو ويٺو آهي، ان کان پوريءَ طرح واقف آهي. مون کين چيو، اڇو تہ پاڻ کي ساڳئي درجي وارن ماڻهن سان رفاقت ۾ رکون. ڪوبہ شخص ان ماڻهوءَ کان وڌيڪ حقارت جوڳو نہ آهي، جيڪو دولت جي ڳولا ۾ آهي، ۽ مون کي ڪوبہ اهڙو سبب ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچي، تہ چو نہ دولت ڳوليندڙ عورتون بہ ڌڪار جوڳيون هئڻ گهرجن. اهڙيءَ طرح جيڪڏهين سندس خيال شريفاڻا آهن، تہ اسين نفرت جوڳا ٿينداسون. مگر جيڪڏهن اهي ٻئي نموني هجن تہ پوءِ.....! مگر مون کي ان تي ويچار ڪرڻ کان بہ ڪنبڻ گهرجي. ائين صحيح آهي، تہ مون کي پنهنجن ٻارن جي هلت مان ڪوبہ خطرو نہ آهي، مگر مون کي هُن جي اخلاق مان گهڻو انديشو آهي". آءٌ ڪجهہ وڌيڪ چوان ها، مگر زميندار کان آيل نوڪر رڪاوٽ جو سبب بنيو. هن پنهنجي سلامن سان گڏ اسان کي شڪار جو هڪ حصو بہ موڪليو هو، ۽ انجام ڪيو

هو تہ ڪجھہ ڏينهن ڪان پوءِ هو اسان وٽ ماني ڪائيندو. جيڪي ڪجھہ مون کي زميندار کي دفع ڪرڻ لاءِ چوڻو هو، ان ڪان وڌيڪ سندس پوري وقت تي موڪليل سوغات سندس فائدي ۾ تمام زور سان وڪالت ڪئي، انهيءَ ڪري پنهنجي ڏيٿرن کي ايندڙ خوف ڪان آگاهہ ڪرڻ ۽ ان جي دور ڪرڻ جو ڪم سندن ئي اختياريءَ ۾ ڇڏڻ تي راضي ٿي، صبر ۾ رهڻ جاري رکيم. 'اهو اخلاق جو هميشہ سنڀال جي ضرورت رکي ٿو، سو ڪڏهن بہ ڪنهن سنڀاليندڙ جي قيمت لائق نہ آهي'.

*

## باب ڇهون

# ڀراڙيءَ جي خوشي

جيئن تہ اسان اڳيون تڪرار پٽي ڪيو، تيئن انهن معاملن کي وڌيڪ موافق بنائڻ لاءِ اهو قبول ڪيو ويو، تہ اسان کي انهيءَ شڪار جو ڪجهہ حصو رات جي ماني طور واپرائڻ گهرجي. ڇوڪرين اهو ڪم پاڻ تي کنيو. مون چيو، "مون کي ارمان آهي، تہ اسان جي هن عمديءَ دعوت ۾ ڀائيوار ٿيڻ لاءِ اسان وٽ ڪوبہ پاڙيسري يا اجنبي ماڻهو نہ آهي. هن نموني جون دعوتون مهمان نوازيءَ مان ٻٽو مزو حاصل ڪن ٿيون". منهنجيءَ زال چيو، "مون کي دعا ڪر، اجهو اسان جو دوست "مسٽر برچل" جنهن اسان جي "صوفيا" کي ٻڏڻ کان بچايو، ۽ توکي بحث ۾ گهٽي قدر ڪُٽايو، اچي پيو". مون چيو، "مون کي مناظري ۾ ڪوڙو ڪيائين! منهنجي پياري تون ان ۾ غلطي تي ڪرين. مون کي يقين آهي تہ ڪي تمام جزوي ماڻهو هوندا جي ائين ڪري سگهن ٿا. آءٌ ڪڏهن بہ تنهنجي شراب تيار ڪرڻ جي قابليتن بابت تڪرار ڪونہ ڪو ڪريان، ۽ عرض ٿو ڪريان تہ توهين پڻ بحث کي مون تي ڇڏي ڏيو". جيئن مون ڳالهايو، تيئن "مسٽر برچل" گهر ۾ گهڙيو. ۽ سڀني ڪٽنب ان جو آدرڀاءُ ڪيو. هنن کيس هٿ ڏيئي کيڪاريو، مگر "ڊِڪَ" اڳرائي ڪري هن کي ڪرسي ڏني.

آءٌ هن غريب ماڻهوءَ جي دوستيءَ کان ٻن سببن ڪري راضي هوس. هڪ تہ مون کي خبر هئي، تہ هن کي منهنجي دوستيءَ جي ضرورت هئي ۽ ٻيو تہ مون سمجهيو ٿي، تہ جيتري قدر ڪانئس ٿي سگهيو ٿي، اوتري قدر هو اسان سا دوستاڻي سلوڪ ۾ هو. هو اسان جي پاڙي ۾ "غريب سڪر ماڻهو" جي نالي سان ڪوٺيو ويندو هو. هن جوانيءَ ۾ ڪوبہ پاڻ لاءِ چڱو ڪم نہ ڪيو هو. جيتوڻيڪ هو اجا ٽيهن ورهين جو مس هو. هو ڪن وقتن تي نهايت عقل سليم سان ڳالهائيندو هو، مگر گهڻو ڪري ٻارن جي ڪچهريءَ جو شوقين هوندو هو، ۽ کين "ننڍڙا ماڻهو" ڪوٺيندو هو. مون کي معلوم ٿيو، تہ هو ٻارن کي راڳ ڳائي ٻڌائڻ لاءِ مشهور هو، ۽ هميشہ کانہ ڪا شيءِ، جنجر ڪيڪ جا ٽڪرا يا

هڪ پيني جي توتاري پنهنجي ڪيسي ۾ ڪٽي وجڻ کان سواءِ ٻاهر نہ نڪرندو هو. هو گهٽو ڪري ساليانو هڪ دفعو ڪجهہ ڏينهن لاءِ اسان جي پاڙي ۾ ايندو هو. ۽ پاڙي وارن جي مهمانداريءَ تي گذاريندو هو. هو اسان سان گڏ رات جي مانيءَ تي وينو ۽ منهنجيءَ زال کيس خارتوتي شراب پيارڻ ۾ ڪابہ ڪسر نہ ڇڏي. ڳالهہ ڇوڏاري پڪڙجي ويئي. هن اسان کي جهونا راڳ ٻڌايا ۽ ٻارڙن کي صابر جراسيل [1] جي تاريخ، بيورلَئنڊ جي هرڻ جي آکاڻي، ڪَئنِٽسڪَن جا حيرت انگيز ڪارناما، ۽ سوپياوان روزامنڊ [2] جي خلوت گاهہ جي آکاڻي ٻڌائي. اسان جو ڪڪڙ، جو هميشہ يارهين ٻجي ٻانگ ڏيندو هو، تنهن هاڻي اسان کي اطلاع ڏنو تہ اهو آرام ڪرڻ جو وقت هو. اوچتو "برچل" جي سمهڻ جي جاءِ بنسبت تڪليف پيدا ٿي. اسان جا جملي بسترا اڳيئي وڇيا پيا هئا، ۽ ايتري تہ دير ٿي ويئي هئي، جو کيس پر واريءَ سراءِ ۾ موڪلي نٿي سگهياسون. هن مشڪلات جي وقت "ڊِڪ" کيس پنهنجي بستري جو حصو آڇيو، بشرطيڪ هن جو ڀاءُ "موزز" کيس پاڻ سان گڏ سمهڻ ڏيندو. "بل" دانهن ڪري چيو، "جيڪڏهن منهنجيون پينرون مون کي پاڻ سان گڏ سمهاريندين تہ آءٌ "مسٽر برچل" کي پنهنجو بسترو ڏيندس. مون چيو، "شاباس منهنجا ٻالڪ! مهمانداري عيسائن جي اولين فرضن مان هڪ فرض آهي. حيوان پنهنجي اجهي ۾ پناهہ وٺي ٿو، ۽ پکي پنهنجي آکيري ڏي اڏامي وڃي ٿو، مگر محتاج انسان صرف پاڻ جهڙي مخلوق کان ئي پناهہ حاصل ڪري ٿو. مون پنهنجيءَ زال کي چيو، "ڊيبورا! هنن ٻارن مان هر هڪ کي هڪ لپ کنڊ جي ڏي، ۽ پلي تہ "ڊِڪ" جي لَپَ وڏي ۾ وڏي هجي، ڇاڪاڻ تہ هن پهريائين ڳالهايو آهي".

---

[1] صابر جراسيل: چاسر جي ڪئنٽربري ٽيلس (Chaucer's Centerbury Tales) مان هڪ آکاڻي ڪلرڪس ٽيل (The Clerk's Tale) ۾ هينئنءَ طرح احوال اچي ٿو. هيءَ هڪ ٻهراڙيءَ جي ڇوڪري آٿي جا مارڪئس آف سليوسز (Marquis of Seluees) سان شادي ڪري ٿي. سندس مڙس هن کان ٻار کسي وٺي ٿو ۽ کيس مفلسيءَ جي اوڙاهہ ۾ ڦٽو ڪري ٿو ۽ کيس حڪم ڪري ٿو تہ هو ٻيءَ شاديءَ ڪرڻ ۾ مدد ڪري. هي عورت سيڪجهہ صبر سان سهي ٿي ۽ ڪنهن بہ قسم جي دانهن نٿي ڪري. هن نالي سان هڪ ڪتاب بہ لکيل آهي، جو "چيٽل ۽ ڊيڪر" Chettle and Dekher 1606ع ۾ ڇپايو.

[2] سوپياوان روزامنڊ: (وفات 1176ع) والٽر - ڊي - ڪئليفورڊ (Walter - de- califord) جي ڌيءُ هئي. چيو وڃي ٿو، تہ سن 1174ع ۾ هيءَ هينري ٻئي جي سريت هئي ۽ راڻي ايلينز (Queen Eleans) کيس زهر پيئاري مارايو. سندس موت جي حڪايت انگريزي شاعرن جدا جدا نظمن ۾ بيان ڪئي آهي.

صبح جو سويل مون پنهنجي ڪٽنب ڪي پاڇاتي گاهہ جي اويڙ ڪان چوٽڪاري حاصل ڪرڻ جي ڪم ۾ مدد ڪرڻ لاءِ سڏيو ۽ برچل جي آچ ڪرڻ تي ڪيس ڪم ۾ لڳايو ويو. اسان جي محنت بي توجهيءَ سان پئي هلي، ۽ اسان ڏانتي سان لـُٽيل گاهہ جو رخ هوا ڏانهن قيرايو. آءٌ سيني ڪان اڳ ويس ۽ بين واري وتيءَ سان منهنجي پٺ ورتي. ”مسٽر برچل“ جيڪا منهنجي ڌيءُ ڪي مدد ڪئي، اها آءٌ آسانيءَ سان ڏسي سگهيس تي. پنهنجي ڪم پوري ڪرڻ ڪان پوءِ هو منهنجي ڌيءُ جي ڪم ۾ شامل تي ويو، ۽ ان سان گفتگو ۾ مشغول تي ويو. مگر مون ڪي ”صوفيا“ جي سمجهہ بابت اهڙو تہ سنو رايو هو ۽ سندس دلي طلب ڪان ايترو تہ مطمئن هوس، جو هن ڪريل بخت واري ماڻهوءَ ڪان ڪابہ بي چيني محسوس ڪري نہ سگهيس. جڏهن اسان ڏينهن جو ڪم ختم ڪيو، تڏهن ”مسٽر برچل“ ڪي اڳئين رات وانگر مدعو ڪيوسون، مگر جيئن تہ هن ڪي هڪ پاڙيسريءَ جي گهر ۾ رهڻو هو، جنهن جي ٻار لاءِ هو توتاري ڪٿي آيو هو، تنهنڪري هن انڪار ڪيو. جڏهن ويو تڏهن رات جي مانيءَ تي اسان سندس بابت گفتگو ڪئي. مون چيو، ”هيءُ غريب ماڻهو انهن پريشانين جو هڪ مثال آهي، جيڪي هڪ هلڪائي واري نوجوان ڪي حصي ۾ مليل آهن. هيءُ ڪنهن بہ نموني شعور جو گهرجائو نہ آهي، جو صرف سندس اڳئينءَ غلطيءَ ڪي وڏيڪ سنگين ڪرڻ جو ڪم ڪري ٿو. هيءَ هڪ غريب ڏتڙيل مخلوق آهي. ڪٿي آهن هاڻي اهي عيش عشرت ۾ ساٿي تيندڙ، چاپلوسي ڪندڙ، جن ڪي هي ڪنهن وقت همٿائي ۽ حڪم هيٺ رکي سگهيو تي! اهي هن جي فضول خرچيءَ مان شاهوڪار تي، شايد بدڪاريءَ جي اڏن جي مجيرين وٽ ڏنُ ڏيڻ ويا آهن. اهي ڪڏهن هن جي تعريف ڪندا هئا، مگر هاڻي ذوتن جي تعريف ڪن تا. هنن جون اڳيون خوشيون سندس ظرافت باعث هيون، سي هاڻي هن جي بي عقليءَ ڪري طعني ۾ تبديل تي يون آهن. هيءَ غريب آهي، ۽ شايد غربت جو لائق بہ، چو تہ نڪي هن ڪي پاڻ تي ڀاڙڻ جي تمنا آهي ۽ نڪي ڪارائتي تيڻ جو هنر اٿس“. شايد ڪن ڳجهن سببن جي روح افزائيءَ ڪري، مون هي پنهنجا تاثرات تمام تيزيءَ سان (بين تائين) پهچايا. منهنجي ڌيءَ ”صوفيا“ نرميءَ سان چيو، ”بابا، هن جي اڳئين هلت کهڙي بہ هجي، مگر سندس موجوده حالات ڪي گهرجي تہ اهي هاڻي ڪيس

ڪنهن بہ ملامت ڪان بَــري ڪـن. هـن جي هاٹوڪي تنگدسـتي سـندس اڳئيـنءَ غلطيءَ جي ڪافي سزا آهي، ۽ مون پنهنجي پيءُ کي خود چونـدو بڌو آهـي، تـہ اسان ان مظلوم کي غير ضروري ضرب نہ رسايون. جنهن تي الله تعاليٰ پنهنجـي ناراضگي ظاهري ڪري چڪو آهي". منهنجي پٽ "مـوزز" چيـو. "صوفـي"! تـون صحيح آهين. جهونين آڪاٹين مان هڪ ۾ ان ٻهراڙيءَ واري ماٹهوءَ بابت احـوال ڏنل آهي. جنهن "مرسياس [1]" جي جيٹري کل لاٿي هئي. اها آڪـاٹي اسـان کـي ٻڌائي ٿي. تہ انهيءَ جي کـل وري ٻئي جي هٿـان ٽڪـرا ٽڪـرا ٿـي لٿـي. آءٌ نٿـو سمجهان تہ هن غريب ماٹهوءَ جو درجو اهڙو ڪـو ڪريـل آهـي، جهـڙو اسان جـو پيءُ ان کـي پيـش ڪـري ٿـو. اسين ٻيـن مـاٹهن جي احسـاس جـو فيصلـو انهـن احساسـن سـان ڪـري نٿـا سـگهون. جيڪـي هونـد اسـان محسـوس ڪريـون. جيڪڏهن هنن جي حالت ۾ هجون. ڪاري انڌي ڪُـئي جي رهڻ جـي جاءِ اسـان کي ڪيتري بہ ڪٽي اونداهي نظر اچي، تـہ بـہ ان جانور کي اها ڪونـي ڪـافي روشن ڏسڻ ۾ اچي ٿي. حق جي ڳالهہ اها آهي، تـہ هـن مـاٹهوءَ جي دل سـندس درجي سان پوريءَ طرح نهڪي اچي ٿـي. چاڪـاڻ تـہ اڄ جنهـن وقـت هـن توسـان گفتگو پئي ڪئي، ان وقت هو اهڙو تہ خوش ڏسڻ ۾ ٿي آيو. جنهـن جهـڙو مـون ڪنهن بہ ماٹهوءَ کي ڪڏهن ڪونہ ڏٺو". جيتوٹيڪ "مـوزز" متئيـن ڳالهـہ سـواءِ ڪنهن مقصد جي ڪئي، تـہ بـہ انهيءَ صوفيا جي حياءَ کي پڙڪـايو. جنهـن حيـاءَ کي مصنوعي کـل سـان ڍڪـڻ لاءِ هـن ڪوشـش ڪـئي. هـن خـاطري ڏنـي تـہ هـن جيڪي بہ کيس چيو هو، ان ڏانهن پاڻ ورلي ڪـو توجهہ ڏنـو هـئائين. هن اهو پڻ قبول ڪيو تـہ کيس يقين هو، تـہ هو ڪنهن وقت هڪ بـاوقـار شـريف مـاٹهو هـو. جنهن ڦـڙتائيءَ سان "صوفيا" پاڻ کي بي ڏوهي نهرائـڻ جي ڪوشـش ڪـئي، ۽ جيڪي سندس شرمساريءَ جون علامتون هيون، تن کي مون اندرونيءَ طرح پسند نـہ ڪيو. مگر پنهنجن شڪن کي دٻائي ڇڏيم. جيئن تہ اسان کي اميد هئي، تــہ زميـندار ٻئي ڏينهـن تـي اسـان وٽ اينـدو. تنهنڪـري منهنجـي زال شـڪـار واري گوشت جو سَـنبوسو تيـار ڪـرڻ ويئي. ان وقـت "موزز" پڙهـڻ وينـو ۽ مـان ننـڍن

---

[1] مرسياس: يوناني ڏند ڪٿائن ۾ چيو وڃي ٿو، تہ مرسياس هڪ مشهور بانسري وڄائيندڙ هو. جنهن اپالو (Apollo) کي موسيقيءَ ۾ چئلينج ڏنو. ٻنهي جي وچ ۾ چٽا ڀيٽي ٿي، جنهن ۾ اپالو ڪامياب ٿيو ۽ مرسياس جي جيٹري کل لهرائي ڇڏيائين.

بارن کي سيکارڻ وينس. منهنجون ڏيٺرون پڻ بين وانگر مشغول ڏنيون ويون. هنن ڪافي وقت لاءِ باهه تي ڪا شيءِ پي پچائي. مون پهريائين سمجهيو تہ انهن پنهنجيءَ ماءُ کي مدد پئي ڪئي، پر ننڍڙي "ڊِڪِ" مون کي آهستي ٻڌايو، تہ اهي مُنهن ڌوئڻ جو ڌوپُ ٺاهي رهيون هيون. سيني قسمن جي ڌوڻن لاءِ مون کي فطري طرح نفرت هوندي هئي، ڇاڪاڻ تہ آءٌ سمجهندو هوس، تہ اهي چهري کي سنوارڻ جي عيوض ان کي بگاڙين ٿا. مون پنهنجي ڪرسيءَ کي مخفي طرح آهستي آهستي باهہ ڏانهن ويجهو ڪيو، ۽ باهہ چورڻ واري سيخ کڻئي ۽ بظاهر اتفاقاً سڄي ڌوپَ کي اونڌو ڪري ڇڏيم، ۽ ايتري دير تي ويئي هئي جو ٻيو تيار ٿي نٿي سگهيو.

*

## باب ستون

# هڪ شهري مذاق

اهو آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو، تہ جنهن ڏينهن اسان ڪي پنهنجي نوجوان زميندار جي مهماني ڪرڻي هئي، تڏهن پاڻ ڪي ڪنڌ ڪٽڻ جهڙو ڪرڻ لاءِ ان تي ڪيترو سيڌو ڪپائڻو پيو. ۽ منهنجي زال ۽ ڌيئرن انهيءَ موقعي تي پنهنجي بهترين نمائشي زرق بـرق واري لباس جي ڪيتري نمـائش ڪئـي. "مسٽر ٿارنهل" پنهنجن ٻن رفيقن سان آيو، جن مان هڪ سندس پادري هو، ۽ ٻيو سندس ماني ڪارائيندڙ. ساڻس ٻيا جيڪي بيشمار نوڪر هئا، تـن کي هن مهذب طريقـي بـئـي ڪـلال خـاني ڏانهـن روانـو ڪـيـو. ليڪـن منهنجـيءَ زال پنهنجيءَ فـراخ دليءَ ڪـري، انهـن سيني کي مهمـاني ڪرڻ تـي اصرار ڪيـو، جنهـن ڪـري اسـان جي ڪـٽنب پويان تـي هفتـا تڪليـف ۾ گذاريـو. جيئـن تـہ "مسٽر برچل" اڳئين ڏينهن تـي اسـان سـان اشارتاً ظاهر ڪـيـو هـو، تـہ زميندار "ٿارنهل" "جارج" جي اڳئين محبوبہ "مس ولمات" کي شاديءَ جون درخواستون ڪري رهيو هو، تنهنڪري ان احوال سندس استقبال جي خلوص کي گهڻي پـاڱي شڪستہ ڪري وڌو، پر هڪ اوچتي واقعي اسان جي پريشانيءَ کـي ڪجهہ قـدر گهٽايو. چاڪاڻ تہ سندس ساٿين مان هڪ مـاڻهوءَ جڏهن مس ولمـات جو نـالو زبان تي آندو، تڏهن "مسٽر ٿارنهل" قسم کڻي چيو، تـہ اهڙيءَ خوفـائتيءَ کـي حسين سڏڻ کـان وڌيـڪ واهيـات ٻـيءَ ڪنهـن بـہ ڳالهہ جي کيس اصل خبر نـہ هئي. هن سلسلـہ ڪـلام جاري رکندي چيو، "جيڪـڏهن آءٌ "سينٽ ڊنسٽن" جي ديول واري گهڙيال هينان رکيل بتيءَ جي معلومات سان پنهنجيءَ محبـوب جي چونڊ ۾ ايتري گهڻي خوشي حاصل نہ ڪريان، تہ پوءِ مون کي هڪ بداطوار لاءِ نشان ڪيو وڃي". ائين چئي هن ڪليو، ۽ اسان ٻڻ ڪلياسين، چو تہ شاهوڪارن جا چرچا هميشہ ڪامياب ٿيندا آهن. "اوليويا" پڻ ڪـافي بلند آواز سان پـُـڻِ پـُـڻِ ڪرڻ کان پاسو ڪري نہ سگهي، تہ "ٿارنهل" تمام خوش مزاج هو.

رات جي مانيءَ کان پوءِ مون ديول جي سلامتيءَ جي دستوري صحت جـام پيڻ جي شروعات ڪئي، جنهن لاءِ پادريءَ منهنجي شڪرگذاري ڪئي. هن چيـو تہ ديول ئي سندس اڪيلي محبوب هئي. زميندار پنهنجي دستوري عياريءَ سان

چيو، "جرمن نسل وارا اچ، سمجهہ تہ هڪ طرف تنهنجي موجوده محبوب ديول ريشمي چوغن ۾ ملبوس ٽيل ۽ ٻئي طرف "مس صوفيا" مذڪوره چوغن ڪان سواءِ بينل آهي، اسان کي ايمانداريءَ سان ٻڌاءِ، تہ تون ڪنهن کي پنهنجو ڪندين؟" "يقيناً ٻنهي کي"، پادريءَ واڪو ڪري چيو. زميندار وڏي آواز ۾ چيو، "نيڪ، چاڪاڻ تہ هڪ خوبصورت ڇوڪري سڄي ڪائنات ۾ پادريءَ جي شايان شان حڪمت عمليءَ جي قيمت رکي ٿي. جيڪڏهن ائين نہ هجي تہ پوءِ پلي هيءَ گلاس مون کي گهٽي وجهي، چاڪاڻ تہ هي ڏهون حصو ڏنُ ۽ حرفتون ڇا آهن؟ محض محصول، اها صرف پَڪي مڪاري آهي، ۽ آءٌ اهو ثابت ڪري سگهان ٿو"... منهنجي پٽ موزز چيو، "آءٌ چاهيان ٿو، تہ تون اهو ثابت ڪرين، ۽ آءٌ سمجهان ٿو، تہ مان توکي ان جو جواب ڏيئي سگهندس". زميندار چيو، "سائين تمام چڱو"، ۽ يڪدم هن ڏانهن غور سان نهارڻ شروع ڪيائين، ۽ اسان کي تماشي جي واسطي تيار ڪرڻ لاءِ اک جو اشارو ڪندي چيائين، "جيڪڏهن تون انهيءَ موضوع تي ٿڌي سيني سان بحث ڪرڻ جي فائدي ۾ آهين، تہ آءٌ تنهنجي للڪار قبول ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، پر پهريائين ٻڌاءِ تہ، تون پنهنجي بحث جي ترتيب منطقي طرح ڪندين يا غير منطقي طرح؟"

منهنجي پٽ مناظري جي اجازت تي خوش ٿي چيو، "آءٌ ان کي عقلي طور تي ترتيب ڏيڻ جي فائدي ۾ آهيان". "زياده چڱو" زميندار چيو، "پهريائين مون کي اميد آهي تہ تون ان کان ڪونہ نٽائيندين، تہ جيڪي آهي تنهن کي وجود آهي. جيڪڏهن تون اها ڳالهہ قبول نہ ڪندين، تہ آءٌ اڳتي نہ هلندس". "موزز" وراڻيو، "ڇو، منهنجو خيال آهي، تہ آءٌ اهو قبول ڪريان، ۽ ان مان بهترين فائدو حاصل ڪريان". زميندار جواب ڏنو، "آءٌ اُميد رکان ٿو، تہ تون اهو پڻ قبول ڪندين، تہ هڪ حصو سڄي کان گهٽ آهي". موزز جواب ڏنو، "آءٌ اهو پڻ قبول ڪريان ٿو. اهو ڇوڻ بلڪل صحيح ۽ مناسب آهي." زميندار چيو، "مون کي اميد آهي، تہ تون ان کان پڻ انڪاري نہ ٿيندين، تہ هڪ ٽڪنڊي جون ٽي ڪُندون ٻن گوني ڪُندن جي برابر آهن". ٻئي جواب ڏنو، ڪابہ ان کان وڌيڪ صحيح ۽ پڌري ڳالهہ ٿي نٿي سگهي، ۽ ڇوڏاري پنهنجي دستوري فوقيت سان نهاريائين. زميندار تڪڙو ڳالهائيندي چيو، "تمام چڱو، مقدمات جي ان نموني ۾ فيصل ٿيڻ تي، آءٌ هن ڇوڻ سان اڳتي وڌان ٿو، تہ شخصي وجود جو

هڪ ٻئي تي مدار رکندڙ شين جو سلسلو نقل واريءَ نسبت ۾ هوبهو وڏندي فطري طرح بحث مباحثي لائق گفتگو پيدا ڪري ٿو. جا ڪجهہ قدر ثابت ٿي ڪري تہ روحانيت جو جوهر "ارسطوءَ[1]" جي منطقي محمول[2] جي سپرد ڪيو وڃي". ٻئي چيو. "جهل جهل، آءٌ ان کان انڪاري آهيان. ڇا تون سمجهين ٿو تہ آءٌ ائين ڊرائيءَ سان اهڙن ٻي دينيءَ جي اصولن اڳيان جهڪندس"؟ زميندار جذبات ۾ اچي جواب ڏنو. "ڇا تون قبول نہ ڪندين! مون کي هڪ سنئين سڌي سوال جو جواب ڏئي، ڇا تون ارسطوءَ کي صحيح ٿو سمجهين، جڏهن هو چوي ٿو تہ سڀ رشتيدار پاڻ ۾ هڪ خاص نسبت رکندڙ آهن؟" "بيشڪ". ٻئي جواب ڏنو. زميندار چيو. "جيڪڏهن ائين، تہ پوءِ جيڪي آءٌ پيش ڪريان ٿو، ان جو سڌيءَ طرح جواب ڏي. جيڪڏهن تون منهنجي قياس استشنائيءَ واري نامڪمل نسبت جي طور تي يا بہ لحاظ مُنفي پهرئين جي تجزي جي طريقي واريءَ تحقيقات سان فيصلو ڪرين ٿو، تہ آءٌ چوان ٿو تہ. سڌيءَ طرح مون کي پنهنجا دليل ڏي. موزز چيو. "آءٌ اعتراض طور چوان ٿو تہ آءٌ توهان جي بحث جي معنيٰ پوريءَ طرح سمجهي نٿو سگهان، مگر جيڪڏهن ان کي ڪنهن سوليءَ ٻوليءَ ۾ ترتيب ڏنو وڃي، تہ آءٌ پانئيان ٿو. تہ پوءِ شايد ان جو جواب ڏيئي سگهان ٿو". زميندار چيو. "او سائين، آءٌ اوهان جو نماڻو خادم آهيان. آءٌ سمجهان ٿو تہ توهين چاهيو ٿا تہ آءٌ اوهان کي دليل ۽ فهم و فراست پهچايان. نہ، آءٌ دعويٰ سان ٿو چوان تہ توهين مون سان بحث ۾ تمام سخت آهيو". هن موثر طريقي ۾ غريب موزز جي مٿان ڪل کي اُپاريو، جو ٺي صرف خوش مزاج ڇهرن جي ٽوليءَ ۾ غم جو مجسمو بنيو وينو هو. هن سڄيءَ وندر جي عرصي ۾ هڪ بہ وڏيڪ پٽڪو نہ ڪڍيو.

---

[1] ارسطو (Aristotle): (384-322 ق.م) وڏو يوناني فيلسوف هو. اٿينس ۾ پلٽو (Plato) جي زير نظر تعليم حاصل ڪيائين. اتي ويهہ سال رهيو. جلد فلپ مقدونيا جي بادشاهہ کيس پنهنجي پٽ سڪندر جو استاد مقرر ڪيو. جڏهن سڪندر (335 ق.م) تخت تي وينو. تڏهن ارسطو اٿينس ڏانهن واپس آيو. اتي هن وڏن تعليمي ماهرن کي ڪيترا خطبا ڏنا، ۽ پنهنجي تصنيفن جو وڏو انداز جوڙيائين. هن جون نصنيفون جن جو ذهن تي تمام گهڻو اثر پوي ٿو اهي جدا جدا ڪيترن علمن تي آهن. منطق، اخلاق، علم نفسيات، نظم، علم طبعي، علم حيوانات ۽ علم انشا. هن جون نهايت ئي اعليٰ تصنيفون علم اخلاق ۽ سياست تي آهن. جيتوڻيڪ سندس سياست جي عمل جو دائرو صرف شهري حڪومت تائين محدود آهي.

[2] يوناني منطق ۾ محمولات (Predicables) جي سلسلي ۾ ارسطوءَ (384-322 ق.م) کان اڳ محض محمول اول رواج ۾ هو، ۽ ٻيو نمبر محمول ثانيہ دليل کي ڇنو ڪرڻ لاءِ ارسطوءَ رواج ۾ آندو.

ويچاري تو، پر ان لاءِ ڏوهي نهرائيندو جيڪي هو ڪري ٿو. هر ڪنهن ماڻهوءَ کي دل ۾ هزارين خيال پيدا ٿين ٿا، جي سندس دٻاءَ جي طاقت نـ هئڻ سبب اُپرن ٿا. دين بابت آزاديءَ سان خيال ڪرڻ، هن سڪر ماڻهوءَ لاءِ شايد بغير ڪنهن خواهش جي هجي، انهيءَ ڪري جيڪڏهن ڪٿي هنجي جذبن جو غلط هئڻ قبول ڪجي، تہ بہ جيئن تہ هي انهن کي دٻائي ڇڏڻ کان مجبور آهي، انهيءَ ڪري هو انهيءَ شهر جي گورنر کان وڌيڪ مياري نـ آهي، جنهن شهر کي بچاءَ جون ديوارون نہ آهن ۽ گورنر دشمن کي اجهي ڏيڻ لاءِ مجبور ٿي پوي ٿو.

مون چيو، "منهنجا پٽ، سچ، پر جيڪڏهن گورنر دشمن کي اتي مدعو ڪري، تہ پوءِ انصاف جي تقاضائن مطابق قصور وار آهي، ۽ اهائي حالت هميشه انهن ماڻهن جي آهي، جيڪي غلطيءَ کي اختيار ڪن ٿا. جيڪي ثابتيون، هو ڏسن ٿا، انهن کي قبول ڪرڻ ۾ خرابي نہ آهي، مگر جيڪي ثبوت سندن اڳيان پيش ٿين ٿا. انهن مان گهڻن ڏانهن غور چشميءَ ۾ آهي. انهيءَ لاءِ جيتوڻيڪ اسان جا غلطين وارا رايا جڏهن جڙن ٿا تڏهن ڪٿي غير ارادي هجن، تہ بہ جيئن تہ اسين عمداً خراب ٿي پيا آهيون، يا انهن جي بنائڻ ۾ تمام بي توجهہ ٿيا آهيون، تہ پوءِ پنهنجي بچڙاين سبب اسين سزا يا پنهنجي چُڪن سبب حقارت لائق آهيون".

منهنجيءَ زال هاڻي پنهنجي گفتگو شروع ڪئي، حالانڪ ان لاءِ ڪيس ڪوبہ موزون دليل نہ هو. هن چيو، "اسان جي واقفيت وارن ماڻهن مان ڪيترا ماڻهو آزاد خيال رکندڙ هئا، تہ بہ اهي چڱا خاوند ٿي پيا، ۽ مون کي ڪن سمجهدار ڇوڪرين جي خبر آهي، جن پنهنجن مڙسن کي ديني ڳالهين ۾ ڦيرايو، ۽ منهنجا پيارا ڪنهن کي خبر، تہ اسان جي "اوليويا" ڇا ڪري سگهندي". هن پنهنجي ڪلام جو سلسلو جاري رکندي چيو، "ڇوڪريءَ کي گهڻو مواد هرڪنهن موضوع تي ڇوڻ لاءِ آهي. ۽ منهنجي ڄاڻ موجب هوءَ مڪيہ نازڪ مذهبي مباحثن ۾ تمام قابل آهي".

مون واڪو ڪري چيو، "ڇو، منهنجي پياري! هوءَ ڪهڙي مباحثو جو مطالعو ڪري سگهندي؟ مون کي ڪڏهن بہ ياد نٿو اچي، تہ مون ڪو اهڙا ڪتاب هن جي هٿن ۾ ڏنا. تون سچ پچ، تہ هن جي لياقت جو وڌيڪ اندازو لڳائين ٿي. "اوليويا" جواب ڏنو، "بابا سائين، سچ پچ، تہ هوءَ منهنجي بنسبت

وڏيڪ اندازو نٿي لڳائي. مون مباحثن جو ڪافي مواد مطالعو ڪيو آهي. مون ”تواڪم ۽ شڪائر“[1] ۽ ”رابنسن ڪروزو جهنگلي فرائيڊي“[2] جي مباحثن جو احوال پڙهيو آهي، ۽ مان هاڻي ديني شادين جي آغازي محبت[3] جي مطالعي ۾ مصروف آهيان“. مون واڪو ڪري چيو، ”تمام چڱو، تون سڀني چوڪري آهين. مان سمجهان ٿو ته تون مڙسن جي فطرت کي ڦيرائڻ جي اهل آهين، پر هاڻي وڃي پنهنجيءَ ماءُ کي شراب ناهڻ ۾ مدد ڪر.

*

[1] تواڪم ۽ شڪائر: فيلڊنگ جي ناول تام جونس (Tom jonus) جا ٻہ اداڪار آهن، جي پاڻ ۾ جدا جدا مسئلن تي دليل دلائل ڪن ٿا.

[2] رابنسن ڪروزو ۽ فرائيڊي: هڪ ناول رابنسن ڪروزو نالي ”ڊينئل ڊيفو“ (1660-1731) جو لکيل آهي. ان ۾ ڊيڪاريل آهي تہ هي هڪ ڏينهن سفر تي نڪتو، جهاز جي ٻڏي پوڻ ڪري هڪ ٻيٽ تي اچي پهتو. ڪيترا ڏينهن تنها گذارڻ بعد هن اتي هڪ ”ريڊ انڊين“ کي ڏٺو، جنهن کي آدم خورن اتي آندو هو. هن کيس آزاد ڪرايو. اهو ڏينهن جمعي جو هو، انهيءَ سبب هن جو نالو فرائيڊي ”Friday“ رکيائين ۽ کيس پنهنجو ساٿي نوڪر ڪري رکيائين.

[3] ديني شادين جي آغازي محبت: هن نالي تي هڪ ڪتاب ’ڊينئل ڊيفو‘ (Danial Defoe) (1660ع–1731) جو لکيل آهي، جنهن ۾ شادين جي ابتدائي محبت بنسبت نهايت ئي گهڻي خوش اسلوبيءَ سان منطقي بحث ڪيل آهي.

”ڊينئل ڊيفو“ Danial Defoe: (1660-1731ع): هي لنڊن جي هڪ ڪاسيءَ ’جيمس فو‘ (James foe) جي گهر ۾ پيدا ٿيو. 1703ع ۾ پنهنجو نالو بدلائي ڊيفو (Defoe) رکيائين. منمائوٽ انقلاب ۾ بهرو ورتائين ۽ 1688ع ۾ وليم ٽئين جي لشڪر ۾ داخل ٿيو. سن 1701ع ۾ هڪ ڪتاب (دي ٽرو بارن انگلش مئن) (The true born Englishman) ”خلف الصدق انگريز“ نالي تصنيف ڪيائين. 1704ع ۾ (دي شارٽ وي وٿ دي ڊسينٽرس) (The short way with the Dessenters) ’ڪليسا جي مخالفن سان چوٽي ۾ چوٽو پنڌ‘ لکيائين. هڪ بهترين خيالي ناول رابنسن ڪروزو نالي (1719ع ۾ سندس قلم مان نڪتو. (The religious courtship) پڻ هڪ چڱو ممتاز درجو رکي ٿو.

# باب اٺون

## عشق نہ آهي راند

ٻئي ڏينهن مسٽر "برچل" اسان وٽ آيو. جيتوڻيڪ آءٌ ڪن سببن ڪري هن جي بار بار اچڻ تي ناراض ٿيس، تہ بہ پنهنجيءَ صحبت ۽ گهر کان هن کي روڪي نہ سگهيس. ائين صحيح آهي تہ ان ڏينهن هن جيڪو اسان سان گڏ پورهيو ڪيو، ان اسان کي سندس ڪيل مهمانيءَ کان وڌيڪ اُجورو ڏنو. هن اسان سان گڏ تمام گهڻي محنت سان ڪم ڪيو ۽ چراگاهن توڙي سڪل گاهہ جي دَنِ ناهڻ جي ڪم ۾ پاڻ کي سيني کان اڳيرو رکيو. ان کان سواءِ هو هميشہ ڪانہ ڪا اهڙي دلچسپ ڳالهہ ڪندو هو. جا اسان جي محنت کي گهٽائيندي هئي، ۽ هڪڙي پيري هن اهڙي تہ غير رواجي پر عاقلانہ هلت ڪئي جو آءٌ کيس پيار ڪرڻ کان رهي ڪين سگهيس. سندس اهڙيءَ هلت تي مون کي مٿس ڪل آئي ۽ قياس پڻ ٿيم. هن منهنجي ڌيءُ سان ويجهي ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ سندس اهڙيءَ ڪوشش منهنجي دل ۾ هُن لاءِ ناپسنديدگي پيدا ڪئي. هيءُ چرچي طور کيس پنهنجي "ننيڙي خانم" ڪوٺيندو هو. ۽ جڏهن منهنجي ڌيئرن مان هرهڪ لاءِ ربينن جو سيٽ خريد ڪري آيو، تڏهن اهو سيٽ، جو هن "صوفيا" کي ڏنو، سو تمام عمدو هو. مون کي خبر نہ آهي تہ ڪيئن، مگر هي ڏينهان ڏينهن وڌيڪ سنجيده ٿيندو ڏسڻ ۾ آيو. سندس سمجهہ سُڌرڻ لڳي ۽ سندس سادگيءَ مٿانهين درجي جي سياڻپ جو رويو ورتو.

اسان جي ڪٽنب ٻنيءَ ۾ ماني کاڌي، ۽ اسين مانيءَ جي چوڌاري ويٺا هئاسون، ۽ اسان جو دسترخوان سڪل گاهہ مٿان وڇايل هو. ان وقت "مسٽر برچل" اسان جي کاڌي جي مجلس کي مسرت پئي ڏني. اسان جي تسڪين کي اوج تي پهچائڻ لاءِ ٻن انگريزي ڪوئلن آمهون سامهون لوڙهن تا هڪ ٻئي کي جواب پئي ڏنا. ۽ ڳاڙهيءَ ڇاتيءَ واري ڇيهي پکي اسان جي هٿن مان اچي پورَ چونديا ٿي. انهيءَ مسرت بخش عالم ۾ سندس هرڪو آواز صرف آسائش ۽ آسودگيءَ جو پڙاڏو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. "صوفيا" چيو. "آءٌ ائين ڪانہ ويني آهيان پر آءٌ "مسٽر گي" جي تمام سني طريقي سان بيان ڪيل انهن ٻن عاشقن بابت ويچار پيئي ڪريان جيڪي هڪ ٻئي جي ٻانهن ۾ ماريا ويا. ان احوال ۾ اهڙي

ڪا دلسوز ڳالهه آهي. جو مون ان کي وري وري سوين دفعا نئين شوق سان پڙهيو آهي. منهنجي پٽ چيو. "منهنجي راءِ ۾ ان جا بهترين ضرب "اوود" جي "ائڪس" ۽ "گٽليٽا" واري نظم ۾ آيل ضربن کان گهٽو گهٽ آهي. رومي شاعر تضاد جو استعمال بهتر ڄاڻي ٿو، ۽ هنر سان سنواريل انهيءَ صنعت تي دلسوزيءَ جي سموري طاقت مدار رکي ٿي. مسٽر برچل چيو. "اها قابلِ ذڪر ڳالهه آهي ته جن بنهي شاعرن جو ذڪر اوهان ڪري رهيا آهيو. انهن پنهنجن سيني نظمن کي صفاتي جملن سان بارگير ڪري پنهنجن جدا جدا ملڪن ۾ غلط طرز کي رواج ڏيڻ لاءِ هڪ جيترو حصو ورتو آهي. توري استعداد وارن ماڻهن انهن کي پنهنجيءَ غلط فهميءَ سبب آسانيءَ سان نقل تيندو ڏٺو. ۽ انگريزي نظم روم جي آخرين شهنشاهيت واري وقت جي نظم وانگر هن وقت بغير آڪاڻيءَ يا لاڳاپي جي صرف عيش عشرت جي عڪسن جي ملاوت کان سواءِ. ٻيو ڪجهه به نه آهي. هن وقت جو انگريزي نظم ڪنهن به مطلب برآمد تيڻ کان سواءِ صرف هڪ صفاتي جملن جي لڙهي آهي، جا آواز کي سُڌاري ٿي. محترم خاتون، تون شايد ائين واجبي سمجهندينءَ ته جهڙيءَ طرح آءٌ ٻين تي الزام رکان ٿو. تهڙيءَ طرح مناسب آهي ته آءٌ ڪين پڻ اهو وجهه ڏيان ته هو مون کان پنهنجو عيوضو وٺي سگهن سچ پڇ ته مون هي رايو صرف مجلس کي هڪ گيت ٻڌائڻ جي وجهه ملڻ لاءِ ڏنو آهي. ان گيت ۾ ٻيون ڪٿي ڪهڙيون به خاميون هجن، مگر آءٌ سمجهان ٿو ته ڪم از ڪم جيڪي نقص مون مٿي بيان ڪيا آهن انهن کان پاڪ آهي.

## گيت

(1)

موت شريف سنياسي ماتريءَ وارا،
رهنمائي ڪر منهنجي اڪيلائي واري رستي جي،
اوڏانهن جتي ميوم بتي ماتريءَ کي روشن ڪري ٿي،
ساڻ مهمان نواز ڪرٽي.

(2)

چاڪاڻ ته هتي وساريل ۽ وڃايل آئون هلان ٿو.
ساڻ ماندن قدمن ۽ دلو.
جتي جهنگل بيشمار پکڙجن ٿا،
پسجن ٿا وڌا تيندا، جيئن آئون هلان ٿو.

(3)

”صبر ڪر منهنجا پٽ“ راهب دانهن ڪري ٿو،
ترغيب ڏيڻ ڪان ان خوفناڪ ماتريءَ ڪي،
ڇاڪاڻ تہ پريان بي ايمان وهمي صورت اڏامي ٿي،
لالچائي قاسائڻ لاءِ توکي تنهنجي آخرت ڏانهن.

(4)

هتي ضرورت واري بي گهر بار لاءِ،
منهنجو دروازو کليل آهي اجا تائين،
۽ جيتوڻيڪ منهنجو حصو آهي مگر ٿورو،
آءٌ ڏيان ٿو اهو گهڻي خوشيءَ سان.

(5)

پوءِ موت اچ رات ۽ آزاديءَ سان حصو وٺ،
جيڪي ڪي منهنجو غار عنايت ڪري ٿو،
منهنجو گاه وارو غار ۽ غريباڻو، منهنجي دعا ۽ آرام.

(6)

نڪي ڏڻ جي قرن گسرن تا ماتريءَ ۾ آزاد،
ڪوس ڪرڻ ڪي آءٌ ڏڪاريان ٿو،
ان طاقت ڪان جو مون تي رحم ڪري ٿو،
اهيءَ لاءِ تہ رحم ڪرڻ سڪان ٿو.

(7)

پر جبل جي گاهہ واري پاسي ڪان،
هڪ حلال ڪاڏو آءٌ آڻيان ٿو،
هڪ جهولي گاهہ ۽ بوٽن جي ميون سان پرپور،
۽ پاڻي ان چشمي مان.

(8)

تڏهين، زيارتي، هتي، پنهنجون ڳڻتيون ڇڏي ڏي،
سڀئي دنيوي ڳڻتيون غلط آهن،

ماڻهو ضرورت رکي تو مگر ٿورڙي هتي هيٺ،
نکي ضرورت رکي تو ان جي ڪجهه وقت لاءِ.

(9)

جيئن نفيس ماڪ آسمان کان هيٺ لهي تي،
تيئن سندس دل لُيائيندڙ الفاظ لهن تا،
اُهو باشعور اجنبي هيٺ نمي تو،
۽ پنيان هلي تو ان چُرَ ڏانهن.

(10)

پري هڪ گمنام ويرانيءَ ۾،
اهو اڪيلائي وارو محلات بيٺل آهي،
هڪ پناه گاه پاڙي وارن غريبن لاءِ،
۽ اجنبي پٽڪيلين لاءِ.

(11)

نکي سامانن ان جي غريباڻي پکي هينان،
ضرورت رکي هڪ مالڪ جي سنيال جي،
اها ڳڙکي هڪ تاڙيءَ سان کلندي،
استقبال ڪيو ان بي ضرر جوڙي جو.

(12)

۽ هاڻي جڏهين پورهيت حشام ماڻهن جا موتن تا،
وٺڻ لاءِ پنهنجي رات جو آرام،
ان سنياسي نيڪ ناڪ ڪيو پنهنجيءَ ننڊڙيءَ باه کي،
۽ دلداري ڏنائين پنهنجي دکِي مهمان کي.

(13)

۽ پکيڙيائين پنهنجي نباتاتي سامان کي،
۽ البيلائيءَ سان نپوڙيائين ۽ مشڪيائين،
۽ قابل هجڻ سان داستاني روايات ۾،
اهي انگهندڙ ساعتون پنيلايائين.

(14)

چوڌاري خوشيءَ واري نموني ۾،
پنهنجون حرفتون ٻليءَ جو ٻچو آزمائي ٿو،
تڏَ چُلهه ۾ چون ڪري ٿي،
ٽڙڪو ڪندڙ ڦوڙانيءَ جون چڻگون اُڏامن ٿيون.

(15)

مگر ڪجهه ٻه خوشي عنايت ڪري نه سگهيو،
تسلي ڏيڻ کان ان اجنبيءَ جي مصيبت کي،
ڇاڪاڻ ته دک سخت هو سندس دل کي،
۽ لُڙڪَنِ شروع ڪيو وَهَڻُ.

(16)

هن جون وڏندڙ ڳڻتيون ان سنياسيءَ ڏٺيون،
واپسي ڪاروائي ڪندڙ ڳڻتيءَ سان ڊپايل،
"۽ ڪٿان دلگير نوجوان"، هن چيو،
"اهي غم تنهنجي سيني جا آهن ڇا؟"

(17)

بهتر آبادين کان ٿڌجي،
ناخوش ٿيون رليون ٿو؟
يا ڏک ڪرين ٿو دوستيءَ نه واپس ڪيل لاءِ،
يا اڻ توجه ڪيل، پيار ٿي.

(18)

افسوس! اهي خوشيون جي نصيب آٽي ٿو،
آهن خسيس ۽ تباه ڪُن،
۽ اهي جي عزت ڪن ٿا خسيس شين جي،
وڌيڪ خسيس آهن اجا ٻه انهن کان.

(19)

۽ ڇا آهي دوستي صرف هڪ نالو،
هڪ جادو، جو لولي ڏئي ٿو ننڊ ڏيارڻ لاءِ،

هڪ پاڇو دولت يا ناموس پويان هلي ٿو،
پر ڇڏي ٿو ان ڪمبخت کي رُئڻ لاءِ.

(20)

۽ عشق اجا به وڌيڪ خالي آواز آهي،
هڪ مه جبين جو نئون مذاق،
ڌرتيءَ تي اڄ ڏنل يا صرف معلوم ڪيل،
يا گرم ڪرڻ لاءِ هڪ ڪُميءَ جي گهڙي ڪي.

(21)

"شرم ڪر. اي نادان نوجوان تنهنجا دک دبجي وڃن ٿا،
۽ هڪالي ڪدين ٿا جنس کي". هن چيو،
پر جيئن هن ڳالهايو، تيئن هڪ اُيرنڊڙ رعنائيءَ جو،
هن جي پيار کان ڌڪاريل مهمان دلبو ڏنو.

(22)

حيران ٿي هيءَ نوان حسن اُيرندا ڏسي ٿو،
تڪڙو پوش ڏيندا ان لقاء کي،
رنگن وانگر متان صبح واري آسمان جي،
جهڙا روشن تهڙا پڻ بي جٿا.

(23)

هڪ شرميلي نگاهه. اها اُيرنڊڙ ڇاتي
واري تي پکيڙين ٿا خطرا،
قبولينڊي اهو حسين اجنبي بيهي ٿو،
پنهنجي سمورين رنگنين ۾ هڪ نوجوان دوشيزه.

(24)

"۽ افسوس ! معافي ڏي هڪ اجنبيءَ بي ادب کي،
هڪ ڪمبخت ويڳاڻي کي، هن چيو،
جنهن جا ناپاڪ پير بي جاءِ داخل ڪن ٿا،
جتي بهشت آهي ۽ توهين رهو ٿا.

(25)

پر پلي تہ هڪ نوجوان دوشيزه تنهنجي رحم ۾ حصو ورتي،
جنهن کي پيار سيکاريو آهي پنڪڻ،
جا ڳولا ڪري تي آرام لاءِ، پر لَهي ٿي نا اميديءَ کي،
ساٿي پنهنجي رستي جو.

(26)

منهنجو پيءُ رهندو هو پر "ٿائين" جي،
هڪ دولتمند امير هوندو هو هيءَ،
۽ سڀ هن جي دولت منهنجي نالي نشان ڪيل هئي،
هن کي هوئس صرف آءٌ.

(27)

حاصل ڪرڻ لاءِ مون کي سندس پيار پرين بانهن مان،
بي شمار طالبو آيا،
جن ساراهه ڪئي منهنجي بنسبت غير حقيقي سونهن جي،
۽ محسوس ڪيائين يا بهانو ڪيائين هڪ شعلي جو.

(28)

هر ڪنهن ساعت ذن جي لالچ تي شادي ڪندڙ جي ميڙ،
ساڻ تمام وڏيڪ دلفريب نذرانن ڪوشش ڪئي،
بچيلن جي وچ مان نوجوان "ايدون" نمي سلام ڪيو،
مگر ڪڏهين بہ پيار جي ڳالهہ نہ ڪيائين.

(29)

حليم، ۽ تمام سادي لباس ۾ ملبوس ٿيل،
نڪي دولت نڪي طاقت هن کي هئي،
ڏاهپ ۽ لياقت ئي هئا جي، هن کي هئا،
مگر منهنجي لاءِ اهي سڀ ڪجهہ هئا.

(30)

۽ جڏهين منهنجي پرسان ان مانريءَ ۾،
هن ڳاتا راڳ پيار جا،

هن جي آواز اُڌاري ڏني سرهاڻ هوا کي،
۽ سرور وڻن جي جهڳٽي کي.

(31)

اها مکڙي ان ڏينهن تي کلندڙ،
اها ماڪ آسمان جي صاف کيل،
اصل نه ڏيکاري سگهي پاڪائي،
سبقت ڪرڻ لاءِ سندس دل کان.

(32)

اُها ماڪَ ۽ اُها مُکڙي وَڻَ تي،
حُسنَ ناپائدار سان چمڪن تا،
اُنهن جي سونهن هن جي هئي مگر افسوس منهنجي حال تي،
هُنَنِ جي پائِداري منهنجي هئي.

(33)

پَر تنهن هوندي به مون هرهڪ ناپائدار هنر جي،
سَخت ڪوشش سان مگر اجائي، آزمائش ڪئي،
۽ جيستائين هن جي سرگرميءَ منهنجيءَ دل کي مؤثر ڪيو،
مون هن کي دردن ۾ ڏسي ناز ڪيو.

(34)

جيستائين پوريءَ طرح اُداس منهنجي نَفرت سان،
هن ڇڏيو مون کي منهنجي فخر ۾،
۽ حاصل ڪيائين هڪ بيڪار ۽ غير آباد اڪيلائي،
لڪل جاءِ تي، ۽ اُتي ئي مَري وِيو.

(35)

پَرَ منهنجو اهو غَمُ، منهنجي اها غلطي،
۽ منهنجي زندگي ان جو عوض ڏيندا،
آءٌ ڳوليندس اها اڪيلائي جا هن ڳولي لڌي،
۽ پاڻَ کي ليٽائيندس ان جاءِ تي جتي هو ليٽيل آهي.

(36)

۽ اتـــي ويڳـــاٽو، نـــا اميـــد لڪـــل،
آءٌ پـــاڻ کـــي ليٽـــائينديس هيـــٺ ۽ مرنديـــس،
اهـــو ائيـــن هـــو جيئـــن "ايـــڊون" منهنجـــي لاءِ ڪيـــو،
۽ انهـــيءَ ڪـــري هـــن جـــي لاءِ آءٌ ڪنديـــس.

(37)

(شـال) آسمـان ان کـي روڪ ڪـري! ان سنياسـيءَ چيـو،
۽ لڳايـــائين ان کـــي پنهنجـــي ڇـــاتيءَ ســـان،
حيـــرت ۾ پيـــل حســـينہ ڪئـــي طعنـــہ بـــازي،
اهـــا هئـــي ايـــڊون جـــي شـــخصيت جنهـــن زور ڏنـــو.

(38)

مـــُـــڙ، اينجلينـــا، هميشـــہ لاءِ پيـــاري،
مـــون تـــي جـــادو ڪنـــدڙ! مـــُـــڙُ ڏســـڻ لاءِ،
تنهنجو پنهنجو، تنهنجو گهڻو وقت اڳي گم ٿيل ايڊون هتي
وري محبـــــت ۾ تـــــو ڏانهـــــن آيـــــل.

(39)

اهـڙيءَ طـرح ڇـڏ تـہ آءٌ توکـي پنهنجـي دل سـان جهليـان،
۽ هرڪـــــا ڳٽـــــي ڦٽـــــي ڪريـــــان،
۽ اســـين ڪـــڏهين بـــہ اصـــل نـــہ جـــدا ٿينداســـون،
منهنجي زندگي، منهنجا سڀ ڪجهہ ۽ جيڪي منهنجو آهي.

(40)

نـہ ڪـڏهين بـہ نـہ، هـن سـاعت کـان ونـي جـدا ٿيـڻ،
اســـين رهنداســـون ۽ پيـــار ڪنداســـون اهـــڙو ســـچو،
اهڙو ئـڏو شـوڪارو جـو ڏاري تـو تنهنجيءَ پختـيءَ دل کـي،
ٽوڙينـــدو تنهنجـــي ايـــڊون جـــي دل کـــي پـــڻ.

جيئن هن گيت پيئي ڳاتو، تيئن صوفيا کي پنهنجي خواهش سان ڪوملتا
جي تانَ کي ملائيندي ڏنو ويو. اسان جو آرام اسان جي پر ۾ ٿيل بندوق جي

آواز سبب بگڙجي پيو. ان کان پوءِ اسان هڪڙو ماڻهو پنهنجي ڪيل شڪار کي کڻڻ لاءِ لوڙهي مٿان لنگهندي ڏٺو. هيءُ شڪار جو ڪوڏيو، زميندار جو پادري هو. هن انهن ٻنهي ڪوئلن مان هڪ کي ماريو هو، جي تمام گهڻي خوشيءَ سان اسان کي وندرائي رهيون هيون. بندوق جي ايڏي وڏي ۽ ايتري قريب آواز، منهنجي ڏيئرن کي ڊيڄاري ڇڏيو. مون ڏٺو ته "صوفيا" خوف ۾ پاڻ کي مسٽر برچل جي ٻانهن ۾ ڪٽي اُڇليو هو. اهو ماڻهو اڳتي وڌي آيو ۽ اسان کي يقين ڏيارڻ لڳو ته کيس اسان جي ايتري ويجهي هئڻ جي خبر نه هئي، ۽ اسان جي مجلس ۾ جيڪو خلل پيو هو، تنهن جي معافي گهريائين. هو منهنجيءَ ننڍي ڌيءُ جي پاسي ۾ ويهي رهيو، ۽ شڪار باز جي شان مطابق، جيڪو ان ڏينهن شڪار ڪيو هئائين، سو سندس اڳيان پيش ڪيائين. هوءَ انڪار ڪرڻ تي هئي، مگر سندس ماءُ جي اشاري تي هن جي تحفي کي ڪجهه بي دليءَ سان قبول ڪرڻ لاءِ آماده ٿي، منهنجيءَ زال دستور موجب ان بابت پنهنجو فخريه خيال ظاهر ڪيو. هن چيو ته "صوفيا" پادريءَ تي ۽ سندس پيڻ زميندار تي فتح حاصل ڪئي هئي. ان هوندي به مون کي شڪ هو، ته کيس ڪنهن ٻئي لاءِ پيار هو. پادريءَ پنهنجي زميندار وٽان پيغام آندو هو ته: "مسٽر ٿارنهل" ان رات اسان جي گهر جي اڳيان چانڊوڪيءَ ۾ گاهه واري ميدان تي منهنجي گهر جي نوجوان عورتن کي ڳائي جي مجلس ۾ شريڪ ٿيڻ جو ارادو ڪيو هو، ۽ ان لاءِ راڳ ۽ ناشتي جو بندوبست به پاڻ ڪيو هئائين. هن وڌيڪ ٻڌايو، ته مون کي ان پيغام پهچائڻ ۾ پنهنجو هڪ شخصي مقصد پڻ آهي، ڇاڪاڻ ته مون کي اُميد آهي، ته هن پيغام پهچائڻ جي عيوضي ۾ "صوفيا" مون سان گڏ ناچ ڪندي. منهنجي ڌيءُ جواب ڏنو، "جيڪڏهن آءُ اهو ڪم آبروءَ سان ڪري سگهيس، ته مون کي ان لاءِ ڪوبه اعتراض ڪونهي."

هن ڪلام جي سلسلي کي جاري رکندي مسٽر برچل ڏانهن نهاريندي چيو، "مگر هي هڪ شريف ماڻهو آهي جو اڄوڪي ڏينهن جي ڪم ۾ منهنجو ساٿي ٿي رهيو آهي، ۽ مناسب ائين آهي، ته ان جي وندر ۾ پڻ هو منهنجو ڀائيوار هجي". "مسٽر برچل" سندس مٿئين ارادي لاءِ کيس آفرين ڏني. مگر کيس سرڪاري پادريءَ جي سپرد ڪيائين. هن چيو، "مون کي ان رات مانيءَ جي دعوت هئڻ سبب پنج ميل پري وڃڻو آهي. هن جو انڪار مون کي ڪجهه

قدر غير معمولي لڳو. مون کي خيال ۾ به نه اچي سگهيو ته ڪيئن ”صوفيا“ جهڙي سمجهو ڇوڪري ۽ برچل جهڙي ڪريل بخت واري ماڻهوءَ کي هڪ اعليٰ اميدن واري ماڻهوءَ تي ترجيح ڏيئي سگهي. مگر جيئن ته مرد عورتن جي لياقتن کي سڃاڻڻ لاءِ تمام گهٽو اهل آهن، تيئن عورتون پڻ اڪثر مردن لاءِ تمام صحيح فيصلو ڪري سگهن ٿيون. ٻئي جنسون هڪ ٻئي جي متان جاسوسن جيان مقرر ڪيل ڏسجن ٿيون، ۽ جدا جدا لياقتن سان سينگاريل ۽ باهمي جانچ جونچ لاءِ هڪ ٻئي جي پيٽ پيل آهن.

*

چنڊ پنهنجي پوري آب ۽ تاب سان روشن هو. "مسٽر ٿارنهل" ۽ منهنجي وڏي ڌيءَ تماشبينن کي گهڻي مسرت پهچائيندا ۽ ناچ جي مجلس کي گرم ڪندا رهيا. ڪيترائي پاڙيسري اهو ٻڌي ته اسان وٽ ڇا ٿي رهيو هو، جوق درجوق اسان جي ڇوڏاري اچي مڙيا هئا. منهنجيءَ ڇوڪريءَ سونهن ۽ فطري سادگيءَ سان اهڙو ته سٺو ناچ ڪيو، جو منهنجي زال فخر سان مون کي خاطري ڏني، ته جيتوڻيڪ ننڍڙي ڇوڪري هوشياريءَ سان ڪم ڪيو ٿي، ته به سيپئي قدم ڪانئس مخفي پئي ڇريا. شهري عورتن آرامده ٿيڻ ۾ تمام گهڻي ڪوشش ڪئي، مگر ڪين ڪاميابي نصيب نه ٿي. اهي تريون، ڇُريون، پوئتي هٽيون ۽ ٽپا ڏنائون مگر سندن ڪابه ڪوشش ڪارگر ٿي نه سگهي. ڏسندڙن اعتراف ڪيو ته منهنجي ڌيءُ جو ناچ بهترين هو. پر پاڙيسريءَ فلمبرو رايو ڏنو ته "مس لويءَ"، جا پير ساز سان اهڙا ته نهڪي ٿي آيا، جهڙو ان جو پڙاڏو. ناچ اٽڪل هڪ ڪلاڪ مسلسل هليو. ان کان پوءِ انهن ٻنهي شهري عورتن، جن کي ٿڌ لڳڻ جو خطرو هو، ناچ جي مجلس کي ختم ڪرڻ لاءِ اشارو ڪيو. مون ڏٺو، ته انهيءَ موقعي تي انهن عورتن مان هڪ جڏهن ڏٺو ته روح رچندڙ ناچ ڪري هوءَ سڄي پگهر ۾ شل ٿي ويئي هئي، تڏهن پنهنجا جذبا نهايت اٺوٽندڙ نموني ۾ ظاهر ڪيائين.

گهر واپس اچڻ تي اسان هڪ تمام پسنديده رات جي ماني پنهنجي اڳيان رکيل ڏٺي. اها ماني "مسٽر ٿارنهل" پاڻ سان آڻڻ جو بندوبست ڪيو هو. مانيءَ تي اسان جي گفتگو دستور کان وڌيڪ رکي هئي. اهي ٻئي عورتون منهنجي ڌيئرن کان آب ۽ تاب ۾ سرس هيون. سندن گفتگو اميراڻي زندگي، بلند معيار واريءَ صحبت ۽ انهيءَ سان گڏ ٻين فيشني عنوانن جهڙوڪ، مورتون، مذاق، "شيڪسپيئر" ۽ سازيندڙ شيشن کان سواءِ ٻي ڪانه هئي. اها حقيقت آهي، ته انهن به دفعا قسم جي تڪڙي ڪٽڻ سان اسان کي شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪرايو، مگر اها مون کي سندن مرتبي جي پَڪي ۽ پُختي نشاني ڏسڻ ۾ آئي. (جيتوڻيڪ مون کي هن وقت معلوم ٿي ويو آهي، ته قسم کڻڻ فيشن جي بلڪل برخلاف آهي) سندن ڏيک ويک سندن ڪيل گفتگوءَ جي سيڪنهن ناشائستگيءَ تي نقاب وجهي ٿي ڇڏيو. منهنجون ڌيئرون انهن جي اعليٰ فضيلت تي رشڪ ڪري رهيون هيون، ۽ جيڪي بيجا ڏسڻ ۾ ٿي آيو، انهيءَ کي عمديءَ تربيت جي خوبيءَ جو نتيجو سمجهيو ٿي ويو. انهن عورتن

جي غريب پروري بين گھڻن کان وڌيڪ اعليٰ هئي. انهن مان هڪ چيو ته "مس اوليويا" کي جيڪڏهن دنيا جو ڪجهه وڌيڪ تجربو هجي ها، ته اهو ڪيس گھڻي قدر سڌاري ڇڏي ها. جنهن تي ٻيءَ چيو ته، نندي "صوفيا" جيڪڏهن شهر ۾ هڪ سيارو گذاري، ته اهو هونئد ڪيس اصل منفرد شيءِ بنائي ڇڏي. منهنجيءَ زال ٻنهين عورتن جي ڳالهه قبول ڪئي، ۽ چيو ته هن جي پڻ مرضي هئي ته سندس ڌيئرن کي هڪ سياري لاءِ شهر ڏانهن ڪجهه بهتري واسطي موڪليو وڃي. اهائي هڪ تمنا هئي، جنهن لاءِ هن تمام گھڻي چاهت رکي ٿي. آءٌ سندن ڪيل گفتگو جي جواب ڏيڻ کان پاسو ڪري ڪين سگهيس. مون چيو، "سندن پرورش سندن دولت کان اڳي ئي اعليٰ آهي، ۽ اها گھڻي شُستگي صرف سندن غريبيءَ کي وڌيڪ ڌڪار جوڳي بنائڻ جو ڪم ڪندي ۽ ڪين انهن عيش عشرتن ڏانهن مائل ڪندي، جن تي قبضي رکڻ جو ڪين ڪوبه حق حاصل نه آهي". "مسٽر ٿارنهل" واڪو ڪري چيو، "اهي ڪهڙيون عيش عشرتون آهن، جن تي قبضي رکڻ جو، انهن عورتن کي ڪوبه حق حاصل نه آهي، جي ٻين تي نوازش ڪرڻ جي طاقت رکندڙ آهن؟" جيتري قدر منهنجو ان ڳالهه سان واسطو آهي ته منهنجي دولت ڪافي وڏي آهي ۽ پيار، آزادي ۽ عيش منهنجي زندگيءَ جا اصول آهن. جيڪڏهن منهنجيءَ ملڪيت جي اڌ جو انتقال منهنجيءَ مِـن مهڻيءَ "اوليويا" کي خوش رکي سگهي، ته آءٌ ان جي ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. آءٌ ان جي بدلي ۾ صرف اها نوازش طلبيندس ته آءٌ پڻ ان مان خوشيءَ حاصل ڪرڻ ۾ ساٿس ڀائيوار ڪيو وڃان. آءٌ انهن دنيوي ڳالهين کان ايتري قدر بي خبر نه هوس، جو هن ڪميڻي تجويز جي گستاخيءَ کي لڪائڻ لاءِ اها جيڪا نئين نموني جي چوراٽي ٻولي ڪم آندي ويئي هئي، ان کان غير واقف هجان، پرمون پنهنجي ناراضگيءَ روڪڻ جي ڪوشش ڪئي. مون چيو، "سائين، اهو ڪٽنب جنهن تي توهين پنهنجي نوازش ڪندا رهو ٿا. سو اهڙي ئي عزت جي احساس سان پليل آهي، جنهن سان توهين. ان کي ڌڪوئڻ جي ڪابه ڪوشش خوفناڪ نتيجن جي حامل ٿيندي.هن وقت صرف عزت ئي آهي جنهن کي اسين پنهنجي سمجهون ٿا. ۽ ان آخرين خزاني جي اسان کي خاص نگهباني ڪرڻي آهي. منهنجي ايتري چوڻ تي ان نوجوان منهنجو هٿ جهلي ساک تي چيو، "جيتوڻيڪ آءٌ توهان جي گمانن کي پسند نٿو ڪريان، ته به توهان جي جذبات جي ساراهه

ڪريان ٿو". اهو ٻڌي مون کي ساڻس جوش سان ڳالهائڻ جو جلدي ڏک محسوس ٿيو. هن سلسلي ڪلام جاري رکندي چيو. "توهان جي هن اشاري بنسبت آءٌ دعويٰ سان چوان ٿو. تہ اهڙي ڳالهہ منهنجي خواب و خيال ۾ بہ ڪانہ هئي. انهن سڀني ترغيبن جي باوجود منهنجيءَ دل کي اهڙي فضيلت مرغوب نہ آهي، جا انتهائي جدوجهد سان بہ حاصل ٿي نہ سگهي، ڇاڪاڻ تہ منهنجي عشق جو جذبو ناگهاني بلا آهي."

شهري عورتن اسان جي گفتگوءَ کان بي خبر هجڻ جو مڪر ڪيو، ۽ جنهن آزاديءَ سان مون گفتگو ڪئي هئي، ان تي تمام گهڻو ناراض نظر آيون. هُنن موقعي پٽاندڙ اخلاق تي فهميدائيءَ سان قابل ذڪر گفتگو شروع ڪئي. منهنجي زال، پادري ۽ آءٌ جلدي ساڻن ان گفتگو ۾ شامل ٿي وياسون. ۽ خود زميندار کي بہ سندس ڪيل زيادتين تي پشيمان ٿيڻو پيو. اسان پرهيزگاريءَ جي لطف ۽ گناهن کان پاڪ دل جي سُرور بابت گفتگو ڪئي. آءٌ ايترو تہ خوش ٿيس، جو مون پنهنجن ننڍڙن کي اهڙيءَ سني گفتگو مان روحاني ۽ ديني فائدي حاصل ڪرڻ لاءِ دستوري وقت کان بہ وڌيڪ سجاڳ رکيو. "مسٽر ٿارنهل" تہ مورڳو مون کان بہ گوءِ کٽي ويو. ۽ مون کي مولا جي حمد وَ ثنا ڪرڻ لاءِ عرض ڪيائين. مون سندس رٿ خوشيءَ سان قبول ڪئي، جيستائين ٻاهرين رفيقن واپس ورڻ بابت خيال ظاهر ڪيو، تيستائين رات خوشيءَ جي لمحات ۾ گذري ويئي. ٻئي شهري عورتون منهنجي ڌيئرن کان جدا ٿيڻ ۾ ناراض نظر اچڻ لڳيون. ڇاڪاڻ تہ ڪين ساڻن تمام گهڻي محبت هئي. هنن مون کي عرض ڪيو تہ، آءٌ ڪين اجازت ڏيان، تہ هو ٻنهين ڇوڪرين کي پنهنجي گهر وٺي وڃن. ۽ سندن محبت مان خوشي حاصل ڪن. زميندار ان رٿ جي تاعيد ڪئي، منهنجيءَ زال پنهنجون التجائون ان سان شامل ڪيون. ۽ ڇوڪرين اهڙيءَ گهور سان مون ڏانهن نهاريو، جو ڄڻ تہ انهن پڻ وڃڻ جي خواهش ٿي ڪئي. هن مونجهاري جي وقت ۾ مون بہ ٿي عذر ڏنا، جي منهنجي ڌيئرن جلد رد ڪري ڇڏيا، ۽ آءٌ قطعي طور انڪار ڪرڻ تي مجبور ٿي پيس. انهيءَ ڪري ٻئي ڏينهن تي اسان وٽ غمگين نگاهن ۽ مختصر جوابن کان سواءِ پيو ڪجهہ بہ نہ هو.

*

# باب ڏهون

## وڏي درجي وارن ماڻهن سان ڪلهي رس

## ٿيڻ جي ڪوشش

مون کي هاڻي ڏسڻ ۾ آيو ته منهنجا پرهيزگاريءَ، سادگيءَ ۽ قناعت بابت سمورا ڏکيا ۽ پُر تڪليف خطبا پوريءَ طرح نظرانداز ڪيا ويا هئا. پاڻ کان وڏي درجي وارن جيڪي مرتبا تازو اسان کي ڏنا هئا. انهن اسان جي دلين ۾ اها وڏائي جاڳائي، جنهن کي مون دٻائي ڇڏيو. مگر موقوف نه ڪري ڇڏيو هو. اسان جون دَريون وري به اڳيئن وانگر ٻُچيءَ ۽ مُنهن جي صفا ڪرڻ وارن ڏوين سان ڀريل هيون. ٻاهر سج کي چمڙيءَ جو دشمن سمجهي ان جو خوف ڪيو ٿي ويو، ۽ اندر وري ٻاهه کي شڪل جو خراب ڪندڙ تصور ڪيو ٿي ويو. منهنجيءَ زال چيو ته، تمام سوير جاڳڻ سندس ڏيئرن جي اکين کي تڪليف پهچائيندو ۽ منجهند جي مانيءَ کان پوءِ ڪم ڪرڻ سندن نَڪن کي ڳاڙهو ڪري ڇڏيندو. هن مون کي خاطري ڏياري ٿي ته هٿن جي اڇائي فقط تڏهن قائم رهي سگهي ٿي، جڏهن ڪوبه ڪم ڪيو نٿو وڃي. انهيءَ ڪري "جارج" جي قميصن کي سبي پوري ڪرڻ بدران، هاڻي منهنجون ڏيئرون اڳين ريشمي ڪپڙن کي نئين نموني ۾ تبديل ڪري رَهيون هيون. يا لباسَ جي وڏيڪ سوڀيا لاءِ تُلهن ڪپڙن تي پرت ڪرڻ جو ڪم ڪري رهيو هيون. هنن پنهنجين اڳين دل گهرندڙ سَنهيلين "فِلمبَرو" جي ڪٽين کي معمولي واقفڪارن وانگر نظر انداز ڪري ڇڏيو. ۽ سندن سموري گفتگو اميراڻي زندگيءَ، مٿانهين درجي واريءَ صحبت، مورتن، مذاق، "شيڪسپيئر" ۽ سازيندڙ گلاسن بابت ٿيڻ لڳي.

اسين اهو سڀ ڪجهه برداشت ڪري سگهون ها، جيڪڏهن هڪ اڳڪتي ڪندڙ خانه بدوش عورت ڪين بلند پروازيءَ تي پهچائڻ لاءِ اُتي نه اچي ها. اجا اها ڪاري رنگ واري جوڳياڻي آئي ئي مس، ته منهنجون ڇوڪريون ڊوڙنديون مون وٽ آيون، ۽ ڪيس نذراني ڏيڻ لاءِ مون کان هڪ شلنگ طلب ڪيائون. حق جي ڳالهه اها آهي، ته آءٌ هميشه لاءِ سياڻي ٿيڻ کان بيزار هوس، ۽ سندن عرض

سول ڪرڻ ڪان ڪنڌ ڪڏائي نہ سگهيس: چاڪاڻ تہ مون ڪين خوش ڏسڻ چاهيو ٿي. مون هر هڪ کي هڪ شلنگ ڏنو. اهو ٻڌائڻ بہ غير ضروري نہ ٿيندو، تہ خاندان جي مرتبي برقرار رکڻ لاءِ هو ڪڏهن بہ پئسي ڪان سواءِ ٻاهر نہ نڪرنديون هيون. جڏهن بہ اهي ٻاهر نڪرنديون هيون، تڏهن منهنجي زال هميشہ هر هڪ کي کيسي ۾ وجهڻ لاءِ هڪ گني ڏينديي هئي، ۽ کين سخت هدايت ڪندي هئي، تہ هو اُن کي ڪنهن بہ حالت ۾ نہ مٽائين. منهنجين ڌيئرن ان عورت سان ڪجهہ وقت خلاصو ٿي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي ۽ سندن موٽڻ تي مون معلوم ڪيو، تہ کين ڪنهن وڏي مرتبي جو دلاسو ڏنو ويو هو. (مون کين چيو) "چا، اوهان پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿيون؟" "لوي" ان نصيب ٻڌائيندڙ توکي پيني جي قيمت جيترو ڪي ڏنو؟ "بابا، جيڪي هُن چيو ان جي آءٌ مخالفت ٿي ڪريان"، ڇوڪريءَ چيو، "مون کي يقين آهي، تہ اها ڳالهہ ڪنهن بيءَ ڇوڪريءَ سان تعلق رکي ٿي، چاڪاڻ تہ هن چٽيءَ طرح پڌرو ڪيو تہ آءٌ ٻارنهن مهينن کان اڳ ڪنهن زميندار سان شادي ڪنديس". مون چيو، "چڱو "صوفي" منهنجا ٻچا هاڻي ٻڌاءِ تہ توکي ڪهڙي مڙس جو دلاسو مليو آهي؟" هن جواب ڏنو. "بابا "لوي" جي زميندار سان شاديءَ ٿيڻ کان جلدي پوءِ منهنجي شادي هڪ امير سان ٿيڻي آهي. مون چيو، "چا! اهوئي سڀ ڪجهہ آهي جو اوهان کي ٻن شلنگن عيوض ملڻو ٿيو آهي! ٻن شلنگن ۾ صرف هڪ اميرُ ۽ هڪ زميندارُ! بي وقوف ڇوڪريون، آءٌ اوهان کي اڌ پئسن ۾ هڪ شهزادو ۽ هڪ نواب ڏيئي سگهان ها".

منهنجي ڌيئرن جو اهو انتظام تمام نازڪ نتيجن جو سَبَبُ بنيو. اسان هاڻي سمجهڻ لڳاسون تہ نصيب جي ستارن اسان کي ڪنهن اعليٰ درجي لاءِ تجويز ڪيو هو، ۽ پنهنجي مستقبل جي اقتدار جي اڳواٽ ئي اميد رکڻ لڳاسون. اهو هزارين دفعا چيو ويو آهي، ۽ آئون ضرور هڪ دفعو وڌيڪ چوندس، تہ اهي ساعتون جي اسين خوشيءَ واريُن اُميدن کي نظر ۾ رکي گذاريون ٿا، سي انهن کان وڌيڪ خوشيءَ واريون آهن، جي ڪاميابيءَ سان نتيجہ خيز آهن. پهرينءَ حالت ۾ اسان پنهنجي خوراڪ پنهنجي اشتياق موافق پچايون ٿا، ٻيءَ ۾ قدرت اها اسان جي لاءِ تيار ڪري ٿي. اُهو دلنواز خيالن جو سلسلو جو اسان پنهنجي وندر لاءِ بنايو آهي، ان کي وري دهرائڻ ناممڪن آهي.

اسان پنهنجي نصيب کي وري بہ هڪ دفعو چڙهندڙ سمجهيو. ۽ جيئن تہ سچي ديول جي پسگردائيءَ وارن ماڻهن جو چونڊ هو تہ زميندار منهنجي ڏيءَ جو عاشق آهي. تنهنڪري هوءَ پڻ سچ پچ ساڻس محبت ڪرڻ لڳي. ڇاڪاڻ تہ انهن ماڻهن جي ڳالهين کيس شوق ۾ ترغيب ڏني هئي. هن خوشگوار وقت ۾ منهنجي زال نهايت خوش بخت خواب ڏسندي هئي. جو هوءَ اسان کي صبح جو تمام گهڻيءَ خبرداريءَ، سنجيدگيءَ ۽ دُرستگي سان ٻڌائيندي هئي. هن هڪ خواب ۾ لاشي واري پيتي ۽ صليب جا هڏا ايندڙ شاديءَ جي نشاني طور ڏنا. ٻئي وقت تي هن پنهنجي ڌيئرن جا کيسا پئسن سان ڀريل ڏٺا، جا سندن جلدي سون سان مالا مال ٿيڻ جي خاطريءَ واري نشاني هئي. ڇوڪرين کي وري خود پنهنجا ويچار ٿيڻ لڳا. هنن شمع ۾ گول ڇلا، باهہ مان ٽپا ڏيندڙ ٻٽئون، ۽ هرهڪ چانهہ جي ڪوپ ۾ سچيون محبت جون ڳنڍيون پيل ڏٺيون ٿي.

هفتي جي آخر جي ويجهڙائيءَ ۾ اسان کي شهري عورتن وٽان هڪ چٺي پهتي، جنهن ۾ پنهنجي دعائن سان گڏ هُنن ايندڙ آچر تي اسان جي سڄي ڪٽنب کي ديول ۾ ڏسڻ جي اُميد ڪئي هئي. ان جي نتيجي ۾ مون ڏٺو، تہ سچو ڇنڇر جو ڏينهن منهنجيءَ زال ۽ ڌيئرن هڪ ٻئي سان تمام رازدارانہ صلاحون پئي ڪيون، ۽ هر وقت مون ڏانهن اهڙين نگاهن سان پئي نهاريائون، جن ڄڻ تہ سندن ڳجهي منصوبي بابت چغليون پئي هنيون. حقيقت اها آهي، تہ مون کي پڻ شَڪُ هو، تہ ايندڙ ڏينهن تي شان سان ڏسڻ ۾ اچڻ جي تياريءَ لاءِ ڪا بيهودي تجويز تيار پئي ڪئي ويئي. شام جو هنن پنهنجو ڪم باقاعده ڪرڻ شروع ڪيو. ۽ منهنجيءَ زال مون کي وڪوڙڻ جو ڪم پاڻ تي کنيو. چانهہ کان پوءِ جڏهن منهنجو رخ ڇڳو ڏٺائين، تڏهن هن هيئنءَ طرح شروعات ڪئي: "منهنجا پيارا چارلس! آءُ ڀانئيان ٿي تہ سُڀاڻي ديول ۾ پاڻ سان گڏ هڪ وڏي جماعت هوندي". مون جواب ڏنو. "شايد هجي. پر منهنجي پياري، توهان کي ان لاءِ ڪو بہ انتظار نہ هئڻ گهرجي. اتي وڏي جماعت هجي يا نہ. مگر اوهان کي ديني نصيحت اُتي ملندي". هن جواب ڏنو. "اهائي ڳالهہ آهي، جنهن جي مون کي اُميد آهي. مگر منهنجا پيارا، اسان کي گهرجي، تہ جيترو ممڪن ٿي سگهي اوترو فضيلت سان اتي هلون. ڇاڪاڻ تہ ايندڙ وقت جي ڪنهن کي ٿي خبر پوي؟" مون جواب ڏنو. "تنهنجا انديشا سچ پچ تہ نهايت

قابلِ تعريف آهن. فضيلت واري هلت ۽ ديول ۾ حاضري ٿي آهن، جي مون کي خوش ڪن ٿيون. اسان کي ديندار، حليم، خوش مزاج ۽ بردبار ٿيڻ گهرجي". هن واڪو ڪري چيو، "ها، اها مون کي بہ خبر آهي، مگر منهنجو مطلب آهي، تہ جيتري قدر ممڪن ٿي سگهي، اوتري قدر ڪنهن مناسب طريقي ۾ اُتي هلون ۽ پنهنجي پسگردائيءَ وارن نيچ ماڻهن جهڙا ڏسڻ ۾ نہ اچون". مون وراڻي ڏني، "منهنجي پياري، تون انهيءَ ۾ صحيح آهين، ۽ آءٌ پڻ ساڳيءَ تجويز ڏيڻ تي هوس. هلڻ جو صحيح طريقو اهو آهي، تہ جيترو ممڪن ٿي سگهي، اوترو سوير اُتي پهچجي، ۽ عبادت شروع ٿيڻ کان اڳ ڪجهہ وقت مُـراقبي ۾ هلي ويهجي". هن وچ ۾ چيو، "او چارلس" ! اوهان جو چوڻ بلڪل درست آهي، پر ان جي اها معنيٰ نہ آهي، جيڪا منهنجي خواهش آهي. منهنجو مطلب آهي، تہ اسان اتي مهذب نموني ۾ هلون. توهان کي خبر آهي تہ ديول بہ ميل پري آهي، ۽ آءٌ احتجاجن چوان ٿي، تہ آءٌ پنهنجي ڌيئرن کي ائين ڏسڻ نٿي چاهيان، تہ اُهي ديول ڏانهن پيرين پنڌ گهلجنديون هلن، ۽ پنڌ ڪرڻ سبب خراب نموني ۾ ملبوس تيل ۽ پگهر ۾ شل هجن، ۽ سيني ماڻهن جي اڳيان ائين ڏسڻ ۾ اچن، جو جڻ تہ اهي زناني ڪڙتي وارو شرط ڪٽندڙ آهن. هاڻي منهنجي تجويز هيءَ آهي تہ، اسان کي هر ڪيڙڻ جا بہ گهوڙا آهن، هڪ ٻهاڻ جو اسان جي ڪٽنب ۾ نَـوَ سال رهيو آهي، ۽ ٻيو ان جو ساٿي "بلئڪ بيري [1]" جنهن گذريل مهيني ۾ ورلي ڪو ڪم ڪيو آهي. اهي ٻئي ٿُـلها ۽ سُـستَ ٿي پيا آهن. اهي بہ ڇو نـہ اسان وانگر ڪو نہ ڪو ڪم ڪن؟ آءٌ اوهان کي يقين سان ٻڌايان ٿي، تہ جڏهن "موزز" کين ٿورو ئي سنواريندو، تڏهن اهي نهايت پسنديده ڏسڻ ۾ ايندا."

جيئن تہ "بلئڪ بيري" اکين کان انڌو هو، ۽ ٻهاڻ کي پُـڇ ڪونہ هو، اهي ڪڏهن بہ لغام تي هريل ڪونہ هئا، مگر سوين گنديون عـادتون هئُن، ۽ اسان کي سڄي گهر ۾ فقط هڪ هَـنو ۽ هڪ نَيڪ هئي. تنهنڪري مون هـن رٿ تي اعتراض ورتو، تہ پيرين پنڌ ڪرڻ اهڙي خسيس مسافريءَ جي طريقي کان ويهـ دفعا وڌيڪ تعظيم وارو ٿيندو. تنهن هوندي بہ منهنجا اهي سڀئي اعتراض رد ٿي ويا، ۽ آءٌ سندس تجويـز جي ادائگي لاءِ مجبور ٿـي پيس، ايندڙ صبح جو کين اهڙين شين گڏ ڪرڻ ۾ گهڻو مشـغول ڏٺو، جي مسـافريءَ لاءِ ضروري ٿـي

---

[1] بلئڪ بيري. هيءَ ڊاڪٽر پرمروز جي هڪ گهوڙي جو نالو آهي.

سگھيون ٿي. مون ڏٺو تہ اهو ڏنڏو گھڻو وقت وٺندو، تنھنڪري آءُ اڳ ديول ڏانھن روانو ٿيس ۽ هنن جلد پويان اچڻ جو وعدو ڪيو. آءُ سندن آمد لاءِ تقريباً هڪ ڪلاڪ مطالعي جي بينچ تي ترسيس، پر جيئن اميد هئي، تيئن انھن کي ايندو نہ ڏسي، آئون (عبادت جي) شروع ڪرڻ لاءِ مجبور ٿي پيس ۽ ڪين غير حاضر ڏسڻ سبب گھٽيءَ تڪليف سان عبادت جو ڪم هلايم. تڪليف وڏيڪ وَڌي، جڏهن سارو (ڪم) ختم ٿيو، ۽ منھنجو ڪٽنب ڏسڻ ۾ ڪونہ آيو. آءُ تنھنڪري گھوڙن واري رستي تان پوئتي موٽيس. اهو رستو ڦيري تي پنج ميل ڊگھو هو، جيتوڻيڪ پيادل پنڌ فقط ٻہ ميل هو. جڏهن گھر کي اٽڪل اڌ پنڌ ويجھو ٿيس، تڏهن مون سچي سَرگسَ آهستگيءَ سان ديول ڏانھن ايندي ڏٺي. منھنجو پٽ، منھنجي زال ۽ ٻہ ننڍڙا هڪ گھوڙي تي سوار هئا، ۽ منھنجون ٻہ ڌيئرون ٻئي تي سوار هيون. مون هنن کان دير جو سبب پڇيو، مگر سندن نگاهن مان سهي ڪيم تہ رستي تي سائن هزارين بدبختيون سامهون ٿيون هونديون. گھوڙن ٻھريائين در کان اڳتي هلڻ کان نابري واري. مگر "مسٽر برچل" پنھنجي لڪڻ سان ڪين ڌڪ هڻي، اڳتي هلائڻ جي ڪوشش ڪئي. پوءِ وري، منھنجيءَ زال جي ٽيڪ جا تنگ ٽٽي پيا، ۽ اڳتي هلڻ کان اڳ مرمت ڪرڻ واسطي هو اتي ترسڻ لاءِ مجبور ٿي پيا. ان کان پوءِ گھوڙن مان هڪڙي جي مغز ۾ هڪ هنڌ بيھڻ جي خرابي اچي پيدا ٿي، ۽ نڪي ڌڪ، نڪي ٻيون ڪوششون ڪيس اڳتي وڌڻ لاءِ مجبور ڪري سگھيون. جڏهن مون گھوڙي کي ڏٺو، تڏهين ان مس پنھنجي انھيءَ نااميديءَ جھڙي حالت مان نجات حاصل ڪئي هئي، پر سيني کي سلامت ڏسي، آءُ قبول ٿو ڪريان، تہ سندن موجوده افسردگيءَ مون کي ڪجھہ بہ ناخوش نہ ڪيو، ڇاڪاڻ تہ منھنجو خيال هو تہ سندن اها افسردگي مون کي مستقبل جي گھڻن ئي ڪاميابين جا وجھہ ڏيندي ۽ منھنجي ڌيئرن کي وڌيڪ تواضع سيکاريندي.

* * *

# باب يارهون

## ڪُنَب جو پنهنجي شان کي برقرار رکڻ جو ارادو

ٻئي ڏينهن "ميڪالمس"[1] " جي اڳئين ڏينهن هئڻ سبب اسين پاڙيسريءَ "فلمبرو" وارن وٽ سوپارين ساڙڻ[2] ۽ راندين ڪيڏڻ لاءِ مدعو ڪيا وياسون. اسان سان جيڪي اڳي گهٽنايون ٿيون هيون انهن اسان جو منهن پٽَ سان هنيو هو، ٻيءَ حالت ۾ ائين ممڪن هو، تہ اسين اهڙيءَ دعوت کي حقارت سان رد ڪري ڇڏيون ها.

ڪيئن بہ اسان کي خوش ٿيڻ لاءِ (ڪجهہ) سَهڻو پيو. اسان جي پاڙيسريءَ جو هنس پکي ۽ ڪيرٽي عمدا هئا، ۽ منهنجي زال جا اُنَ جي قسمن پرکڻ ۾ قابل هئي، ان جي راءِ موجب سندس گِهيٽَي جي پشم بهترين هئي. اهو صحيح آهي، تہ سندس آڪاٽين ٻڌائڻ جو طريقو ڪو اهڙو دلپسند نہ هو. اهي بلڪل ڊگهيون، غير دلچسپ ۽ سيئي سندس ئي متعلق هيون. جيتوڻيڪ اسان انهن تي اڳيئي گهڻا ئي دفعا کليو هو، تنهن هوندي بہ اسان کي انهن تي وري بہ هڪ دفعو کلڻو پيو.

"مسٽر برچل" جو اسان جي ٽوليءَ مان هو ۽ هميشہ ڪنهن نہ ڪنهن باراٽيءَ وندر کي ڏسڻ پسند ڪندو هو، تنهن ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين کي اک ٻوٽ راند ڪرڻ لاءِ تيار ڪيو. منهنجي زال پڻ انهيءَ راند ۾ حصي وٺڻ لاءِ هِرکِي ۽ مون کي سندس اهڙي هلت ڏسي ان معلوم ڪرڻ جي خوشي حاصل ٿي، تہ هوءَ اجا پوڙهي نہ ٿي هئي. منهنجو پاڙيسري ۽ آءٌ اهي رانديون ڏسندا، انهن تي کلندا ۽ پنهنجي نندپڻ جي هنر ۽ قابليت جي ساراهہ ڪندا رهياسون. اک ٻوٽ راند ختم ٿيڻ کان پوءِ، مارَڪُتَ، "ڏَ ڏَ ٻَلي" ۽ پڇاڙيءَ ۾ سِليپر واري راند

---

[1] ميڪالمس شام: Mechaelmas eve:- ميڪالمس جي ڏينهن کان اڳئين ڏينهن جي شام جا 28 سيپٽمبر تي ٿيندي آهي. اهو جو ڏينهن عيسائن جو هڪ پاڪ ڏينهن آهي. ميڪالمس شام تي عيسائي خوشيون ڪندا آهن ۽ سڄي شام رانديون روندين ۽ محبت جي سوغاتن موڪلڻ ۽ وٺڻ ۾ صرف ڪندا آهن.

[2] سوپاريون ساڙڻ: (Burn nuts) اُتر انگليند ۽ اسڪاٽليند ۾ هيءَ هڪ جهوني رسم هوندي هئي ۽ ميڪالمس شام تي ادا ڪئي ويندي هئي. "رابرٽ برنس" (Robert Burns) پنهنجي نظم ۾ ٻڌائي ٿو، تہ اها هڪ نهايت دلچسپ رسم هئي.

تي. جيئن تہ شايد هرڪو ماڻهو سليپر واريءَ جهوني نموني جي راند ڪان واقف نہ هجي، انهيءَ ڪري اهو ٻڌائڻ ضروري ٿيندو، تہ هن راند ۾ هڪڙي رانديگر ڪان سواءِ ٻي سڀ ٽولي زمين تي گول جي شڪل وٺي ويهندي آهي، ۽ باقي رهيل رانديگر وچ ۾ ويهندو آهي. وچ ۾ ويٺل رانديگر جو ڪم هوندو آهي، تہ ٽوليءَ وارا جيڪو پادرُ ڪوريءَ جي ٽڙي وانگر پنهنجيءَ رانَ جي هيٺان هڪ ٻئي ڏي اڇلين ان کي جهٽي. هن حالت ۾ جيئن تہ هڪ عورت لاءِ سڄيءَ ٽوليءَ کي هڪ ئي وقت منهن ڏيڻ ناممڪنَ آهي، تنهنڪري راند جي خوبي ان ۾ آهي، تہ ڪيس بوٽ جي ڪُٽڙيءَ سان ڌَڪُ انهيءَ پاسي هنيو وڃي، جنهن جو هوءَ پوريءَ طرح بچاءُ ڪري نہ سگهي. اها ئي حالت هئي، جنهن ۾ منهنجي وڏي ڌيءَ وڪوڙيل هئي ۽ ڪيس ڌڪ هنيا پئي ويا. سڀ منهن لعل هوس پر همت ۾ برجستي هئي، ۽ "سهڻي راند" "سهڻي راند" جا واڪا اهڙي تہ دلسوز ۽ بلند آواز ۾ تي ڪيائين، جو اهي هوند ٻڌندڙن کي ڪنن ۾ تاڙيون وجهي ڇڏين. انهيءَ وقت هڪ وڏو مونجهارو پيدا ٿيو، ڇاڪاڻ تہ اسان جون واقفڪار ٻہ شهري عورتون "بيگم بلئرني" ۽ "مس ڪارولينا وِ لهلمينا اميليا سڪيگس" اندر گهڙيون. منهنجيءَ ڌيءَ جي جيڪا حالت هئي، ان جو احوال ڪري سگهجي ٿو، مگر اهو احوال هڪ بيڪارڻ جي احوال جهڙو ٿيندو. اهڙي اعليٰ نسل واريون عورتون اسان کي هن قسم جي ذليل حالت ۾ ڏسن ان کان موت ڀلو آهي. "مسٽر فلمبرو" جي رٿ موجب اهڙيءَ قسم جي رواجي راند کان وڌيڪ ٻي ڪابہ چڱي راند تي نٽي سگهي. اسين ڪجهہ وقت لاءِ زمين تي ڪُتَلَ پئي ڏسڻ ۾ آياسون. جڻ تہ واقعي حيرت ۾ پند پهڻ تي پيا هئاسون.

جيئن تہ انهن عورتن کي انهيءَ معلوم ڪرڻ جي تمام گهڻي تشويش هئي، تہ اڳئين ڏينهن تي اسان کي ڪهڙي اتفاق ديول ۾ اچڻ کان روڪيو هو، تنهنڪري اهي ٻئي عورتون اسان جيءَ ملاقات لاءِ اسان جي گهر آيون هيون، ۽ اسان کي گهر ۾ جاچي پوءِ اسان جي ٻوڀان اتي آيون هيون. "اوليويا" اسان جي پاران اڳواڻ تي ڳالهائڻ جو ڪم پاڻ تي ڪنيو، ۽ سڀ احوال مختصر نموني فقط ائين چوڻ سان ڏنو تہ: "اسين گهوڙن تان ڪري ٻيا هئاسون". انهيءَ احوال سندن دلين تي گهڻو اثر ڪيو، پر جڏهين ڪين ٻڌايو ويو، تہ اسان کي ڪابہ تڪليف نہ پهتي، تڏهن هو دلئون خوش ٿيون، پر جڏهن ڪين وري ٻڌايو ويو، تہ

اسين خوف کان چڻ مري ويا هئاسون. تڏهن تمام گهڻو غمگين ڏسڻ ۾ آيون، مگر جڏهن معلوم ٿين ته اسان جي رات تمام خير خوبيءَ سان گذري، تڏهن کين وري بہ گهڻي خوشي ٿي. هنن منهنجي ڏيئرن لاءِ ازحد گهڻي مروت ڏيکاري. اڳئين ڏينهن تي سندن هلت تند مزاجيءَ واري هئي، مگر هن وقت هو تمام گهڻو خوش مزاج هيون. هنن دل سان وڏيڪ جتاءُ ڪندڙ واقفيت جي خواهش ٿي ڪئي. "بيگم بلئرني" خاص طرح "اوليويا" سان پيوند رکندڙ هئي ۽ "مس ڪارولينا ولهلمينا اميليا سڪيگس" (آءٌ سچو نالو ڏيڻ پسند ڪندو آهيان) سندس پيڻ ۾ گهڻو چاهہ ٿي ورتو. انهن ٻنهي عورتن سندن وچ ۾ ٿيندڙ گفتگو جي حمايت ٿي ڪئي، ۽ منهنجي ڏيئرن ماٺ ۾ وينسي سندن اعليٰ تعليم جي واکاڻ ڪئي. جيئن تہ هرڪو پڙهندڙ جيتوڻيڪ پاڻ ڪٽي فقير هجي، مگر وڏي درجي وارن جي گفتگو، ۽ اميرن، اميرياڻين، جنگي جوڙن جي آکاڻين ٻڌڻ جو شوقين ٿيندو آهي، تنهنڪري آءٌ ضرور اجازت گهرندس تہ ڪيس ان گفتگوءَ جو پڇاڙيءَ وارو حصو ٻڌايان.

مس سڪيگس چيو: "مون کي ان احوال جي جيڪا سموري خبر آهي سا هيءَ آهي، پوءِ اها سچي هجي يا ڪوڙي، پر پنهنجيءَ بيگم صاحبہ کي خاطري ڏيئي سگهان ٿي، تہ سيئي موجود ماڻهو حيرت ۾ هئا. امير صاحب ڪيس پرچائڻ جا سيئي طريقا استعمال ڪيا. منهنجي سائنڻ روئڻ ۾ اچي پيئي، نيٺ "سر ٿامڪن"، پنهنجي تلوار ڪيندي قسم کنيو تہ "هو پنهنجي رت جي آخري ڦڙي تائين سندس ٿي هوندو".

"نيڪ"، اميرياڻيءَ جواب ڏنو. "آءٌ چئي سگهان ٿي تہ نواب صاحب جي بيگم "ڊچيس" ڪڏهن بہ انهيءَ ڳالهہ جي نسبت مون کي ڪو پڪو بہ ڪونہ ٻڌايو. مون کي يقين آهي، تہ هوءَ مون کان ڪابہ ڳالهہ ڳجهي نہ رکندي آهي. تون ان حقيقت جيترو ڀروسو رکي سگهي ٿي، تہ ان کان پوءِ ايندڙ ڏينهن تي نواب پنهنجي ڪمري جي خذمتگار کي ٽي دفعا واڪا ڪري سڏ ڪيا. "جرنيگان... جرنيگان... جرنيگان!" منهنجي جنگي جوڙي جي خطاب واري قيڻ کڻي اچ".

هن احوال ڏيڻ کان اڳ مون کي "مسٽر برچل" جي اڻ سهائيندڙ هلت جو احوال ڏيڻ گهربو هو. هُو هن گفتگو جي عرصي ۾ باهہ ڏانهن منهن ڪيو وينو

هو، ۽ هرهڪ جملي جي اختتام تي واڪو ڪري چوندو رهيو، "بيوقوفي".
هيءُ هڪ اهڙو اصطلاح هو، جنهن اسان سيني کي ناراض تي ڪيو، ۽ گفتگو
جي وڏنڊڙ روح کي پڻ ڪجهه قدر جهڪو ڪري ڇڏيائين.

اسان جيءَ اميرياڻيءَ سلسلہ ڪلام جاري رکندي چيو، "منهنجي پياري "سڪيگس"، "ڊاڪٽر برڊاڪ"[1] "انهيءَ موقعي تي جيڪي شعر ناهيا هئا، انهن جي چوبڙيءَ ۾ ان ڳالهه بابت ڪوبہ ذڪر آيل نہ آهي". ("بيوقوفي"......)

"مس سڪيگس" چيو، آءٌ انهيءَ تي حيران آهيان، ڇاڪاڻ تہ، جيئن تہ هو صرف پنهنجي وندر واسطي لکي تو، تنهنڪري ڪا ڳالهه ورلي ڇڏي ڏئي تو. پر اوهين نوازش فرمائي مون کي اها چوبڙي ڏسڻ لاءِ ڏيندا؟"........ (بيوقوفي ........).

اسان جيءَ اميرياڻيءَ جواب ڏنو، "منهنجي پياري سهيلي، ڇا تون سمجهين تي، تہ اهڙيون شيون مون سان متعلق آهن؟" جيتوڻيڪ ان ۾ شڪ ۽ شبهو نہ آهي تہ اهي خاطريءَ ڪرڻ لاءِ تمام ضروري آهن، ۽ ان لاءِ آءٌ پاڻ کي ڪجهہ قدر منصف سمجهان تي، ڪم از ڪم مون کي خبر آهي تہ مون کي ڪهڙي شيءِ خوش ڪري تي. اها حقيقت آهي، تہ آءٌ هميشہ "ڊاڪٽر برڊاڪ" جي ننڍين تصنيفن کي پسند ڪندي هيس، ڇاڪاڻ تہ جيڪي هو اسان جي پياري اميرياڻي، "هئنوئر شڪائرُ" ۾ ڪن تا، ان کان سواءِ اتي جو ڪوبہ احوال بغير فطرت جي تمام گهٽ درجي جي لغويات جي بيو ڪوبہ منجهن شايع نڻو تئي. اميرياڻيءَ زندگيءَ بابت تہ ذرو بہ احوال ان ۾ موجود نہ آهي". (بيوقوفي.......)

بيءَ وراڻي ڏني، "بيگم صاحبہ جن کي عورتن جي مخزن ۾ پنهنجي ڏنل مضمونن کي عليحدو ڪرڻ گهرجي. ڇا، آءٌ اُميد ڪريان، تہ توهين چوندؤ تہ ان ۾ ڪابہ هينائين درجي جي زندگيءَ واري ڳالهه نہ آهي؟ پر آءٌ سمجهان تي. تہ انهيءَ رسالي مان اسان کي بيو ڪجهہ بہ وڌيڪ حاصل تيڻو نہ آهي". (بيوقوفي!!...........)

بيگم چيو، "جو، منهنجي پياري، توکي خبر آهي تہ منهنجي پرُوف پڙهندڙ ۽ هم صحبت "ڪئپٽن روچ" سان شاديءَ ڪرڻ سبب مون کي ڇڏي ويئي آهي، ۽

---

[1] ڊاڪٽر برڊاڪ: هيءُ انگليند جو هڪ ناليوارو شاعر ٿي گذريو آهي.

جيئن تہ منهنجون اکيون مون کي پاڻ لکڻ جو ڪم برداشت ڪرڻ نتيون ڏين، تنهنڪري آءٌ ڪجهہ وقت کان بيءَ جي ٻُولا ۾ آهيان. مون کي خاطري آهي تہ هڪ تربيت يافتہ بااخلاق ڇوڪري جا لکي پڙهي ۽ سوسائٽيءَ ۾ سني هلت هلي سگهي تي، ان لاءِ ساليانو ٽيهہ (30) پائونڊ تمام گهٽ وظيفو آهي، تنهنڪري هڪ مناسب ماڻهو هٿ ڪرڻ سولو ڪم نہ آهي. شهر وارين ڇوڪرين مان تہ ڪنهن هڪ جي بہ پوري خاطري ٿي نٿي سگهي. (بيوقوفي.....)

مس سڪيگس چيو، "تجربي مان مون کي پڻ اهڙي ڄاڻ پيئي آهي، تہ شهري ڇوڪريون ڪارائيتون نہ ٿينديون. گذريل اڌ سال ۾ منهنجون جيڪي ٽي ساهڙيون هيون، انهن مان هڪ سچي ڏينهن ۾ هڪ ڪلاڪ سنئين سڌي ڪم ڪرڻ کان انڪار ڪيو، ٻيءَ 25 گينيون تمام تورو ساليانو پگهار سمجهيو، ۽ ٽينءَ کي آءٌ ڪدي ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيس، ڇاڪاڻ تہ مون کي شڪ پيو، تہ سندس سرڪاري پادريءَ سان خراب تعلق هو. منهنجي پياري خاتون "بِلئرني" اخلاق، اخلاق ڪيتري بہ قيمت رکي سگهي ٿو، مگر هڪ با اخلاق ماڻهو ڪٿان ملي سگهندو؟" (بيوقوفي..........)

سارو وقت منهنجيءَ زال جو سمورو ڌيان سندن انهيءَ گفتگو ڏانهن هو، پر انهيءَ جي پڇاڙيءَ واري حصي ڪيس خاص طرح سخت پريشان ڪيو. ساليانو ٽيهہ پائونڊ ۽ پنجويهہ گينيون ڇاونجاهہ پائونڊن ۽ پنجن شلنگن جي برابر هئا، ۽ اهي سپ (پئسا) سهولت سان ملي سگهيا ٿي، ۽ تمام سولائيءَ سان ڪتنب کي حاصل ٿي سگهيا ٿي. منهنجيءَ زال منظوريءَ لاءِ ڪجهہ ساعت منهنجي نگاهن کي ڇڪاسيو. حقيقت قبول ڪجي، تہ آءٌ انهي، راءِ جو هوس، تہ اهڙيون ٻئي جڳهيون منهنجي ٻنهي ڌيئرن لاءِ مڪمل طرح لائق آهن. تنهن کان سواءِ اهو پڻ ويچار ڪيم، تہ جيڪڏهن زميندار کي منهنجيءَ وڏيءَ ڌيءَ سان ڪجهہ بہ سچو پچو پيار هوندو، تہ سندس لاءِ هي رستو تمام سهٽو (ٺيندو) جنهن جي وسيلي هو منهنجي ڌيءَ کي خوش نصيب بنائي سگهندو. تنهنڪري منهنجي زال ان راءِ جي هئي، تہ جيتوڻيڪ اها خاطري نہ آهي، تہ ڪين اهي جايون ملن يا نہ، تہ بہ اسان کي اهڙن فائدن کان محروم رهڻ نہ گهرجي. هن ڪتنب جي ياران شَد مَد سان ڳالهائڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. هن چيو، "مون کي اُميد آهي، تہ اوهين هيءَ منهنجي گستاخي معاف ڪنديون. اها

حقيقت آهي تہ اسان کي اهڙين نوازشن تي دعويٰ رکڻ جو ڪوبہ حق نہ آهي، پر تڏهن بہ پنهنجي ٻارن کي دنيا ۾ ترقي ڏيڻ جي تمنا منهنجي لاءِ فطري آهي، ۽ مون کي ائين چوڻ جي بہ جرائت تيندي تہ ڪم از ڪم ڀهراڙيءَ ۾ انهن کان وڌيڪ تعليم ۽ لياقت واري ٻي ڪابہ ڇوڪري نہ آهي. اهي لکي پڙهي ۽ حساب ڪتاب رکي سگهن ٿيون، سئيءَ جو ڪم ڄاڻن ٿيون، عمدي پرت جا جدا جدا قسم ۽ هالو چالو ڪم جا سڀ نمونا ڄاڻن ٿيون. تنهن کان سواءِ هو چاري، نوڪون ۽ جهالرون ٺاهي سگهن ٿيون ۽ ڪجهہ موسيقي پڻ ڄاڻن ٿيون. هو ننڍا ڪپڙا تيار ڪري سگهن ٿيون ۽ ٿُلهي ڪپڙي تي پرت جو ڪم ڪرڻ ڄاڻن ٿيون. منهنجي وڏي ڌيءَ پنن جا گُل ٺاهي سگهي ٿي، ۽ منهنجيءَ ننڍيءَ ڌيءَ کي پٽن وسيلي نصيب ٻڌائڻ جو تمام سهڻو رستو آهي.

(بيوقوفي ...........)

جڏهن منهنجيءَ زال پنهنجي هيءَ فصاحت ڀريل سهڻي گفتگو ختم ڪئي، تڏهن ٻنهي عورتن ڪجهہ منٽن لاءِ هڪ ٻئي ڏانهن شَڪَ ۽ اَهميت جي نگاهن سان نهاريو. آخرڪار "مس ڪارولينا ولهلمينا اميليا سڪيگس" هن پڌري ڪرڻ جي عنايت ڪئي، تہ هوءَ هن ٿوريءَ واقفيت هوندي بہ اهو رايو ڏئي سگهي ٿي، تہ اهي نوجوان عورتون اهڙيءَ مشغوليءَ لاءِ نهايت لائق ڏسڻ ۾ آيون ٿي. هن منهنجيءَ زال کي مخاطب ٿي چيو، "پر بيبي صاحبہ، هن قسم جي ڪم لاءِ انهن جي اخلاقن جي پوريءَ ڇڪاس، ۽ هڪٻئي جي مڪمل واقفيت جي ضرورت آهي". هن سلسلهٔ ڪلام جاري رکندي چيو، "بيبي، مون کي هنن نوجوان عورتن جي اخلاق، سياڻپ ۽ شعور ۾ ڪو رتيءَ جيترو بہ شڪ نہ آهي، مگر نوريءَ ڏيڻ جو اهو هڪ طريقو آهي. يقيناً اهوئي هڪ طريقو آهي، جنهن موجب اهڙا ڪم ڪجن ٿا".

منهنجيءَ زال اميرياڻيءَ جي شڪن کي ائين چوندي گهڻو پسند ڪيو، تہ هوءَ پاڻ بہ خود شڪي ٿيڻ لائق هئي، ۽ اميرياڻيءَ کي سيني پاڙيسرين ڏانهن پنهنجي ڌيئرن جي اخلاق بابت خبر لهڻ لاءِ رجوع ڪيائين مگر اسان جي اميرياڻيءَ ان کي غير ضروري سمجهي انڪار ڪيو. هن چيو تہ منهنجي سوٽ "ٿارنهل" جي سفارش ڪافي ٿيندي، ۽ ان تي اسان پنهنجي عريضيءَ جو مدار رکيو.

* * *

# باب ٻارهون

## ويڪفيلڊ جي ڪٽنب سان نصيب جي ناهمواري

گهر واپس اچڻ تي اسان سموري رات مستقبل جي ڪاميابين لاءِ تجويزن سوچڻ ۾ گذاري. "ڊيبورا" پنهنجي تيز فهميءَ سان اندازي لڳائڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي، ته ٻنهين ڇوڪرين مان ڪهڙيءَ کي بهترين درجي ۽ سٺيءَ صحبت نصيب ٿيڻ جا گهڻا وجهه ملي سگهيا ٿي. اسان جي سرفرازيءَ لاءِ زميندار جي سفارش حاصل ڪرڻ ئي صرف هڪ رنڊڪ هئي. هو اسان کي ڪيترائي مرتبا پنهنجي دوستي ڏيکاري چڪو هو. جنهن دوستيءَ ۾ هيئر اسان کي شڪ ڪرڻو هو. بستري تي به منهنجيءَ زال ساڳي گفتگو جاري رکي. هن چيو، "پيارا چارلس" آءٌ سمجهان ٿي ته اڄوڪي ڏينهن تي پاڻ هڪ بهترين ڪم ڪيو آهي. "چڱو موچارو!"، مون جواب ڏنو، نه ڄاڻندي ته مون کي ڇا چوڻ گهرجي. "ڇا صرف چڱو موچارو!" هن وراڻيو، "آءٌ سمجهان ٿي اهو ڪم تمام سٺو آهي. فرض ڪريو، ته ڇوڪريون شهر ۾ پنهنجي پسند موجب (ڪنهن سان) واقفيت ڪن ٿيون. مون کي پڪي خاطري آهي، ته ساريءَ دنيا ۾ صرف لنڊن ئي آهي، جتي هر قسم جا مڙس موجود آهن. تنهن ڪان سواءِ منهنجا پيارا، روزانو ڪيئين عجيب ڪارناما پيا ٿين، ۽ جيئن هي اخلاق واريون عورتون منهنجي ڌيئرن تي مفتون ٿي پيون آهن، تيئن ڇا گٽن وارا مرد پڻ ڇڪجي نه ايندا؟ آءٌ دعويٰ سان چوان ٿي ته جيتوڻيڪ "ليڊي بلئرني" جا نهايت گهڻو احسان ڪندڙ آهي، ان کي آءٌ تمام گهڻو پسند ڪريان ٿي، تنهن هوندي به "ڪارو لينا ولهلمينا اميليا سڪيگس" سان منهنجو دلي پيار آهي. انهن سيني ڳالهين هوندي به جڏهن هنن شهر ۾ نوڪريءَ جي جڳهن بابت گفتگو ڪئي، تڏهن توهان ڏٺو ته مون ڪيئن نه ڪين سوڙهو ڪڍي گهتيو. منهنجا پيارا مون کي ٻڌاءِ، ته ڇا تون ائين نٿو سمجهين ته اهو سڀ ڪجهه مون پنهنجي ٻارن جي فائدي لاءِ ڪيو؟" مون جواب ۾ چيو، "هائو، ڏٺي ڪري ته اهي ٻئي اڄ کان ٽن مهينن اندر ڪنهن بهتر حالت ۾ اچن". هي انهن فقرن مان هڪ فِقرو هو جي آءٌ هميشه پنهنجي زال کي پنهنجي قابليت جي راءِ کان اثر

انداز ڪرڻ لاءِ چوندو هوس. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن ڇوڪريون ڪامياب ٿي پيون، تہ اها هڪ پاڪ تمنا هئي، جا برصواب ٿي، پر جيڪڏهن ڪا بدنصيبي پيدا ٿي، تہ ان کي وري اڳڪٿي ڪري ليکيو ويندو.

اسان جي هيءَ سموري گفتگو ڪنهن بيءَ رت جي تياريءَ لاءِ هئي، جنهن کان سڄ پڇ تہ اڄ گهڻو ڏنس ٿي. رت اها هئي تہ جيئن تہ اسين هاڻي دنيا ۾ مٿانهون درجو حاصل ڪرڻ وارا هئاسون، انهيءَ ڪري اهو ضروري ٿيندو، تہ اسين پنهنجو نئيو وچيرو پسگردائيءَ ۾ لڳندڙ ميلي تي وڪڻي، هڪ اهڙو گهوڙو خريد ڪريون، جو هڪ يا ٻہ ماڻهو کڻي سگهي، ۽ ديول يا ڪنهن ٻئي گهر ڏانهن وڃڻ وقت سهڻو ڏيک ڏيکاري. مون پهريائين رت جي سخت مخالفت ڪئي، مگر ايتريءَ ئي سختيءَ سان ان جو بچاءُ ٿيو. منهنجي لاچار ٿي پوڻ سبب مخالفن طاقت حاصل ڪئي، ۽ آخر فيصلو ڪيو ويو، تہ وڇيري کي وڪيو وڃي.

ٻئي ڏينهن تي ميلو هو، ۽ مون پاڻ اوڏانهن وڃڻ جو ارادو ڪيو، مگر منهنجيءَ زال مون کي ذهن نشين ڪرايو تہ مون کي تڏ هئي. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ صورت ۾ منهنجي زال مون کي گهر کان ٻاهر وڃڻ جي اجازت ڏيڻ لاءِ تيار نہ هئي. هن چيو، "منهنجا پيارا، پنهنجو پٽ "موزز" هڪ فهميندو ڇوڪرو آهي، ۽ تمام چڱي فائدي سان خريد وَ فروخت ڪري سگهي ٿو. توهان کي اڳيئي خبر آهي تہ هيءَ سودي خريد ڪرڻ تائين پيڙهہ ٻڌي ٻيهي ٿو، ۽ پنهنجيءَ ريڙهہ پيڙهہ سان سڄ پڇ تہ سودي وارن کي ٿڪايو ڇڏي.

جيئن تہ مون کي پنهنجي پٽ جي ڏاهپ بنسبت ڪافي چڱو رايو هو، انهيءَ ڪري آءُ هي ڪم سندس حوالي ڪرڻ ۾ پوريءَ طرح راضي هوس. ايندڙ ڏينهن تي مون سندس پيٽرن کي ڪيس تيار ڪرڻ، سندس وارن کي ڪترڻ، بڪلن کي برش هڻڻ ۽ سندس ٽوپيءَ کي ٽاچٽيون لڳائڻ جي ڪم ۾ تمام گهڻو مصروف ڏٺو. اسان کي تمام گهڻي خوشي ٿي، تہ جڏهن سينگار کان پوءِ اسان کيس وکر جي پيٺيءَ سان گهوڙي تي سوار ٿيل ڏٺو. کيس هڪ ڪوٽ پيل هو، جو اُن ڪپڙي جو هو، جنهن کي منهنجون ڏيئرون "جُهڙڪڪر" وارو ڪپڙو ڪوٺين ٿيون. ڪوٽ جيتوڻيڪ ننڍو هو، مگر اهڙو تہ سنو هو، جو ان کي اڇاڻ نہ گهربو هو. سندس واسڪوٽ سائي چِتونءَ رنگ جو هو، ۽ سندس

پينرن هن جي وارن کي ويکريءَ ڪاري ربين سان ٻڌو هو. اسين سڀيئي تيستائين درڪان ٻاهر هن جي پوياڻ "سنو بخت. سنو بخت" جا واڪا ڪندا وياسون جيستائين هو اسان جي نظرن کان غائب ٿي ويو.

هو اڃا روانو ٿيو ئي مس هو، تہ "مسٽر ٿارنهل" جو بورچي اسان جي خوش نصيبيءَ تي اسان کي مبارڪون ڏيڻ آيو. هن چيو، "مون پنهنجي نوجوان مالڪ کي اوهان جا نالا ڏاڍيءَ ساراهہ سان ذڪر ڪندو ٻڌو".

ڏنو ويو تہ بخت اڪيلي سر اچڻ جو ارادو نہ ڪيو هو. ساڳئي گهر جو ٻيو نوڪر، منهنجي ذيئرن لاءِ هڪ چِٺي کڻي آيو. ان ۾ احوال هو تہ مذڪوره امير عورتن کي اسان بنسبت "مسٽر ٿارنهل" کان اهڙو تہ احوال پهتو هو، جو کين اميد هئي تہ تورين اڳوات خبرن چارن کان پوءِ هو مڪمل طرح مطمئن ٿينديون. منهنجيءَ زال چيو، "ها، مون کي هاڻي معلوم ٿيو آهي تہ وڏن ماڻهن جي ڪٽنبن ۾ شامل ٿيڻ ڪو سوکو ڪم نہ آهي، پر جيڪڏهن ڪوبہ هڪ دفعو انهن ۾ شامل ٿي وڃي ٿو، تہ پوءِ جيئن "موز" چوي ٿو، تہ اهو پلي سمهي وڃي ننڊ ڪري". هن چرچي جي گفتگو ڪي، جيئن تہ منهنجيءَ زال ظرافت جي ارادي سان استعمال ڪيو هو، انهيءَ ڪري ڇوڪرين ان جي قبوليت خوشيءَ جي وڏي ٽهڪ سان ڏني. المختصر، هن پيغام پهچڻ تي منهنجي زال ايترو تہ گهڻو خوش ٿي، جو هن پنهنجي کيسي ۾ هٿ وڌو، ۽ پيغام آڻيندڙ کي ساڍا ست "پينس" ڏنائين.

هيءَ اسان جي لاءِ ملاقات جو ڏينهن ٿيڻو هو. ان کان پوءِ "مسٽر برچل" آيو، جو پاڻ بہ ميلي تي ويل هو، هن منهنجن ننڍڙن مان هرهڪ لاءِ هڪ "پينس" جي قيمت واري جنجر جي روٽي آندي هئي. منهنجي زال اهي ٽڪر پاڻ وٽ رکيا، ۽ کين وقت سر ڏيڻ جو ڪم پنهنجي ذمي ڪنيو. هن منهنجي ڌيئرن لاءِ پڻ هڪ جوڙو ٻيٽين جو آندو هو، جنهن ۾ هو تڪيون، ننڍا بسڪوٽ، ناس، ڇَتيون، يا ريزڪي پئسا رکي سگهيون ٿي. ان کان سواءِ منهنجي زال لاءِ پڻ نور جي ڪل وارو هڪ ٻٽون آندو هئائين، ڇاڪاڻ تہ هو ان ٻٽون جي شائق هئي، ۽ پنهنجي ويساهہ موجب ان کي نصيب وارو سمجهندي هئي. جيتوڻيڪ "مسٽر برچل" جي اڳوڻي غير مهذب هلت ڪجهہ قدر اڻوڻندڙ هئي، تہ بہ اسان کي سندس لاءِ عزت هئي، ۽ هينئر اسين کيس پنهنجي خوشين جي احوال ٻڌائڻ

۽ ڪانئس صلاح وٺڻ لاءِ تيار هئاسون. جڏهن هن شهري عورتن ڪان آيل چٺي پڙهي، تڏهن ڪنڌ ڏوڏيائين ۽ چيائين تہ هن قسم جي ڪم ۾ تمام گهڻي خبرداريءَ ۽ ڏاهپ جي ضرورت آهي. هن بي اعتماديءَ جي خيال منهنجيءَ زال کي تمام گهڻو ناراض ڪيو. هن چيو، ”جناب مون کي ڪڏهن اهو گمان بہ ڪونہ هو، تہ تون ڪو منهنجي ۽ منهنجي ڌيئرن جي مخالفت ۾ ايترو گهڻو سرگرم هوندين. توکي ضرورت کان وڌيڪ چوڪسي ڪرڻ جي عادت آهي. منهنجو خيال آهي، تہ جڏهن بہ اسان ڪنهن کان صلاح پڇون، تڏهن صرف انهن ماڻهن کي عرض ڪريون، جن ان تي خود عمل ڪيو هجي“. هن جواب ڏنو، ”خاتون، هن وقت اهو سوال نہ آهي تہ منهنجي هلت ڪهڙي آهي، ۽ جيتوڻيڪ مون پاڻ ڪنهن جي بہ صلاح تي عمل نہ ڪيو آهي، تاهم مون کي پنهنجي ضمير موجب صلاح صرف انهن ماڻهن کي ڏيڻ گهرجي، جي ان تي عمل ڪندا“. جيئن تہ مون کي خطرو هو، تہ شايد هن جو جواب اهڙيءَ سخت ڪلاميءَ ۾ ڏنو وڃي، جنهن ۾ عقل جي ڪوتاهي هجي، ۽ آخر قصو زباني جهڳڙي جي حد تائين پهچي وڃي، انهيءَ ڪري گفتگو جي پهلوءَ کي ڦيرائڻ لاءِ ”موزز“ جي دير ڪرڻ متعلق عجب ڪائڻ جو ڏيکاءُ ڪيم. مون چيو، ”هاڻي تہ اصلي رات پوڻ جو وقت تي ويو آهي، پوءِ ڪهڙو سبب آهي، جنهن ڪري اسان جو پٽ ميلي تي ترسي پيو آهي. منهنجي زال چيو، ”پنهنجي پٽ جو فڪر نہ ڪريو، خاطري ڪريو، تہ جيڪو ڪم سندس حوالي ڪيو ويو آهي، تنهن جي ڪيس پليءَ پيت پروڙ آهي. آءٌ توهان کي خاطري ڏيان تہ توهين ڪيس ڪڏهن بہ گجر بصر ڪري وڪڻندو نہ ڏسندا. مون ڪيس اهڙا سودا ڪندي ڏٺو آهي، جي جيڪو بيو ڪو ڏسي تہ هوند حيرت ۾ پئجي وڃي. آءٌ اوهان کي ان بابت هڪ اهڙي ڳالهہ ٻڌائيندس، جنهن جي ٻڌڻ سان اوهين کلَ ۾ ڪيرا تي پوندؤ. ايتري خاطري جيتري اها تہ آءٌ جيئري آهيان، اجهو پريان ”موزز“ پيتي پنهنجي پٺيءَ تي رکي پيو اچي. گهوڙو ٻڻ ساڻس نہ آهي.

جيئن هن ائين چيو، تيئن اسان ڏٺو تہ ”موزز“ پريان پئي آيو. وڪَرَ جي پيتي سندس ڪلهن سان گهورڙئي وانگر ٻڌل هئي، ۽ پيتيءَ جي بار ڪري پگهر ۾ شل تيل هو. منهنجيءَ زال چيو، ”پلي آئين، جيءَ آئين ”موزز“، چڱو منهنجا پٽڙا، تو اسان جي لاءِ ميلي تان ڇا آندو آهي؟“ ”موزز“ پيتيءَ کي

ڊريسنگ ميز تي رکندي شرميلي نگاهہ سان جواب ڏنو. ”مون اوهان لاءِ پنهنجو پاڻ آندو آهي“. انهيءَ تي منهنجي زال واڪو ڪري چيو، ”ها موزز، اها اسان کي خبر آهي، مگر گهوڙو ڪٿي آهي؟“ ”موزز“ جواب ڏنو، ”مون اهو تن پائونڊن پنجن شلنگن ۽ ٻن پينسن ۾ وڪڻي ڇڏيو. منهنجيءَ زال چيو، ”شاباس، ڏاڍو سٺو ڪيئي، منهنجا سدورا پٽڙا. مون کي اڳيئي خبر هئي تہ تون گراهڪن کي چڱيءَ طرح خوش ڪندين. پاڻ ٿا ڳالهہ ڪريون، ”تي پائونڊ“، پنج شلنگ ۽ ٻہ پينس هڪ ڏينهن لاءِ ڪو خراب روزگار نہ آهي، هاڻي پلا اهي پئسا، اسان کي ڏي“. موزز وري جواب ڏنو، ”آءٌ پئسا ڪٿي ڪونہ آيو آهيان، مون اهي سيئي هڪ واپار ۾ سيڙايا آهن. اهو خريد ڪيل سامان هيءُ آهي“. ائين چئي هن پنهنجي واسڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وڌو، ۽ هڪ هڙ ٻاهر ڪڍي چيائين، ”هيءَ انهن ساين عينڪن جو گروس آهي جن جون ٻانهون چانديءَ جون آهن ۽ دٻليون سائي نرم چمڙي جون آهن“. منهنجي زالَ جَهڪي آواز ۾ چيو، ”هڪ گروس ساين عينڪن جو! تو گهوڙي کي وڪرو ڪيو آهي، ۽ اسان کي صرف بيڪار عينڪن جو گروس آڻي ڏنو اٿيئي!“ ڇوڪري چيو، ”اما، تون ڇو سبب ڏانهن ڌيان نٿي ڏئين؟ مون ساڻن ٻڌو سودو ڪيو، يا تہ مورڳو آءٌ اهي خريد ئي نہ ڪري سگهان ها. صرف چانديءَ جون ڪانيون ئي ٻيڻن پئسن ۾ وڪامنديون“. منهنجيءَ زال جذبات ۾ اچي واڪو ڪري چيو، ”ڏوڙ پئي آهي چانديءَ جي ڪانين کي. آءٌ قسم تي چوڻ جي جرائت ڪريان ٿي تہ پگل چانديءَ جي اگهہ پنجين شلنگن في آئونس جي حساب سان اهي اڌ رقم کان بہ مٿي نہ وڪامنديون“. مون چيو، ”اوهان کي انهن ڪانين جي وڪڻ بنسبت ڪابہ اون ڪرڻ نہ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڏسان ٿو تہ اهي صرف تامي مٿان ملمعو چڙهيل آهن“. منهنجي زال واڪو ڪري چيو، ”ڇا چاندي نہ آهي!“ ”نہ“، مون جواب ڏنو، ”تنهنجي ٽئي کان زياده چاندي نہ آهي“ اهڙي طرح هن جواب ڏنو، ”اسان گهوڙي کان جدا ٿيا آهيون، ۽ هڪ گروس ساين عينڪن جو تامي جي ڪانين ۽ سائي رنگ جي چمڙي جي دٻلين سان حاصل ڪيو اٿئون. مصيبت پوي اهڙين نمائشي شين تي. هيءُ بيوقوف ٺڳيو ويو آهي، ۽ هن کي سندس سنگت کي چڱيءَ طرح سڃاڻڻ گهربو هو“. مون چيو، ”پياري، تون انهيءَ ۾ ڀُليل آهين. هن کي سندن اصلي خبر ئي نہ پوي ها“. هن وراڻي ڏني،

”مون کي اهڙي ردي سامان آٽي ڏيڻ تي شال هن بيوقوف جي مٿان مصيبت نازل ٿئي. جيڪڏهن مون کي اهي ڏنيون وينديون تہ آءٌ کين باهہ ۾ اُڇلي ڇڏينديس.“ مون دانهن ڪري چيو، ”منهنجي پياري، ان ۾ بہ وري تون پُليل آهين، چاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ اهي ٽامي جون آهن، تڏهن بہ اسين کين پاڻ وٽ رکنداسون. توکي خبر آهي تہ ڪجھ بہ نہ هجي، تنهن کان وري بہ ٽامي جون عينڪون وڏيڪ چڱيون آهن. بڌل بيڙيءَ جون هريڙون بہ چڱيون“.

هن وقت تائين بد نصيب ”موزز“ نڳيو نہ ويو هو، هن هاڻي ڏٺو، تہ کيس انهي شاهينگ فريب ڏنو هو، جنهن سندس شڪل ڏسندي ئي کيس سوکي شڪار لاءِ اک ۾ رکيو هو. مون انهيءَ ڪري ڪانئس سندس نڳجڻ جا سبب پڇيا. ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو تہ، هن گهوڙو وڪيو ۽ بئي جي ڳولا ۾ هو، هن چيو، ”ان وقت هڪ ڏسڻ ۾ پرهيزگار ماڻهو مون کي هڪ تنبوءَ ۾ آندو. هن مون سان مڪر ڪيو تہ وٽس هڪ گهوڙو وڪري لاءِ هو. اتي اسين هڪ تمام خوش پوش شخص سان ملياسون، جنهن پنهنجي آندل عينڪ عيوض ويهن ”پائونڊن“ اُڌارن وٺڻ جي خواهش ٿي ڪئي“. هن چيو، مون کي پئسن جي ضرورت آهي ۽ کين سندن قيمت جي ٽئين پتيءَ ۾ نيڪال ڪندس. پهريون سڪر ماڻهو جنهن منهنجي دوست هٿڻ جو ڍونگ ڪيو هو، تنهن مون کي ڪن ۾ چيو، ”آءٌ اهي خريد ڪريان، ۽ خبردار ڪيائين تہ اهڙي فائديمند سودي کي هٿان نہ ڇڏيان. مون ”مسٽر فلمبرو“ کي گهرايو، ۽ هنن هن سان بہ اهڙي عمدي گفتگو ڪئي، جهڙي مون سان. اهڙي طرح آخر اسين پاڻ ۾ پائيواري ڪري ٻن گروسن جي خريد ڪرڻ تي آماده ٿي وياسون“.

*

## باب تيرهون

# مسٽر برچل جي باري ۾ هڪ غلطفهمي

اسان جي ڪٽنب هاڻي خوش وضع ٿيڻ جون گهڻي ئي ڪوششون ڪيون، پر ڪنهن نامعلوم مصيبت هر ڪنهن ڪوشش کي، اُپرندي ئي ختم ڪري ٿي ڇڏيو. منهنجي ڏيئرن جون اميدون خاڪ ۾ ملي ويون هيون، تنهنڪري سندن عقل سليم کي سڌارڻ لاءِ مون هر ڪنهن نااميديءَ مان فائدي وٺڻ جي ڪوشش ڪئي. مون چيو، "منهنجا ٻچا هاڻي اوهان کي معلوم ٿي چڪو آهي، ته دنيا تي پاڻ مڃائڻ جي ڪوشس ڪرڻ وسيلي پاڻ کان وڏن سان همسري ڪرڻ ۾ ڪيترو نه ٿورو حاصل ڪجي ٿو. اهي غريب، جي شاهوڪارن کان سواءِ ٻئي ڪنهن سان ميلاپ نه ڪندا، انهن کي اهي ماڻهو ڌڪاريندا، جن کان پاڻ نٽائيندا، ۽ اهي جن جي پاڻ پويان لڳندا. سي ڪين ڪينَ جهڙو ڪري سمجهندا. ناموافقت واريون دوستيون هميشه ضعيفن پاسي لاءِ نقصانڪار آهن. شاهوڪارن کي عيش عشرتون نصيب آهن ۽ غريبن کي عيشن ماڻڻ لاءِ اهي تڪليفون سهڻيون پون ٿيون، جي انهن جي پيدائش آهن. منهنجا پٽ! ڊڪ اچ، ۽ سيني رفيقن جي ڀلي لاءِ اها آکاڻي وري ٻڌاءِ جيڪا تو اڄ پئي پڙهي.

ڊڪ چيو، "هڪ دفعي جي ڳالهه آهي، ته هڪ جِنُ ۽ هڪ چامڙو پاڻ ۾ دوست هئا ۽ پاڻ ۾ گڏ گذاريندا هئا. هنن پاڻ ۾ انجام ڪيو ته هو بهادريءَ جي ڪمن جي ڳولا ڪندا رهندا ۽ ڪڏهن به هڪ ٻئي کي ڪين ڇڏيندا. سندن پهرين لڙائي ٻن مسلمانن سان ٿي. چامڙو جو زياده همت وارو هو، تنهن ڪاوڙ ۾ ڀرجي، انهن ٻنهي جوڌن مان هڪ کي زور سان ٺونشو هنيو. اُنهيءَ ڌڪ ان مسلمان کي تمام ٿورو زخم پهچايو، ۽ هن تلوار جو وار ڪندي غريب چامڙي جي ٻانهن مڪمل طرح ڪپي ڇڏي. ان وقت هيءَ هڪ ڏکدائڪ حالت ۾ هو، مگر جِنُ سندس مدد لاءِ آيو، ۽ ٿوريئي وقت ۾ ٻنهين مسلمانن کي اتيئي ماري ڇڏيائين. چامڙي ڪاوڙ ۾ انهن مان هڪ جو سر وڍي ڇڏيو. ان کان پوءِ هو ڪنهن ٻئي بهادريءَ جي ڪم جي ڳولا ۾ اڳتي روانا ٿيا. واٽ تي سندن لڙائي انهن ٽن خوني ٻانين سان ٿي، جي هڪ ڪنواريءَ ڇوڪريءَ کي بربادي طرف ڪنيو پئي ويا. چامڙو هاڻي اهڙو جوشيلو نه هو، جهڙو اڳ هو، پر انهيءَ

هوندي بہ هيءَ، ئي هو جنهن اول هنن مان هڪ کي ڏک هنيو، جو ٻئي وري موٽايو. جنهن هن جي اک کيڏي ڇڏي. اهو ڏسندي جِنَ انهن سان مقابلي لاءِ تيار ٿي ويو، ۽ جيڪڏهن هو پڇي نہ وڃن ها، تہ هوند سيئي قتل ٿي وڃن ها. هن فتح تي کين ڏاڍي خوشي ٿي، ۽ نوجوان ڇوڪري جا آزاد ٿي هئي، سا جِنَ تي عاشق ٿي پيئي، ۽ ساڻس شادي ڪيائين. هو هاڻ ايترو تہ گهڻو پري ويا، جنهن جو آءٌ بيان نٿو ڪري سگهان. آخر ڦورن جي هڪ ٽوليءَ کي اچي گڏيا. هيءُ ٺي ٻهريون دفعو هو، جنهن ۾ جِنَ اڳيان ٿيو. پر ڄامڙو بہ ڪو گهڻو پويان ڪونہ هو. لڙائي تمام سخت هئي، ۽ گهڻو وقت هلي. جتي بہ جن آيو ٿي اتي اهي سڀئي ڪري ٿي پيا، پر ڄامڙو ڪيترائي ڀيرا قتل ٿيڻ تي هو. آخر فتح ٻنهين جانبازن جي پڌري ٿي، پر ڄامڙي پنهنجي تنگ وڃائي. هاٿي ڄامڙي کي هڪ اک، هڪ تنگ ۽ هڪ ٻانهن ڪانہ هئي ۽ جِنَ کي هڪ بہ زخم ڪونہ هو. جنهن تي جِنَ پنهنجي ننڍڙي ساٿيءَ کي واڪو ڪري چيو، "منهنجا ننڍڙا بانڪا! هي هڪ شاندار تفريح آهي. اڃو تہ هڪ وڏيڪ فتح حاصل ڪريون، ۽ پوءِ اسان کي هميشہ لاءِ عزت ملندي". ڄامڙو جو ان عرصي اندر وڏيڪ سياڻو ٿي چڪو هو، تنهن جواب ڏنو، "نہ نہ، مون بس ڪئي، آءٌ وڏيڪ ڪونہ وڙهندس، ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڏسان ٿو تہ سيڪنهن لڙائي ۾ تون جملي عزت ۽ عيوضا حاصل ڪرين ٿو، پر سڀئي ڏک منهنجي نصيب ۾ آهن".

اجا آءٌ هن آکاڻيءَ وسيلي نصيحت سيکارڻ وارو هوس، تہ اسان جي توجهہ اسان جي ڏيٺرن جي شهر ڏانهن وڃڻ جي سوال تي "مسٽر برچل " ۽ منهنجي زال جي وچ ۾ تيندڙ گرم جهڳڙي ڏانهن ڇڪجي وئي. منهنجي زال گهڻي جانفشانيءَ سان انهن فائدن تي زور ڏنو، جن جي حاصل ٿيڻ جي اميد هئي. "مسٽر برچل" گهڻيءَ گرم جوشيءَ سان کيس سمجهائي باز آڻڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ آءٌ غير جانبدار رهيس. "مسٽر برچل" جون اهي ارادي تان لاهڻ واريون هدايتون، انهن هدايتن جو صرف ٻيو حصو ڏسڻ ۾ آيون. جيڪي صبح جو تمام اڻ وڻندڙ نموني ۾ گوش گذار ڪيون ويون هيون. تڪرار ايترو تہ گهڻو وڌيو، جو غريب "ڊيبورا" مضبوط دليلن ڏيڻ بدران وڏي سَر ڳالهائڻ شروع ڪيو، ۽ آخر شڪست کان بچڻ لاءِ شور کان اجهي ونڻ تي مجبور ٿي پيئي. تنهن هوندي بہ سندس شَدَ مَدَ سان ڳالهائڻ جو نتيجو آخرڪار اسان جي لاءِ

اڻ وڻندڙ ٿيو. هن چيو، ”مون کي ڪن ماڻهن جي خبر آهي، جي جيڪا بہ صلاح ڏين ٿا تنهن ۾ ڪين ڪي نہ ڪي ڳجها مقصد آهن. منهنجي مرضي آهي، تہ اهڙا ماڻهو آئينده لاءِ اسان جي گهر ڪان پري هجن.“ ”برچل“ نهايت جميعت جي نگاهن سان جي ”ڊيبورا“ کي وڌيڪ گرم ڪرڻ جو باعث هيون چيو، ”بيبي صاحب، جيتري قدر ڳجهن سببن جو سوال آهي، تہ ان ۾ تون صحيح آهين. مون کي ڪي ڳجها سبب آهن، جن کي بيان ڪرڻ کان آئون پاڻ کي روڪيان ٿو، چاڪاڻ تہ تون انهن جو بہ جواب نہ ڏيئي سگهينءَ، جن کي آءٌ ڳجهو نٿو رکان. آءٌ ڏسان ٿو تہ هاڻي منهنجو هتي اچڻ تڪليف ده ٿي پيو آهي، تنهنڪري آءٌ اجازت وٺندس، ۽ جڏهن ڀهراڙي ڇڏيندس، تڏهن شايد وري بہ هڪ ڀہ دفعو آخرين موڪلاڻيءَ ڪرڻ لاءِ ايندس“. ائين چئي هن پنهنجو ٽوپلو کنيو. ”صوفيا“ جنهن جون نگاهون هن جي ابهرائي کان ڏوراپو ڏينديون هيون، تنهن جون ڪوششون پڻ ڪيس وڃڻ کان روڪي نہ سگهيون.

هن جي وڃڻ کان پوءِ اسان هڪ ٻئي ڏانهن ڪجهہ منٽن لاءِ پريشانيءَ سان نهاريو. منهنجي زال جنهن پاڻ کي ان جو سبب سمجهيو، تنهن خاموشيءَ جي لهجي ۾ زوريءَ کل سان، جنهن کي آءٌ چينبڻ چاهيندو هوس، پنهنجي تشويشن کي لڪائڻ جي ڪوشش ڪئي. مون ڪيس چيو، ”ڪيئن زال، اهوئي اسان جو اجنبين سان برتاءُ ڪرڻ جو طريقو آهي؟ اهوئي نمونو آهي، جنهن سان اسين انهن جي احسانن جو معاوضو ڏيون ٿا؟ خاطري ڪر تہ، اهي ئي سخت ۾ سخت ۽ منهنجي لاءِ ناگوار الفاظ هئا، جي تنهنجي واتان نڪتا!“ ”پوءِ هو مون کي ڇيڙائي ڇو ٿو؟“ هن جواب ڏنو. ”پر آءٌ سندس ارادا چڱيءَ طرح ڄاڻان ٿي، هي منهنجي ڌيئرن کي شهر ڏانهن وڃڻ کان انهيءَ لاءِ روڪيندو هوندو، تہ جيئن هو هتي منهجي ننڍڙي ڌيءَ سان ملي خوشي حاصل ڪري سگهي. پر ڇا بہ ٿئي پوي، هوءَ اهڙي هينائين درجي واري ماڻهوءَ کان وڌيڪ سٺو رفيق پسند ڪندي.“ مون چيو، ”منهنجي پياري تون هن کي ذليل ڪوٺين ٿي ممڪن آهي تہ اسين هن جي ڪردار صحيح ڪرڻ ۾ غلطي ڪندا هجون، ڇاڪاڻ تہ هي ڪن موقعن تي اهڙو تہ شريف انسان ڏسڻ ۾ اچي ٿو، جنهن جهڙو مون شايد ڪڏهن بہ نہ ڏٺو هجي. منهنجي صوفيا مون کي ٻڌاءِ تہ هن ڪڏهن مخفي طرح توسان پنهنجي تعلقات بنسبت ڪا گفتگو ڪئي آهي! منهنجيءَ ڌيءَ جواب

ڏنو. ”سائين! هن جي مون سان گفتگو هميشه عاقلاڻي، حليم ۽ دلچسپ ٿي آهي. جيئن بي ڪا ڳالھ هئڻ گهرجي سا نه. هڪ دفعي سچ پچ ته مون کي ياد آهي، ته مون کيس چوندي ٻڌو، ته کيس اصل اهڙيءَ ڪنهن به عورت جي خبر نه هئي، جنهن ان ماڻهوءَ ۾ گڻ ڏنو هجي، جو ڏسڻ ۾ غريب آيو ٿي“. مون چيو، ”منهنجي پياري عام طرح ڏنو ويو آهي، ته سيئي سُستَ ۽ بدنصيب ماڻهو اهڙي چوراڻي ٻولي ڳالهائيندا آهن. پر مون کي اميد آهي ته توکي اهڙن ماڻهن کي پوريءَ طرح سڃاڻڻ جي تعليم مليل آهي، ۽ پڻ خبر اٿيئي ته اهڙو ماڻهو جو پنهنجي ئي هلت ڪري پنهنجي واسطي اهڙي خراب معاشي حالتن وارو ٿي پيو هجي، ان مان خوشيءَ جي اميد رکڻ مورڳو چريائي ٿيندي. تنهنجي ماءُ ۽ مون کي هاڻي تنهنجي بهتر واڌاري ڪرڻ جون اميدون آهن. ايندڙ سيارو جو تون شايد شهر ۾ گذاريندينءَ، سو توکي وڏيڪ سياڻپ پري وهاڻءَ هٿ ڪرڻ جو وجهه ڏيندو“.

”صوفيا“ جا ان وقت ڪهڙا خيال هئا. آءُ انهن بنسبت ڪوبه اندازو لڳائي نٿو سگهان، پر آءُ دلي طرح ناراض نه هوس، جو ته اسين هاڻي هڪ اهڙي مهمان کان آزاد ٿيا هئاسون، جنهن کان مون کي گهڻو ڊپ ڪرڻو پوندو هو. ”برجل“ سان منهنجيءَ زال جيڪي ڪيو هو، تنهن اسان جي مهمانوازيءَ ۾ هڪ رُخنو پيدا ڪيو. انُ رخني منهنجي ضمير کي ڪجهه قدر پڙڪايو، مگر مون جلد پنهنجن بن يا ٽن خوشنما دليلن وسيلي ان نيڪيءَ جي صلاح ڏيندڙ کي صبر ڪرايو ۽ اطمينان ڏياريو. اهو درد جو ضمير ڪنهن ان ماڻهوءَ کي ڏئي ٿو، جنهن اڳيئي ڪو گناهه جو ڪم ڪيو آهي، سو جلدي دور ٿي وڃي ٿو. ضمير هڪ بزدل اندروني تحريڪ آهي، ۽ اهي غلطيون جن جي روڪڻ لاءِ کيس ڪافي طاقت نه آهي. انهن کي ڏوهي نهرائڻ لاءِ هو ورلي ڪا فتويٰ صادر ڪري سگهي ٿو.

*

# باب چوڏهون

## تازيون پريشانيون

جيئن تہ "مسٽر تارنهل" نوازش روءِ منهنجي ڏيئرن جي هلت جي جاچ ڪرڻ ۽ ان احوال کان اسان کي خط وسيلي آگاهہ ڪرڻ جو وعدو ڪيو. انهيءَ ڪري شهر ڏانهن سندن مسافريءَ جو پڪو ارادو ڪيو ويو. اهو لازمي طور ضروري سمجهيو ويو، تہ سندن ظاهري ڏيک ويک، سندن اُميد ڪيل شان سان برابر هئڻ گهرجي، پر اهو ڪم پئسن کان سواءِ تي نٿي سگهيو. انهيءَ ڪري اسان پنهنجي سڄي ڪٽنب ۾ ان ڳالهہ تي بحث ڪيو، تہ پئسن هٿ ڪرڻ جا ڪهڙا سَولي ۾ سَولا طريقا آهن، يا اجا بہ وڌيڪ مناسب طرح ائين چئجي، تہ ڪهڙي شيءِ اسين گهٽي سهوليت سان وڪڻي تي سگهياسون. اسان جو بحث جلدي ختم ٿيو. ڏنو ويو، تہ اسان جو باقي بچيل گهوڙو جيئن تہ ڪاٺو هو، تنهنڪري پنهنجي ساٿيءَ کان سواءِ هَرَ لاءِ صفا بيڪار ۽ رستي تي هلڻ کان لاچار هو. انهيءَ ڪري متي ڏيکاريل مقصدن خاطر ان کي پسگردائيءَ ۾ لڳندڙ ميلي تي نيڪال ڪرڻ جو ارادو ڪيو ويو، ۽ دوکي کان بچڻ لاءِ فيصلو ڪيو ويو، تہ آءٌ پاڻ ان کي اوڏانهن ڪاهي وڃان. جيتوڻيڪ هيءُ ڪم منهنجي حياتيءَ جي اوائلي واپاري ڏي وٺ جي ڪمن مان هڪ هو، تہ بہ مون کي خاطري هئي تہ آءٌ اهو ڪم ڪاميابيءَ سان سر انجام ڏيندس. ماڻهو پنهنجي دانائيءَ بابت جيڪو قياس بنائي ٿو، تنهن جو اندازو سندس هم صحبتين جي راين مان لڳائي سگهجي ٿو، ۽ جيئن تہ منهنجو قياس منهنجي ڪٽنب جي طريقي موجب هو، تنهنڪري مون پنهنجي دنيوي سياڻپ بابت ڪوبہ ناموافق خيال تصور ۾ نہ آندو. تنهن هوندي بہ منهنجيءَ زال، ايندڙ ڏينهن صبح جو موڪلائيءَ وقت، جيئن آءٌ پنهنجي گهر کان ٻاهر نڪتس، تيئن مون کي صلاح ڏيڻ لاءِ واپس سڏ ڪيو، ۽ ڪن ۾ مون کي خبردار رهڻ لاءِ چيائين.

جڏهن آءٌ ميلي تي آيس، تڏهن دستور موجب پنهنجي گهوڙي کي سڄي ميلي ۾ سندس پنڌن موجب هلايم، مگر ڪجهہ وقت لاءِ ڪوبہ واڪُ ڏيندڙ ڪونہ هو. آخر هڪ گهورڙيو ويجهو آيو، ۽ چڱو سارو وقت ڪيس چئو طرف جاچي، ڪاٺو ڏسي، ڪابہ قيمت نہ چيائين. ان بعد هڪ ٻيو گراهڪ آيو. مگر

اهو ڏسندي، تہ ڪيس هڏيءَ جي سوڄ جو مرض هو، چيائين تہ هو ان کي مفت ۾ بہ خريد نہ ڪندو. ٽيئن گراهڪ سهي ڪيو، تہ هن کي آبگيـر جو مرض هـو، ۽ واڪ ٿي ڪونہ ڏنائين. چوٿين هن جي اک مان ڏٺو، تہ ڪيس "باٽس" جي بيماري هئي. پنجين عجب ڪاڏو، تہ اهو انڌو، هڏيءَ جي سوڄ وارو، آبگيري ۽ "باٽس" جي بيماريءَ ۾ مبتلا ٽيل گهوڙو، جو ڪُهي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڪُتن جي لوڏ ۾ اڇلڻ جهڙو هو، تنهن کي ميلي تي آڻي مون ڪهڙو نہ آزار مچايو هو. ان وقت مون کي پڻ ان غريب جانور کان تمام گهڻي نفرت ٿيڻ شروع ٿي، ۽ مان هر ڪنهن گراهڪ جي اڳتي اچڻ تي شرمسار ٿيڻ لڳس، چاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ جيڪي انهن ماڻهن مون کي چيو ٿي، تنهن سموري کي مون پوريءَ طرح قبول نٿي ڪيو، مگر تنهن هوندي بہ ويچار ڪيم، تہ شاهدن جو وڏو انداز سندن صحيح هجڻ جي وڏي حجت هو، ۽ "سينٽ گريگريءَ [1]" جي پڻ نيڪ ڪمن بنسبت ساڳي راءِ آهي.

جڏهن آءٌ اهڙيءَ افسردگيءَ واريءَ حالت ۾ هوس، تڏهين هڪڙو جهونو واقفڪار پادري پاءُ، جنهن کي پڻ ميلي تي ڪو ڪم هو، مون وٽ آيو. هن مون کي هٿ ڏيئي ڪيڪار ڪئي، ۽ شراب خاني ڏانهن هلڻ ۽ اتي سندس سرنديءَ سارو شراب جي گلاس پيئڻ جي مون کي آڇ ڪيائين. مون سندس آڇ يڪدم قبول ڪئي، ۽ ڪلال خاني ۾ گهڙڻ تي اسان کي پٺ واريءَ ننڍيءَ ڪونيءَ ڏانهن اشارو ڪيو ويو. ڪونيءَ ۾ هڪ معزز پير مرد ويٺل هو، جو هڪ ڪتاب جي مطالع ۾ پوريءَ طرح محو هو. مون زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ اهڙي صورت ڪانہ ڏٺي، جنهن ڪانئس وڌيڪ پسنديده نموني وارا گهنج ۾ منهنجيءَ دل تي اثر ويهاريو هجي. سندس چانديءَ جهڙا سفيد وار، بزرگيءَ نموني سندس پيشانيءَ مٿان پيل هئا. هن جي سدا سائي وڏي عمر، سندس تندرستيءَ ۽ فيض جو نتيجو ڏسڻ ۾ آئي ٿي. ڪيئن بہ، سندس موجودگيءَ اسان جي گفتگوءَ ۾ ڪا بہ رڪاوٽ ڪانہ وڌي. مون ۽ منهنجي دوست، ڪيترن انهن نصيب جي ڦيرن تي گفتگو ڪئي، جي اسان جي زندگيءَ ۾ آيا هئا. "وِهسٽن" جي تڪرار، منهنجي آخرين چوپڙيءَ، ديول جي وڏي پادريءَ جي جواب، ۽ مون سان سندس ورتل سخت برتاءُ بنسبت

---

[1] سينٽ گريگري: هيءَ 590ع کان 604ع تائين ڪئٿولڪ مذهب وارن جو پوپ هو. هيءُ ئي اهو ماڻهو هو جنهن آگسٽائين (Augustine) کي انگليند ڏانهن موڪليو هو. هن ڪيترا ڪتاب تصنيف ڪيا جي اڪثر ڪري ڊائلاگن وارن خطن جي صورت ۾ آهن.

احوال ڪيوسين. ٿوري ئي وقت کان پوءِ اسان جو ڏيان، هڪ نوجوان جي اچڻ تي ڦري ويو. هن ڪونيءَ ۾ گهڙي، تمام گهڻي ادب ۽ نرميءَ سان ڪا ڳالهه ان وينل اجنبيءَ پيرسن کي چئي. پيرسن چيو، ”منهنجا ٻچا، دلگير نہ ٿيءُ، پاڻ جهڙن پين مخلوقن سان نيڪي ڪرڻ اسان تي فرض آهي. هي وٺ، منهنجي چاهنا آهي، تہ هوند اجا بہ وڌيڪ هجن ها، تہ چڱو هي پورا پنج پائونڊ تنهنجي مصيبت ٽاريندا، ۽ تون پلي آئين“. انهيءَ تي ان لچاري نوجوان، احسانمنديءَ جاڳوڙها ڳاڙيا. تنهن هوندي بہ سندس احسان گذاري منهنجي شڪرگذاريءَ سان ڪڏهن بہ مَٽُ پئجي نہ سگهي. بزرگ جي فيض مون کي اهڙو تہ خوش ڪيو، جو مون چاهيو، تہ آءٌ هوند ان نيڪ پيرسن کي پاڪر پائي، پنهنجي ڇاتيءَ سان لڳايان. هن پنهنجو مطالعو چالو رکيو، ۽ اسان پنهنجي گفتگو جاري رکي. ڪجهہ وقت کان پوءِ منهنجي دوست کي ياد آيو، تہ ڪيس ميلي ۾ سندس ڪاروبار سر انجام ڪرڻو هو، ۽ هن جلد واپس اچڻ جو وعدو ڪيو ۽ موڪلايو. هن چيو، ”آءٌ هميشه ”ڊاڪٽر پرمروز“ جي ايتري گهڻيءَ ڪچهري جي چاهنا ڪندو آهيان، جيتري گهڻي ممڪن ٿي سگهي ٿي“. پيرسن منهنجو نالو ذڪر ٿيندي ٻڌو، ڪجهہ وقت مون ڏانهن توجهہ سان نهاريندي نظر آيو. جڏهن منهنجو دوست روانو ٿيو، تڏهن تمام گهڻيءَ تعظيم سان مون کان پڇيائين، ”ڇا، اوهين ان ”ڊاڪٽر پرمروز“ جا عزيز آهيو، جو ٻيءَ شاديءَ جو مخالف آهي ۽ عيسائي مذهب جو پشت پناهہ آهي؟“ منهنجيءَ دل ان وقت جيڪا خوشي محسوس ڪئي، ان کان وڌيڪ ڪڏهن بہ محسوس ڪونہ ڪئي هئائين. مون چيو، ”سائين! منهنجيءَ دل ۾ اوهان جي فيض و ڪرم جي ڪري جا خوشي اڳيئي پيدا ٿي آهي، ان ۾ اوهان جهڙي نيڪ ماڻهوءَ جون تعريفون اضافو ڪن ٿيون. سائين هڪ کان وڌيڪ شاديءَ جو مخالف، جنهن کي اوهان ”اعظم“ ڪوٺڻ جي نوازش ڪئي آهي، ان ”ڊاڪٽر پرمروز“ کي توهان پنهنجي اڳيان ڏسو ٿا، جو هن زماني ۾ ٻيءَ شاديءَ جي برخلاف ڪاميابيءَ سان لڙيو آهي.

”ان بزرگ حيرت ۾ پئجي وڏي آواز سان چيو، ”سائين مون کي معاف ڪجو، جو آئون اوهان سان ايترو گستاخ ٿيو آهيان، پر مون کي اميد آهي، تہ توهين منهنجيءَ هن دريافت ڪرڻ تي، مون کي معاف ڪندا. سائين! آءٌ معافي طلبيان ٿو“. مون سندس هٿ پڪڙيندي چيو، ”جناب عالي، توهين پنهنجي گهرائي سان مون کي ناراض ڪرڻ کان ايترو تہ گهڻو پري آهيو جو آءٌ توهان کي عرض ڪندس تہ

جيئن تہ مون کي اوهان لاءِ اڳيئي عزت آهي، تنهنڪري توهين منهنجي دوستيءَ قبول ڪرڻ جي نوازش ڪريو". هن منهنجي هٿ کي زور ڏيندي چيو. "مذهب جي پختگيءَ جا شاندار تنيا. آءٌ اوهان جي آڇ احسانمنديءَ سان قبول ڪريان ٿو، ۽ ڇا آئون ڏسان ٿو...... هو ڇوڻ تي هو، تنهن کي مون اتي روڪيو. ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ هڪ مصنف جي حيثيت ۾، آءٌ خوشامد جي ڪنهن بہ ننڍڙي حصي جي ٻڌڻ کان رهي نٿي سگهيس. تنهن هوندي بہ منهنجي حلم هائي مون کي وڏيڪ ٻڌڻ لاءِ اجازت نہ ڏني. ڪي بہ عاشق، عشق ۾ ڪڏهن بہ ايترو جلد جڪڙجي نہ ويندا آهن، جيترو جلد اسين هڪ ٻئي جي دوستيءَ ۾ جڪڙجي ويا هئاسون. اسان ڪيترن عنوانن تي ڳالهايو. پهريائين آءٌ کيس عالم جي بدران زاهد سمجهڻ لڳس، ۽ ائين سمجهيم، تہ هن سيئي انساني اصول بيڪار شين وانگر ذڪاري ڇڏيا هئا. انهيءَ هوندي بہ منهنجي ائين سمجهڻ کيس منهنجي قياس ۾ گهٽ نہ ڪيو. ڇاڪاڻ تہ مون پاڻ ڪجهہ عرصو اهڙو عقيدو پنهنجي اندر ۾ سانديو هو. متئين سبب ڪري، مون ائين ڇوڻ جو موقعو ورتو، تہ دنيا عام طرح اصولي ڳالهين ڏانهن قابل ملامت طريقي ۾ لاپرواهہ ٿيڻ شروع ڪيو آهي، ۽ انساني قياس جي تمام گهڻي پيروي ڪئي ٿي وڃي. "هائو سائين"، هن جواب ڏنو. جڻ تہ سموري علم کي ان ساعت لاءِ سانڍي رکيو هئائين، "هن وقت دنيا پنهنجي موهہ ۾ آهي، تنهن هوندي بہ علم پيدائش يا دنيا جي خلقت سيني زمانن جي حڪيمن کي منجهائي وڌو آهي. ڪهڙن راين جو منجهيل ميڙ آهي جو هنن دنيا جي خلقت تي نہ ڇيڙيو آهي؟ "سنچونيٿن"[1]، مٿيشو[2]، بيروسوس[3]، ۽ "آسيلوس ليوڪانوس" سيني انهيءَ تي اجايون ڪوششون ڪيون آهن. پوئين جا هي لفظ آهن: "سيني شين کي نڪا ابتدا آهي ۽

---

[1] سنچونيٿن: Sanchoniathon- هيءَ بيروت جو رهاڪو هو. چيو وڃي ٿو تہ هن شام جي مغربي علائقي ۽ مصر جي تاريخ لکي هئي، جنهن جو عيسوي پهرينءَ صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ فلو بيبلس (Philo Byblas)وڏي ڪشالي سان يوناني ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. هن جي راءِ موجب هيءُ صاحب سيمرامس (Semaramis) شام جي رائيءَ جي زماني ۾ رهندو هو ۽ پنهنجي تاريخ جو ڪتاب بيروت جي بادشاهہ کي هديہ طور پيش ڪيو هئائين.

[2] مٿيشويا منيٿو (Manetho) (280 ق.م): هيءَ هڪ مصري مذهبي رهنما هو. هن جو مقصد هو تہ يوناني بادشاهن کي مصري روايتن کان واقف ڪريان. هن يوناني ٻوليءَ ۾ مصري تاريخ سڪندر اعظم جي فتح تائين لکي. هن پراڻين روايتن کي پڪيءَ طرح سنواريو ۽ ٺاهيو ۽ ان ڪم ۾ نهايت خلوص دليءَ سان محنت ڪيائين. سندس اها هڪ تصنيف هئي ۽ ان جو دارومدار ان وقت جي معتبر روايات تي هو.

[3] بيروسوس (Berosus): هيءُ هڪ ڪلڊين (Caladean) مذهبي پيشوا هو.

نڪا انتها". مئنيئو جو "نيبيوچئڊن اثر [1]" جي زماني ڌاري رهندو هو. ان پڻ هڪ اهڙو نامعقول قياس ناهيو، جيئن ته اسين چئون ٿا، ته ڪتاب ڪڏهن به دنيا کي نه سيڪاريندا، تنهنڪري هن تفتيش ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪئي. "اثر" هڪ شاهي لفظ آهي، جو ان ملڪ جي بادشاهن سان ڪنيت جي نالي طور لڳايو ويندو هو، جيئن "تَغلَتِ فائل اَثر" ۽ "نيبَن اَثَر". پر سائين آءٌ معافي ٿو گهران، جو آءٌ مقصد کان وچڙيو پيو وڃان". سچ پچ ته هي سوال کان وچڙيو پئي ويو. آءٌ پڻ پنهنجيءَ ساريءَ ڄمار ۾ اهو معلوم ڪري نه سگهيس، ته جيڪي مون چيو هو، ان سان هن دنيا جي پيدائش جو ڪو تعلق هو، مگر هن جي گفتگو مون کي ڏيکارڻ لاءِ ڪافي هئي، ته هو هڪ علم وارو ماڻهو هو، ۽ هاڻي آءٌ ڪيس وڏيڪ عزت ڏيڻ لڳس. لهذا مون ڪيس ڪسوٽيءَ تي آڻڻ جو پڪو ارادو ڪيو، مگر هو ايترو ته گهڻو نرم دل ۽ حليم هو، جو هن ڪاميابيءَ لاءِ لڙڻ نٿي چاهيو. جڏهن مون ڪابه اهڙي ڳالهه تي ڪئي، جا تڪرار لاءِ للڪار ڏسڻ ۾ ٿي آئي، تڏهن هن مشڪيو ٿي، ڪنڌ ڌوڻيو ٿي، ۽ ڪجهه به نٿي چيو، جنهن مان مون سمجهيو ٿي، ته جيڪڏهن هو مناسب سمجهي ها، ته گهڻو ئي ڪي چئي سگهي ها. انهيءَ ڪري گفتگو جو موضوع ڪنهن به سعيي کان سواءِ قديم زماني جي ڪاروبار کان ڦري، ان شغل تي آيو، جنهن اسان ٻنهي کي ميلي تي آندو هو. مون ڪيس ٻڌايو، ته منهنجو مقصد گهوڙي وڪڻڻ جو هو، ۽ سچ پچ ته خوش نصيبيءَ سان سندس مقصد وري سندس هارين مان هڪ لاءِ گهوڙو خريد ڪرڻ جو هو. منهنجو گهوڙو جلدي پيش ڪيو ويو، ۽ تمام سٺي نموني ۾ اسان سودي جي تاڙي هنئي. هاڻي فقط مون کي پئسا ملڻا هئا. هن ٽيهن پائونڊن جو نوٽ ڪڍيو، ۽ مون کي ان جي مٽائڻ لاءِ چيائين. جيئن ته سندس مطلب پوري ڪرڻ جي صلاحيت مون ۾ ڪانه هئي، انهيءَ ڪري پنهنجي حاضريءَ واري نوڪر کي اندر سڏيائين. نوڪر تمام گهڻي ادب سان اچي حاضر ٿيو. هن چيو "ابرهام، هيءُ نوٽ وٺ، وڃ ۽ هن جو سونُ وٺي اچ. اهو ڪم تون پاڙيسريءَ "جئڪسن" جي دڪان تان لاهي اچ". جڏهين نوڪر ويو، تڏهن هن مون کي چانديءَ جي قلت جي مسئلي تي نهايت دلسوز شَدَمَدَ سان وندرايو، جنهن کي سڏارڻ جو

---

[1] نيبيوچئڊن اثر Nebuchadon Assar: هن 605 ق.م کان 562 ق.م تائين بئبلونا (Bobylonid) تي حڪومت ڪئي. هن بئبلان جون ديوارون نهرايون هن يروشلم (بيت المقدس) تي ڪاهه ڪئي ۽ اهو فتح ڪري يهودين کي قيد ڪري بئبلان ڏانهن وٺي ويو.

ڪم مون پڻ سون جي گهڙيءَ قلت تي افسوس ڪرڻ سان پاڻ تي ڪنيو. اهڙيءَ طرح جنهن وقت "ابرهام" واپس آيو. تنهن وقت تائين اسان بنهي اها ڳالهه قبول ڪئي، تہ پئسو ڪڏهن بہ اهڙو ڏکيو هٿ اچي نٿي سگهيو. جهڙو ان وقت ڏکيو هٿ آيو تي: "اَبرهام" اسان کي اطلاع ڏيڻ لاءِ واپس آيو. تہ هيءُ سچي ميلي ۾ هليو. مگر نوٽ مٽائي ڪين سگهيو. جيتوڻيڪ ان جي لاءِ هن" اَڏَڪرائون" ڏيڻ جي آڇ بہ ڪئي هئي. پيرسن توري ترسڻ ڪان پوءِ مون کي چيو. "ڇا توهين پنهنجي پسگردائيءَ ۾ رهندڙ هڪ "سالومَن فلمبرو" کي سڃاڻو؟" منهنجي جواب ڏيڻ تي تہ "فلمبرو" منهنجي گهر جي پير ۾ رهندڙ پاڙيسري آهي. هن وراڻي ڏني. جيڪڏهن ائين آهي، تہ پوءِ مون کي يقين آهي. تہ پاڻ سودو ڪري سگهنداسون. توهان کي هن تي هڪ درسني هندبي ڏيان تو ۽ اهو بہ ٻڌايان تو تہ چوڏاري پنجن ميلن جي گهيري ۾ اُن جهڙو دولتمند بيو ڪوبہ ڪونهي. "سالومن" ۽ آئون ڪيترا سال لاڳيتا پاڻ ۾ دوست تي رهيا آهيون. مون کي ياد آهي. تہ آءُ هميشه ڪيس ٽن ٽَپَنِ واريءَ راند ۾ هارائيندو هوس. پر هڪ ٽنگ تي ٽپن ڏيڻ ۾ هو مون کان گوءِ کڻي ويندو هو". مون لاءِ ٻفلمبرو ٻ تي هندبي اهڙي ئي هئي جهڙا پئسا. ڇاڪاڻ تہ آءٌ سندس لياقت کان اڳيئي بخوبي واقف هوس. هندبي صحيح ڪئي ويئي ۽ مون کي ڏني ويئي. ان بعد "مسٽر جينڪنسن" پير مرد بزرگ. سندس نوڪر "ابرهام" ۽ منهنجو گهوڙو "بلئڪ بيري" هڪ ٻئي سان گڏ تمام گهڻيءَ خوشيءَ ۾ ڊڪندا ويا.

توري وقت کان پوءِ وري ويچار ڪرڻ تي. مون اهو خيال ڪيو. تہ مون هڪ اجنبيءَ کان هندبي ونڻ ۾ تمام وڏي غلطي ڪئي آهي. انهيءَ ڪري خريدار جي پويان پوڻ ۽ سياٽپ سان ڪانئس پنهنجي گهوڙي ونڻ جو ارادو ڪيم. مگر هاڻي اهو وقت گذري چڪو هو. انهيءَ ڪري جيترو جلد ممڪن تي سگهيو. اوترو جلد پنهنجي دوست وٽان هندبيءَ کي پئسن ۾ تبديل ڪرڻ جي ارادي سان آءٌ سڌو گهر ڏانهن روانو تيس. مون پنهنجي ايماندار پاڙيسريءَ کي سندس در وٽ بيٺي چڪيندو ڏٺو. جڏهين مون ڪيس ٻڌايو تہ مون کي هڪ ننڍيءَ رقم جي هندبي ملي آهي، تڏهن هن ان کي بہ دفعا پڙهيو. مون چيو، " آئون سمجهان تو. تہ توهين نالو پڙهي سگهو تا. "ايفريم جينڪنسن". "هائو ايفريم جينڪنسن". هن جواب ڏنو. "نالو ڪافي چٽو لکيل آهي، ۽ آءٌ هن آسمان جي نيليءَ چٽيءَ هيناڻ رهندڙ ان هڪ وڏي ۾ وڏي بدمعاش کي سڃاڻان. هي اهو ساڳيو اُنوري آهي، جنهن

اسان کي عينڪون وڪيون هيون. ڇا، هي اڇيءَ ڏاڙهيءَ سان ڏسڻ ۾ بزرگ انسان نہ هو، ۽ سندس ڪيسي کي جهالرون نہ هيون؟ ڇا، هن يوناني ۽ جدا جدا قسمن جي ماڻهن جي مجموعي ۽ دنيا بابت ڊگهي علمي گفتگو ڪانہ ڪئي؟" مون ان جو جواب ڪنجهڪار ۾ ڏنو. هن سلسلۂ ڪلام جاري رکندي چيو، "ها، هن وٽ علم جو صرف اهوئي ذرڙو آهي، ۽ جڏهن ڪوبہ تعليم يافتہ پنهنجيءَ صحبت ۾ ڏسندو آهي، تڏهن اها ئي گفتگو ڪندو آهي. آءٌ انهيءَ بدمعاش کي سڃاڻان ۽ ڪيس ڏسي رهندس".

جيتوڻيڪ آءٌ اڳيئي شرمسار هوس، مگر منهنجي وڏي ۾ وڏي جدوجهد گهر ۾ اچڻ ۽ پنهنجيءَ زال ۽ ڌيئرن کي منهن ڏيڻ ۾ هئي. ڪوبہ گوسڙو شاگرد پنهنجي اسڪول ۾ وڃڻ ۽ پنهنجي استاد جي منهن لڳڻ کان ايترو گهٽو نہ ڊنو هوندو، جيترو آءٌ پاڻ پنهنجي گهر وڃڻ کان ڊنس تي. تنهن هوندي بہ مون اُنهن جي ڪاوڙ ۾ اچڻ کان اڳ پاڻ خود ڪاوڙ ۾ اچڻ جو پڪو پهہ پچايو.

مگر افسوس! اندر لنگهڻ تي، مون پنهنجي ڪٽنب کي ڪنهن بہ حالت ۾ جهڳڙي ڏانهن لاڙو ڪندڙ نہ ڏٺو. منهنجي زال ۽ ڌيئرون ڳوڙها ڳاڙي رهيون هيون، ڇاڪاڻ تہ "مسٽر ٿارنهل" انهيءَ ڏينهن اتي اچي اطلاع ڏنو هو تہ، سندن شهر واري مسافري مڪمل طرح ختم ٿي چڪي هئي. ٻئي عورتون ڪنهن بدخواهہ شخص کان اسان بابت خبرون ٻڌي، ان ڏينهن "لنڊن" ڏانهن روانيون ٿي ويون هيون. هو نڪي انهن بدخواهين جي خبر وٺي ٿي سگهيو، ۽ نہ ئي انهن جي بانيڪارن کي هٿ ڪري ٿي سگهيو. اهي ڪهڙيون بہ هيون ۽ انهن جو ڇيڙيندڙ ڪير بہ هو، مگر هو اسان کي پنهنجيءَ دوستيءَ ۽ حمايت جو يقين ڏياريندو رهيو. مون ڏٺو تہ جيئن تہ سندن پريشاني منهنجيءَ نراسائيءَ کان وڌيڪ هئي، انهيءَ ڪري هنن منهنجي مايوسيءَ کي تمام گهٽي صبر سان برداشت ڪيو. جنهن ڳالهہ اسان کي گهٽي ۾ گهٽي مونجهاري ۾ وڌو، سا هئي اهو خيال ڪرڻ تہ، ڪير اهڙو ڪميڻو هو، جو اسان جهڙي بي ضرر، حسد کي پڙڪائڻ کان پرهيز ڪندڙ، ۽ نفرت پيدا ڪرڻ کان بري ڪٽنب جي اخلاق تي چندن هڻڻ جو ڪم ڪري سگهيو ٿي.

*

# باب پندرهون

## مسٽر برچل جي بدمعاشيءَ جو ظاهر ٿيڻ

اها شام ۽ ايندڙ ڏينهن جو پهريون حصو پنهنجن دشمنن جي جستجو ۾ اجايو صرف ڪيو ويو. ورلي ڪو پاڙي جو ڪٽنب هوندو جنهن ۾ اسان کي شڪ نہ پيو هوندو. اسان مان هرهڪ کي پنهنجي گمان لاءِ جدا جدا دليل هئا، جي صرف اسان کي ئي معلوم هئا. اجا اسان پنهنجيءَ تشويش ۾ هئاسون، تہ اسان جا ننڍڙا ڇوڪرا جن ٻاهر راند پئي ڪئي، انهن مان هڪ اسان وٽ خطن جي پيٽي کڻي آيو. جا هن ٻاهران ساوڪ تان لڌي هئي. جلدي خبر پئجي ويئي، تہ اها "مسٽر برچل" جي هئي، جنهن وٽ اها اڳ ڏٺي ويئي هئي. جاچ ڪرڻ تي معلوم ٿيو، تہ ان ۾ جدا جدا ڳالهين تي اشارا هئا، پر جنهن شيءِ اسان جي ڌيان کي خاص طرح ڇڪيو، سو هو هڪ بند ٿيل خط. جنهن جي مٿان لکيل هو، "ان خط جو نقل جو ٿارنهل ڪوٺ ۾ عورتن ڏانهن موڪلڻو آهي." اسان کي يڪدم سجهي آيو، تہ هيءَ ئي اهو ڪمينو اطلاع ڏيندڙ هو، ۽ ويچار ڪيوسون تہ خط کي کولجي يا نہ! آءٌ خط کولڻ جي برخلاف هئس، مگر "صوفيا" جنهن چيو تہ ڪيس خاطري هئي، تہ اهڙيءَ ڪميڻپ جي ڪم لاءِ هو سڀني ماڻهن جي پويان هوندو، تنهن ان جي کولي پڙهڻ تي زور ڏنو. هن ڳالهہ ۾ سڀني گهر وارن سندس تائيد ڪئي، ۽ سڀنيءَ جي گڏيل عرض تي مون اهو خط کولي هيٺينءَ طرح پڙهڻ شروع ڪيو.

معزز بيگمات!

"خط جو کڻي ايندڙ توهان کي ان شخص بابت مڪمل طرح مطمئن ڪندو، جنهن وٽان هيءَ اچي ٿو. ڪم از ڪم هيءُ هڪ اهو انسان آهي، جو ابوجهائيءَ جو دوست آهي، ۽ ان جي برغلائجڻ کي روڪڻ لاءِ تيار آهي. مون کي معلوم ٿيو آهي، تہ اهي بہ نوجوان عورتون، جن سان منهنجي ڪجهہ واقفيت آهي، انهن کي توهان سهيلين طور شهر ۾ آڻڻ جو ڪجهہ ارادو رکو ٿيون. جيئن تہ آءٌ نڪي سادگيءَ جي نڳجڻ ۽ نڪي اخلاق جي ناپاڪ ٿيڻ جو طرفدار آهيان، تنهنڪري آءٌ اوهان کي ضرور مطلع ڪندس تہ ناجائزگيءَ جو اهڙو قدم خوفناڪ نتيجن جو سبب بڻبو. بدنام يا لانگ ڇوٽي سان مون ڪڏهن بہ سختيءَ جي هلت اختيار نہ

ڪئي آهي. هينئر پڻ آءٌ اوهان کي سمجهائڻ يا ان حماقت کي تنبيهه ڪرڻ جو هيءُ طريقو نه وٺان ها. جيڪڏهن اوهان جي ان هلت جو مقصد گناهه جو نه هجي ها. انهيءَ ڪري هڪ دوست جي نصيحت وٺو ۽ خلوت وارين جاين ۾ جتي هن کان اڳ امن ۽ معصوميت رهندا آيا آهن. اتي بدناميءَ ۽ بيچڙائيءَ جي داخل ڪرڻ جي نتيجن تي ڳوڙهو ويچار ڪريو."

اسان جي شڪن جي هاڻي پڇاڻي ٿي. هن خط ۾ سچ پچ ته ڪجهه مڙوئي اهڙو مواد هو، جو بنهي طرفن سان لڳي ٿي آيو. ان جي ملامت انهن ماڻهن سان اهڙو ئي واسطو رکندڙ هئي، جن ڏانهن اهو خط لکيل هو. جهڙو اسان سان، پر بدخواهيءَ جو مطلب پڌرو هو، ۽ اسين اڳتي ڪونه وياسون. منهنجي زال خط جي پڇاڙيءَ تائين پڙهڻ لاءِ تيار نه هئي، پر لکندڙ تي اَجهل ڪاوڙ سان ملامتون ڪيائين. "اوليويا" به اهڙي ئي سخت ڪاوڙيل هئي ۽ "صوفيا" هن جي ڪميڻائپ تي مڪمل طرح حيران ڏسڻ ۾ آئي. مون کي وري اهو هڪ اڻ ڪونيل احسان فراموشيءَ جو بيچڙي ۾ بيچڙو مثال ڏسڻ ۾ آيو، جنهن سان مون کي دوچار ٿيڻو پيو هو. آءٌ پڻ انهيءَ راءِ جو هوس ته هن تُهمَتَ رکڻ لاءِ هن کي سواءِ هن جي ٻيو ڪوبه سبب نه هو ته جيئن منهنجي ننڍڙي ڏيءَ ڀهراڙيءَ ۾ ترسي پئي ۽ ڪيس ساڻس ملاقات ڪرڻ جا وڌيڪ وجهه ملي سگهن. انهيءَ ڪري اڃا اسان سيني ڪانئس وير وٺڻ جي رٿن تي ويچار پئي ڪيو، ته اسان جو ٻيو ٻار ڊوڙندو اندر آيو، ۽ اسان کي ٻڌايائين، ته "مسٽر برچل" ٻنيءَ جي ٻئي ڇيڙي کان ويجهو وڌندو پئي آيو. جيڪي سخت درد، تازي ڦٽيل زخم کان محسوس ڪجن ٿا، ۽ جيڪا خوشي بدلي وٺڻ جي ويجهي اچڻ تي محسوس ڪئي وڃي ٿي، ان کي بيان ڪرڻ کان خيال ۾ آڻڻ وڌيڪ سولو آهي. جيتوڻيڪ اسان جو ارادو صرف ڪيس سندس احسان فراموشيءَ متعلق ڏوراپي ڏيڻ جو هو. تنهن هوندي به فيصلو ڪيو ويو، ته اهو ڪم پوريءَ طرح چڻڻ جي طريقي ۾ ڪيو وڃي. ان مقصد لاءِ اسان پاڻ ۾ ساڻس دستوري مشڪ سان ملڻ، شروعات ۾ معمولي مهربانيءَ کان وڌيڪ چرچي گهٻي ڪرڻ، ڪيس ڪجهه وندارڻ ۽ ان کان پوءِ خوشامد ڪندڙ سانت جي وچ ۾ ڏرتيءَ جي زلزلي وانگر سندس مٿان ڪڙڪڻ، ۽ سندس ڪيل ڪميڻپ جي احساس سان ڪيس ويڙهي وجھڻ جو فيصلو ڪيو. ان فيصلي تيڻ تي منهنجيءَ زال، جنهن کي اهڙي

ڪم جي سرانجام ڪرڻ لاءِ سچ پچ تہ ڪجهہ لياقتون هيون. تنهن سموري ڪاروبار جو بار پاڻ تي کنيو. اسان کيس ايندو ڏٺو. هي اندر آيو. هڪ ڪرسي ريڙهيائين ۽ ان تي ويهي رهيو. (مون چيو) ”مسٽر برچل اڄ ڏينهن تہ واه جو ٽيو آهي“. هن جواب ڏنو. ”ڊاڪٽر اڄوڪو ڏينهن برابر عمدو آهي. جيتوڻيڪ آئون پانيان ٿو تہ منهنجي فصل جي سنگن نسرڻ وقت ڪجهہ مينهن پوندو. ”تنهنجي سنگن جي نسرڻ تي مينهن؟“ منهنجيءَ زال بلند آواز سان ٿهڪ ڏيندي چيو. ۽ پوءِ کيل چرچي لاءِ معافيءَ جي طلب ڪيائين. هن جواب ڏنو. ”آءٌ پنهنجيءَ دل و جان سان توکي معاف ڪريان ٿو. آءٌ ساک سان چوان ٿو. تہ تون جيڪڏهن مون کي نہ ٻڌائين ها، تہ آءٌ هوند ان کي چرچو نہ سمجهان ها“. منهنجيءَ زال اسان ڏانهن اک جو اشارو ڪندي چيو. ”سائين شايد (نہ سمجهيو هجيو). تنهن هوندي بہ مون کي خاطري آهي، تہ توهين ٻڌائي سگهندا، تہ اڌ آني ۾ ڪيترا چرچا ٽُرَندا“. مسٽر برچل وراڻيو. ”آءٌ پانيان ٿو. تہ توهان اڄ صبح جو چرچن جو ڪتاب پئي پڙهيو آهي. اهو اڌ آنو چرچن جو تمام سٺي خود پسندي آهي، ۽ مون اجا تائين عقل جو اڌ آنو بہ ڪو شايد محال ڏٺو هجي“. منهنجي زال اجا تائين اسان ڏي نهاريندي پئي کليو. جيتوڻيڪ اها ڪل سندس ئي متان هئي، ۽ واڪو ڪري چيائين. ”مون کي يقين آهي تہ تو اهو ڏٺو هوندو. مون ڪي ماڻهو ڏٺا آهن، جن کي جيتوڻيڪ تمام ٿورو علم هوندو آهي تہ بہ هو گهڻيءَ چاڻپ جو مڪر ڪندا آهن“. مسٽر برچل جواب ڏنو. ان ۾ شڪ نہ آهي، تہ توهان کي انهن عورتن جي خبر آهي، جن کي نڪتہ سنجيءَ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي، مگر اها منجهن نہ آهي“. مون جلدي محسوس ڪيو، تہ منهنجي زال هن ڪم ۾ گهڻي قدر ڪامياب نہ ٿيندي، انهيءَ ڪري مون خود سائس وڌيڪ سختيءَ سان برتاءُ ڪرڻ جو ارادو ڪيو. مون واڪو ڪري چيو. ”عقل ۽ چاڻپ ٻئي ايمانداريءَ کان سواءِ بيڪار آهن. ايمانداري اها شيءِ آهي، جا هر هڪ ڪار پرداز کي قيمت ڏئي ٿي. غلطين کان آجو. پولو پالو ڪڙمي، گهڻين غلطين واري فيلسوف کان وڌيڪ عزت وارو آهي، ڇاڪاڻ تہ ذهن ۽ ذڪاءُ يا جرائت دلي پاڪائيءَ کان سواءِ ڇا آهن. هڪ ايماندار ماڻهو خدا جي بهترين مخلوق آهي“.

مسٽر برچل وراڻيو، ”مون هميشہ پوپ جي ان تمثيل تي عمل ڪيو آهي تہ ڪنڌُ فهم ماڻهو پنهنجو شان نہ سڃاڻندو آهي. جيئن ڪتابن جي ناموس

سندس وڏن کان آجي هئڻ سبب نتي وڏي، مگر منجهن جيڪي خوبيون آهن، انهن جي تعداد موافق وڏي ٿي، تيئن ماڻهن کي پڻ سندس، ڏوهن کان بري هئڻ سبب نہ، مگر انهن وصفن جي انداز مطابق اعليٰ سمجهڻ گهرجي، جي منجهن موجود آهن. تعليم يافت پلي سياٽپ جي ڊاڙ هٽي، مدبر کي پلي فخر هجي، ۽ جنگي جوڌي کي پلي شوخي ۽ ڪرڙائي هجي، مگر ڇا اسين انهن کي هڪ هيٺائين درجي تي رهندڙ ڪاسبيءَ تي ترجيح ڏينداسون، جو محنت ۽ ڪشالي سان زندگي گذاري ٿو، ۽ تحسين کان سواءِ حياتيءَ جو سمنڊ جهاڳي ٿو. ساڳيءَ طرح اسين ”فليمش اسڪول [1] جي جهڪَن صحيح نقشن کي رومي نقاشن جي نقصن وارين مگر عمدين ۽ جاندار شڪلين تي ترجيح ڏينداسون“.

مون جواب ڏنو، ”سائين توهان جي هاٺوڪي چوٽي تڏهن انصاف تي مبني آهي، جڏهن گُڻَ روشن آهن ۽ وِڏون خسيس آهن، پر جڏهن ائين ظاهر ٿو ٿئي، تہ وڏيون وِڏون ساڳيءَ دل ۾ غير معمولي ڳُڻن سان مقابلي ۾ آهن، تڏهن اهڙو انسان حقارت جي لائق آهي“.

هن چيو، ”جهڙا اوهان بيان ڪريو ٿا، تهڙا گهٽين براين سان گڏ گهٽيون نيڪيون رکندڙ راڪاس شايد ڪي هجن، مگر مون پنهنجيءَ زندگيءَ جي دوران ۾ سندن وجود جو صرف هڪڙو بہ مثال نہ ڏٺو آهي. ان جي برعڪس، مون هميشہ ائين معلوم ڪيو آهي، تہ جتي دل وسيع آهي، اتي محبت وڏيڪ نيڪ آهي. سچ پچ تہ، اسان جو پروردگار هن تفصيل ۾ اسان تي نهايت گهڻي مهرباني ڪندڙ ۽ مشفق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. انهيءَ ڪري جتي دل گندي آهي، اتي عقل کي هيٺو ڪرڻ، ۽ جتي ڪا حرڪت ڪرڻ جي طلب آهي، اتي طاقت کي گهٽائڻ جو ڪم ڪيو اٿس. هي قاعدو بين جانورن سان پڻ لاڳو ٿيندڙ نظر اچي ٿو. ننڍڙن هلاڪ ڪندڙ جيوَنَ جي جنس هميشہ تڪليف ڏيندڙ، ظالم ۽ گيدي آهي. وري اهي جيڪي طاقت ۽ زور سان نوازيل آهن، سي سخي، بهادر ۽ نهايت حليم آهن“.

---

[1] فليمش اسڪول: هيءُ هڪ نقاشيءَ جو اسڪول آهي، جو پندرهين صديءَ جي وَئن اويڪ (Van Eyck) ۽ سندس پاٽرن برپا ڪيو هو. هن ۾ اوائلي استاد ميملنگ (Memling) ويدن (Weyden) مئٽسز (Metsys)، مئبوز (Mabuse)، ۽ مور (More) هئا. ان کان پوئين زماني ۾ منجهس هيٺيان مکيہ استاد هڪ ٻئي جي پويان ڪم ڪندا آيا. رُبنس، ريمبرٽنڊ (Rembrand) پالپاٽر (Paulpatter) ۽ جورڊينس (Jordaens).

مون وراڻي ڏني، ”توهان جا اهي رايا چڱا ڏسڻ ۾ تا اچن، پر اهو وڌيڪ چڱو ٿيندو، جو هڪ اهڙي ماڻهوءَ ڏانهن اشارو ڪيو وڃي، (ائين چئي مون ڏانهنس گهور سان نهاريو ۽ چيو) جنهن جي دل ۽ دماغ پاڻ ۾ نفرت جهڙا اختلاف رکن ٿا“. مون پنهنجو آواز بلند ڪندي ۽ سلسلهٔ ڪلام جاري رکندي چيو، ”آءٌ ان ماڻهوءَ تي سندس وهمي اطمينان جي باوجود سهي ڪرڻ جي موقع ملڻ تي نهايت خوش آهيان.“ ”جناب، تون هيءَ چوپڙي سڃاڻين ٿو؟“ ”هائو سائين“، هن بيپرواهيءَ سان جواب ڏنو. ”اها چوپڙي منهنجي آهي، ۽ آءٌ خوش ٿيو آهيان، جو اوهان اها لڌي آهي“. مون واڪو ڪري چيو، ”۽ هي خط سڃاڻين ٿو؟ اصل پس و پيش نہ ڪر، پر منهنجي منهن ۾ چڱيءَ طرح نهار. آءٌ جوان ٿو، تہ هيءُ خط سڃاڻين ٿو؟“ هن وراڻيو، ”اهو خط! ها، مون ئي اهو خط لکيو آهي“. مون چيو، ”۽ تون ڪيئن ايتريءَ ڪميڻپ ۽ احسان فراموشيءَ سان هن خط لکڻ جي جرائت ڪري سگهئين؟“ هن لاتاني بي حيائيءَ جي نگاهن سان جواب ڏنو. ”۽ اوهان ڪيئن بي حيائي ڪري هن خط جي سيل ٽوڙي، ان جي کولڻ جي جرئت ڪئي. توهان کي خبر آهي تہ هن سبب آءٌ هينئر جو هينئر اوهان سيني کي سزا ڏياري سگهان ٿو. سڀ ڪجهہ جيڪي مون کي ڪرڻو پوندو، سو اُهو تہ آءٌ ويجهڙائي واري جج وٽ قسم کڻان، تہ اوهين منهنجي ڪيسي جي ڪتابڙيءَ جي ڪلف پٽڻ جا ڏوهي ٿيا آهيو. ۽ اهڙيءَ طرح ان جي دروازي تي اوهان کي جوابدار ٺهرايان“. هن جي غير متوقع بي ادبيءَ جي هن فُقري، مون کي ڪاوڙ جي اهڙيءَ تہ چوٽيءَ تي پهچايو، جو آءٌ پنهنجي جذبي کي اصل سنڀالي نہ سگهيس: ”احسان فراموش، ڪميٽا نڪري وڃ، ۽ پنهنجيءَ بڇڙائيءَ سان منهنجي مڪان کي وڌيڪ وقت لاءِ پليت نہ ڪر. نڪري وڃ، ۽ ڪڏهن بہ منهنجي اڳيان نہ اچج. منهنجي در تان هليو وڃ، ۽ صرف سزا جنهن جي آءٌ تنهنجي لاءِ طلب رکان ٿو، سا اها آهي، تہ تنهنجو ضمير توکي ڪافي ايذاءُ رسائيندو رهي“. ائين چوندي، مون ڏانهس ڪيسي واري چوپڙي اڇلائي، جا هن مشڪندي ڪنئي، ۽ ان جا ڦڙڪا نهايت سنجيدگيءَ سان بند ڪري، اسان کي سندس خود اعتماديءَ ۽ بربادي تي حيران ٿيل ڇڏي هليو ويو. منهنجي زال خاص طرح ڪاوڙي، ڇاڪاڻ تہ ڪابہ ڳالهہ کيس ڪاوڙائي يا پنهنجي دغابازين تي شرمسار ڪري نہ سگهي. جيڪي جذبا اسان سينيءَ ۾ چوٽيءَ تي

چڙهي ويا هئا. انهن جي ماني ڪرڻ لاءِ مون چيو، ”منهنجي پياري، اسان ڪي ان تي حيران ٿيڻ نہ گهرجي، تہ خراب ماڻهن ۾ شرم جي گهٽتائي آهي. جڏهن سندن چڱائي پڌري ٿي پوي ٿي تڏهن هو شرم ڪان ڳاڙها ٿي وڃن ٿا. مگر پنهنجي بڇڙاين تي ناز ڪن ٿا“.

هڪ تمثيلي آکاڻي آهي تہ ڏوهہ ۽ شرم پهريائين پاڻ ۾ رفيق هئا، ۽ پنهنجيءَ مسافريءَ ۾ يڪ جان دو قالب نموني هڪ ٻئي سان گڏ رهندا هئا. مگر جلدي سندن ايڪتا ٻنهي جي ناپسنديده ۽ جوڪائتي معلوم ٿي. گناهہ شرم کي تمام گهٽيون تڪليفون ڏنيون، ۽ شرم اڪثر گناهہ جي لڪل منصوبن کي ڇنيپيو، تنهن ڪري گهٽي وقت جي ناپسنديدگيءَ ڪان پوءِ، هنن آخر هميشہ لاءِ هڪ ٻئي کان جدا ٿيڻ قبول ڪيو. گناهہ نصيب ٿي، جو قاتل جي شڪل ۾ اڳيان پئي ويو، ڪامياب پوڻ لاءِ بهادريءَ سان اڪيلي سر اڳتي وڌيو، پر شرم، جيئن تہ فطري طرح ڊڄڻو هو، انهيءَ ڪري موٽي ان نيڪيءَ سان پنهنجو پيوند رکڻ آيو، جنهن کي هنن پنهنجيءَ مسافريءَ جي شروعات ۾ پوئتي ڇڏيو هو. اهڙيءَ طرح منهنجا ٻچا، جڏهن ماڻهن گناهہ جي ڪن منزلن کي طئي ڪيو آهي، تڏهن شرم انهن کي ڇڏي ڏي ٿو، ۽ موٽي اچي انهن ٿورين نيڪين جي خدمت ۾ گذاري ٿو، جي اجا تائين منجهن بچيل آهن.

*

# باب سورهون

## ڪتنب جون حرفتون

”صوفيا“ جا جذبا کهڙا بہ ڪٽي هجن، مگر بئي سچي ڪتنب ”مسٽر برچل“ جي غير حاضري متعلق زميندار جي ڪچهريءَ ذريعي تسلي حاصل ڪئي هئي، جنهن جون ملاقاتون متواتر ٿيڻ لڳيون. جيتوڻيڪ جئين هن چاهيو ٿي، تيئن منهنجي ڏيئرن کي شهر جي وندرن حاصل ڪري ڏيڻ ۾ هو نااميد ٿي پيو هو. تنهن هوندي بہ جيتري قدر اسان جي رهڻ جي جڳهہ ۾ ٿي سگهيو ٿي، اوتري قدر ڪين ننڍين آسائشن ميسر ڪري ڏيڻ جو هرڪو موقعو ورتائين ٿي. هو هميشه صبح جو ايندو هو. ۽ جيستائين آئون ۽ منهنجو پٽ ٻاهر پنهنجي ڏنڌي تي هوندا هئاسون، تيستائين گهر جي ٻين ياتين وٽ ويهندو هو. ۽ ڪين شهر جي انهن حصن جي بيان ڪرڻ سان وندرائيندو هو، جن جو هو خاص طرح واقف هو. هو اهي سيئي ڳالهيون دهرائي سگهندو هو، جيڪي وندرگاهن جي فضا ۾ تفصيل سان بيان ٿينديون هيون، ۽ سيئي اعليٰ ظرافت واريون سٺيون ڳالهيون مزاحيا ڪتابن ۾ شايع ٿيڻ کان اڳ برزبان ياد هونديون هيس. گفتگوءَ جي وچ وارو وقت منهنجي ڏيئرن کي پتي راند سيکارڻ يا ڪن وقتن تي منهنجن ننڍڙن کي ڦڙت بنائڻ لاءِ نونشي بازي سکڻ جي ترغيب ڏيڻ ۾ گذاريندو هو. پر ڪيس پنهنجي نانيءَ بنائڻ جي اميدن، اسان سيني کي ڪجهہ قدر سندس خامين کان انڌو ڪري ڇڏيو هو. اهو ضرور قبول ڪرڻ گهرجي، تہ منهنجيءَ زال ڪيس ڦاسائڻ لاءِ هزارين تجويزون رٿيون هيون، يا وڌيڪ نزاڪت سان ائين ڪٽي چئجي، تہ پنهنجي ڏيئرن جي لياقتن کي وڌائڻ لاءِ پنهنجو هرڪو فن ڪم آندو هئائين. جيڪڏهن چانهہ سان کائڻ وارا ڪيڪ ننڍڙا ۽ ڪڙڪيدار هوندا هئا، تہ اهي ”اوليويا“ جا ناهيل هئا. جيڪڏهين خارتوت جو شراب چڱيءَ ريت هو، تہ خارتوت جا پير وري سندس چونڊيل هئا. ۽ اهي سندس ئي آگريون هيون، جن آچارن کي خاص قسم جي تازگي ڏني. ۽ پڊنگ جي بناوت ۾ سندس ئي محنت شامل هئي، ڪن وقتن تي اها آلي پولي عورت زميندار کي چوندي هئي، تہ توهين ۽ ”اوليويا“ بئي هم قد آهيو. ۽ ان ڏسڻ لاءِ تہ منجهائن ڪير وڌيڪ ڊگهو هو، هوءَ ٻنهيءَ کي گڏ بيهڻ جو حڪم ڪندي هئي. سندس اهي اٽڪلن واريون فرمائشون، جيڪي ٻي اٿر

هئڻ جي باوجود بہ، بين چڱيءَ طرح معلوم تي ڪيون، ۽ انهن اسان جي خيرخواه کي تمام گهڻو خوش تي ڪيو. زميندار سيڪنهن ڏينهن تي پنهنجي قرب جا نوان نوان ثبوت ڏيندو هو، جي جيتوڻيڪ شاديءَ جي تجويزن تائين نہ پهتا هئا، تڏهن بہ اسان کين ان کان تورڙو ئي گهٽ سمجهيو تي، ۽ سندس ڊرائيءَ کي ڪن وقتن تي فطري حيا ۽ ڪن وقتن تي سندس چاچي جي ناراض ٿيڻ جي خوف جو سبب قرار ڏنو تي ويو. تنهن هوندي بہ، هڪ واقعو جو ان کان پوءِ جلدي رونما تيو، تنهن اسان جي ان خيال کي پختو ڪيو تہ هن اسان جي ڪٽنب سان هڪ ٿيڻ جو ارادو ڪيو هو. منهنجيءَ زال تہ مورڳو ان کي پورو پورو وعدو ڪري شمار ڪيو.

منهنجي زال ۽ ڌيئرون جڏهن پاڙيسريءَ "فلمبرو" وارن وٽ ملاقات تي ويون، تڏهن ڏٺائون تہ ان ڪٽنب تازو پنهنجون صورتون هڪ نقاش کان نقش ڪرايون هيون. اهو نقاش ڀرپاڙيءَ ۾ مسافري ڪري رهيو هو، ۽ 15 شلنگن في مورت جي حساب سان مورتون نقش ڪيائين تي. جيئن تہ اسان جي ڪٽنب ۽ هن جي ڪٽنب جي وچ ۾ گهڻي عرصي کان مذاق جي رقابت چالو هئي، تنهنڪري اسان جي دل اسان جي مٿان تيل ڳجهيءَ فوقيت کان آگاهہ تي، ۽ منهنجي منع ڪرڻ جي باوجود اهو پڪو ارادو ڪيو ويو، تہ اسان کي پڻ پنهنجون صورتون نقش ڪرائڻ گهرجن. نقاش کي ڪم سان لڳائڻ کان پوءِ اسان جو بيو ويچار پنهنجي مذاق کي بُلند درجي تي ڏيکارڻ جو هو. جيتري قدر اسان جي پاڙيسريءَ جي ڪٽنب جو احوال آهي، تہ ان ۾ ست ماڻهو هئا ۽ کين ستن سنگترن سان مشابهت ڏيئي نقش ڪيو ويو هو. اهو هڪ اهڙو نقش هو جو دلچسپيءَ کان بلڪل خالي هو. جاندارن ۾ اهڙي ڪا جنس ئي ڪونهي ۽ ڪابہ اهڙي ملاوت دنيا ۾ نہ آهي. اسان پاڻ کي ڪنهن اعليٰ طريقي نقش ڪرائڻ جا خواهشمند هئاسون، ۽ گهڻن بحثن کان پوءِ آخرڪار يڪراءِ هن فيصلي تي آياسون، تہ اسين سڀ گڏ هڪ تاريخي ڪٽنب مثل نقش ڪيا وڃون. جيئن تہ سڀئي ڪٽنب هڪ ئي مورت ۾ نقش ڪيا ويا هئا، انهيءَ ڪري اسان سيني لاءِ پڻ صرف هڪ فريم ڪم اچي سگهيو تي، ۽ اهو وڌيڪ سَستو ۽ ان سان گڏ وڌيڪ عمدو بہ ٿيڻو هو. جيئن تہ اسين ڪو تاريخي مضمون يڪدم دل تي آڻي نہ سگهياسون، انهيءَ ڪري اسان مان هرهڪ پنهنجي خيال موجب تاريخي شخصيتن مان ڪنهن بہ هڪ جي حيثيت ۾ نقش

آڪڙ ڪي وڏائڻ جي بدران، نهايت ذلت ڀريي نموني رڌڻي جي پِٺ ڪي ٽيڪ ڏياري رکي ويئي، جتي ٺُلهي سٽيءَ جي ڪپڙي ڪي ڀڪيڙيو ۽ نقش ڪيو ويو هو. تصوير ڪنهن بہ دروازي وچان نڪرڻ ڪان گهٽو وڏي، ۽ سيني پاڙيسرين لاءِ هڪ چرچو هئي. هڪ ان ڪي ”رابنسن ڪروزو (١)“ جي ڪجي سگهڻ ڪان وڏيءَ ٻيڙيءَ سان مشابهت ڏني، ٻئي وري چيو تہ اها شيشي ۾ پيل ڊيري سان وڌيڪ مشابهت تي رکي، ڪنهن عجب ڪاڏو، تہ اها ٻاهر ڪيئن نڪري سگهندي، پر اجا بہ گهڻن عجب ڪاڏو، تہ اها ڪيئن اندر وجي سگهي.

انهيءَ نقش جيتوڻيڪ ڪن ماڻهن ۾ ٺنوليءَ ڪي پڙڪايو، مگر گهڻن جي دلين ۾ بغض وارا خيال پڻ اُڀاريا. زميندار جو اسان سان گڏ تصوير ۾ موجود هئڻ، هڪ نهايت وڏيءَ عزت جي ڳالهہ هئي، ۽ اها يقيناً حسد ڪان بچي نٿي سگهي. اهڙيون بدناميءَ جهڙيون رَوَشون اسان سان هلڻ لڳيون، ۽ اسان جو آرام بہ مسلسل انهن ماڻهن جي ڪري ڦٽڻ لڳو، جي دوستن وانگر اسان ڪي اهي ڳالهيون ٻڌائڻ ايندا هئا. اهي خبرون اسين هميشہ حوصلي واري مزاج سان دل ۾ رکندا هئاسون. جيئن تہ بدناميءَ جهڙي ڳالهہ مخالفت سان درست ڪئي ويندي آهي، انهيءَ ڪري اسين وري هڪ دفعو وڌيڪ پنهنجن دشمنن جي بد خواهيءَ ڪي ٽارڻ لاءِ صلاح مصلحت ڪرڻ لڳاسون. اسين آخر هڪ اهڙي نهراءَ تي پهتاسون، جنهن ۾ ايتري تہ گهٽي حرفت رکيل هئي، جو اهو مون ڪي اصل پسند نہ پيو. جيئن تہ اسان جو مقصد هو، تہ ”مسٽر ٿارنهل“ ڪليءَ طرح ”اوليويا“ سان شاديءَ ڪرڻ جي تمنا جي پڌرائي ڪري، انهيءَ ڪري منهنجيءَ زال سندس پَڪَ وٺڻ لاءِ مڪر ڪري ڪانئس ”اوليويا“ جي لاءِ مڙس جي چونڊ بنسبت صلاح پڇڻ جو ڪم پاڻ تي ڪنيو. اهو پڻ فيصلو ڪيو ويو، تہ جيڪڏهن اهو ڪيس ڪنهن پڌرائي لاءِ آماده ڪرڻ ۾ ڪافي نہ ڏنو ويو، تہ هوءَ ”ٿارنهل“ جي خلاف تيار ڪيل رقيب سان شادي ڪندي، جيڪڏهن هو ڪيس هٽ ڪرڻ لاءِ ان ڪي پنهنجي ڪُليءَ پڌرائيءَ سان نہ روڪيندو. اها هڪ اهڙي تجويز پيش ڪئي ويئي هئي، جنهن جي جيتوڻيڪ آءٌ زوردار مخالفت ڪري نہ سگهيس، تہ بہ ان ڪي پوريءَ طرح پسند بہ نہ ڪيم.

ٻئي دفعي جڏهن ”مسٽر ٿارنهل“ اسان سان ملاقات ڪرڻ آيو، تڏهن منهنجون ڌيئرون پنهنجيءَ ماءُ ڪي سندس تجويز ڪي عمل ۾ آڻڻ لاءِ وجهہ ڏيڻ

---

[1] رابنسن ڪروزو: هن جو احوال باب ستين ۾ صفحي جي زيرِ حاشيہ ۾ ڏنو ويو آهي.

خاطر وچ مان هٿي ويون ۽ ٻي ڪونيءَ ۾ وڃي وينيون. جتان سموري گفتگو ٻڌي سگهيون ٿي. منهنجيءَ زال قابليت سان پنهنجيءَ تجويز کي پيش ڪيو. هن چيو، "فلمبرو" وارين ڇوڪرين مان هڪڙيءَ کي نهايت عمدو مڙس ملڻ وارو آهي، جو هنن "مسٽر تارنهل" "مسٽر اسپينڪر" کي ان لاءِ چونڊيو آهي". زميندار جي هائو ڪرڻ تي هن چيو، "اهي ڇوڪريون جي دنيادار آهن، انهن کي سٺن مڙسن ملڻ جي خاطري آهي، مگر رب سائين شال انهن ڇوڪرين جي واهر ڪري، جي سندن اثر ۾ آهن. "مسٽر تارنهل"! هن خود غرضيءَ جي زماني ۾ حُسن ڪهڙي معنيٰ رکي ٿو؟ يا هن دنيا ۾ هي سيئي فضيلتون ۽ خوبيون ڪهڙي معنيٰ رکن ٿيون؟ ان جو خيال نه آهي، ته هوءَ ڪهڙي آهي، مگر پڇا صرف اها آهي، ته هن کي ڇا آهي".

هن جواب ڏنو، "آءٌ توهان جي سٺي راءِ کي تمام گهڻو پسند ٿو ڪريان، ۽ اوهان کي دلجاءِ ٿو ڏيان، ته جيڪڏهن آءٌ بادشاهه هجان ها، ته شاديون ڪنهن ٻئي نموني ٿين ها. سچ پچ ته، اهو وقت انهن ڇوڪرين لاءِ تمام گهڻيون خوشيون آڻيندڙ ٿي پوي ها، جي دولت مند نه آهن. اسان جون هي ٻه نوجوان ڇوڪريون پهريون ئي هجن ها، جن لاءِ آءٌ هوند تمام لائق مڙس هٿ ڪريان ها. منهنجي زال جواب ڏنو، "هائو سائين، توهان نهايت خوش مزاج ٿيڻ جي نوازش ڪئي آهي، آءٌ پڻ چاهيان ٿي، ته آءٌ هوند راڻي هجان، ۽ پوءِ معلوم ڪريان، ته منهنجيءَ وڏيءَ ڌيءَ کي مڙس لاءِ ڪتي اميد رکڻ گهرجي. پر هاڻي، جيئن ته توهان منهنجي ڌيان تي اها ڳالهه آندي آهي، تنهنڪري "مسٽر تارنهل" سچي پچي ٻڌاءِ، ته ڇا، تون ان جي لاءِ مون کي ڪنهن لائق خاوند جي صلاح ڏيئي نٿو سگهين؟ هوءَ هن وقت اڻويهن سالن جي، ڪافي وڏي چڱي تعليم يافته آهي، ۽ منهنجيءَ نماڻي راءِ موجب منجهس ڪنهن به قسم جي لياقت جي گهٽتائي نه آهي".

هن جواب ڏنو، "خاتون، جيڪڏهن مون کي چونڊ ڪرڻي هجي، ته آءٌ هوند هڪ اهڙو شخص هٿ ڪريان، جيڪو سيني فضيلتن جو مالڪ هجي، ۽ جيڪو هڪ ملائڪ کي خوش رکي سگهي. اهو شخص جو سياڻپ، دولت، اعليٰ مزاج ۽ سچائيءَ وارو آهي، اُهوئي منهنجيءَ راءِ موجب، سندس لائق خاوند ٿيندو". منهنجي زال چيو، "هائو سائين، پر توهان کي ڪنهن اهڙي شخص جي خبر آهي؟" هن جواب ڏنو، "نه خاتون، اهڙو ڪوبه ماڻهو هٿ ڪرڻ ناممڪن آهي، جو هن جي خاوند ٿيڻ جي لائق هجي. هوءَ ڪنهن ماڻهوءَ جي قبضي ۾ اچڻ کان

وڏيڪ اهميت وارو خزانو آهي. هوءَ هڪ ديوي آهي. منهنجي روح جو قسم منهنجيءَ سمجهه موجب هو هڪ ملائڪ آهي". "افسوس! "مسٽر ٽارنهل" تون صرف منهنجيءَ ڇوڪريءَ کي پڏائين ٿو. پر اسين ڪيس تنهنجي هڪ ان ڏِل پروءَ سان شاديءَ ڪرائڻ تي ويچار ڪري رهيا آهيون. جنهن جي ماءُ ٿورو وقت ٿيو آهي، تہ مري ويئي آهي، ۽ جنهن کي هينئر گهر جي ڪاروبار هلائيندڙ جي ضرورت آهي. توهان کي خبر آهي، تہ منهنجو مطلب ڪنهن سان آهي؟ هڪ نوجوان "وِليمس" هاري. هو ڪيس سُکيو رکي سگهي ٿو ۽ هن ڪيترائي دفعا شاديءَ لاءِ درخواستون ڪيون آهن. (اها هڪ حقيقت هئي). آءٌ نهايت گهڻو خوش ٿينديس، جيڪڏهن اسان جيءَ هن چوندِ تي، اسان کي توهان جي منظوري ملندي". هن جواب ڏنو، "ڇا خاتون، منهنجي منظوري! منهنجي منظوري هڪ اهڙيءَ چوندِ تي! هرگز نہ. ڇا! ايتري حسن، عقل ۽ نيڪيءَ کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ مٿان قربان ڪيو وڃي، جو نعمت ڪان نا آشنا آهي! مون کي معاف ڪجو، آءٌ ڪڏهن بہ اهڙو بي انصافيءَ جو وهانءُ پسند ڪري نٿو سگهان. مون کي ان لاءِ ڪي پنهنجا دليل آهن". "ڊيبورا" واڪو ڪري چيو، "سچ پچ تہ سائين، جيڪڏهن اوهان کي ڪي پنهنجا دليل آهن، تہ پوءِ اهو ٻيو معاملو آهي، پر مون کي انهن دليلن معلوم ڪرڻ تي خوش ٿيڻ گهرجي". خاتون، مون کي معاف ڪريو". هن وراڻي ڏني، "اهي ڳولي لهڻ ڪان گهڻو اونهو پيل آهن. (پنهنجو هٿ ڇاتيءَ تي رکي) اهي هتي جڙ لڳل ۽ دفن ٿيل آهن".

سندس وڃڻ کان پوءِ، اسان جي عام مصلحت ڪرڻ تي، اسين پنهنجو اندازو لڳائي نہ سگهياسون، تہ سندس اهڙن عمدن جذبن جو مطلب ڪهڙو هو. "اوليويا" انهن کي اعليٰ شوق جا مثال ڪري سمجهيو. پر آءٌ اهڙي وڏي اميد رکندڙ نہ هوس. مون کي ڪافي پڌرو ڏسڻ ۾ آيو، تہ انهن ۾ شادي ڪان وڌيڪ عشق جو مقصد هو. جيتوڻيڪ اهي اسان کي ڪهڙا بہ نيڪ شگون ڏيندڙ هئا، مگر اهو ارادو ڪيو ويو، تہ "وليمس" هاري، جنهن ٻهراڙيءَ ۾ منهنجي ڌيءَ جي آمد ڪان وٺي ڪيس شاديءَ لاءِ آڇون ڪرڻ شروع ڪيون هيون، ان جي تجويز کي عمل ۾ آندو وڃي.

*

## باب سترهون

# حرص جي مقابلي ۾ اخلاق جي ناڪامي

جيئن تہ مون صرف پنهنجي ذيءَ جي سُک جو ويچار تي ڪيو، ۽ جيئن تہ "مسٽر وليمس" سُڪيو سياڻو ۽ سچو ماڻهو هو، تنهنڪري سندس قبوليت مون کي خوش ڪيو. سندس اڳئين شوق کي تازي ڪرڻ لاءِ فقط توريءَ همت افزائي جي ضرورت هئي. هڪ يا ٻہ دفعا شام وقت هو ۽ "مسٽر تارنهل" اسان جي گهر ۾ مليا، ۽ هڪ ٻئي کي ڪجهہ قدر ڪاوڙ جي نگاهن سان ڏٺائون. پر "مسٽر وليمس" پنهنجي زميندار جو ڊل مقروض نہ هو. انهيءَ ڪري سندس غصي جي توري بہ پرواهہ ڪانہ ڪيائين. "اوليويا" پنهنجي طرفان نئين عاشق تي سندس سموري پيار نثار ڪرڻ جو ڍونگ ڪندي واهہ جو نخرو ڪيو. جنهن کي جيڪر اداڪاري ... رجي تہ بہ بجا آهي. هي سندس سچو پچو سياءُ هو. "مسٽر تارنهل" هن ترجيح تي نهايت اداس ڏسڻ ۾ آيو، ۽ دکدائڪ لهجي ۾ موڪل ورتائين. آءٌ اهو قبول ٿو ڪريان تہ. ڪيس اهڙي درد ۾ ڏسڻ تي آءٌ حيران ٿي ويس، ڇاڪاڻ تہ مون کي خبر هئي تہ. ڪيس هڪ باعزت محبت جي ڀڏرائي ڪرڻ وسيلي تمام سهولت سان ان درد کي ٽاري ڇڏڻ جي طاقت هئي. اهو سولائيءَ سان معلوم ٿي سگهيو ٿي، تہ جيڪا بہ تڪليف هن برداشت ڪئي، ان کان "اوليويا" جو دک اجا بہ وڌيڪ هو. سندس عاشقن جي وچ ۾ متي بيان ڪيل ملاقات جهڙيون گهٽيون ٿي ملاقاتون ٿينديون هيون. هوءَ سي ڪنهن ملاقات کان پوءِ وڃي اڪيلائيءَ ۾ گذاريندي هئي، ۽ درد کي پنهنجو ساٿي ڪري رکندي هئي. هڪ ڏينهن شام جو جڏهن هوءَ ڪجهہ وقت لاءِ بناوتي شگفتہ مزاجيءَ جي حمايت ڪري فارغ ٿي هئي، تڏهن مون کيس متي بيان ڪيل حالات ۾ ڏٺو. مون چيو، "منهنجا ٻچا، هاڻي تون ڏسين ٿي، تہ "مسٽر تارنهل" جي محبت ۾ جيڪو تنهنجو ڀروسو هو، سو سڀ هڪ خواب آهي. ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ کيس معلوم آهي تہ ڪُليءَ پڌرائيءَ ڪرڻ سان هو تو کي حاصل ڪري سگهي ٿو، تہ بہ هڪ اهڙي ماڻهوءَ جي رقابت قبول ڪري ٿو، جيڪو سڀ ڪنهن لحاظ کان ڪانئس درجي ۾ گهٽ آهي." هن جواب ڏنو، "هائو بابا! پر ڪيس هن دير لاءِ ڪي پنهنجا سبب آهن.

مون کي خبر آهي تہ ڪيس ڪي سبب آهن. هن جي نگاهن ۾ گفتگوءَ جي سچائي، مون کي سنڌس سچيءَ محبت جو ويساهہ ڏئي ٿي. مون کي اُميد آهي، تہ ٿوري ئي وقت ۾ پنهنجي دل جي عالي همتي ظاهر ڪندو ۽ توهان کي ثابت ڪري ڏيکاريندو تہ منهنجو اندازو توهان جي راءِ کان وڌيڪ منصفانہ آهي“. مون جواب ڏنو، ”اوليويا، هن کان اڳ جيڪي بہ تجويزون ڪيس پذرائيءَ ڪرڻ تي مجبور ڪرڻ لاءِ اختيار ڪيون ويون آهن، سي سڀئي تنهنجيون ئي رٿيل ۽ تجويز ڪيل هيون. تون ائين چئي نٿي سگهين تہ، مون توکي ڪنهن بہ ڳالهہ ۾ مجبور ڪيو آهي، پر منهنجي پياري، توکي هرگز ائين نہ سمجهڻ گهرجي، تہ آءٌ ڪڏهن بہ سنڌس ايماندار رقيب کي تنهنجي غلط جاءِ تي رکيل محبت جو ”اُلو“ بڻجڻ ڏيندس. جيڪو بہ وقت توکي ڪنهن ڪليل بيان تي آڻڻ لاءِ گهربو، سو توکي ڏنو ويندو، پر ان ميعاد جي ختم ٿيڻ تي جيڪڏهن هو اجا بہ بيپرواهہ رهيو، تہ آءٌ ضرور ان ڳالهہ تي زور ڏيندس، تہ ايماندار ”وليمس“ کي سنڌس سچائيءَ جو عيوضو ڏيڻ گهرجي. اخلاق، جنهن جي مون پنهنجيءَ حياتيءَ ۾ هن وقت تائين حمايت ڪئي آهي، سو مون کان اهائي تقاضا ڪري ٿو، تہ هڪ مائٽ جي حيثيت ۾ منهنجي نرمائي، منهنجي هڪ مرد هئڻ واريءَ ايمانداريءَ تي ڪڏهن بہ اثر نہ وجهي. تون پنهنجي مرضيءَ موجب ڪو ڏينهن مقرر ڪر، پلي اهو ايترو پري هجي، جيترو تون نيڪ سمجهين. ۽ ساڳئي وقت اهو خيال رک، تہ ”مسٽر تارنهل“ کي پڻ ان مقرر ڪيل وقت جي خبر پوي، جنهن تي آءٌ توکي ٻئي جي حوالي ڪرڻ جي چاهنا رکان ٿو. جيڪڏهين هو سچ پچ توکي پيار ڪري ٿو، تہ پوءِ سنڌس عقل سليم کيس يڪدم ڏسيندو. تہ صرف هڪڙوئي طريقو آهي، جنهن وسيلي هو تنهنجيءَ هميشہ جي جدائيءَ کي روڪي سگهي ٿو“. جيئن تہ ”اوليويا“ هيءَ رٿ مڪمل طرح انصاف تي ٻڌل سمجهي، تنهنڪري ان کي ٽاري نہ سگهي، ۽ يڪدم قبول ڪيائين. هن ”مسٽر تارنهل“ جي بيوفائيءَ جي حالت ۾ ”مسٽر وليمس“ سان شادي ڪرڻ جو قطعي وعدو ڪيو. ان کان پوءِ ايندڙ موقعي تي ”مسٽر تارنهل“ جي موجودگيءَ ۾ ”مسٽر وليمس“ سان ”اوليويا“ جي شاديءَ جو ڏينهن مقرر ڪيو ويو.

ڏنو ويو تہ مٿي بيان ڪيل زور پرين ڪاروائين زميندار ”مسٽر تارنهل“ جي انتظار کي ٻيڻو ڪيو ٿي، پر سچ پچ تہ جيڪي ”اوليويا“ محسوس ڪيو

تي، تنهن مون کي ڪجهہ پريشان ڪيو. هن عقل ۽ عشق جي جهڳڙي ۾ سندس شگفتہ دلي ڪيس ڇڏي ويئي. هوءَ هرڪو وجهہ خلوت ۾ گذارڻ جو ونندي هئي ۽ اهو وقت ڳوڙهن ڳاڙڻ ۾ صرف ڪندي هئي. هڪ هفتو گذري ويو، مگر ”مسٽر ثارنهل“ سندس شاديءَ کي روڪڻ جي ڪابہ ڪوشش نہ ڪئي. ايندڙ هفتي تي پڻ هو اجا تائين پنهنجي ارادي تي محڪم رهيو ۽ ڪجهہ بہ پڌرو نہ ڪيائين. ٽئين هفتي هن پنهنجو اچڻ مڪمل طرح بند ڪري ڇڏيو. منهنجي ڌيءَ، ڪنهن بي صبريءَ جي ظاهر ڪرڻ بدران، جيئن مون اميد تي ڪئي، تيئن پنهنجو دڪدائڪ صبر محفوظ رکندي ڏٺي ويئي. سندس صبر کي مون تسليم جي نشاني ڪري سمجهيو. مون کي پنهنجي سر ائين معلوم ڪرڻ تي دلي خوشي حاصل ٿي تہ منهنجي ٻچي جي شادي ڪل خوشيءَ ۽ صبر سانت ۾ ڪئي تي وجي، ۽ ديڪا ديکيءَ تي خوشيءَ کي ترجيح ڏيڻ واري سندس فيصلي تي بار بار آفرين ڪيم.

سندس شاديءَ لاءِ مقرر ڪيل ڏينهن کان اٽڪل چار ڏينهن اڳ سڀيئي گهر جا ڀاتي رات جي وقت دل کي فرحت ڏيندڙ باھ جي چوڌاري مڙيا ويٺا هئا. ۽ گذريل زماني جون آڪاڻيون ٻڌائي، ۽ مستقبل لاءِ تجويزون رٿي رهيا هئا. هو هزارين تجويزون جوڙڻ تي جيڪا حماقت وڏي ۾ وڏي صادر ٿئي ٿي ان تي کلڻ ۾ مشغول هئا. مون چيو، ”منهنجا پٽ موزز، پنهنجي گهر ۾ جلد وهانءُ ٿيڻ وارو آهي. وهنواري حالات ۽ معاملات بابت تنهنجو ڪهڙو رايو آهي؟“ ”بابا، منهنجو اندازو آهي تہ سڀ ڪم پوريءَ طرح هلي رهيا آهن. اجهو هاڻي آءٌ خيال ڪري رهيو هوس، تہ جڏهن اسان جي ڀيڻ ”وليمس“ هاريءَ سان شادي ڪندي. تڏهن اسان کي سندس صوفن مان عرق ڪڍڻ جي ڇاپ ۽ شراب کي ڇڪائڻ جا ڀيپ سواءِ ڪنهن اُجوري ڏيڻ جي ملي سگهندا“. مون چيو، ”اسين اهو وهانءُ ڪنداسون. ۽ ان جي عيوض هو اسان کي خوش ڪرڻ لاءِ هڪ راڳ، ”موت ۽ اها عورت“ ڳائي ٻڌائيندو. ”موزز“ چيو. ”هن اهو راڳ پنهنجي ننڍڙي ڀاءُ ”ڊڪ“ کي پڻ سيکاريو آهي. ۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ هو اهو راڳ تمام چڱيءَ نموني ۾ ڳائي سگهي ٿو“. مون چيو، ”ڇا هو اهو راڳ ڳائي سگهي ٿو؟ تہ پوءِ اچو تہ اهو ٻڌون. ننڍڙو ”ڊڪ“ ڪٿي آهي؟ پلي هو اسان کي اهو راڳ ڳائي ٻڌائي“. ننڍڙي ”بل“ واڪو ڪري چيو، منهنجو ڀاءُ ”ڊڪ“ اجهو هاڻ اديءَ ”لويءَ“ سان ٻاهر ويو آهي. پر ”مسٽر وليمس مون کي پڻ بہ راڳ سيکاريا

آهن، جي آءٌ اوهان کي ٻڌائي ٻڌائيندس. اوهان کي ڪهڙو راڳ وڌيڪ پسند آهي، مرٽينگ هنس پکي وارو يا چِتي ڪُتي جي موت تي مرثيو؟" مون چيو، "مون کي هر حالت ۾ مرثيو پسند آهي، مون اهو اجا تائين نہ ٻڌو آهي، ۽ منهنجي پياري "ڊيبورا"، توکي خبر آهي تہ درد ڪهڙو نہ ڏکوئيندڙ آهي. اڄو تہ هڪ شيشو خارتوتي شراب جو پنهنجي دل کي بهاريءَ ۾ رکڻ لاءِ پيون. مون اڳي سيني قسمن جي مرثين تي ايترو تہ گهڻو رنو آهي، جو مون کي خاطري آهي، تہ دل ۾ نئين روح ڦوڪيندڙ گلاس کان سواءِ اهو مون تي قابض پئجي ويندو. "صوفي" پنهنجي ستار کڻ، ۽ پنهنجي پاءُ سان ڪجهہ وقت لاءِ اها وڄاءِ.

هڪ چِتي ڪُتي جي موت تي مرثيو.

(1)

چڱا ماڻهو سيئي، سيکنهن قسم جا،
ڪن ڏين تا، منهنجي راڳ ڏانهن،
۽ جيڪڏهين اوهين ڏسو تا ان کي عجيب تورو،
تہ اهو نتو شائق رکي سگهي، اوهان کي گهڻو وقت.

(2)

هتي "آئلنگٽن" ۾ هو هڪ ماڻهو،
جنهن لاءِ دنيا پلي شايد چوي،
تہ اجا تائين پرهيزگاري قائم رکيائين تي،
جڏهين جڏهين هو ويو تي عبادت ڪرڻ.

(3)

هڪ نرم ۽ مهربان دل هن کي هئي،
دوستن ۽ دشمنن کي آتت ڏيڻ لاءِ،
اگهاڙا سيکنهن ڏينهن هڪ ڍڪيا تي،
جڏهين پاڻ هن پنهنجا ڪپڙا پهريا تي.

(4)

انهيءَ شهر ۾ هڪ ڪُتو ڏٺو ويو،
جيئن ڪيترا اتي هئا،
ٻئي منگريل، پونگڙا، گلر ۽ تازي،
۽ چتا ڪتا هيناهين درجي جا.

(5)

هڪ ڪتو ۽ هيءَ ماڻهو پهريائين دوست هئا،
پر جڏهين تڪرار شروع ٿيو،
اهو ڪتو، حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي شخصي مقصدن،
چريو ٿيو ۽ ان ماڻهوءَ کي چڪ پاتائين.

(6)

چوڌاري سيني پ ـاڙيوارن گهٽين منجهان،
عجب کائيندا پاڙيسري ڊوڙيا،
۽ قسم کنيائون ته ڪتو چريو ٿيو هو،
چڪ پائڻ ۾ اهڙي نيڪ ماڻهوءَ کي.

(7)

اهو ڦٽ ڏنو ويو نازڪ ۽ ڏکدائڪ،
سڀني عيسائي جي نظر ۾،
۽ جڏهين انهن قسم پئي کنيو ته ڪتو چتو آهي،
تڏهين هنن قسم کنيو، ته اهو ماڻهو مري ويندو.

(8)

پر جلد هڪ عجب پڌرو ٿيو،
جنهن ڏيکاريو، انهن بدمعاشن کي ته ڪوڙ ڪيائون،
ماڻهو صحت ياب ٿيو ان چڪ مان،
ڪتو اهو هو جو مري ويو.[1]

آءُ ايمانداريءَ سان چوان ٿو ته، "بل" هڪ سٺو ڳائيندڙ ڇوڪر آهي، ۽ هيءَ هڪ اهڙو مرثيو آهي، جنهن کي ڏکدائڪ ڪوني سگهجي ٿو. منهنجا ٻچا اچو، هيءَ شراب جو پيالو "بل" جي تندرستيءَ جي دعا لاءِ آهي، شال هو ڪنهن ڏينهن پادري ٿئي. منهنجيءَ زال چيو، "آءُ سچيءَ دل سان دعا ٿي ڪريان، ته شال ائين ٿئي. جيڪڏهن هي ائين تبليغ ڪندو، جيئن هيءَ ڳائي ٿو، ته سندس پادريءَ ٿيڻ ۾ مون کي ڪوبه شڪ ڪونه آهي. ماءُ جي طرف کان سندس

---

[1] گولڊ سمٿ هيءُ مرثيو پنهنجي تصنيف، ماڪيءَ جي مک، The Be ، ۾ اڳيئي ڏنو آهي.

خاندان مان گهڻا سنو راڳ ڳائي سگهندا هئا. اسان جي پسگردائيءَ ۾ هيءَ هڪ عام چوڻي آهي، تہ "بليڪنساپ" وارن جو خاندان سندن اڳيان بيهي بہ نٿي سگهيو، نڪي "ميوجين" وارا ڪنهن بہ محفل ۾ ڪانئس گوءِ کٽي ٿي سگهيا. ڪوبہ "گروگرام" وارن مان اهڙو ڪونہ هو، جو راڳ ڳائي نٿي سگهيو، يا "مارجورم" جي خاندان مان ڪو اهڙو نہ هو جو آڪاٽي بڌائي نٿي سگهيو. مون چيو، اهو ڪيئن بہ هجي، تہ بہ سندن هڪ معمولي بيت بہ مون کي عمدن جديد غزلن ۽ اهي نظم جن جي هڪ اڪيلي مصرعہ بہ اسان کي حيرت ۾ پئجي پهڻ بنائي ڇڏي ٿي، انهن کان وڌيڪ خوش ڪري ٿو، ۽ انهن تصنيفن کان وڌيڪ اعليٰ درجو رکي ٿو، جن کي اسين نفرت سان ڏسون ٿا، يا ساراهيون ٿا. موزز، تون پنهنجي ياءُ کي هڪ گلاس ڏي. انهن مرثيہ گو شاعرن جي وڏي غلطي اها آهي، جو اهي انهن ڏکن جا ڳولائو آهن، جي انسانذات جي سمجهو حصي کي تمام ٿورو درد ڏين ٿا. هڪ عورت پنهنجو پشمي دستانو، پنهنجو پکو يا پنهنجو پاليل ڪتو وڃائي ٿي، تہ ائين بيوقوف شاعر پنهنجي گهر ڊوڙي وڃي ٿو، ۽ ان بربادي‌ءَ کي نظم ۾ آڻي ٿو".

موزز چيو، "اهو ڪٿي اعليٰ تصنيفن جو طريقو هجي، پر "رَئنلاڤ" جا راڳ جي اسان تائين پهچن ٿا، سي مڪمل طرح مقبول آهن ۽ سيئي هڪ ئي سانچي مان نڪتل آهن. "ڪالن" "ڊولي" کي ملي ٿو، ۽ اهي هڪ ٻئي سان گفتگو ڪن ٿا، هو هن کي هڪ بڪل تحفي طور وارن ۾ وجهڻ لاءِ ڏئي ٿو، ۽ هوءَ کيس هڪ گلدستو ڏئي ٿي، پوءِ هو ٻئي گڏجي ديول ڏانهن وڃن ٿا، جتي نوجوان ڇوڪرين ۽ نوجوان عاشقن کي نيڪ صلاح ڏين ٿا، تہ جيترو ئي قدر ٿي سگهي، اوترو قدر جلد شادي ڪن".

مون چيو، "اها هڪ تمام سٺي صلاح آهي. مون کي ٻڌايو ويو آهي، تہ دنيا ۾ ان کان سواءِ ٻي ڪابہ اهڙي جڳهہ نہ آهي، جتي صلاح اهڙي يقين سان ڏيئي سگهجي ٿي، ڇاڪاڻ تہ جيئن اها جاءِ اسان کي شادي‌ءَ ڪرڻ لاءِ هرکائي ٿي، تيئن اسان کي زال بہ ميسر ڪري ڏئي ٿي. منهنجا پٽ خاطري آهي تہ، اها ضرور بهترين منڊي هوندي، جتي اسان کي ٻڌايو وڃي ٿو، تہ اسان کي ڇا گهرجي، ۽ جڏهن ضرورت پوي ٿي، تڏهن اها شيءِ اسان کي ميسر ڪري ڏني وڃي ٿي."

"موزز" جواب ڏنو. "هائو بابا سائين. مون کي يورپ ۾ صرف ٻن مارڪيٽن جي خبر آهي، جتان زالون هٿ ڪري سگهجن ٿيون. "رئنلاف" انگلينڊ ۾ "فانِ تاربيا" اسپين ۾. اسپين واري مارڪيٽ سال ۾ هڪ دفعو کلي ٿي. پر اسان جون انگريز زالون هر رات وڪرو ٿي سگهن ٿيون.

"موزز" جي ماءُ چيو. "منهنجا پٽ، تون صحيح آهين. پراڻي انگلينڊ ئي دنيا ۾ صرف هڪ جڳهه آهي، جتي مرد، زالون هٿ ڪري سگهن ٿا". ۽ زالن لاءِ مڙسن هٿ ڪرڻ بنسبت". مون چيو. "اهو هڪ ڀهاڪو ٻاهرينءَ دنيا ۾ عام آهي، ته جيڪڏهن سمنڊ جي مٿان پُل اڏايل هجي، ته هوند سڀ ڪنڊ جون سپيئي عورتون. اسان جي مٿال ونڻ لاءِ هتي اچن. ڇاڪاڻ ته جهڙيون اسان جون عورتون آهن، تهڙيون يورپ ۾ نه آهن. هاڻي "ڊيبورا" اچو ته هڪ شيشو وڏيڪ پيون، ۽ "موزز" تون اسان کي ڪو سٺو راڳ ٻڌاءِ."

مولا سائين اسان تي. امن. تندرستيءَ ۽ ڪل خوشي عطا ڪرڻ جون جيڪي نوازشون ڪيون آهن. انهن لاءِ سندس ڪهڙا شڪرانا ڪرڻ اسان تي فرض نه آهن. هن وقت آءٌ پاڻ کي دنيا جي هڪ وڏي ۾ وڏي حاڪم کان به وڌيڪ خوش سمجهان ٿو. ڇاڪاڻ ته بادشاهه کي نڪي اهڙيءَ وٽندڙ ڇُلهه جو پاسو. ۽ نڪي اهڙا پسنديده چهرا چوڌاري آهن. "ڊيبورا" پاڻ هاڻي ٻڍا ٿيندا ٿا وجون. پر پنهنجي حياتيءَ جي شام خوشيءَ واري ٿيڻي آهي ۽ اسين پنهنجن ٻارن جو هڪ بااخلاق ۽ نيڪ نسل پويان ڇڏينداسون. جيستائين اسين زندهه آهيون، تيستائين هو اسان جي ٿيڪ ۽ اسان جي خوشي ٿيندا. ۽ جڏهن اسين مري وينداسون. تڏهن هو اسان جي بي داغ عزت سندن پوين ڏانهن منتقل ڪندا. منهنجا پٽ اچ، اسين راڳ لاءِ ترسيل آهيون. اچو ته سنگيت جي محفل ڪريون. پر منهنجي پياري "اوليويا" ڪٿي آهي؟ محفل ۾ ان ملائڪ صفت ڇوڪريءَ جو آواز هميشه مني ۾ منو آهي. جيئن مون ڳالهايو. تيئن "ڊڪ" ڊوڙندو اندر آيو. "بابا. او بابا. هوءَ اسان وٽان ويئي هلي...! هوءَ ... اسان ... جي ... هٿن... مان ... هلي ... ويئي، منهنجي ... ڀيڻ ... لوي ... اسان وٽان ... هميشه ... لاءِ... هلي... ويئي"! مون چيو. "ٻچا ويئي هلي!"
"هائو. بابا. هوءَ ٻن سڪر ماڻهن سان ڇئن ڦيٿن واري گاڏيءَ ۾ هلي ويئي. انهن مان هڪ ڪيس چمي ڏني. ۽ چيو، "آءٌ تو کان سواءِ مري ويندس". هن

تمام گهٽيون دانهون ڪيون ۽ موٽي اچڻ لاءِ آماده هئي. پر سڪر ماٺهوءَ وري به ڪيس ڏتاريو. ان کان پوءِ هوءَ گاڏي ۾ چڙهي ويئي. ۽ چيائين، "افسوس! منهنجو غريب پيءَ جا ڪندو. جڏهن ڪيس معلوم ٿيندو. ته آءٌ پڇي ويس!" مون چيو. "تڏهن منهنجا ٻچا، هاڻي وڃو ۽ وڃي ڏک ۾ گذاريو. جاڪاڻ ته اسين هڪ ساعت به وڌيڪ خوشي نه ڪنداسون. اي آسمان جا هميشه جٺادار غضب. هُنِ ۽ جيڪي به هن جو آهي، ان جي مٿان ڪڙڪ! هن نموني مون کان منهنجو ٻار ڦريائين! خاطري آهي ته، منهنجو معصوم منڙو ٻچو، جنهن کي آءٌ نيڪيءَ ڏانهن ونيو پئي ويس، تنهن کي وري واپس موٽائڻ سبب اهو آسماني ڏمر مٿس ڪڙڪندو. جا، اهائي سچائي هئي، جا منهنجي ٻچي کي مون لاءِ هئي! اسان جي سموري دنيوي خوشي هاڻي ختم ٿي چڪي آهي. منهنجا ٻچا وڃو ۽ وڃي ڏکي ۽ بدنام زندگي گذاريو. منهنجي پٽ واکو ڪري چيو، "بابا، جا اها ئي توهان جي بردباري آهي؟ ٻچا بردباري! دشمن ڏسندو ته آئون برابر بردبار آهيان. مون کي منهنجو پستول آڻي ڏي. آءٌ انهيءَ دغاباز جي ڪڍ لڳندس. جيستائين هو زمين تي آهي تيستائين آءٌ سندس پويان پوندس. جيتوڻيڪ آءٌ ٻڍو آهيان، تنهن هوندي به ڪيس معلوم ٿي ويندو. ته آءٌ ڪيس تڪليف پهچائي سگهان ٿو. بدمعاش! نمڪ حرام بدمعاش! آءٌ ان وقت تائين پنهنجي پستول واريءَ جاءِ وٽ اچي پهتو هوس. ته منهنجي زال جا ايتري قدر جذبي ۾ آيل نه هئي تنهن ڪٺي مون کي پنهنجي ياڪر ۾ جهليو. هن چيو، "سرتاج، هن ٻڍاپڻ جي وقت ۾ صرف انجيل ئي هڪ هٿيار آهي، جو تنهنجي هٿن ۾ سونهي ٿو. منهنجا پيارا، ان کي کول ۽ اسان کي جيڪو ڏک پهتو آهي ان کي صبر سان سهه. جاڪاڻ ته هن بدمعاش پاڻ کي ڪميڻپ سان ٺڳيو آهي". منهنجي پٽ ٿوريءَ ساهيءَ کان پوءِ چيو، "سچ پچ ته بابا. توهان جي ڪاوڙ تمام تکي ۽ غير واجبي آهي. توهان کي اسان جيءَ ماءُ جو غمگسار ٿيڻ گهرجي. مگر توهين پاڻ هن جو دک وڌايو ٿا. پنهنجي دشمن کي اهڙيءَ طرح پِٽڻُ توهان ۽ توهان جيءَ اعليٰ عزت جي شايانِ شان نه آهي. هو اڳيئي بدمعاش آهي، تنهنڪري ڪيس پٽڻ نه گهربو هو". مون جواب ڏنو. "ٻچا مون ته هن کي پٽيو ئي ڪونه. جا مون ان کي پٽيو؟" هن چيو، "سچ پچ ته بابا، توهان هن کي به دفعا بد دعا ڏني". "جيڪڏهن مون ائين ڪيو. ته پوءِ شال آسمان مون کي ۽

هُــن کي بخش ڪـري. منهنجا پٽ، هاڻي آءٌ ڏسان ٿو تـہ اها انسانذات ڪـان وڌيڪ سخاوت واري هستي هئي، جنهن اسان کي دشمن کي بہ دعا ڪـرڻ سيکاريو. سڳورو هجي انهيءَ جو پاڪ نالو. ان جملي چڱائيءَ لاءِ جا هن عطا ڪئي آهي، ۽ سيني انهن تڪليفن لاءِ جي هن دفع ڪيون آهن، پر اها تباهي ڪا معمولي نہ آهي. اها ڪا هڪ ننڍي بربادي نہ آهي، جا هنن بڊاپڻ جي اکين مان، جن هيترن سالن لاڪر نہ رنو آهي، ڳوڙها نچوئي سگهي. ڇا، منهنجيءَ پياريءَ ڌيءَ کي تباهہ ڪيو ويو! شال هيءَ پريشاني دفع ٿي وڃي! مولا سائين مون کي بخش ڪر. آءٌ ڇا چوڻ تي آهيان! منهنجي پياري ياد ڪر تـہ هـوءَ ڪهڙي نہ نيڪ دل وٽندڙ هئي. هن نياڻيءَ ساعت تائين ڪيس صرف اسان کي خوش رکڻ جي ڳڻتي هئي. ڪاش! هوءَ هوند مري وڃي ها تہ چڱو ٿئي ها! مگر افسوس هوءَ اسان جي خاندان کي ٽڪو لائي پڇي ويئي. هاڻي آءٌ خوشي کي هتي زمين تي ڳولڻ بدران ٻي دنيا ۾ ڳوليندس. ڇا، منهنجا ٻچا، تو ڪين پري ويندو ڏٺو؟ شايد هو ڪيس زوريءَ وٺي ويو. جيڪڏهن هـُنَ ڪيس زوريءَ ڪنيو هوندو، تہ پوءِ بہ هو اجا تائين معصوم ٿي سگهي ٿي". ڇوڪري چيو، "نہ بابا، هـُن صرف ڪيس چمي ڏني ۽ پنهنجو ملائڪ ڪونيو، هوءَ تمام گهڻو رُني، ۽ سندس ٻانهن تي ليٽي پيئي، ۽ پوءِ هو رفو چڪر ٿي ويا". منهنجي زال جا روئڻ ڪان ڳالهائي نٿي سگهي، تنهن چيو، "اسان سان اهڙي نمونـي جي برتاءَ ڪـرڻ ۾، هوءَ هڪ احسان فراموش ڇوڪري آهي. سندس پيار تي تـوري ۾ توري مجبوري بہ ڪڏهن ڪانہ وڌي ويئي هئي. بڇڙي فاحش عورت، سواءِ ڪنهن رنجيدگيءَ جي پنهنجن مائٽن کي ڇڏيو آهي، ۽ اهڙيءَ هلت سان توهان کي اچڻ ۾ قبر ڏانهن موڪلي ٿي، ۽ مون لاءِ پڻ اهو ساڳيو رستو تيار ڪري ٿي".

اهڙيءَ طرح اسان جي اها سچين بد بختين واري پهرين رات، فريادن جي ڪوڙائيءَ ۽ جذبن جي اوجتن اُڌمن ۾ گذري ويئي. مون ان دغاباز کي ڪتان بہ ڳولي لهڻ، ۽ سندس بڇڙائيءَ کي ناس ڪرڻ جو ارادو ڪيو. ايندڙ ڏينهن تي صبح وقت اسان پنهنجي ان ڪمبخت ٻار کي نيرن جي مانيءَ تي ياد ڪيو، جو اسان سيني کي حياتي ۽ خوشي ڏيندو هو. منهنجي زال اڳيـن وانگر ڪيس چينبڻ سان پنهنجيءَ دل کي هلڪي ڪرڻ لاءِ ڪوشنون ڪيون. هن چيو. "اها ڇوڪري جا اسان جي ڪٽنب لاءِ هڪ بڇڙو ڪلنڪ جو ٽڪو آهي، سا هنن

بي ضرر دروازن کي وري ڪڏهن بہ داغدار نہ ڪندي. آءُ هن کان پوءِ ڪڏهن بہ ڪيس پنهنجي ڏيءَ ڪري نہ ڪوٺيندس. ڇڏي ڏيو تہ پلي اها فاحش عورت، پنهنجي بڇڙي پڇائي ويندڙ سان گڏ رهي. هوءَ اسان لاءِ شرم آڻي سگهي ٿي، مگر اسان کي وڌيڪ وقت لاءِ ٺڳي نٿي سگهي".

مون چيو، "پياري اهڙو سختيءَ سان نہ ڳالهاءِ. آءٌ سندس گناهہ کي ايتريءَ نفرت سان ڏسان ٿو. جيتريءَ سان تون، پر هيءَ گهر، هيءَ دل هڪ واپس ايندڙ، پڇتائيندڙ گنهگار لاءِ هميشہ کليل رهندا. "پـُـلي پـُـلي جا پاڻ آئي سا بہ نہ پـُـلي". جيترو جلد هوءَ پنهنجيءَ نافرمانيءَ کان ٻـاز ايندي، اوترو وڌيڪ هو مون کي پسند پوندي. تمام اعليٰ انسان بہ هڪ دفعي لاءِ چـُـڪ ڪري سگهي ٿو. انسان خطا جو گهر آهي. فن هرڪائي سگهي ٿو، ۽ رنگيني پنهنجو جادو پکيڙي سگهي ٿي. پهرين پـُـل باراٽي سادپٽي جي آهي، پر هر ڪا بي چـُـوڪ گناهہ جي پيدائش آهي. پنهنجو اهو ڪمبخت ٻچو هزارين گناهن سان داغدار هئڻ جي باوجود هن دل ۽ هن گهر ۾ هميشہ آڌر ڀاءُ ڪيو ويندو. جيڪڏهن مون کي صرف سندس دل ۾ پڇتاءُ ڏسڻ ۾ آيو، تہ پوءِ وري بہ سندس آواز جي ورلاپ ڏانهن ڌيان ڏيندس ۽ وري بہ سندس ڇاتيءَ تي شوق سان لٽڪيو رهندس. منهنجا پٽ، منهنجو انجيل ۽ منهنجي لٺ کڻي اچ، ۽ جيتوڻيڪ آءٌ ڪيس شرم کان بچائي نٿو سگهان، تڏهن بہ شايد آءٌ ڪيس بڇڙائي جي لاڳيتي سلسلي کان روڪي سگهان.

*

# باب ارڙهون

## گم ٿيل ٻار لاءِ پيءُ جي ڳولا

جيتوڻيڪ "ڊڪ"، ان سکر ماڻهوءَ جي شخصيت متعلق ڪوبہ احوال ڏيئي نٿي سگهيو، جنهن سندس پيءُ کي هٿ ڪان ونئي گاڏيءَ تي چاڙهيو، تہ بہ مون کي مڪمل طرح اسان جي نوجوان زميندار ۾ شڪ پيو، جنهن جو اخلاق پراين عورتن سان لڪائي عشق بازيءَ ڪرڻ متعلق چڱيءَ طرح مشهور هو. تنهنڪري آءٌ ڪيس چند ڪڏڻ ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي، تہ پنهنجي ڌيءُ کي واپس آڻڻ جو ارادو ڪري، "تارنهل" جي ڪوٺ ڏانهن روانو ٿيس. سندس جڳهہ تي پهچڻ کان اڳ، مون کي پنهنجي ديول جو جماعتي گڏيو. جنهن چيو، "مون هڪ نوجوان عورت کي، جنهن تنهنجيءَ ڌيءَ سان مشابهت تي رکي، هڪ نوجوان سکر ماڻهو سان چئين ڦيٿن واريءَ گاڏيءَ ۾ ڏٺو، ۽ اهي تمام تڪڙا پئي ويا". ان مليل احوال مان آءٌ صرف "مسٽر برچل" جي هجڻ جو اندازو لڳائي ٿي سگهيس. بهرحال هيءَ خبر مون کي ڪنهن بہ طرح راضي ڪري نہ سگهي. آءٌ انهيءَ ڪري نوجوان زميندار جي اوطاق تي ويس، ۽ جيتوڻيڪ اجا سوير هئي، تہ بہ ڪيس يڪدم ڏسڻ جي خواهش ڪيم. هو جلدي دستوري نموني ۾ تمام ڪشاده دليءَ سان مون سان مليو. ۽ منهنجي ڌيءَ جي لڪي پچي وڃڻ تي مڪمل طرح حيران ڏسڻ ۾ آيو. ۽ پنهنجي عزت جي ساک تي چيائين تہ ڪيس ان بنسبت ڪابہ خبر ڪانہ هئي. هاڻي مون پنهنجن اڳوڻن شڪن کي ننديو، ۽ انهن کي صرف "مسٽر برچل" ڏانهن تبديل ڪري سگهيس. مون کي يادگيري پيئي، تہ سندس منهنجيءَ ڌيءُ سان اڳيئي گهڻيون خلاصيون رهاڻيون ٿيون هيون. پر ٻئي شاهد جي ملاقات سندس بدمعاشيءَ ۾ شڪ هجڻ متعلق مون لاءِ ڪابہ وٿي ڪانہ ڇڏي. ان نئين ملاقاتيءَ خاطري ڏني، تہ يقيناً هو ۽ منهنجي ڌيءَ اٽڪل ٽيهہ ميل پري "ويلس" ڏانهن وڃي رهيا هئا. جتي سندس رفيقن جو وڏو انداز موجود هو. دل جي اهڙي ڪيفيت، جنهن ۾ اسان سڀ جي معلوم ڪرڻ کان وڌيڪ اُبهرائيءَ سان عمل ڪرڻ لاءِ جلد تيار ٿيندا آهيون، ان ڏانهن ڇڪجي وڃڻ سبب، مون ڪڏهن بہ پنهنجي دل جو قاضي نہ ڪيو، تہ متان اهي انهن ماڻهن جا احوال هجن، جن کي عمداً منهنجيءَ ذات ۾ مون کي گمراهہ ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو هجي، مگر پنهنجي ڌيءَ، ۽

سندس دغاباز عاشق کي اتي ڳولڻ جو ارادو ڪيم. آءٌ سچائي سان اڳتي هليس، ۽ رستي تي ڪيترن ڪان پڇيم، مگر جيستائين شهر ۾ گهڙيس، تيستائين ڪوبہ احوال ڪونہ مليم. شهر ۾ مون کي هڪ گهوڙيسوار مليو، جو مون کي ياد آيو، تہ مون زميندار جي جاءِ تي ڏٺو هو. هن مون کي يقين ڏياريو تہ جيڪڏهن آءٌ سندن پويان ٽيهہ ميل پري شرط گاهہ ڏانهن ويندس، تہ ڪين خاطريءَ سان پڪڙي سگهندس. هن مون کي وڌيڪ ٻڌايو تہ، "اڳئين رات مون کين اتي ناچ ڪندي ڏٺو هو. ۽ سڄي مجلس توهان جي ڌيءَ جي اداڪاريءَ تي جادوءَ جي اثر هيٺ آيل ڏسڻ ۾ آئي ٿي". ٻئي ڏينهن صبح جو سوير آءٌ شرط گاهہ ڏانهن روانو ٿيس، ۽ شام جو اٽڪل ڇئين ٻجي ڏاري اتي پهتس. موجوده جماعت اميد افزا ۽ دلپسند ڏيکاري ڏني. سڀئي رفيق هڪ ئي جستجو ۾ مشغول هئا، جا هئي خوشيءَ جي. اها هڪ گمراهہ ڪيل بار کي سنئين اخلاق جي رستي تي آڻڻ واريءَ منهنجي جستجو کان ڪيترو نہ نرالي هئي! مون سمجهيو تہ، مون "مسٽر برجل" کي ڪجهہ مفاصلي تي ڏٺو، پر ڏانهس ويجهي وڃڻ تي، هو ميڙ ۾ اهڙي طرح گڏجي ويو، جو جڻ تہ منهنجيءَ ملاقات کان ڊنو ٿي. مون هاڻي ويچار ڪيو، تہ منهنجي وڌيڪ ڳولا ڪنهن بہ نتيجي واري نہ ٿيندي، ۽ پنهنجي ان معصوم ڪٽنب ڏانهن واپس موٽي اچڻ جو ارادو ڪيم. جنهن منهنجي مدد جي طلب تي ڪئي. پنهنجيءَ دل جون اچلون ۽ مشقتون جي مون برداشت ڪيون هيون، انهن مون کي بخار ڏيئي ڇڏيو، جنهن جون علامتون مون شرط گاهہ کان ٻاهر اچڻ کان اڳ محسوس ڪيون. جيئن تہ آءٌ پنهنجي ڳوٺ کان ستر ميلن کان بہ وڌيڪ مفاصلو پري هوس، تنهنڪري هيءَ هڪ بي اوچتي ضرب هئي، جنهن سان مون کي منهن ڏيڻو پيو. اڳتي هلڻ کان لاچار هئڻ سبب آءٌ رستي تي هڪ مهمان سراءِ ۾ ٽڪي پيس. ۽ ان دستوري اڻ هوند ۽ ڪفايت واري ۽ ايڪانت جي جڳهہ ۾ صبر سان پنهنجي بيماريءَ جي نتيجي ظاهر ٿيڻ تائين ترسي پيس. آءٌ اتي تقريباً ٽي هفتا بيمار پيو هوس. آخر منهنجي طبيعت سالم ٿي، پر مون وٽ پنهنجي کاڌ خوراڪ جي خرچ لاءِ پيسا ڪونہ هئا. ائين ممڪن آهي، تہ جيڪڏهن هڪ مسافر، جو اتي هلڪي ناشتي لاءِ اچي ترسيو هو، سو جيڪڏهن مون کي اهي پئسا نہ ڏئي ها، تہ صرف انهيءَ آخرين حالت مان پيدا ٿيل ڳڻتي مون کي موٽائي بيمار ڪري وجهي

ها. هيءَ شخص ”سينٽ پال“[1] ديول واري عام پلي جي ڪم ڪندڙ ڪتب فروش کان سواءِ ٻيو ڪونہ هو. هن ٻارن لاءِ ڪيترا نئيا ڪتاب لکيا آهن ۽ پاڻ کي ٻارن جو دوست ڪوٺيندو هو. هن کي هميشہ ڪونہ ڪو ضروري ڪم هوندو هو. انهيءَ ڪري اچا مهمان سراءِ ۾ اچي لٿو ئي مس هو، تہ جلدي وڃڻ جي تياري ڪرڻ لڳو. اها حقيقت آهي، تہ ان وقت هو ”مسٽر ٿامس ٽرپ“ جي تاريخ لاءِ مواد جمع ڪري رهيو هو. مون يڪدم ان نيڪ سيرت انسان جي موهيڙن واري سرخ چهري کي سڃاتو، ڇاڪاڻ تہ هن صاحب منهنجي ٻاران ان زماني جي ٻيءَ شاديءَ جي حامين خلاف پڙرائي ڪئي هئي. مون ڪانئس ڪجهہ پئسا موٽي اچڻ تي واپس ڏيڻ جي انجام سان اُڌارا ورتا. جيئن تہ مهمان سراءِ ڇڏڻ وقت آءٌ اچا ضعيف هوس، تنهنڪري مون ڏهہ ميل روز جي حساب، سان سوليءَ طرح مسافري ڪرڻ سان پنهنجي گهر ڏانهن موٽڻ جو ارادو ڪيو. منهنجي تندرستي ۽ آسودگي مون کي مڪمل طرح موٽي مليون، ۽ هاڻي آءٌ پنهنجي ان فخر کي نندڻ لڳس، جنهن مون کي اصلاح ڪرڻ کان روڪ ڪئي ٿي. صبر ڪان وڌيڪ کهڙيون مصيبتون ماڻهوءَ کي سهڻيون آهن، انهن جي ڪيس تيستائين خبر ئي ڪانہ ٿي پوي، جيستائين هو انهن کي آزمائي نٿو. جيئن هينان روشن ڏسڻ ۾ ايندڙ هَوَسَ جي اُتاهين تي چڙهندي هرڪو قدم، جيڪو اسين مٿي چڙهون ٿا، سو اسان کي ڪجهہ نئون ۽ ڪجهہ جهڪو نظارو لڪل نااميديءَ جو ڏيکاري ٿو، تهڙي طرح خوشيءَ جي اتاهينءَ تائين اسان جي هيٺ لهڻ تي، جيتوڻيڪ هيٺ بدبختيءَ جي ماٿري پهرين اونداهي ۽ ڏکن ڀريل نظر اچي ٿي، مگر جيئن اسين هيٺ لهندا ٿا وڃون، تيئن اچا تائين پنهنجي دلچسپين ڏانهن توجهہ ڪندڙ دل، ڪانہ ڪا شيءِ ڪشش ڪندڙ ۽ خوشي ڏيندڙ ڏسي ٿي، ۽ جيئن اسين اچا بہ ويجها پوندا وڃون ٿا، تيئن اونداهي ۾ اونداهيون شيون روشن ڏسجن ٿيون، ۽ اسان جي دماغي اک پنهنجي مايوسيءَ واريءَ حالت سان نهڪي اچي ٿي.

آءٌ هاڻي اڳتي وڌيس، ۽ اٽڪل ٻن ڪلاڪن جي پنڌ ڪرڻ بعد مون پري کان هڪ بار گاڏيءَ جهڙي ڪا شيءِ ايندي ڏٺي، جنهن کي مون پهچڻ جو ارادو ڪيو. جڏهن آءٌ ان تائين پهتس، تڏهن ڏٺم تہ اُها هڪ گهومو ناٽڪي ڪمپنيءَ جي گاڏي هئي، جا پردا ۽ ٻيو ناٽڪي فرنيچر ٻئي ڳوٺ ڏانهن ڪٽيو پئي ويئي، جتي

[1] سينٽ پال (St. Paul) هڪ ديول جو نالو آهي.

ڪين ناٽڪ ڪرڻو هو. گاڏي سان صرف هڪ ڪمپنيءَ جو ماڻهو هو، جنهن ان کي هلايو پئي، ۽ باقي اداڪار ٻئي ڏينهن تي اچڻا هئا. چوندا آهن تہ ڳالهين ڪندي پنڌ ڪُٽي، تنهنڪري آءٌ ان غريب اداڪار سان گفتگو ۾ شامل ٿي ويس، ۽ جيئن تہ ڪنهن وقت مون ۾ پڻ ناٽڪي صلاحيتون موجود هيون، انهيءَ ڪري مون اهڙن مسئلن تي آزاديءَ سان گفتگو ڪئي. آءٌ هاڻوڪي اسٽيج جي حالت کان گهڻو ڪجهہ اڻ واقف هوس، تنهنڪري مون هن کان پڇيو، "هن وقت ڪهڙا ناٽڪ نويس عوام ۾ مقبول پيل آهن، ۽ ڪير هن وقت جا "ڊرائيڊن [1]" ۽ "اوٽوي [2]" آهن؟ اداڪار چيو، "سائين، آءٌ پانئيان ٿو تہ، جن مصنفن بابت توهين بيان ڪريو ٿا، تن سان مشابهت رکڻ ۾ ڪو مشڪل جديد ناٽڪ نويس پاڻ کي عزت وارو سمجهندو. "ڊرائيڊن" ۽ "روو [3]" جي لکڻ جو طريقو هن وقت اصل رواج ۾ نہ آهي. اسان جو مذاق سڄي صدي پوئتي هليو ويو آهي، هن وقت صرف "فليچر [4]" ۽ "بين جانسن [5]" جون تصنيفون ۽ شيڪسپيئر جا جملي ناٽڪ ماڻهن کي

---

[1] ڊرائيڊن (john Drydon) (1631-1700) هن صاحب ويسٽ منسٽر ۾ بسبي (Busby) جي زيرنگراني ۽ ڪئمبرج (Cambrige) جي ترنٽي ڪاليج (Trinity college) ۾ تعليم ورتي. هيءُ انگلينڊ جو مشهور ناٽڪ نويس، شاعر ۽ تاريخ نويس ٿي گذريو آهي. ڪجهہ وقت لاءِ 1668 ۾ هيءُ درباري شاعر ۽ 1670ع ۾ تاريخي ماهر مقرر ٿيو. هن جملي 14 ناٽڪ لکيا، جيڪي بهترين ليکجن ٿا.

[2] اوٽوي: (Thomas otway) (1652- 1685) هيءُ بہ انگلينڊ جو ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي. هن جا ٽي الميہ ناٽڪ مقبول پيا، مگر هيءُ ڪو مقبول ناٽڪ نويس نٿي ليکيو ويو. ڪجهہ شعر بہ ڇپائين مگر گهڻو نہ. ڪيترائي سال بيگم بيري (Mrs Barry) هڪ اداڪارا جي عشق ۾ قائل رهيو.

[3] روو (Rove) (1674- 1718) مدل ٽيمپل (Middle Temple) ۾ پهريائين وڪيل ٿيو، مگر جلدي اَدب جي شوق ۾ وڪالت جو ڏنڌو ڦٽو ڪري ادب جي راهہ ۾ قدم رکيائين. هن پهريائين پنهنجا تعلقات پوپ (Pope) ۽ ايڊيسن (Addison) سان رکيا ۽ ڪيترا الميہ ناٽڪ شايع ڪيائين. هيءُ پنهنجي وقت جو سٺو ناٽڪ نويس ٿي گذريو آهي.

[4] فليچر (Fletcher john) (1579- 1625): هيءُ فليچر جو پائيٽيو هو. هن فرنسز بيومنٽ (Francis Beaumout) جي شموليت سان 1606ع کان 1616ع تائين ناٽڪ ناهيا. هن جي ناٽڪن جي پوري خاطري نہ آهي مگر 15 کان ڪنهن بہ حالت ۾ وڌيڪ نہ هئا. امڪان آهي تہ هيءُ شيڪسپيئر جي هينري ائين واري ڊراما ۾ شيڪسپيئر سان شامل هو.

[5] بين جانسن: (1709- 1774) هيءُ ليچ فيلڊ (lich Field) ۾ ڄائو هو. سندس پيءُ هڪ ڪتب فروش هو. هيءُ ليچ ليڊ گرامر سڪول ۽ پيمبروڪ ڪاليج (Penbroke college) ۾ تعليم ورتي. سندس پيءُ 1731ع ۾ گذاري ويو ۽ پنهنجي ڪتب کي مفلسي ۾ ڇڏي ويو. سن 1735ع ۾ هن لوبو (lobo) جي فرينچ ٻولي ۾ ڇپيل نظم جو ترجمو "ائبيسينيا ڏانهن بحري مسافري (Voyage to Abysinia) نالي ڇپايو. ساڳئي سال "مسز ايلزبيٿ" پورٽر سان شادي ڪئي ۽ ليچ فيلڊ جي قريب ايڊل (Edial) نالي هڪ ڳوٺ ۾ اسڪول برپا ڪيائين مگر ڪامياب نہ ٿيو. هن ان بعد زندگيءَ جي ڪيترن لاهن چاڙهن مان پنهنجو گذر ڪيو. هو گولڊ سمٿ جو همعصر ۽ محسن هو.

ايتري ۾ گهومو ڪمپنيءَ جي سامان جي مَــڏي ڳوٺ تائين اچي پهتي، جنهن ڪي شايد اسان جي ويجهي اچڻ جي خبر اڳيئي پئجي ويئي هئي، ۽ سڄو ڳوٺ اسان کي ڏسڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيو. منهنجي ساٿيءَ چيو، تہ گهومو ناٽڪن جا ڏسندڙ اندر کان ٻاهر گهڻا آهن. جيستائين مون ماڻهن جو وڏو انبوهہ پنهنجي چوڌاري نہ ڏٺو، تيستائين پنهنجو اهڙيءَ ناٽڪيُ ڪمپنيءَ سان گڏ هئڻ ناجائز نہ سمجهيم. انهيءَ ڪري جيترو جلد ممڪن ٿي سگهيو، اوترو جلد مون ويجهي ۾ ويجهي ڪلال خاني ۾ اَجهو ورتو، ۽ عام ورانڊي ۾ وڃي ويٺس. اتي مون کي هڪ خوش پوش سڪر ماڻهو مليو، جنهن مون سان ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ شروع ڪئي. هن مون کان پڇيو، ”اوهين هن ڪمپنيءَ جا سرڪاري پادري آهيو، يا اهو اوهان جو ناٽڪ ۾ اداڪاريءَ جو لباس آهي؟“ هن کي مون جواب ڏنو، ”آءٌ هُن ڪمپنيءَ جي ڪم ڪندڙن مان نہ آهيان“. هن حقيقت ٻڌڻ بعد هن ڪافي تواضع سان مون ۽ اداڪار کي پنهنجي شراب جي پيالي ۾ شريڪ ڪيو. دورانِ گفتگو هُن گهڻيءَ سچائي ۽ دلچسپيءَ سان جديد سياست تي بحث مباحثو ڪيو. مون پنهنجيءَ دل ۾ ڪيس ڪم از ڪم پارليامينٽ جو ميمبر سمجهيو، پر پنهنجي اندازي بنسبت پوري خاطري تڏهن ٿيم، جڏهن مون ان جاءِ جي مالڪ کان رات جي مانيءَ جي پڇا ڪئي ۽ هُن اسان ٻنهين تي سندس گهر ۾ مانيءَ واپرائڻ لاءِ زور رکيو. اسان پهريائين انڪار ڪيو. مگر ڪجهہ منٽــن کان پوءِ، اسين سندس عرض قبول ڪرڻ تي مجبور ٿي پياسين.

*

# باب اٺويهون

## هڪ غير مطمئن شخص

گهر جتي اسين مهمان ٿيا هئاسون، اهو ڳوٺ کان ڪجهه پري هو. اسان جي ميزبان اسان کي چيو، ”جيئن ته گاڏي تيار نه آهي، تنهنڪري آءٌ توهان کي پيادل وٺي هلندس“. اسين جلدي هڪ عاليشان محل وٽ پهتاسون. اهو محل، ٻهراڙيءَ ۾ جيڪي اعليٰ درجي جا محلات مون ڏٺا هئا، انهن مان هڪ هو. ڪمرو جيڪو اسان جي حوالي ڪيو ويو، سو نهايت نزاڪت وارو، ۽ جديد نموني جو نهيل هو. جڏهن اسان جو ميزبان رات جي ماني لاءِ چوڻ ويو، تڏهن اداڪار اڪ جي اشاري سان مون کي ٻڌايو، ته اسين مڪمل طرح خوش نصيب هئاسون. اسان جو ميزبان جلد موٽيو. هڪ سني، سوادي ۽ سلوڻي رات جي ماني آندي ويئي، ۽ ڏلي ۽ گهرو پوشاڪ ۾ ملبوس تيل ٻن يا ٽن عورتن جو اسان سان تعارف ڪرايو ويو، ۽ گفتگو ڪجهه زنده دليءَ سان شروع ٿي. سياست ئي هڪ عنوان هو، جنهن تي اسان جي ميزبان خاص طرح تفصيل وار گفتگو ڪئي، ڇاڪاڻ ته هن دعويٰ ٿي رکي ته آزادي سندس فخر ۽ ساڳئي وقت سندس خطرو هئي. دسترخاني جي ڪجهڻ کان پوءِ، هن مون کان پڇيو، ته آيا مون تازي ”مانيٽر“ اخبار ڏٺي هئي يا نه. جنهن جي انڪاري جواب تي، هن واکو ڪري چيو، ”آءٌ سمجهان ٿو ته توهان ”آڊيٽر“ اخبار به نه ڏٺي آهي؟“ ۽ مون جواب ڏنو، ”ڪابه نه“. منهنجي ميزبان چيو، ”تحقيق اها هڪ عجيب ڳالهه آهي، تمام عجيب. هن وقت آءٌ سڀ سياسي اخبارون جيڪي به شايع ٿين ٿيون، سڀ پڙهندو آهيان. ”دي ڊيلي اخبار“ ”دي پبلڪ ليجر“، ”دي ڪرانيڪل“، ”دي لنڊن ايوننگ“، ”دي وائيٽ هال ايوننگ پوسٽ [1]“ سترنهن رسالا ۽ به تنقيدي رسالا، ۽ جيتوڻيڪ اهي سڀئي هڪ ٻئي کي ڌڪارين ٿا، تنهن هوندي به آءٌ سڀني کي گهڻو پسند ڪريان ٿو. آزادي، سائين، آزادي ئي صرف انگريزن جو فخر آهي، ۽ پنهنجي ڪارنوال وارين سڀني اگرن جي ڪاٺين جي ساک سان چوان ٿو. ته آءٌ ان جي محافظن جو احترام ڪريان ٿو“. مون

---

[1] هي سڀئي اخبارن جا نالا آهن. جي اخبارون گولڊ سمٿ جي زماني ۾ نڪرنديون هيون.

چيو، ”تڏهن اها اميد ڪجي، تہ توهين بادشاهہ سلامت جو پڻ احترام ڪريو ٿا؟“ ”هائو“. منهنجي ميزبان جواب ڏنو. ”جڏهن هو اسان جي خواهشن مطابق هلت ڪري ٿو. پر جيڪڏهن هو پنهنجي اها هلت جاري رکندو هلندو. جا تازو هن ڪئي آهي، تہ پوءِ آءٌ سندس متعلق ڪجهہ بہ نہ چوندس. آءٌ ڪجهہ ڪونہ ٿو چوان. آءٌ صرف خيال ٿو ڪريان. آءٌ ڪي بهتر صلاحون ڏيئي سگهان ٿو. آءٌ نٿو ڀانيان، تہ بادشاهہ وٽ ڪو صلاحڪارن جو ڪافي انداز آهي، هن کي هر ڪنهن ان ماڻهوءَ کان صلاح وٺڻ گهرجي، جو ماڻهو صلاح ڏيڻ جي خواهش رکي ٿو. ۽ پوءِ اسان ڏسنداسون، تہ ڪاروبار ڪنهن بئي بهتر طريقي ۾ هلي ٿو“.

مون چيو، ”منهنجي مرضي آهي، تہ اهڙن اڻ ڪونيلن صلاحڪارن کي ٽڪنڪيءَ تي چاڙهيو وڃي. ايماندار ماڻهن تي فرض هئڻ گهرجي، تہ هو پنهنجيءَ حڪومت جي جوڙجڪ جي ڪمزور پهلوءَ کي مدد ڪن. اها پاڪ طاقت ڪيترن سالن کان روز بہ روز گهٽ ٿيندي وڃي ٿي ۽ حڪومت ۾ پنهنجي زور جو مناسب حصو وڃائي چڪي آهي، پر اڄڪاڻ ماڻهو اجا تائين آزاديءَ جي دانهن جاري رکندا اچن ها. ۽ جيڪڏهن ڪين ڪوبہ وزن هجي، تہ هوند حڪومت کي ڪميٽيپ سان روز بہ روز تنزل ۾ آڻي ڇڏين.

انهن عورتن مان هڪ واڪو ڪري چيو، ”اهو ڪيمٽو ۽ خود غرض انسان، جو آزاديءَ جو دشمن، ۽ ظالمن جو بچاءُ ڪندڙ آهي. ان کي ڏسڻ لاءِ آءٌ جيئري پيئي رهان ڇا؟ آزادي، هڪ خدائي نعمت ۽ انگريزن جو شاندار حق آهي“.

اسان جي ميزبان چيو، ”ڇا هن وقت ڪوبہ اهڙو ماڻهو لهي سگهڻ ممڪن آهي جو غلاميءَ جي وڪالت ڪندو هجي؟ اهڙا بہ ڪي ماڻهو هٿ اچي سگهن ٿا ڇا، جي ڪميٽائپ سان انگريزن کي خاص حقن کي ڇڏڻ لاءِ تيار هجن؟ ڇا، ڪوبہ ماڻهو اهڙو نيچ ٿي سگهي ٿو ڇا؟“

مون جواب ڏنو، ”نہ سائين، آءٌ آزاديءَ جو طرفدار آهيان، اهائي ديوتائن جي وصف ۽ جديد جوشيليءَ تقرير جو عنوان آهي. منهنجي خواهش آهي، تہ سڀ ماڻهو بادشاهہ هجن. آءٌ پاڻ بہ خود بادشاهہ هجان. اسان سڀني کي تخت تي هڪ جهڙو قدرتي حق آهي. اسين سڀئي اصل کان هڪ جهڙا آهيون. هيءُ منهنجو اصول آهي، ۽ اهو ئي هڪ دفعي هڪ ايماندار ماڻهن جي ٽوليءَ جو بہ اصول هو، جيڪي مساوات جا حامي ڪونيا ويندا هئا. هنن پاڻ کي هڪ

اهڙيءَ جماعت ۾ منظوم ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، جنهن ۾ سڀئي هڪ جهڙا آزاد هجن. مگر افسوس! انهيءَ اصول کين اصل ڪاميابي نه ڏني. منجهن ڪي وڏيڪ زور وارا ۽ ڪي وڏيڪ هوشيار هئا. انهيءَ ڪري اهي باقي رهيلن جا اڳواڻ ٿيا. جهڙيءَ طرح سَئِسُ گهوڙن تي سوار ٿئي ٿو. ڇاڪاڻ ته انسان بين جانورن کان وڏيڪ چالاڪ آهي، تهڙيءَ طرح اهو جاندار. جو ڪانئس وڏيڪ زور وارو يا حرفتي هوندو، سو مٿس سواري ڪندو. اهڙيءَ طرح انسان ذات ڪي مٿي بيان ڪيل اصول تحت هلڻو پوي ٿو. ڪي ٿورا حڪم هلائڻ لاءِ پيدا ٿين ٿا. ۽ بيا انهن جي فرمانبرداريءَ ڪرڻ لاءِ. سوال اهو آهي، ته جيئن ته انهن ۾ ضرور ڪي ظالم ٿيندا ته پوءِ ڇا اهو وڏيڪ چڱو آهي، ته انهن ظالمن ڪي پاڻ سان گڏ ساڳئي گهر ۾ رهايون ۽ يا ساڳئي ڳوٺ ۾. يا اڄا به گهڻو پري دارالحڪومت ۾ رهڻ ڏيون. منهنجي خيال موجب. جيئن ته آءٌ قدرتي طرح ظالم جي شڪل ڏسڻ کان به نفرت ڪندو آهيان. تنهنڪري جيترو انهن ڪي مون کان گهڻو پري ڪيو ويندو اوترو وڏيڪ آءٌ خوش ٿيندس. انسانذات جي عموميت پڻ منهنجي ئي خيال سان متفق آهي. هنن يڪراءِ ٿي هڪڙو بادشاهه بنايو آهي، جنهن جي چونڊ ظالمن جي تعداد کي يڪدم گهٽائي ڇڏي ٿي ۽ ماڻهن جي وڏي انداز کي انهن ظلمن کان محفوظ رکي ٿي. هاڻي، اهي وڏا ماڻهو جي هڪ ظالم جي چونڊ کان اڳ پاڻ به ظالم هئا. سي پنهنجي مٿان ان بيءَ طاقت جي ڪڙي ٿيڻ تي قدرتي طرح راضي نه آهن. ڇاڪاڻ ته ان طاقت جو اثر سندس ماتحت طبقن تي تمام ڳورو پوي ٿو. انهيءَ ڪري انهن وڏن ماڻهن جو مقصد آهي، ته جيترو گهڻو ممڪن ٿي سگهي اوترو گهڻو بادشاهن جو زور گهٽائجي. هنن جو خيال آهي ته، هو سندن بادشاهه کان جيڪي به وٺندا، سو قدرتي طرح کين ئي واپس ملندو. هنن جو محض مقصد اهو آهي، ته ان اڪيلي ظالم جون پاڙون پٽين. ۽ ائين ڪرڻ سان پنهنجي اڳئين اختياري وري حاصل ڪن. هاڻي شايد حڪومت جون حالتون اهڙيون هجن، يا ان جا قانون شايد اهڙي نموني عمل ۾ آندا وڃن، يا ان جا پئسي وارا ماڻهو شايد اهڙا خيال رکندڙ هجن، جو بادشاهيءَ جي پاڙن پَٽَڻَ جي ڪم هلائڻ لاءِ سڀئي شاهوڪار ماڻهو پاڻ ۾ منصوبو ناهين. پهرينءَ حالت ۾ جيڪڏهن اسان جي حڪومت جون حالتون اهڙيون هجن، جو اهي دولت جي ڪني ڪرڻ جي طرفداري ڪن، ۽

شاهوڪارن کي وڏيڪ شاهوڪار ڪن. تہ پوءِ اهي حالتون يقيناً وڏن ماڻهن جي حرص کي وڌائينديون. ڪيئن بہ، حڪومت جي اهڙيءَ نيتيءَ جو آخرڪار نتيجو ٿيندو دولت جو ڪنو ٿيڻ. جيئن هن وقت، گهڻي دولت اندروني هنر مان پيدا ٿيڻ کان وڌيڪ باهرئين واپار مان اندر داخل ٿي رهي آهي. باهرئين واپار کي فائديمند طريقي تي هلائڻ جو انتظام صرف شاهوڪارن جي ئي هٿان ٿي سگهي ٿو، ۽ ساڳئي وقت اندرئين هنر مان پيدا ٿيندڙ سيپئي منافع پڻ ڪين ئي ملندا رهن ٿا. انهيءَ ڪري اسان وٽ شاهوڪارن کي دولت حاصل ڪرڻ جا بہ ذريعا آهن. مگر غريبن کي صرف هڪڙو آهي. مذڪوره سبب ڪري دولت سيني واپاري حڪومتن ۾ جمع ٿيندي رهي ٿي، ۽ اهڙيون حڪومتون هن وقت تائين ٿوري ئي وقت ۾ بہ شاهوڪار شاهي ۾ حڪومتون ٿي پيون آهن.

وري جڏهن هن ئي ملڪ جا ساڳيا قائدا. دولت جي ڪني ٿيڻ کي مدد ڪندڙ هجن، يعني جڏهن سندن وسيلي اهي قدرتي ڳنڍ. جي شاهوڪار ۽ غريب کي هڪ ٻئي سان ملائين ٿا. ٽُٽي پيل هجن. ۽ فيصلو ڪيو ويو هجي، تہ شاهوڪار صرف شاهوڪار گهر مان شادي ڪندو. يا جڏهن عالمن کي صرف دولت نہ هئڻ سبب ملڪ جي صلاحڪار ٿيڻ لاءِ غير سَنَد يافتہ قرار ڏنو ويو هجي، ۽ اهڙيءَ طرح دولت کي سياڻي ماڻهوءَ لاءِ ڪَنَنُ بنايو ويو هجي، تہ پوءِ انهن ۽ اهڙن ٻين طريقن سان دولت ڪني ٿيندي. هاڻي جمع ٿيل دولت جو مالڪ، جڏهن زندگيءَ جي ضرورتن ۽ خوشين سان لطف اندوز آهي، تڏهن ڪيس پنهنجيءَ زياده دولت کي سيڙائڻ جو ذريعو سواءِ طاقت خريد ڪرڻ جي ٻيو ڪوبہ ڪونہ آهي. ٻين لفظن ۾ ائين چئجي، تہ هو پنهنجيءَ دولت کي ضرورت وارن ضمير فروشن ۽ انهن ماڻهن جي آزاديءَ جي خريد ڪرڻ ۾، ۽ ڪين پنهنجي زير دستن بنائڻ ۾ لڳائي ٿو. جي مانيءَ لاءِ ڪيتري بہ ذلت برداشت ڪرڻ جا خواهان آهن. اهڙيءَ طرح هرهڪ شاهوڪار ماڻهو پنهنجي چوڌاري غريب ماڻهن جو گروهہ گڏ ڪري ٿو. گڏ ٿيل گهڻيءَ دولت ۾ مالا مال ٿيل دستور سلطنت کي "ڪارٽيزن [1]" جي طريقي سان پيٽي سگهجي ٿو. جنهن ۾

---

[1] ڪارٽيزن جو طريقو (Cartesian System): فرينچ فلاسافر ڊيڪارٽس (Decartas) جو ايجاد ڪيل طريقو.
ڊيڪارٽِس (1657ع - 1734ع) هڪ فرينچ علم رياضي، علم طبعيءَ جو ماهر فلاسافر ۽ ڪارٽيزن جي نالي مشهور فلاسافيءَ جو موجد هو. هن جي فلسفي جي ابتدا *(هلنڊ)*

ڪُنَ جو هر هڪ چڪر پنهنجي گردش سان پاڻ پيدا ٿيل آهي. اهي ماڻهو جي وڏي ماڻهوءَ جي گرداب ۾ تحرڪ ڪرڻ جا طالبو آهن، اهي صرف اهڙا آهن جي ضرور غلام ۽ انسانذات جو بيڪار حصو ٿيڻ گهرجن. سندن روح ۽ سندن تعليم غلاميءَ جي راهه تي پئجي ويا آهن، ۽ اهي سواءِ نالي جي، آزاديءَ بابت بيو ڪجهه به ڪونه ٿا ڄاڻن. پر شاهوڪار ماڻهوءَ جي اثر کان ٻاهر به ضرور اجا ماڻهن جو وڏو انداز هوندو، يعني ماڻهن جو اهو طبقو جو تمام شاهوڪارن ۽ تمام بيڪار حصن جي وچ ۾ زندگي بسر ڪري ٿو. اهي ماڻهو ايتريءَ ته دولت وارا آهن، جو پاڻ کان وڏيڪ زور واري پاڙيسريءَ کي پيش پوڻ وارا نه آهن، تنهن هوندي به ايترو ته غريب آهن، جو ڪوبه نئون ظلم ڪڙو ڪري نٿا سگهن. هن انسانذات جي وچئين طبقي ۾ عام طرح سيئي فن، سياڻپ ۽ جماعت جا اخلاق لڀن ٿا. صرف هيءُ ئي طبقو آهي، جو سچو پچو آزاديءَ جو تحفظ ڪندڙ سمجهيو وڃي ٿو، ۽ ان کي ئي عوام ڪونيو وڃي ٿو. هاڻي شايد ائين ٿي پوي، جو اهو انسانذات جو وچيون طبقو حڪومت ۾ پنهنجو جملي اثر وڃائي ڇڏي، ۽ سندس آواز پڻ اهڙيءَ طرح گم ٿي وڃي، جهڙيءَ طرح بيڪار طبقي جو، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ڪنهن به ماڻهوءَ کي حڪومت جي ڪاروبار ۾ آواز جي حق ڏيڻ لاءِ سَندَيافته بنائڻ ۾ هن وقت جيڪا ملڪيت ڪافي نهرائي وڃي ٿي، سان پهريائين جوڙجڪ ناهڻ وقت جيڪا ڪافي نهرائي ويئي هُئي، ان کان ڏهه دفعا گهٽ ٿي پوي. ته پوءِ اهو پڌرو آهي، ته وڏو انداز بيڪارن جو سياسي طبقي ۾ داخل ٿي ويندو. ۽ اهي هميشه شاهوڪارن جي اثر هيٺ هلندا، اوڏانهن هلندا جيڏانهن وڏا ماڻهو سندن رهنمائي ڪندا. تنهنڪري اهڙيءَ رياست ۾ اهو سڀ ڪجهه جيڪي وچئين طبقي ڇڏي ڏنو آهي، سو آهي، تمام پاڪيزه چوڪسيءَ سان پنهنجي محافظ جي خاص حَقَن ۽ اختيارات جو تحفظ ڪرڻ، ڇاڪاڻ ته هو شاهوڪار طبقي جو زور ڀڃي ڇڏي ٿو، ۽ اعليٰ طبقي کي وچئين طبقي تي ظلم ڪرڻ کان

---

سندس مکيه تصنيف (Le- Discourse- de- le- Methode) (1737ع) ۾ وضاحت سان ڏنل آهي. سندس نظريو هيءُ آهي، "آءٌ خيال ڪريان ٿو تنهنڪري آءٌ آهيان. روح ۽ مادي جي فرق سمجهائڻ لاءِ هن پنهنجي فلسفي جو سمورو مدار قياس تي رکيو. ۽ عالم بابت سندس خيال کي قدر ڪل وانگر هو. هي مادي ۽ روح جي وچ وارو تعلق پوريءَ طرح سمجهائي نه سگهيو. هن جا ڪيترا اصول نيوٽن جي ايجادن کان پوءِ ٽٽي پيا. مگر هن پنهنجي فلسفي ۾ قياس جي شاهراه قائم ڪئي.

روڪي ڇڏي ٿو. وڃيون طبقو هڪ ان شهر سان مشابهت ڏيئي سگهجي ٿو. جنهن جو شاهوڪار گهيرو ڪيو بيٺا آهن، ۽ جنهن جي دستگيريءَ لاءِ ٻاهران گورنر ڪوشش ڪري رهيو آهي. جڏهن گهيري ڪندڙ پنهنجي مٿان ڪنهن دشمن جي خوف ۾ هوندا آهن، تڏهن شهر وارن کي تمام فائدي وارا شرط آڇڻ، لقبن سان تعظيم سندن ڪرڻ، ۽ رعايتن سان کين راضي ڪرڻ هڪ قدرتي طريقو آهي، جو هو اختيار ڪندا آهن، مگر جيڪڏهن هو گورنر کي فتح ڪندا، ته پوءِ شهر جون پٽيون اُنَ جي رهاڪن لاءِ فقط تمام ٿورو بچاءُ ٿي سگهنديون. اهڙي شهر جي رهواسين کي پوءِ ڪهڙي اميد رکڻ گهرجي، سا پنهنجون اکيون "هالينڊ [1]"، "جينوئا" ۽ "وينس [2]" ڏانهن ڦيرائڻ سان ڏسي سگهجي ٿي، جتي قانون غريب تي حڪومت هلائي ٿو، ۽ شاهوڪار قانون کي سنڀالي ٿو. آءٌ انهيءَ ڪري بادشاهي راڄ جي طرف آهيان، ۽ بادشاهي راڄ جي فائدي ۾ مرڻ لاءِ تيار آهيان، ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن ماڻهن ۾ ڪا مقدس هستي آهي، ته اها آهي، اهو بادشاهه جو خدائي خدمتگار ٿي حڪومت هلائي ٿو. لڙائيءَ يا امن جي وقت ۾ سندس طاقت ۾ جَوَ جيتري ڪمي آڻڻ رعيت جي سچيءَ آزاديءَ جي هڪ وعدي شڪني آهي. وطن جي حُب ۽ انگريزن جي آزاديءَ جي نعرن اڳيئي گهڻو ٺي ڪجهه ڪيو آهي، ۽ اها اميد ڪجي ٿي، ته آزاديءَ جا سچا فرزند پنهنجي طاقت وڌيڪ ڪرڻ کي هميشه لاءِ روڪيندا. منهنجي پنهنجي زماني جي انهن آزاديءَ جي مڪر ڪندڙ سورمن مان گهڻن سان واقفيت هئي، مگر مون کي ڪوبه اهڙو ماڻهو ڪونه سجهي، جو پنهنجيءَ دل ۽ پنهنجي خاندان ۾ ظالم نه هو."

مون ڏٺو ته منهنجي جوش منهنجيءَ گفتگوءَ کي چڱيءَ تربيتَ جي قائدن کان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو هو. پر منهنجو ميزبان جو اڪثر ان کي وچ ۾ روڪڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هو، ان جي بي صبري وڌيڪ وقت لاءِ روڪجي نه سگهي. هن واڪو ڪري چيو، "ڇا، تڏهن آءٌ هيءُ سمورو وقت انساني لباس ۾ ملبوس ٿيل هڪ شيطان سان گفتگو ڪري رهيو هوس؟ پر آءٌ ساک سان چوان ٿو، ته

---

[1] هالينڊ (Holland): يورپ کنڊ ۾ اُلهندي ڪناري تي هڪ ننڍو ملڪ آهي، جنهن کي واهن وارو ملڪ ڪري ڪوٺجي ٿو. هتي جي رهاڪن کي 'ڊچ' ڪوٺبو آهي.

[2] وينس (Venice): اٽليءَ جو ساموندي بندر آهي. ائڊرياٽڪ سمنڊ جي ڪناري تي بيٺل آهي، ۽ وينس علائقي جي گاديءَ جو هنڌ آهي.

جيڪڏهن منهنجو نالو "ولڪنسن" آهي، تہ پوءِ ان انسان نما شيطان کي جلد ٻاهر ڪڍيو ويندو". مون ھاڻي ڏٺو، تہ آءٌ حد کان ٻاهر نڪري ويو هوس، ۽ جنهن جوش سان مون ڳالهايو هو، ان جي معافيءَ لاءِ گهر ڪيم. "معافي". ميزبان ڪاوڙ ۾ چيو، "آءٌ سمجهان ٿو، تہ اهڙا اصول ڏهہ هزار معافين جي ضرورت رکن ٿا. ڇا، اسين آزادي ۽ ملڪيت ڇڏي ڏيون، ۽ سرڪاري ترجمان جي چوڻ موجب هر قسم جي تڪليف برداشت ڪرڻ لاءِ تيار ٿي وڃون! مهربان، آءٌ بدترين نتيجن جي روڪڻ خاطر اوهان تي زور رکان ٿو، تہ اوهين جلد هن گهر مان نڪري وڃو. سائين، آءٌ اوهان جي نڪري وڃڻ جي زوردار طلب ڪريان ٿو". آءٌ پنهنجين حجتن کي وري بہ دهرائڻ تي هوس، مگر عين انهيءَ وقت اسان هڪ نوڪر جو آواز در تي ٻڌو، ۽ انهن ٻنهين عورتن دانهن ڪري چيو، "موت جهڙي خاطري آهي، تہ اسان جو آقا ۽ خاتون پيا اچن". ان وقت اسان کي خبر پيئي، تہ اسان جو ميزبان سچي ڇمار بورچي ٿي رهيو هو، ۽ هن پنهنجي ڌڻيءَ جي غير حاضريءَ ۾ پنهنجي نالي ڪڍڻ، ۽ ڪجهہ وقت لاءِ پاڻ کي "ميان منو" سڏائڻ جي خواهش ڪئي هئي، ۽ سچ ڇئجي، تہ هن سياست تي اهڙو چڱو ڳالهايو، جهڙو ٻهراڙيءَ جا گهڻا سکر ماڻهو ڳالهائيندا آهن. ان سکر ماڻهوءَ ۽ خاتون جي اندر اچڻ تي جيڪا پريشاني ٿي، ان جي نڪا حد، نڪو حساب، پر اهڙيءَ محفل ۽ سنيءَ ڪل پيوڳ ڏسڻ تي جيڪا کين حيرت لڳي، سا پڻ اسان جيءَ حيرت کان گهٽ نہ هئي. حقيقي مالڪ مون کي ۽ منهنجي ساٿيءَ کي چيو، "معززو، منهنجي زال ۽ آءٌ اوهان جا نهايت شڪر گذار آهيون، ۽ هيءَ اوهان جي اسان تي اهڙي تہ خلاف توقع نوازش آهي، جو اسان جا گردن اوهان جي احسانن هيٺ هميشہ جهڪيل رهندا. هنن لاءِ اسان جي ملاقات ڪٿي ڪيتري قدر بہ اچانڪ هئي، مگر مون کي خاطري آهي، تہ سندن اسان سان گڏجاڻي، اجا بہ وڌيڪ خلاف توقع هئي. ان کان پوءِ جلدي مون پياريءَ "اربيلا ولمات" کي اندر ڪونيءَ ۾ گهڙندي ڏٺو، ۽ پنهنجيءَ بيهودگيءَ جي انديشي کان منهنجون وايون بتال ٿي ويون. هن کي پهريائين منهنجي پٽ "جارج" سان پرڻائڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو هو، پر جيئن اڳي بيان ڪيو ويو آهي، تيئن اهو وهانءُ ٽٽي پيو هو. مون کي ڏسڻ شرط هوءَ خوشيءَ ۾ ڊوڙي اچي منهنجي ياڪر ۾ پيئي. هن چيو، "سائين، ڪهڙي خوشيءَ جي موقعي سبب

اسين اوهان جيءَ اهڙيءَ اوچتي ملاقات جو حق رکون ٿا. مون کي خاطري آهي، تہ منهنجو چاچو ۽ چاچي ڏاڍا خوش ٿيندا. جڏهن کين معلوم ٿيندو، تہ نيڪ "ڊاڪٽر پرمروز" وٽن مهمان ٿيو آهي". پيرسن بزرگ ۽ خاتون جڏهن منهنجو نالو ٻڌو، تڏهن مون ڏانهن وڌي آيا، ۽ مون کي تمام مخلصانہ تواضع سان آڌر ڀاءُ ڪيائون. جڏهن مون کين پنهنجيءَ حاضري ملاقات جو سبب ٻڌايو، تڏهن هو پنهنجيءَ دل کي روڪي ڪين سگهيا. ۽ بدبخت بورچي جنهن کي ڪڍي ڇڏڻ جو ارادو ڪيو هئائون، ان کي منهنجيءَ سفارش تي معافي ڏنائون.

"مسٽر آرنلڊ" ۽ سندس بيگم، جن جو اهو گهر هو، تن مون تي زور رکيو، تہ آءٌ ڪجهہ ڏينهن لاءِ وٽن مهمان تي رهان، ۽ جيئن تہ سندن ڀائٽي ۽ منهنجي سعادتمند شاگرد جا ڪجهہ قدر منهنجين هدايتن هيٺ پليل هئي، ساڻن منٿن ۾ شامل هئي، تنهنڪري مون اها ڳالهہ قبول ڪئي. اها رات آءٌ هڪ عاليشان ڪوٺيءَ ۾ ٽڪيس. ايندڙ صبح جو سوير "مس ولماٽ" مون سان گڏ باغ ۾ گهمڻ جي خواهش ڪئي. اهو باغ جديد نموني تي سينگاريل هو. ڪجهہ وقت ان باغ جي خوبين ڏانهن اشارن ڪرڻ ۾ صرف ڪرڻ کان پوءِ، هن بي واسطيداريءَ نموني مون کان پڇا ڪئي، تہ مون کي پنهنجي پٽ "جارج" وٽان آخرين احوال ڪڏهن پهتو آهي. مون چيو، "افسوس! خاتون، ٽي سال ٿيا، آهن، جو هن ڪڏهن بہ مون ڏانهن يا پنهنجي دوستن مان ڪنهن ڏانهن خط نہ لکيو آهي. مون کي خبر نہ آهي، تہ هو ڪٿي آهي. شايد آءٌ ڪڏهن بہ هن کي يا خوشيءَ کي وري نہ ڏسندس. منهنجي سعادتمند ڇوڪري، اسان جهڙيون خوشيءَ واريون ساعتون "ويڪفيلڊ" ۾ پنهنجي گهر گذاريون، اهڙيون وري شايد ڪڏهن بہ ڪين ڏسي سگهنداسون. اسان جو ننڍو ڪٽنب هاڻي تمام ٽڪرا ٽڪرا ٿيندو وڃي ٿو، ۽ مفلسيءَ نہ فقط ضرورت مگر بدنامي پڻ اسان تي آندي آهي. نيڪ سيرت ڇوڪريءَ جي اکين مان لڙڪ ڪري پيا. ڪيس گهڻو احساس رکندڙ ڏسي، پنهنجي مشڪلاتن جي سربستي احوال ڏيڻ کان پاڻ کي روڪيم. جڏهن مون ڏٺو تہ، وقت سندس پيار ۾ ڪا بہ تبديلي نہ آندي هئي، ۽ جنهن وقت کان وني اسان سندس ملڪ ڇڏيو هو، ان وقت کان وني هن ڪيترا سڱ رد ڪري ڇڏيا هئا، تڏهن منهنجيءَ دل کي ڪافي تسلي پهتي. هوءَ ڪيترن رستن ۽ محرابدار واٽن ڏانهن اشارا ڪندي، سيڪنهن شيءِ مان ڪونہ

ڪو اشارو منهنجي پٽ سان تعلق رکندڙ ڪنهن سوال لاءِ چوندينديءَ. مون کي ان جاءِ جي سيني وسيع ۽ زرخيز ياڱن جي چوڏاري گهمائيندي رهي.

اهڙي نموني ۾ اسين ٽيهريءَ تائين گهمندا رهياسين. جيستائين گهنڊ جي آواز اسان کي مانيءَ واسطي اندر سڏيو. اتي اسان مٿي بيان ڪيل ناٽڪي ڪمپنيءَ جو مئنيجر ڏٺو. هو "سنو پچتائيندڙ" نالي هڪ ڪيل لاءِ ٽڪيٽون نيڪال ڪرڻ آيو هو. اهو ڪيل انهيءَ ڏينهن شام جو ٿيڻو هو. هن چيو، "هوريشو" جو پارٽ هڪ اهو نوجوان ادا ڪندو، جو ڪڏهن به اسٽيج تي نه آيو آهي". هن نئين اداڪار جي تمام گهڻي ساراهه ڪئي، ۽ خاطريءَ سان چيائين، "مون ڪڏهن به اهڙو ڪو به اداڪار نه ڏٺو آهي، جنهن اهڙيءَ سهڻي اداڪاريءَ سبب پنهنجو نالو ڪڍيو هجي". هن وڌيڪ چيو، "اداڪاري هڪ ڏينهن ۾ ڪانه سکي ويندي آهي، پر هيءُ نوجوان ڄڻ ته ناٽڪ ۾ اداڪاريءَ لاءِ ئي ڄائو آهي. هن جو آواز، هن جو ڊول ۽ هن جون روشون جملي تعريف جوڳيون آهن. اسان کي هو رستي تي مسافريءَ ڪندي اوچتو هٿ لڳي ويو". هن احوال اسان جي دلين ۾ ان ناٽڪ ڏسڻ لاءِ خواهش پيدا ڪئي، ۽ عورتن جي التجا تي، آءٌ سائن گڏ ناٽڪ تي هلڻ لاءِ مجبور ٿي پيس. ۽ ناٽڪ جي جاءِ هڪ ياندي جهڙي هئي، ۽ جيئن ته اها هڪ جماعت جنهن سان آءٌ گڏ هوس سا انهيءَ ڳوٺ ۾ سيني جي قبوليت موجب مکيه ۽ اعليٰ هئي، تنهنڪري اسان جو تمام وڏيءَ عزت سان استقبال ڪيائون، ۽ اسان کي ناٽڪ ڏسڻ لاءِ اڳيان جاءِ ڏنائون. اسين "هوريشو" جي ڏسڻ لاءِ تمام گهڻو منتظر هئاسون. آخر اهو نئون اداڪار اسٽيج تي آيو ۽ جڏهن مون ڏٺو، ته اهو منهنجو پٽ هو. تڏهن منهنجيءَ دل ۾ جيڪي احساس پيدا ٿيا، سي پلي والدين پنهنجي احساسات سان تصور ۾ آڻين. هيءُ پنهنجي ڪم شروع ڪرڻ تي هو، مگر جڏهن هن پنهنجيون اکيون تماشبينن ڏانهن ڦيرايون، تڏهن "مس ولمات" ۽ مون کي ڏسي، سندس وايون واٽڙيون ٿي ويون. پڙدي جي پويان ويٺل اداڪارن هن جي فطري ڊپ کي سندس مات جو سبب سمجهيو، ۽ کيس همت ڏيارڻ جي ڪوشش ڪيائون، مگر ڪم ڪرڻ بدران، هو اچي روئڻ ۾ چٽڪيو، ۽ يڪدم اسٽيج تان هيٺ لٿو. آءٌ چئي نٿو سگهان ته ان وقت منهنجيءَ دل ۾ ڪهڙا خيال پيدا ٿيا هئا، ڇاڪاڻ ته اهي سندس احوال دريافت ڪرڻ لاءِ ايترو ته تڪڙو هڪ بئي جي پويان پئي چڙهيا ۽ لٿا. جو انهن جو احوال ڪري

نٿوسگهجي. ”مس ولماٽ“ جلدي مون کي اهڙي اٿوٿندڙ خمار مان جاڳايو. ۽ ڏکندڙ آواز ۾ مون کي عرض ڪيائين، ته آءٌ ڪيس سندس چاچي جي گهر وٺي هلان. ”مسٽر آرنلڊ“ جو اسان جي هن غير رواجيءَ هلت کان اجا تائين اڻ واقف هو. تنهن کي جڏهن خبر پيئي، ته اهو نئون اداڪار منهنجو پٽ هو. تڏهن پنهنجي گاڏي ۽ هڪ ماڻهو ڪيس وٺي اچڻ لاءِ ڏياري موڪليائين. منهنجي پٽ وري ناٽڪ ۾ ڪم ڪرڻ کان صاف انڪار ڪيو. تنهنڪري اداڪارن ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ کي سندس جاءِ تي مقرر ڪيو. ۽ هو جلدي اسان سان اچي مليو. ”مسٽر آرنلڊ“ سندس آڌرڀاءُ تمام سهڻي نموني ۾ ڪيو. ۽ آءٌ ساڻس پنهنجي دستوري خوشيءَ سان مليس. چاڪاڻ ته آءٌ ڪوڙيءَ ناراضگيءَ جو ڪڏهن به مڪر ڪري ڪين سگهندو هوس. ”مس ولماٽ“ جو آڌر ڀاءُ ظاهري طرح بي توجهيءَ وارو هو. پر تنهن هوندي به مون سهي ڪيو ته هن گهٽي تڪلف کان ڪم ورتو هو. تمام گهڻيءَ خوشيءَ سبب هن پهريائين ڪيترين بيهوشيءَ جون ڳالهيون ڪيون تي، ۽ پوءِ وري بلند آواز سان پنهنجي ڪم عقلي تي کليائين ٿي. ڪن وقتن تي هن آرسيءَ ۾ ليئو پاتو ٿي، ڇڻ ته پنهنجي لاثاني حسن جي آگاهيءَ تي خوش ٿي هئي، ۽ اڪثر سوال پئي پڇيائين مگر جواب ڏانهن ڪنهن به قسم جي توجهه ڪونه ٿي ڏنائين.

★

# باب ويهون

## هڪ رولو فيلسوف

رات جي مانيءَ کان پوءِ، "مسز آرنلڊ" منهنجي پٽ جي سامان کڻي اچڻ لاءِ، ٻن نوڪرن جي موڪلڻ جي آڇ ڪئي. پهريائين ائين ڏسڻ ۾ ٿي آيو، ته هو ان آڇ قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هو، پر "مسز آرنلڊ" جي اصرار تي، هو ڪيس ان ٻڌائڻ تي مجبور ٿيو، ته هن دنيا جي تختي تي سندس جملي متحرڪ شيون صرف هڪ لٺ ۽ هڪ ٻُگري آهن، جن تي هيءُ فخر ڪري ٿي سگهيو. مون دانهن ڪري چيو، "منهنجا پٽ! جڏهن تون مون وٽان ويو هئين، تڏهن به غريب هئين، ۽ جڏهن موٽي آيو آهين، تڏهن به توکي غريب ٿو ڏسان، پر ان هوندي بہ مون کي خاطري آهي، ته تو دنيا کي ڪافي حد تائين پروڙيو هوندو".چوڪر جواب ڏنو، "هائو سائين، پر دولت جي پويان مسافري ڪرڻ، ان جي حاصل ڪرڻ جو طريقو نه آهي، ۽ سچ پچ ته، گهڻي وقت کان وٺي مون ان جي جستجو ڪرڻ کان پاسو ڪيو آهي". مسز آرنلڊ چيو، "آءٌ يانيان ٿي، ته تنهنجين سرگذشتن جو احوال ڏاڍو دلچسپ هوندو. انهن جو پهريون حصو مون اڪثر پنهنجي ڀائٽيءَ کان ٻڌو آهي، پر جيڪڏهن ڪچهريءَ کي باقي رهيل حصي کان واقف ڪيو ويندو، ته اهو اوهان جو هڪ مزيد احسان ٿيندو". منهنجي پٽ جواب ڏنو، "خاتون، توهان کي خاطري ٿو ڏياريان، ته جيڪا خوشي اوهان کي ان احوال ٻڌڻ مان حاصل ٿيندي، سا جيڪو فخر مون کي انهن جي وري بيان ڪرڻ ۾ ٿيندو، ان جي اڌ جيتري بہ نہ هوندي. تنهن هوندي بہ سموري احوال ۾ آءٌ پنهنجي هڪ ڪار گذاريءَ جو بہ وعدو ڪري نٿو سگهان، ڇاڪاڻ ته منهنجو بيان، جيڪي مون ڪيو، ان جو نہ آهي، مگر ان جو آهي جيڪي مون ڏٺو. اوهان کي خبر آهي ته منهنجي حياتيءَ جي پهرين بدبختي تمام وڏي هئي. جيتوڻيڪ ان مون کي تڪليف ڏني پر مون کي تباهہ ڪري نہ سگهي. ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي مون کان وڌيڪ اُميد ڪرڻ جو فن نہ هو. هڪ وقت تي نصيب کي گهڻ مهربان ڏٺم، ته ان (اميد) جي ئي طفيل ٻئي دفعي ان جي وڌيڪ مهربان ٿيڻ جي توقع ڪيم. جڏهن بخت جو چڪر مون کي تنزل جي تري ۾ وجي ڦِٽو ڪندو هو تڏهن اميد ڪندو هوس ته ان جو هرڪو ڦيرو مون کي مٿي ڇڪي

سگهندو، مگر مون کي ناس ڪري نہ سگهندو. هڪ وڻندڙ صبح جو لنڊن ڏانهن روانو ٿيس، ۽ ايندڙ ڏينهن بنسبت ڪنهن بہ طرح بي آرام ۽ بي چين نہ هوس. پر اهڙو خوش هوس، جهڙا اهي پکي جن رستي جي پاسن تي خوشيءَ جا گيت ڳايا ٿي، ۽ پاڻ کي هن خيال سان تسلي ڏنم. تہ لنڊن هڪ اهڙي منڊي آهي، جتي هر قسم جي لياقتن کي مرتبي ۽ انعام ملڻ جي خاطري آهي. شهر ۾ پهچڻ کان پوءِ، مون کي پهرين پنهنجي سوٽ کي توهان جي خط پهچائڻ جي ڳڻتي لڳي، جنهن جون حالتون مون کان بهتر نہ هيون. بابا! توهان کي خبر آهي، تہ منهنجي پهرين خواهش ڪنهن درسگاهہ ۾ نائب ماستر ٿيڻ جي هئي، ۽ مون انهيءَ بابت ڪانئس صلاح پڇي. هن ان رٿ کي سني نموني کلندي ٻڌو. هن چيو، "ها، سچ پچ تہ، اهو تمام سنو پيشو آهي، جو توهان پنهنجي لاءِ رٿيو آهي. آءٌ پاڻ هڪ بورڊنگ اسڪول ۾ نائب ماستر تي رهيو آهيان. آءٌ اهڙي نيو گيٽ [1] جي جيل مثل بنديخاني ۾ نوڪري ڪريان، ان کان ائين چڱو آهي تہ ڪاري نانگ جي چڪ وگهي مري وڃان.

آءٌ اويل سويل اُٿندو هوس تہ ماستر مون کي ڌمڪائيندو هو. ماسترياڻي بدشڪل هئڻ سبب مون کي ڌڪاريندي هئي، اندر ڇوڪرا مون کي تنگ ڪندا هئا، ۽ ٻاهر نڪري ٻين ماڻهن سان ملڻ لاءِ ڪڏهن بہ اجازت نہ ملندي هيم. توکي خاطري آهي، تہ تون اسڪول ۾ نوڪري ڪرڻ لائق آهين؟ اچ، تہ آءٌ تنهنجو امتحان وٺان. ڇا تو انهيءَ ڌنڌي جي ڪڏهن سکيا ورتي آهي؟ نہ، تہ پوءِ اسڪول لائق تي نہ سگهندين. ڇا، تون ڇوڪرن جا وار ناهي سگهندين؟ نہ، تہ پوءِ تہ اصل اسڪول لاءِ ڪارائتو نہ ٿيندين. ڇا توهين ٽي ٽي ٽي هڪ بستري تي سمهي سگهو ٿا؟ نہ، تہ پوءِ تون اسڪول لاءِ ڪارگر تي ڪين سگهندين. ڇا، تنهنجو پيٽ سالم آهي؟ ها، تہ پوءِ تہ ڪنهن بہ صورت ۾ اسڪول لاءِ نيڪ نہ ٿيندين. سائين، جيڪڏهن توهين هڪ آسان ۽ شريف ڌنڌي جي طلب رکو ٿا، تہ پوءِ ڪُتر جي مشين ڦيرائڻ لاءِ پاڻ کي ستن سالن لاءِ شاگرد طور پابند رکو، مگر ڪنهن بہ نموني اسڪول کان پاسو ڪريو". هن سلسلئہ ڪلام جاري رکندي چيو، "تنهن هوندي بہ اچ، آءٌ ڏسان تو، تہ تون علم ۽ اتهاس وارو نوجوان آهين، مون وانگر مصنف ٿيڻ بابت تنهنجو ڪهڙو خيال آهي؟ تو

[1] نيوگيٽ: هيءُ لنڊن جو مشهور جيل آهي.

ڪتابن ۾ پڙهيو آهي. تہ هن وقت ڪيترا ذهن ۽ ذڪا وارا ماڻهو واپار ۾ بڪ پيا مرن. مگر آءٌ توکي اهڙا ڪيترا بنهہ ڪُند دماغ ماڻهو شهر ۾ ڏيکاري سگهندس. جيڪي اُنَ مصنفيءَ جي ڌنڌي تي تمام سُڪيو وقت پيا گذارين. اهي سيئي ايماندار عام ماڻهو جي نرميءَ ۽ ساده دليءَ سان گذارين ٿا. تاريخ ۽ سياست تي ڪتاب لکن ٿا ۽ ساراهيا وڃن ٿا. سي جيڪڏهن بنياد کان وني موچي هجن ها، تہ بہ هوند سڀي عمر صرف بوٽ ڳنڍيين ها. مگر نوان اصل ناهي ڪين سگهن ها.

جيئن تہ مون معلوم ڪيو، تہ هڪ نائب ماستريءَ جي ڌنڌي سان ڪوبہ فضيلت وارو درجو وابستا ڪونہ آهي، تنهنڪري سندس تجويز قبول ڪيم، ۽ ادب سان تمام گهڻيءَ دلچسپيءَ هئڻ سبب، ”گـرَبز سٽريٽ [1]“ ۾ رهندڙن جو احترام سان سلام ڪيم. مون ان رستي تي هلڻ پنهنجي لاءِ اقتدار وارو سمجهيو. جو مون کان اڳ مشهور مصنفن ”ڊرائيڊن“ ۽ ”اوٽوي“ لتاڙيو هو. مون هن ياڳي جي ديويءَ کي فضيلت جو سر چشمو سمجهيو، ۽ تنهن هوندي بہ سمجهيم، تہ دنيا سان ميل جول شايد اسان کي سنو مزاج بخشي. غربت، جا ان نوازش ڪئي، تنهن کي مون غير معمولي ذهانت جي دائي ڪري سمجهيو. انهن ويچارن سان مالا مال ٿيڻ تي پاڻ کي تمام خوش سمجهيم. مون ڏٺو، تہ بهترين ڳالهيون صرف غلط طرف ڏانهن ئي لکڻ لاءِ رهيل هيون، ۽ اهڙي ڪتاب لکڻ جو ارادو ڪيم جو، مڪمل طرح نئون هجي. انهيءَ ڪري مون ڪن غلط نما حقيقتن کي قابليت سان سينگاريو. اهي در حقيقت غلط هيون، مگر نيون هيون. سچ جا جواهر اڪثر بين مصنفن ايتري قدر تہ پنهنجين تصنيفن ۾ آڻي ڇڏيا هئا، جو منهنجي لکڻ لاءِ سواءِ ڪن عجيب شين جي، جي پريان سيڪنهن نموني ۾ سچيون نظر آيون ٿي، بي ڪابہ شيءِ ڇڏيل نہ هئي. خبر نہ آهي، تہ جڏهن مون لکيو پئي، تڏهن ڪهڙي وهمي طاقت منهنجي قلم تي پنهنجا ڪنب ڪولي ويني ٿي. مون کي خاطري هئي، تہ سڄي تعليم يافتہ دنيا منهنجي طريقي جي مخالفت لاءِ اٿي ڪڙي ٿيندي، مگر آءٌ سڄيءَ علمي دنيا جي مخالفت ڪرڻ لاءِ تيار هوس. جيئن سيڙهہ پنهنجي ڇُهنبدار ڪَندن وسيلي دشمنن سان لڙڻ لاءِ تيار ٿي وهندي

---

[1] گـربـز سٽريٽ: لنڊن جي هڪ گهٽي، جا گولڊ سمٿ جي ڏينهن ۾ مصنفن جي رهائش ڪان مشهور هوندي هئي.

آهي، تيئن آءٌ پڻ پنهنجي قلم وسيلي سيڪنهن مخالفت سان لڙڻ لاءِ مڪمل اطمينان سان تيار ٿي ويهي رهيس.

مون واڪو ڪري چيو، "منهنجا پٽ، چڱو چيئي، ۽ ڪهڙي مضمون تي تو قلم فرسائي ڪئي؟ مون کي اميد آهي، تہ تو هڪ شاديءَ جي اهميت تي چشم پوشي نہ ڪئي هوندي، پر آءٌ وچ ۾ ڳالهايان ٿو، هلندو هل، تو پنهنجون غلط نما حقيقتون ڇپايون. تمام چڱو، ۽ علمي دنيا تنهنجي غلط نما حقيقتن تي ڇا چيو؟"

منهنجي پٽ جواب ڏنو، "بابا، پڙهيل دنيا منهنجي غلط نما حقيقتن تي ڪجهہ بہ نہ چيو، اصل ڪجهہ بہ نہ. هنن مان هرهڪ پاڻ کي پنهنجن دوستن کي ساراهڻ ۾، يا پنهنجن دشمنن کي ننڊڻ ۾ مشغول هو، ۽ بدنصيبيءَ سان جيئن تہ منهنجو نڪو هو ڪو دوست نڪو دشمن، انهيءَ ڪري مون بي توجهيءَ جي نهايت ظالماڻي ذلت برداشت ڪئي.

هڪ ڏينهن، جيئن آءٌ هڪ "ڪافي گهر" ۾ پنهنجي غلط نما حقيقتن جي نصيب تي ويچار ڪري رهيو هوس، تيئن هڪ ڇوٽي قد وارو ماڻهو اندر ڪونيءَ ۾ گهڙيو، ۽ منهنجي اڳيان ڪوچ تي اچي وينو. ڪجهہ اوائلي گفتگو ڪان پوءِ، هن مون کي تعليم يافتہ ڏسي ٻڌايو تہ هو "پراپرٽيس [1]" جو شرح سان نئون ڇاپو دنيا اڳيان پيش ڪري رهيو هو، ۽ هڪ تجويزن جو ٿهو منهنجي اڳيان رکي، مون کان ان لاءِ چندي جي طلب ڪيائين. مون ڪيس جواب ڏنو، "مون کي پئسو ڪونهي". هن جواب ڪيس مون کان منهنجن ارادن جي نوعيت بنسبت احوال پڇڻ تي آماده ڪيو. جڏهن هن ڏٺو، تہ منهنجا ارادا اهڙا ئي وڏا هئا، جهڙو منهنجو ٻٽون، تڏهن هن دانهن ڪري چيو، "آءٌ سمجهان ٿو تہ تون هن شهر جي زندگيءَ کان اڻ واقف آهين، آءٌ توکي ان بابت ڪجهہ سمجهائيندس. هي تجويزن جا ڪاغذ ڏس، هن ساڳين تجويزن جي بدولت مون ٻارنهن سال آسودگيءَ سان گذران ڪيو آهي. جنهن وقت ڪوبہ عزت وارو امير ماڻهو پنهنجي سفر تان واپس اچي ٿو، هڪ ڳاڙ نسل وارو ڏکڻ "آفريقا" جو رهاڪو "جميڪا" کان، يا ڪا شاهوڪار بيوه عورت، پنهنجي ٻهراڙيءَ واري رهائش گاهہ کان، تہ آءٌ يڪدم ان کي چندي لاءِ چوان ٿو. آءٌ ٻهريائين سندن

---

[1] پراپرٽيس: هي هڪ مشهور رومي شاعر ٿي گذريو آهي.

دلين کي خوشامد سان خوش ڪندو آهيان، ۽ پوءِ پنهنجون تجويزون پيش ڪريان ٿو. جيڪڏهن هو پهرئين دفعي نه پـَـهـ چندو ڏيندا آهن، تہ آءٌ پنهنجي عرض کي وري عطيي لاءِ نئون ڪندو آهيان. جيڪڏهن اهي مون تي ان جي بہ نوازش ڪندا آهن، تہ آءٌ کين اڳواڻ جي حيثيت ۾ مشهور ڪرڻ تي اکڻ چَڪن ڪندو آهيان. اهڙيءَ طرح آءٌ سندن رقم تي فخر سان رهندو آهيان ۽ متائثن ڪلندو آهيان. پر هاڻي هو مون کي گهڻي قدر سڃاڻن ٿا. آءٌ نهايت گهڻو خوش ٿيندس. جيڪڏهن اوهين ٿوري وقت لاءِ منهنجي جاءِ وٺندا. هن وقت هڪ وڏي مرتبي وارو امير انليءَ کان واپس وريو آهي. منهنجي شڪل سندس دربان سان گهڻي قدر گهايل مايل آهي. تون جيڪڏهن هيءُ شعر جو ڪتاب کيس پيش ڪندين تہ منهنجي حياتيءَ جو قسم تون ان ۾ ڪامياب ٿيندين، ۽ پوءِ پاڻ ٻئي اها رقم پاڻ ۾ ورهائينداسون.

مون واکو ڪري چيو، "ڏٺي شال پناهہ ڏئي! ڇا شاعرن لاءِ اهو ڌنڌو وڃي بچيو آهي! ڇا اعليٰ لياقتن وارا ماڻهو هن نموني پنڻ کي چنبڙي پيا آهن؟ ڇا اهي پنهنجي پيشي کي ايترو ذليل ڪري سگهن ٿا، جو پيٽ خاطر ساراهہ ڪرڻ جو ادنيٰ واپار اختيار ڪن؟" هن جواب ڏنو، "نہ سائين، هڪ سچو پچو شاعر ڪڏهن بہ اهڙو خسيس ٿي نٿو سگهي، ڇاڪاڻ تہ جتي بہ ذهن ۽ ذڪاءُ آهي، اتي خود داري آهي. ماڻهو جن جو آءٌ ذڪر ڪريان ٿو، سي صرف شاعراڻي لباس ۾ پينو آهن. سچو شاعر جيئن ناموس لاءِ سيڪنهن سختيءَ سان لڙي ٿو، تيئن بدناميءَ کان بہ ڊڄي ٿو. مگر اهي ماڻهو جي پاڻ خود اڻ لائق آهن، سي نظم گوئيءَ جو ڌنڌو اختيار ڪري پنهنجو گذران حاصل ڪن ٿا. جيئن تہ منهنجي دل ايتري تہ خود دار هئي، جو اها ڪنهن بہ گهٽتائيءَ اڳيان ڪنڌ نمائي نٿي سگهي، ۽ ان هوندي بہ اهڙو تہ هيڻائون نصيب هُئم جو ناموس خاطر ٻيءَ ڪنهن ڪوشش ڪرڻ لاءِ دل جهلي نٿي سگهيس، انهيءَ ڪري هاڻي آءٌ وچئين رستي اختيار ڪرڻ ۽ مصنفيءَ جي ڌنڌي وسيلي گذران حاصل ڪرڻ تي مجبور ٿي پيس، پر جتي صرف ڪاريگريءَ سان ئي ڪاميابي حاصل ٿي ٿي سگهي، اتي آءٌ ڪنهن بہ ڌنڌي لاءِ سنديافتہ نہ هوس. منهنجيءَ دل ۾ داد حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪا خواهش هئي، ان کي ختم ڪري نہ سگهيس. اهو وقت جو مون کي ڪنهن وچٿري ڌنڌي ۾ لڳائي، ان مان هميشہ لاءِ فائدي حاصل

ڪرڻ ۾ صرف ڪرڻ گهربو هو. سو مون ان سر بلنديءَ پويان ڪوشش ۾ خرچ ڪيو، جنهن تمام ٿوري اهميت ٿي رکي. منهنجي ننڍڙي اخبار، نوبتي مخزنن سان گڏ گمناميءَ ۾ ڇيڇڻ لڳي. خلق منهنجي تحرير جي سلاست ۽ روانيءَ، يا منهنجي قسطن جي ميل ڏانهن ڇتائي ڏسڻ ڪان وڌيڪ. ڪنهن ٻئي خاص ڪم ۾ مشغول هئي. پرچي پويان پرچو گوشهٔ گمناميءَ ۾ اُڇلايو ويندو هو. منهنجا مضمون آزاديءَ، اُيرندي وارن ملڪن جي ڳالهين، ڇتي ڪتي جي چڪ جي علاجن وارين تصنيفن سان گڏ دفن ڪيا ويا. ليڪن ساڳئي وقت پين سيني خود پسند، حق پسند، آزادي پسند ۽ انسان پسند مصنفن کي سنو ليکڪ سمجهيو ويو ٿي، ڇاڪاڻ ته هنن مون ڪان وڌيڪ تڪڙو لکيو ٿي.

هاڻي آءٌ انهن پاڻ جهڙن دل شڪسته مصنفن ڪان سواءِ ٻئي ڪنهن سان به تعلق ڪونه رکندو هوس، جي هڪ ٻئي کي ساراهيندا، هڪ ٻئي تي افسوس ڪندا، ۽ هڪ ٻئي کي ڌڪاريندا هئا. ادبي فن جي ادائگي جيڪا اسان سيڪنهن مشهور مصنف جي تصنيفن ۾ ڏٺي، سا سندن لياقتن جي برعڪس هئي. مون ڏٺو ته جيڪو شعور پين ۾ موجود هو، سو مون کي راضي ڪري نٿي سگهيو. منهنجي غلط نما حقيقتن تسليءَ جو چشمو مڪمل طرح خشڪ ڪري ڇڏيو هو. آءٌ خاطر جمعيءَ سان نڪي لکي ۽ نڪي پڙهي ٿي سگهيس، ڇاڪاڻ ته ٻئي جي سر بلندي منهنجي ناپسندي هئي، ۽ لکڻ منهنجو ڌنڌو هو. هڪ ڏينهن جيئن آءٌ "سينٽ جيمس جي باغيچي" ۾ هڪ بينچ تي اداسي جي خيال ۾ وينو هوس، تيئن هڪ اعليٰ مرتبي وارو نوجوان، جو يونيورسٽيءَ ۾ منهنجو گهرو دوست هوندو هو، سو منهنجي ويجهو آيو. اسان هڪ ٻئي کي ڪجهه هٻڪ سان سلام ڪيو، ڇاڪاڻ ته ڪيس هڪ اهڙي ماڻهوءَ سان آشنائيءَ هئڻ تي شرم ٿيو، جنهن جو ظاهري ڏيک ويک تمام خراب هو، ۽ مون کي وري سندس ڌڪار جو خوف هو. پر منهنجا شڪ جلدي دور ٿي ويا، ڇاڪاڻ ته "نيڊ ٿارنهل" تمام سنيءَ سيرت وارو نوجوان هو.

مون ڪيس وچ ۾ روڪيندي چيو، ""جارج" تو ڇا چيو؟ ڇا، سندس نالو "ٿارنهل" هو؟ مون کي خاطري آهي، ته اهو پنهنجي زميندار ڪان سواءِ ڪو ٻيو نه هوندو". "مسز آرنلڊ" واڪو ڪري چيو، "مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو، ته ڇا "مسٽر ٿارنهل" توهان جو ايترو ويجهو پاڙيسري آهي؟ هو گهڻي وقت ڪان

وني اسان جي خاندان جو دوست ٿي رهيو آهي، ۽ اسان کي اميد آهي تہ هو جلد اسان وٽ ايندو“.

”جارج“ پنهنجي گفتگو جاري رکندي چيو، ”منهنجي دوست جي ڀيرين ڳٽتي اها هئي، تہ آءٌ سندس عاليشان ڪپڙن جي وڳي پهرڻ سان پنهنجو ظاهري ڏيک بدلايان. ان کان پوءِ مون کي اڌ دوست ۽ اڌ زيردست جي حيثيت ۾ سندس ڪاڌي جي دسترخوان تي شامل ٿيڻ جي دعوت ڏني ويئي. نيلامن تي سندس حاضريءَ ۾ رهڻ، ۽ فوٽو ڪڍائڻ وقت ڪيس مسرت ۾ رکڻ، سندس محبوبہ جي غير موجودگيءَ ۾ گاڏيءَ ۾ ساٿس گڏ هئڻ، ۽ جيئن ٿورن لفظن ۾ چئجي، تہ جڏهن اسان کي رونشي ڪرڻ تي دل هوندي هئي، تڏهن رات جي وقت پهريدار سان تڪرار ڪرڻ ۾ سندس مدد ڪرڻ منهنجو ڌنڌو هوندو هو. ان کان سواءِ مون کي گهر ۾ ٻيون ڪيتريون سنهيون مشغوليون پڻ هيون. آءٌ سواءِ حڪم ملڻ جي گهٽي ٺي سنها ڪم ڪندو هوس. بوچ ڪڍٽي ڪٽڻ، بورچيءَ جي ٻارن جي نالي رکڻ وقت نيڪ ڪمن لاءِ وعدي ڪندڙ ٿيڻ، حڪم ملڻ تي ڳائڻ، ڪڏهن بہ خوش مزاجي نہ ڇڏڻ، هميشه حليم ٿي گذارڻ ۽ جيترو ممڪن هو اوترو گهڻو خوش رهڻ.

تنهن هوندي بہ هن عزت ڀريي عهدي تي آءٌ هڪ رقيب کان آجو نہ هوس. هڪ جُهاز جو ڪپتان، جنهن کي قدرت هن جاءِ لاءِ منتخب ڪيو هو، تنهن منهنجي آقا وٽ منهنجي مخالفت ڪئي. سندس ماءُ هڪ سڪر ماڻهوءَ جي ڌوٻياڻي هئي، انهيءَ ڪري هن جي دل ۾ خسيس ڪمن ۽ بدنامي جي ڪمن ڪرڻ لاءِ دلچسپي پيدا ٿي. هن سڪر ماڻهوءَ پنهنجي زندگيءَ جو خاص شغل، اميرن سان واقفيت رکڻ بنايو هو. جيتوڻيڪ بيوقوفيءَ جي ڪري ڪيترا ڌڪاريندا هئس، تڏهن بہ اهڙن ڪيترن ماڻهن کي هٿ ڪيائين، جي جهڙس ٺي موڳا هئا. ۽ جن سندس ڪوشش کي ڪامياب بنايو. خوشامد سندس پيشو هو، ۽ ان کي تصور ۾ اچي سگهڻ جهڙيءَ ڪثرت سان استعمال ڪيائين، پر مون کي ٻئي جي خوشامد ڪرڻ بيهودي ۽ مشڪل لڳندي هئي. جيئن هر روز منهنجي آقا جي خواهش خوشامد لاءِ وڌندي رهي هئي، تيئن هر گهڙيءَ ۾ سندس ڪمزورين کان وڌيڪ واقف ٿيڻ ڪري، آءٌ خوشامد ڪرڻ کان بيدليو ٿيندو ويس. اها حالت ان نوبت کي پهتي، جو هڪ دفعي جڏهن منهنجي آقا

منهنجيءَ مدد جي طلب ڪئي، تڏهن آءٌ اهو ميدان ڪپتان لاءِ ڇڏڻ تي دلي طرح راضي هوس. اها مدد سندس بدران ان معزز سان دوبدو مقابلي ڪرڻ کان سواءِ بي ڪانه هئي، جنهن جي پيڻ بنسبت ڪوڙي دعويٰ ڪئي تي ويئي، ته "تارنهل" ساڻس خراب هلت ڪئي آهي. مون يڪدم سندس حڪم جي بجاآوري ڪئي، ۽ جيتوڻيڪ آءٌ ڏسان ٿو، ته توهين منهنجيءَ ان هلت تي ناراض ٿيا آهيو. ته به جيئن ته اهو ڪم دوستيءَ سبب لازماً ڪرڻو هو، انهيءَ ڪري آءٌ انڪار ڪري ڪين سگهيس. مون اهو ڪم پاڻ تي ڪنيو ۽ حريف کان هٿيار ڇڏايم، ۽ جلدي مون کي اهو معلوم ڪري خوشي نصيب ٿي، ته هوءَ هڪ شهري تجربيڪار عورت هئي، ۽ اهو شخص صرف سندس غندو ۽ دغاباز هو. خدمت جو عيوضو مون کي گهٽن ئي احسانمنديءَ جي اقرارن سان ڏنو ويو، پر جيئن ته منهنجو دوست ٿورن ڏينهن بعد شهر ڇڏڻ وارو هو، انهيءَ ڪري سندس چاچي "سر وليم تارنهل" ۽ هڪ ٻئي وڏي مرتبي واري سرڪاري عهديدار امير ماڻهوءَ کي منهنجي لاءِ سفارش ڪرڻ کان سواءِ ڪيس ٻيو ڪو به منهنجي خدمت ڪرڻ جو رستو ڪونه ٿي سمجهيو. سندس رواني ٿيڻ بعد آءٌ سندس سفارشي خط سندس چاچي ڏانهن ڪٽي ويس، جو هڪ اهڙو ماڻهو هو جنهن جو اخلاق سيني فضيلتن بنسبت عالمگير هو، ليڪن انصاف تي مبني هو. سندس نوڪرن منهنجو استقبال گهٽي مهمان پروريءَ سان ڪيو، ڇاڪاڻ ته گهرو نوڪر هميشه پنهنجي آقا جي فيض جي نموداري ڪندا آهن. هنن مون کي هڪ عاليشان صفحي ۾ ويهاريو جتي "سر وليم" جلد آيو. مون پنهنجو خط ڪيس ڏنو. خط پڙهيائين ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ مون کي چيائين، "سائين، مهرباني ڪري مون کي ٻڌايو، ته توهان منهنجي عزيز لاءِ ڇا ڪيو آهي، جو اهڙيءَ زبردست سفارش جا مستحق ٿيا آهيو؟ آئون سمجهان ٿو ۽ توهان جي لياقتن بابت اندازو لڳائي سگهان ٿو، ته توهان سندس پاران وڙهيا آهيو، ۽ انهيءَ ڪري توهين مون وٽان هڪ اُجوري حاصل ڪرڻ جي اميد رکندا هوندئو، ڇاڪاڻ ته توهين سندس بـَدَينَ ۾ ساڻس مددگار ٿيا آهيو. آءٌ چاهيان ٿو ۽ دلي خواهش رکان ٿو، ته منهنجو هينئر جو انڪار توهان جي گناهه جي سزا ٿئي، پر اڃا به وڌيڪ خواهش اٿم، ته اها توهان کي پڇتاءَ لاءِ سبق ڏيندڙ ٿئي". هن جي چيني مون صبر سان برداشت ڪئي، ڇاڪاڻ ته مون سمجهيو، ته اها انصاف

تي مبني هئي. هاڻي منهنجون جملي اميدون امير ڏانهن لکيل سفارشي خط سان وابستا هيون. جيئن ته، اميرن جا دَرَ گهڻو ڪري انهن فقيرن سان گهيريل آهن، جي سيپيئي اندر ڪنهن مڪاريءَ واري عريضي موڪلڻ لاءِ تيار هوندا آهن. تنهنڪري مون اجازت حاصل ڪرڻ ڪو سولو ڪم نه ڏٺو. ۽ جيڪا به دنيوي دولت هيم، ان جو اڌ نوڪرن کي رشوت طور ڏيڻ سان مون کي هڪ وسيع ڪمري ۾ وڃڻ جي اجازت ملي. مون پنهنجو خط امير صاحب جي ملاحظي لاءِ اڳيئي موڪليو هو. امير لاءِ انتظار ۾ ويهڻ واري عرصي ۾ مون کي پنهنجي چوڌاري نهارڻ جو موقعو ملي ويو. هر ڪا شيءِ شاندار ۽ وڻندڙ نموني سينگاريل هئي. نقاشيءَ، فرنيچر ۽ ململا سازيءَ مون کي پنهنجي رونق سان حيرت ۾ پند پهڻ بنائي ڇڏيو، ۽ سندن مالڪ بنسبت منهنجي اندازي کي وڌائي ڇڏيو. مون دل ۾ عجب ڪاڏو ۽ ويچار ڪيو، ته هنن سيني شين جو مالڪ ضرور ڪيڏيءَ نه اعليٰ حيثيت وارو هوندو، جو پنهنجي دماغ ۾ سڄيءَ حڪومت جي ڪاروبار جو انتظام رکي ٿو، ۽ جنهن جي گهر ۾ هڪ بادشاهيءَ جي دولت جو اڌ ڏسڻ ۾ اچي ٿو. خاطري آهي ته سندس غير معمولي ذهانت ناقابل فهم هوندي. انهن ويچارن ڪندي مون هڪ ماڻهوءَ جي پيرن جو آواز ٻورائيءَ سان اڳتي ايندو ٻڌو. "اجهو هيءُ خود اهو امير پاڻ آهي". مون دل ۾ چيو. نه، اها صرف هڪ ڪمري جي نوڪرياڻي هئي. جلدي ٻئي جي اچڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيو. "هيءُ ضررو اهو هوندو". نه، اهو صرف ان امير جي حاضريءَ جو نوڪر هو. آخر امير تشريف فرما ٿيو. هن واڪو ڪري چيو، "چا، اهو تون آهين، جنهن هيءُ خط آندو آهي؟" مون هيٺ جهڪڻ سان جواب ڏنو. هن وڌيڪ چيو. "هن مان آءُ سمجهان ٿو، ته اهو ڪيئن ٿيو. . . ." پر انهيءَ وقت هڪ نوڪر کيس هڪ چٺي آڻي ڏني، ۽ سواءِ ڪنهن به وڌيڪ توجهه ڏيڻ جي هيءُ ڪونيءَ کان ٻاهر نڪري ويو، ۽ مون کي پنهنجي خوشيءَ تي حسرت ڪائڻ لاءِ ڇڏي ويو. مون کيس وري ڪونه ڏٺو. جيستائين سندس نوڪر مون کي ٻڌايو ته، امير صاحب پنهنجيءَ گاڏيءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي. آءُ يڪدم سندس پويان لڳس، ۽ ٻين ٽن يا چئن عرضدارن سان گڏ سندس پويان واڪا ڪندو هليس، مگر امير اسان کان وڌيڪ تڪڙو هلندو ويو، ۽ وڏيون برانگهون پريندو وڃي گاڏيءَ جي دروازي تائين پهتو. آءُ جواب معلوم ڪرڻ لاءِ سڏ ڪندو رهيس. هو

ان وقت تائين گاڏيءَ ۾ اندر پهچي چڪو هو. ۽ ڪو جواب ڇپن ۾ ڇپائين، جنهن جو فقط اڌ مون ٻڌو. ۽ پيو اڌ گاڏيءَ جي ڦيٿن جي آواز ۾ گم ٿي ويو. آءٌ ڪجهه وقت لاءِ ٻاٽ مٿي ڪري هڪ ان ماڻهوءَ وانگر بيٺو هوس جو ڪن شاندار لفظن ڏانهن ڌيان ڏيئي رهيو هجي. آخر چوڌاري نهاريندي مون ڏٺو. ته آءٌ امير جي دروازي تي اڪيلو بيٺو هوس.

منهنجي پٽ سلسلهٔ ڪلام جاري رکندي چيو، ”منهنجي صبر جو پيالو هاڻي مڪمل طرح لبريز ٿي چڪو هو. هزارين بي آبرو ٿيل سامن ڪي منهن ڏيڻو پيو هو. انهن ڪان بيزار هئڻ سبب مون پاڻ ڪي فنا ڪرڻ جي تمنا تي رکي، فقط ڪا ٻڙڪ مون ڪي پاڻ ۾ سمائڻ لاءِ گهربل هئي. مون پاڻ ڪي انهن خسيس شين مان هڪڙو سمجهيو. جن ڪي قدرت ڪنَ ڪچري واريءَ جاءِ تي اُڇلڻ ۽ اتي گمناميءَ ۾ ناس ٿيڻ لاءِ منتخب ڪيو آهي. انهن سيني ڳالهين هوندي بہ مون وٽ اجا تائين اڌ گنيءَ بچيل هئي. مون ان اڌ گنيءَ بابت ويچار ڪيو. تہ قدرت ڪي پڻ مون ڪي ان ڪان محروم ڪرڻ نہ گهرجي، پر ان ڪان مطمئن ٿيڻ لاءِ مون يڪدم ان ڪي خرچ ڪرڻ ۽ پوءِ وڌيڪ وقت لاءِ حالات تي ڀروسي رکڻ جو ارادو ڪيو. جيئن آءٌ ان ارادي سان وڃي رهيو هئس، تيئن مون ڪي ”مسٽر ڪرسپ“ جو دفتر ڏسڻ ۾ آيو. جو نهايت دلڪشيءَ پيدا ڪندڙ نموني ۾ کليل هو. ۽ مون ڪي پاڻ ڏانهن ڇڪي رهيو هو. هن آفيس ۾ ”مسٽر ڪرسپ“ سرڪار نامدار جي سيني رعيتن ڪي ساليانو ٽيهن پائونڊن جي ڏيڻ جو سخاوت ڀريو وعدو ڪري رهيو هو. ۽ ان وعدي جي عيوض سيڪجهه جيڪي ڪجهه هنن ڏنو تي، سو هو حياتيءَ ڀر پنهنجي آزاديءَ تان هٿ کڻڻ. ۽ ڪيس اها اجازت ڏيڻ تہ هو ڀلي کين ”آمريڪا“ ڏانهن غلامن طور روانو ڪري. آءٌ اهو دفتر ڏسي خوش ٿيس، ڇاڪاڻ تہ اتي آءٌ پنهنجي نااُميديءَ جي خوفن کي وڃائي ٿي سگهيس. آئون انهيءَ غار ۾ گهڙيس، جنهن جو ظاهري ڏيک هڪ راهب جي عبادت گاهه جهڙو هو. اتي مون پاڻ جهڙن بين غريب انسانن جو وڏو هجوم ڏٺو. اهي سيئي مون وانگر خراب حالتن ۾ مبتلا ٿيل هئا. ۽ ”مسٽر ڪرسپ“ جي تشريف فرما ٿيڻ لاءِ انتظار ڪري رهيا هئا. ۽ انگريزي بي صبريءَ جو حقيقي نمونو پيش ڪري رهيا هئا. هر هڪ بدنصيب انسان پنهنجي بد نصيبيءَ تي ڳوڙها ڳاڙي رهيو هو. آخر ”مسٽر ڪرسپ“ تشريف

فرما ٿيو ۽ اسان جي سموري پـڻ پـڻ بند ٿي ويئي. هـن مـون تـي خـاص نمونـي ۾ تعظيم ڪرڻ جي نـوازش ڪئـي، ۽ سچ پچ تـہ گذريـل مهينـي ڪـان هـيءُ ئـي پهريون ماڻهو هو، جنهن مون سان مُـشڪي ڳالهايو. تورن سوالن پڇڻ ڪان پوءِ ڪيس معلوم ٿيو، تہ آءٌ دنيا جي هر ڪنهن ڪم ڪرڻ لائـق هـوس. هـن ڪجهـ وقت منهنجي لاءِ تمام موزون طريقن مهيا ڪرڻ جي سوال تـي ويچـار ڪيـو، ۽ پنهنجي پيشانيءَ تـي اهڙي نمونـي ڏڪ هنيـائين، جـو ڄڻ تـہ ڪيس اهو طريقـو سُجهي آيو هو. هن مون کي چيو، "هن وقت "پينسلوينيا [١]" جي ڪائونسـل طرفان ڏکڻ "آمريڪا" جي هڪ قوم "چڪاسا انـدين [٢]" ڏانهـن هـڪ ايلچـيءَ موڪلڻ بنسـبت گفتگـو هلـي رهـي آهـي. آءٌ پنهنجـي سمـوري طـاقت توڪـي سيڪريٽريءَ جي جڳهہ وٺي ڏيڻ لاءِ ڪم آڻيندس". مـون پنهنجيءَ دل ۾ سهي ڪيو، تہ هن ڪوڙ ڳالهايو، پر سندس آواز ۾ اهڙي ڪـا ڪشـش هئـي، جـو ان هوندي بہ سندس وعدي مون کي خوشي ڏني. انهيءَ سبب مون پنهنجيءَ اڌ گنيءَ کي ايمانداريءَ سان ورڇيو، ان جو اڌ سندس ٽيهن هزارن پائونڊن ۾ شـامل ٿيـڻ لاءِ سندس حوالي ٿيو، ۽ ٻئي اڌ مان مون پر واري شراب خاني ۾ ڪانئس وڌيڪ خوش ٿيڻ لاءِ وجهڻ جو ارادو ڪيو.

جيئن آءٌ انهيءَ ارادي سان ٻاهر پئي ويس، تيئن دروازي وٽ مون کي هڪ جهاز جو ڪپتان مليو. ان ماڻهوءَ سان منهنجي اڳي ڪجهہ واقفيت هئي، ۽ هـن مون سان شراب جي پيالي ۾ شريڪ ٿيڻ قبول ڪيو.

جيئن تہ مون پنهنجي حالات کي ڳجهو رکڻ پسند نـہ ڪيـو، انهـيءَ ڪـري هن مون کي خاطري ڏني، تہ ان آفيس جي ڪارڪنن جي وعدن تي اعتبار ڪـرڻ سبب آءٌ اصـل پنهنجي بربـاديءَ جي ڪـڙيءَ تـي اچي پهتـو هـوس، چاڪـاڻ تــ "مسٽر ڪرسپ" جو ارادو صرف مون کي آمريڪا جي نوءَ آبـادين ڏانهـن وڪـري ڪرڻ جو هـو. هـن وڌيـڪ چيـو، "مـون کي اميـد آهـي، تـہ تمـام ننـڍيءَ بحـري مسـافريءَ بدولـت، تـون بلڪـل سـهولت ۽ شرافت سـان روزگـار جـو ذريعـو هـٿ ڪري سگهندين. منهنجي صلاح وٽ، منهنجـو جهـاز سـياٽي "آئمسـٽرڊئم [٣]"

---

[1] Pennsylvania.

[2] چڪاسا اندين:- اتر آمريڪا جي هڪ قوم کي هن نالي سان ڪوٺيو ويندو آهي.

[3] ائمسٽرڊئم : هيءُ هالينڊ جي گاديءَ جو هنڌ آهي.

ڏانهن روانو ٿيندو، توکي خبر آهي تہ جيڪڏهن تون اوڏانهن هلندين، تہ ڇا ٿيندو؟ انهيءَ ساعت جڏهين تون زمين تي پير رکندين، تڏهن توکي ڊچن کي انگريزي سيکارڻ جو ڪم ڪرڻو پوندو. ۽ آءٌ توکي خاطري ٿو ڏيان، تہ توکي ڪافي شاگرد ۽ پئسا ملندا. هن پنهنجي سلسلۂ ڪلام کي جاري رکندي چيو، ”آءٌ سمجهان ٿو، تہ تون هن وقت تائين انگريزي چڱيءَ طرح ڄاڻين ٿو، نہ تہ ان ڪم ۾ مشڪلات ٿي پونديون“. مون ان بابت ڪيس خاطري ڏني، مگر ڊچن جي انگريزيءَ سکڻ جي چاهنا متعلق شَڪُ ظاهر ڪيم. هن قَسَم تي مون کي خاطري ڏني، تہ ڊچ ماڻهو ان جي سکڻ جي شوق ۾ پريشان آهن. هن جي يقين ڏيارڻ تي مون سندس رٿ قبول ڪئي، ۽ ٻئي ڏينهن ڊچن کي انگريزيءَ سيکارڻ لاءِ جهاز رستي ”هالينڊ“ ڏانهن روانو ٿيس. هوا سٺائي ۽ مسافري نندي هئي. پنهنجي متحرڪ ملڪيت جو اڌ پاڙي طور ڏيڻ کان پوءِ، مون پاڻ کي ”آئمسٽرڊئم“ جي گهٽين مان هڪ ۾ آسمان مان هيٺ ڪريل هڪ اجنبي ماڻهوءَ وانگر ڏٺو. هن حالت ۾ مون نٿي چاهيو، تہ منهنجو ڪجهہ بہ وقت سيکارڻ ۾ مشغول هئڻ کان سواءِ گذري. تنهنڪري مون کي جيڪي بہ ماڻهو مليا، انهن مان اهڙن ٽن چئن ماڻهن سان پنهنجو احوال ڪيم، جن جو ٻاهريون ڏيک ويک اُميد افزا هو. مگر اسان جو هڪ ٻئي کي پوريءَ طرح سمجهڻ ناممڪن هو. ان ساعت تائين مون کي ڪڏهن بہ اها ڳالهہ ڌيان تي نہ آئي، تہ ڊچن کي انگريزيءَ سيکارڻ لاءِ اهو تمام ضروري هو، تہ ڪين پهريائين مون کي ڊچ ٻولي سيکارڻ گهرجي. آءٌ ڪيئن اهڙو ٻڌرو عذر نظرانداز ڪري سگهيس، تنهن جو مون کي پڻ عجب آهي، پر اها خاطري اٿم، تہ مون ان کي نظر انداز ڪيو.

هن تجويز جي ناڪام ٿيڻ بعد، منهنجيءَ دل ۾ جهاز وسيلي ”انگلينڊ“ ڏانهن واپس ورڻ جو خيال پيدا ٿيو. پر هڪ ”آئيرلنڊ“ جو شاگرد جو ”لَوَوِن“ [1] کان واپس وريو هو، ان سان ملڻ تي اسان جي گفتگو ادب جي موضوعن تي پهتي، (چاڪاڻ تہ لٽي پٽي ائين چئجي تہ، جڏهين آءٌ اهڙن موضوعن تي گفتگو ڪري سگهندو هوس، تڏهن پنهنجي حالات جي گهٽتائيءَ کي وساري ڇڏيندو هوس). ۽ ڪانئس مون کي معلوم ٿيو، تہ ان سڄيءَ دانشڪده ۾ صرف بہ ماڻهو بہ ڪونہ هئا، جن يوناني ٻولي سمجهي ٿي. ان ڳالهہ مون کي حيرت ۾ وڌو، ۽ مون يڪدم ”لوَوِن“ ڏانهن مسافري

[1] لَوَوِن: هي هڪ بيلجم جو مشهور شهر آهي.

ڪرڻ ۽ اتي يوناني ٻوليءَ سيکارڻ وسيلي گذران حاصل ڪرڻ جو ارادو ڪيو. هن ارادي ۾ منهنجي شاگرد پاءُ منهنجي همت افزائي ڪئي، ۽ ڪجهه اهڙيون هدايتون ڏنائين، جن جي وسيلي دولت حاصل ٿي سگهي ٿي.

ايندڙ صبح جو آءُ جرائت سان اڳتي وڌيس.

هر ڪنهن ڏينهن "لقمان حڪيم[1] ۽ سندس مانين جي ٽوڪري" وانگر منهنجي متحرڪ ملڪيت ڪي گهٽايو ٿي، ڇاڪاڻ ته جيئن مون اڳتي مسافري پئي ڪئي، تيئن اهي پئسا ڊچن کي رهائش واسطي پئي ڏنم. جڏهن "لوُون" پهتس، تڏهن پهريائين مخفي طرح پروفيسرن وٽ نه ويس، مگر کليءَ طرح پنهنجين لياقتن کي "پرنسيپال" وٽ پيش ڪرڻ جو ارادو ڪيم. آءُ ويس، اجازت مليم، ۽ پنهنجون خدمتون يوناني ٻوليءَ جي ماستريءَ لاءِ آڇيم، جنهن جي لاءِ مون ٻڌو هو ته ان دانشڪده ۾ ضرورت هئي. پرنسپال پهريائين منهنجي لياقتن بنسبت شڪي ڏسڻ ۾ آيو، پر ڪيس مطمئن ڪرڻ لاءِ آڇ ڪيم ته، هو پاڻ مون لاءِ ڪنهن به يوناني تصنيف جي ڪنهن به ڀاڱي کي لاطينيءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ مقرر ڪري. مون کي پنهنجيءَ تجويز ۾ بلڪل پختو ڏسندي، هنُ، هنَ نموني مون کي خطاب ڪيو: "نوجوان، تون مون کي ڏسين ٿو". هن وڌيڪ چيو، "مون اصل يوناني ڪانه سکي آهي، ۽ آءُ نٿو ڀانيان ته مون ڪڏهن به ان جي ضرورت محسوس ڪئي آهي. مون کي ڊاڪٽريءَ جي سَندَ يونانيءَ سکڻ کان سواءِ مليل آهي. يوناني ٻوليءَ کان سواءِ مون کي ڏهه هزار فلارينس (ويهه هزار شلنگ) ساليانو ملن ٿا. المختصر: جيئن ته آءُ يوناني ٻولي ڪونه ڄاڻان، انهيءَ ڪري مون کي يقين ٿي ڪونهي، ته ان ۾ ڪو هڪ به قابل ماڻهو ملي سگهي ٿو".

آءُ هاڻي گهر کان ايترو ته پري هوس، جو موٽڻ جو خيال ٿي ڪري نٿي سگهيس، انهيءَ ڪري مون اڃا به اڳتي هلڻ جو ارادو ڪيو. مون کي موسيقيءَ جي پوري پُـنَـي ڄاڻ هئي. هاڻي اها، جا ڪنهن وقت منهنجي وندر هئي، تنهن کي هن وقت مون روزگار حاصل ڪرڻ جي ذريعي ۾ تبديل ڪيو. آءُ

---

[1] لقمان حڪيم: هي 600 سال عيسوي سن کان اڳ رهندو هو. هيءُ يونان جو رهاڪو هو ۽ سندس ڪيترِيون آکاڻيون "ايسپ جي آکاڻين" جي نالي سان مشهور آهن. شروعات ۾ هي هڪ غلام هو مگر پوءِ آزاد ٿيو.

”فليندبرسِ“ جي بي ضرر هارين ۽ انهن فرينچن جي ڳوٺن وٽان لانگهائو ٿيس، جي اهڙا تہ ڪافي غريب هئا، جو آسودگيءَ سان گذران ڪري نٿي سگهيا. مگر مون کين سندن ضرورت جي نسبت ۾ هميشہ خوش طبع ڏٺو. جڏهن بہ رات پوڻ وقت آئون ڪنهن هاريءَ جي گهر کي ويجهو ٿيندو هوس، تڏهن خوشي پيدا ڪندڙ سُرن مان ڪو هڪ ڇيڙيندو هوس، ۽ اهو مون کي نہ فقط رهائش مگر ايندڙ ڏينهن جو قُوتُ پڻ حاصل ڪري ڏيندو هو. مون بہ ٻہ ٽي دفعا نئين فئشن وارن ماڻهن اڳيان موسيقيءَ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، مگر هنن منهنجي پيشڪش کي هميشہ حقارت وارو سمجهيو ٿي، ۽ مون کي ڪا خسيس شيءِ بہ معاوضي طور نٿي ڏنائون. هيءَ منهنجي لاءِ هڪ وڏي غيرمعمولي ڳالهہ هئي، ڇاڪاڻ تہ جڏهن آءٌ پنهنجي آسودگيءَ وارن ڏينهن ۾ پنهنجي سنگت (جيءُ بهلائڻ) لاءِ وجت ڪندو هوس، ۽ جڏهن موسيقيءَ جي پيشڪش منهنجي وندر هوندي هئي، تڏهن ڪڏهن بہ منهنجي وجت کين خاص طرح صنف نازڪ کي بيحد خوش ڪرڻ ۾ ناڪامياب نہ ٿيندي هئي، مگر جئين تہ هينئر اها صرف منهنجي گذران جو ذريعو هئي، تنهنڪري کيس حقارت سان ڏٺو ٿي ويو. (هيءُ) هڪ ثبوت آهي (جو ڏيکاري ٿو) تہ، دنيا انهن لياقتن جو ڪيترو نہ گهٽ قدر ڪري ٿي، جن جي بدولت ماڻهو پلجي ٿو.

هن طريقي آءٌ ڪنهن بہ تجويز کان بغير، صرف پنهنجي پيٽ قُوتَ حاصل ڪرڻ ۽ اڳتي هلڻ لاءِ ”پيرس“ ڏانهن وڌيس. ”پيرس“ جا ماڻهو لياقتن کان وڌيڪ سرمائيدار اجنبين جا شائق آهن. جيئن تہ آءٌ ٻنهي مان ڪنهن بہ هڪ جي هام هڻي نٿي سگهيس، انهيءَ ڪري کين گهڻو پسند نہ پيس. شهر جي چوڌاري اٽڪل ڇئن يا پنجن ڏينهن جي گهمڻ، ۽ عاليشان گهرن جي ٻاهرين پاسن کي ڏسڻ کان پوءِ آءٌ جُوفي جي مهمان نوازيءَ واريءَ پناهہ گاهہ مان نڪرڻ لاءِ تياري ڪري رهيو هوس، تہ مکيہ گهٽين مان گهمندي، آءٌ اتفاقاً هڪ ماڻهوءَ سان گڏيس، جو پنهنجو اهو سؤٽ هو، جنهن کي توهان پهرين منهنجي لاءِ سفارش ڪئي هئي. هيءَ ملاقات مون لاءِ تمام پسنديده هئي. ۽ مون کي يقين آهي، تہ سندس لاءِ بہ ناراضگيءَ واري نہ هئي. هن مون کان پيرس ڏانهن منهنجي مسافريءَ جو سبب پڇيو، ۽ مون کي پڻ پنهنجيءَ مشغوليءَ کان آگاهہ ڪيائين. سندس مشغولي هئي: ”لندن“ جي ان هڪ سکر ماڻهوءَ لاءِ مورتيون،

بلا، جواهر ۽ بيون سيڪنهن قسم جون قديم شيون گڏ ڪرڻ. جنهن ماڻهوءَ کي تازو انهن لاءِ شوق پيدا ٿيو هو، ۽ وڏيءَ دولت جو مالڪ بڻيو هو. آءٌ پنهنجي سوٽ کي هن ڪم لاءِ مقرر ٿيل ڏسي ڏاڍو حيران ٿيس، ڇاڪاڻ ته هن خود اڪثر طرح مون کي ٻڌايو هو، ته پاڻ ان بابت ڪجهه به نه ڄاڻندو هو. جڏهن مون ڪانئس پڇيو، ته تون ڪيئن ايترو جلدي اهڙو عيب ڪڍڻ جو هنر سکئين؟ تڏهن هن مون کي يقين ڏياريو، ته ڪوبه ڪم ان کان وڌيڪ سولو نه آهي. "سمورو راز ٻن قانونن جي پوريءَ پوريءَ استقامت ۾ پنهان آهن. هڪ ته هميشه ائين ظاهر ڪرڻ ته مورت وڌيڪ سني ٿئي ها، جيڪڏهن نقاش وڌيڪ تڪليف وٺي ها، ته ٻيو "پيٽرو پيروگنو [1]" جي نقشت کي ساراهڻ. هن چيو، "پر جيئن مون توکي هڪ دفعي لنڊن ۾ مصنف ٿيڻ سيکاريو هو، تيئن آءٌ هاڻي توکي پيرس ۾ مورتن خريد ڪرڻ جي هنر سيکارڻ جو ڪم پاڻ تي کڻندس".

جيئن ته هن جي تجويز دلپسند هئي، انهيءَ ڪري مون ان کي يڪدم قبول ڪيو. هاڻي منهنجو سمورو ذوق زنده رهڻ ڏانهن هو. آءٌ سندس رهائش گاهه تي ويس، سندس مدد سان پنهنجي لباس کي درست ڪيم، ۽ ساڻس گڏ مورتن جي نيلام گاهن ڏانهن رفيق ٿي ويس، جتي اُميد هئي ته معزز انگريز خريدار هوندا. آءٌ زيب و زينت وارن انهن ماڻهن سان سندس گهرائي ڏسي ٿورو حيران نه ٿيس، جن هر هڪ ٻلي يا مُورت تي هڪ صحيح پسنديءَ جو ڪسوٽيءَ وانگر سندس رايو پڇيو ٿي. هن اهڙن موقعن تي منهنجيءَ مدد مان تمام گهڻو فائدو ورتو. ڇاڪاڻ ته جڏهن سندس رايو پڇيو ٿي ويو، تڏهن سنجيدگيءَ سان مون کي هڪ پاسي وٺي ٿي ويو، ۽ منهنجو رايو پڇيائين ٿي، ڪلهو موڙيائين ٿي، موڙو ڏنائين ٿي، سياڻپ سان نهاريائين ٿي، موٽيو ٿي ۽ پچندڙن کي چيائين ٿي، ته اهڙي تمام اهم ڪم تي آءٌ پنهنجو رايو ڏيئي نه ٿو سگهان. صرف ڪن وقتن تي سندن چونڊ جي پنيرائي ڪيائين ٿي، ۽ ڪين ان شيءِ جي سهڻائيءَ بنسبت خاطري ڏنائين ٿي. مون کي ياد آهي، ته مون ڪيس ڏنو ته، پنهنجي ان رائي ڏيڻ کان پوءِ ته مورت جو رنگ پوريءَ طرح رسيلو نه آهي، تمام سوچي ۽ ويچاري هڪ برش پوري رنگ جو ڪنيائين، جو اتفاقاً اتي پيو هو، ۽ تمام گهڻيءَ دل جي جميعت سان سڄيءَ جماعت جي روبرو ان مورت جي مٿان لڳايائين. ان کان پوءِ پڇيائين، ته آيا، سندس ائين ڪرڻ ان ڇِتَ کي

---

[1] پيٽرو پيروگنو: هي اٽليءَ جو هڪ مشهور نقاش هو.

سُڌاريو هو يا نہ. هن جڏهن ”پيرس“ ۾ پنهنجو رڪيل ڪم ختم ڪيو، تڏهن ڪيترن ئي اعليٰ مرتبي وارن ماڻهن وٽ مون کي سياحت جي استاد جي جڳهہ لاءِ هڪ نهايت موزون شخص طور زوردار سفارش ڪيل چِٺيائين. سندس وجهہ ڪان ڪجهہ ڏينهن پوءِ، هڪ معزز جنهن پنهنجي سنيال هيٺ رهندڙ هڪ صغير ڇوڪري کي يورپ جي سير تي اڳتي رواني ڪرڻ لاءِ پيرس ۾ آندو هو، ان مون کي هڪ استاد جي حيثيت ۾ مقرر ڪيو. آءٌ ان ڇوڪر جو استاد ٿيڻو هوس، پر ان شرط سان، تہ ڪيس هميشہ اجازت رهندي، تہ هو پنهنجي نگراني پاڻ ڪندو. حقيقت ۾ منهنجو شاگرد پئسي جي ڪاروبار ۾ رهبريءَ جو فن مون کان گهڻو وڌيڪ ڄاڻندو هو. هي بہ سؤ هزار پائونڊن جو مالڪ هو، جي سندس چاچي سندس لاءِ ويسٽ انڊيز [1] ۾ ڇڏيا هئا. سندس سنڀاليندڙن ڪيس انهن جي پوريءَ ڪاروبار هلائڻ ۾ لائق بنائڻ لاءِ ڪيس هڪ مختيار وٽ شاگرد ڪري رکيو هو. انهيءَ ڪري هو لالچي ٿي پيو هو. رستي تي هن جا سڀئي سوال ان متعلق هئا، تہ پئسو ڪيئن بچائجي، مسافريءَ جو ڪهڙو طريقو گهٽ ۾ گهٽ خرچ وارو ٿيندو، ڪابہ شيءِ اهڙي خريد ڪري سگهجي ٿي جا جڏهن وري ”انگلينڊ“ ۾ نيڪال ڪجي، تہ پئسا موٽي وري بہ ساڳيا ملن. رستي تي اهڙيون تشويش پيدا ڪندڙ شيون، جي ڪجهہ ڏيڻ کان سواءِ ڏسي ٿي سگهياسون، انهن جي ڏسڻ لاءِ هو ڪافي تيار هو، پر جيڪڏهن انهن جي ڏسڻ لاءِ ڪجهہ ڏيڻو ٿي پيو، تہ هو هميشہ چوندو هو، تہ مون کي ٻڌايو ويو آهي، تہ اهي ڏسڻ لائق نہ آهن. هن ڪڏهن بہ اهڙو هڪ بہ خرچ جو بِلُ نہ ڏنو، جنهن تي ائين نہ چيو هجيس، تہ مسافري ڪيتري نہ خرچ واري آهي. جيتوڻيڪ پاڻ اجا ايڪويهن سالن جو هو، تنهن هوندي بہ سندس جملي حالتون اهڙيون هيون، (جهڙيون مٿي بيان ڪيون ويون آهن). جڏهن ”ليغارن“ پهتاسون، تڏهن اسين بندر ۾ جهازن ڏسڻ لاءِ اوڏانهن گهمڻ وياسون. بندر تي هن انگلينڊ ڏانهن سمنڊ رستي مسافريءَ جي خرچ جي پڇا ڪئي. ڪيس ٻڌايو ويو، تہ اهو (خرچ) سندس خشڪيءَ رستي واپس وڃڻ جي مقابلي ۾ ٿورو آهي. انهيءَ ڪري هن مون کي منهنجي پگهار جو حصو جو ڏانهس وارو هو سو ڏيئي، مون کان موڪلايو، ۽ لنڊن وڃڻ لاءِ صرف هڪ خدمتگار سان گڏ جهاز ۾ روانو ٿيو.

آءٌ هاڻي هيڏيءَ وڏيءَ دنيا ۾ وري بہ هڪ دفعو اڪيلو ڇڏيو ويس، پر ان وقت اها هڪ اهڙي ڳالهہ هئي، جنهن تي آءٌ هِري ويو هوس. بهرحال منهنجو موسيقيءَ ۾

---

[1] ويسٽ انڊيز: هي هڪ ٻيٽن جو ميڙ آهي.

فن هڪ اهڙي ملڪ ۾ جنهن ۾ هر هڪ هاري مون کان وڌيڪ سٺو سنگيت ڪار هو، مون کي فائدو ڏيئي نہ سگهيو. پر هن وقت تائين مون هڪ ٻيو هنر بہ حاصل ڪيو هو، جنهن منهنجي مقصد جي چڱيءَ طرح مدد ڪئي. اهو هو بحث ڪرڻ جو هنر. سيني خارجي يونيورسٽين ۾ مـَڙهيــنَ ۾ ڪن ڏينهن تي ٻاهرئين اينديڙ بحث ڪنديڙ واسطي مشقي مناظرا مقرر ڪيا ويندا آهن. ان ۾ جيڪڏهن ڪامياب ٿينديڙ ماڻهو ڪنهن ڪاريگريءَ سان مقابلو ڪندو آهي، تہ هو انعام، مانيءَ ۽ رات لاءِ بستري جو حق رکي سگهندو آهي. تنهنڪري انگليند ڏانهن ويندي رستي جو گذر انهيءَ نموني جي جدوجهد سان هٽ ڪيم. هڪ شهر کان ٻئي شهر ڏانهن پنڌ ڪيم ۽ انسانذات کي وڌيڪ قريب تي جانچيم، يا ائين چوان تہ، مورت جا ٻئي پاسا ڏٺم. تاهم منهنجا چند رايا هي آهن: مون ڏٺو تہ شخصي حڪومت غريبن جي رهڻ لاءِ بهترين آهي، ۽ شاهوڪارن لاءِ رعيتي راڄ. مون ڏٺو تہ عام طرح شاهوڪار آزاديءَ جو ٻيو نالو آهن، ۽ ائين تہ هرڪو ماڻهو پنهنجي سرِ خود آزاديءَ جو ايترو شوقين آهي، جيترو جماعت ۾ ڪن فردن جي خواهشن کي پنهنجي ماتحت ڪرڻ لاءِ خواهشمند نہ ٿيڻ جو.

انگليند ۾ منهنجي پهچڻ تي مون پهريائين اوهان کي تعظيم پيش ڪرڻ، ۽ ان کان پوءِ پهرين مهم جا اڳتي وجي رهي آهي، ان ۾ رضاڪار طور پنهنجي نالي داخل ڪرائڻ جو ارادو ڪيو، پر مسافري ڪندي، منهنجا ارادا هڪ جهوني واقفڪار سان ملڻ تي بدلجي ويا، جو مون ڏٺو تہ هڪ ناٽڪي ڪمپنيءَ جي ٽولي مان هو، جا ٻهراڙيءَ ۾ اونهاري جي سير تي پئي ويئي. ان ٽوليءَ مون کي هڪ رفيق طور پاڻ سان شامل ڪيو، ۽ مون کي ان ڪم جي اهميت کان آگاهہ ڪيو، جنهن کي مون پنهنجو نصب العين بنايو هو. هنن چيو تہ عوام الناس گهڻن ذهنن واري عجيب خلقت آهي ۽ صرف اهو جنهن کي تمام سٺو دماغ آهي، اهو ئي ان کي راضي ڪري سگهي ٿو، ۽ ائين تہ اداڪاري هڪ ڏينهن ۾ سکي نٿي سگهجي، ۽ ماڻهن کي سواءِ ڪن روايتي موڙن جي، جي صدين کان وني اسٽيج تي ۽ صرف اسٽيج تي ئي رهيا آهن، آءُ ڪڏهن بہ راضي ڪرڻ جو ڊوئنگ ڪري نٿي سگهيس. ٻي مشڪلات پاڻ کي پنهنجن ڪردارن متعلق لائق بنائڻ جي هيم، ڇاڪاڻ تہ گهڻو ڪري سيڪو اداڪار پنهنجي ڪردار لاءِ تيار رهندو هو. آءُ ڪجهہ وقت لاءِ هڪ پارٽ کان ٻئي پارٽ ڏانهن تبديل ڪيو پئي ويس، جيستائينڪ آخر مون کي "هوريشو" جي پارٽ لاءِ مقرر ڪيو ويو، جنهن کي ادا ڪرڻ کان خوش نصيبي سان اوهان جي تشريف آوريءَ مون کي روڪيو.

# باب ايڪيهون

## باهمي راضپي واري دوستي

منهنجي پٽ جو احوال ايترو تہ وڏو هو، جو هڪ ئي وقت بيان ٿي نٿي سگهيو. ان جو پهريون حصو پاڻ رات جو پورو ڪيو هئائين، ۽ ٻيو حصو جيئن هو ڏينهن جو منجهند جي مانيءَ کان پوءِ ختم ڪري رهيو هو، تيئن اوچتو "مسٽر ٿارنهل" جي گاڏي در تي پهتي، جنهن جي اچڻ اسان جي موجوده سڪون ۾ خلل وڌو. بورچي جو هاڻ منهنجو دوست ٿي ويو هو، تنهن مون کي ڪن ۾ ٻڌايو تہ زميندار "مس ولمات" کي شاديءَ جي باري ۾ گهڻي ئي درخواستون ڪيون آهن، ۽ اهو بہ ٻڌايائين تہ سندس چاچي ۽ چاچو ان سڳ کي گهڻو پسند ڪندڙ ڏسجن ٿا. اسان ڏٺو تہ "مسٽر ٿارنهل" اندر داخل ٿيڻ وقت، مون کي ۽ منهنجي پٽ کي ڏسي، پوئتي هٽڻ واري ڪئي، پر مون سندس ان ورتل رويي جو سبب سندس حيرت کي سمجهيو، ۽ نہ ناراضگيءَ کي. تنهن هوندي بہ جڏهن اسين کيس ملڻ لاءِ وڌياسين، تڏهن هن اسان جي ڪيڪار جو جواب ظاهراً تمام صاف دليءَ سان ڏنو، ۽ ٿوري وقت کان پوءِ ڏنو ويو، تہ سندس تشريف آوريءَ صرف چرچي گهٻي وڌائڻ جو ڪم ڪيو هو.

چانءِ نوشيءَ کان پوءِ، "مسٽر ٿارنهل" منهنجي ڌيءَ بنسبت خبرچار وٺڻ لاءِ، مون کي هڪ پاسي سڏيو، پر جڏهن مون کيس ٻڌايو، تہ منهنجي ڳولا ناڪامياب ٿي، تڏهن هو تمام گهڻو حيران ڏسڻ ۾ آيو. هن چيو، "آءُ پاڻ ان وقت کان وٺي اوهان جي گهر باقي ڪٽنب کي تسلي ڏيڻ لاءِ ويندو آهيان، ۽ هو منهنجي هيڏانهن اچڻ وقت بلڪل خوش خرم هئا". هن پوءِ مون کان پڇيو تہ آيا مون پنهنجي ڌيءَ جي بدبختيءَ جو احوال "مس ولمات" ۽ پنهنجي پٽ کي تہ ڪونہ ٻڌايو هو. مون جواب ڏنو، تہ مون اڃا تائين ڪين ڪونہ ٻڌايو آهي. هن منهنجي سياڻپ ۽ دوراندیشيءَ کي گهڻو پسند ڪيو، ۽ هدايت ڪيائين تہ آءُ ڪنهن بہ حالت ۾ ان کي هڪ راز ڪري رکان. هن چيو، "چاڪاڻ تہ اهو پنهنجيءَ بدناميءَ جو از خود پڙ پڌرو ڪرڻو آهي، ۽ شايد "مس لـوِي" اهڙي ڏوهارڻ نہ هجي جهڙي پاڻ کيس سمجهون ٿا". اتي هڪ نوڪر اسان جي

گفتگوءَ ۾ رنڊڪ وڌي، جو ڪيس ديهاتي ناچ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ چوڻ آيو هو، تنهنڪري هن مون کي سندس ان دلچسپيءَ کان راضي ٿيل ڇڏيو، جا هو منهنجي ڪاروبار ۾ وٺندڙ ڏنو ٿي ويو. جيتوڻيڪ هن جا "مس ولِمات" ڏانهن خطاب غلطيءَ ڪرڻ کان وڌيڪ چٽا هئا، تاهم هوءَ پوريءَ طرح خوش ڏسڻ ۾ نٿي آئي، پر اهي پنهنجي دلي لاڙي کان وڌيڪ پنهنجي چاچي جي مرضي رکڻ لاءِ برداشت ٿي ڪيائين. "مس ولمات" کي منهنجي بدنصيب پٽ جي مٿان مهربانين جي نظر وجهندڙ ڏسي، آءٌ تمام گهڻو خوش ٿيندو هوس، هي اهي نگاهون هيون جي "مسٽر ٿارنهل" پنهنجي دولت ۽ ڪوشش سان حاصل ڪري نٿي سگهيو، تنهن هوندي بہ "مسٽر ٿارنهل" جي ظاهري ڌيرج مون کي ڪو ٿورو حيرت ۾ نہ وڌو. "مسٽر آرنلڊ" جي زوردار منٿن تي اسان هڪ هفتو اتي رهياسين. پر هر ڪنهن ڏينهن "مس ولمات" منهنجي پٽ ڏانهن وڌيڪ حليمائي ڏيکاري ٿي، ۽ "مسٽر ٿارنهل" جي ساڻس دوستي نسبتاً وڌندڙ ڏٺي ويئي ٿي.

"مسٽر ٿارنهل" اسان کي اڳيئي نهايت نوازش ڀريون خاطريون ڏنيون هيون، تہ هو پنهنجي سموري دلچسپي اسان جي ڪٽنب جي خدمت ۾ڪم آڻيندو، پر هاڻي سندس سخاوت صرف انجامن ۾ مقيد نہ هئي. جنهن ڏينهن مون وڃڻ جو ارادو ڪيو هو، ان ڏينهن صبح جو "مسٽر ٿارنهل" پُر مسرت نگاهن سان مون کي ان نئين خدمت جي ڪم کان آگاهہ ڪرڻ آيو، جا هن پنهنجي دوست جارج لاءِ ڪئي هئي. اها نوازش ڪيس "ويسٽ انڊيز" ڏانهن ويندڙ هڪ فوجي دستي ۾ علمبردار جي عهدي وٺي ڏيڻ جي هئي. جيئن تہ هن ان ڪم ۾ ڪافي دلچسپي ورتي هئي، انهيءَ ڪري ٻين ٻن اُميدوارن کي رد ڪرائڻ لاءِ هڪ سؤ پائونڊن جي ڏيڻ جو وعدو ڪيو هئائين. "جيستائين هن خسيس خدمت جو سوال آهي"، "مسٽر ٿارنهل" چيو، "مون کي پنهنجي دوست جي خدمت ڪرڻ ۾ جيڪا خوشي ٿي آهي، ان کان وڌيڪ آءٌ ٻيو ڪوبہ عيوضو ڪونہ ٿو طلبيان، ۽ باقي سؤ پائونڊ، سي جيڪڏهن توهين پاڻ هٿ ڪري نٿا سگهو، تہ مان توهان کي قرض طور ڏيندس، ۽ توهين پلي اهي مون کي پنهنجي سهولت مطابق ڏجو". هيءَ هڪ اهڙي نوازش هئي، جنهن بنسبت پنهنجي دلي ڪيفيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ اسان وٽ پورا لفظ ئي موجود ڪونہ هئا. انهيءَ ڪري مون يڪدم پئسن لاءِ دستاويز لکي ڏنو، ۽ ايتري قدر تہ شڪرگذاري ڪيم، جو ڄڻ تہ مون کي انهن جي موٽائي ڏيڻ جو ارادو ئي ڪونہ هو.

جيئن تہ ”جارج“ جي فراخ دل مربيءَ سندس تڪڙي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. ان لاءِ تہ متان انهيءَ عرصي اندر ڪو ٻيو ماڻهو وڏيڪ پئسن ڏيڻ سان اهو عهدو ڪٽي وڃي. انهيءَ ڪري سندس هدايتن جي تعميل ڪندي ڪيس ٻئي ڏينهن انهيءَ عهدي ونڻ لاءِ روانو ٿيڻو پيو. صبح جو سوير اسان جو نوجوان سپاهي مسافريءَ تي وڃڻ لاءِ تيار ٿيو. ائين ڏسڻ ۾ آيو تہ اسان سڀني مان هي ٿي هڪ هو، جنهن تي ان جو اثر نہ ٿيو هو. نڪي انهن تڪن ۽ خوفن جو، جن سان هو مقابلو ڪرڻ پئي ويو، ۽ نڪي پوئتي ڇڏيل دوستن ۽ سندس محبوبہ ”مس ولمات“ جي جدائيءَ ڪنهن بہ نموني ڪيس دلشڪستہ ڪيو. سڀني رفيقن ڪان موڪلائڻ بعد، مون ڪيس اهو سيڪجهہ ڏنو، جيڪي مون وٽ هو، يعني منهنجون دعائون. مون چيو، ”منهنجا پٽ، تون هاڻي پنهنجي ملڪ واسطي وڙهڻ لاءِ وڃي رهيو آهين، ياد رکجانءِ تہ جڏهن وفاداريءَ ڪي انگريزن ۾ هڪ گڻ ڪري ليکيو ويندو هو، تڏهن تنهنجو ڏاڏو پنهنجي سڳوري بادشاهہ لاءِ ڪيئن وڙهيو“ ”منهنجا پٽ وڃ، جيتوڻيڪ تون ڪٽي بي ڪسيءَ جي حالت ۾، اگهاڙو، ملڪ ڪان دور ۽ پنهنجي پيار ڪندڙن جي روح راڙي ڪان سواءِ مري پوين، تڏهن بہ اهي ڳوڙها لاثاني آهن، جن سان آسمان هڪ غير مدفون سولجر جي سر ڪي تَرِ ڪري ٿو“.

ٻئي ڏينهن صبح جو مون ”مسٽر ٿارنهل“ جي تازي احسان لاءِ سندس شڪريو بجا آندو، ۽ ان نيڪ ڪٽنب ڪان موڪلايو، جنهن مون ڪي پاڻ وٽ ايترا ڏينهن مهمان ڪري رکڻ جي نوازش ڪئي هئي. مون هنن ڪي انهيءَ خوشيءَ ۾ مست مگن ڇڏيو، جا خوشي آسودگيءَ ۽ سنئيءَ پرورش مان ملي سگهي ٿي. آءٌ پنهنجيءَ ڌيءَ ڪي وري ڏسڻ ڪان نا اُميد، آسمان ڏي نهاريندو، سندس نجات ۽ عَفُوَ لاءِ تڏا ساهہ ڪٽندو، گهر ڏانهن موٽيس. ضعيف هئڻ سبب سواريءَ لاءِ هڪڙو گهوڙو ياڙي تي ڪيو هئم. هاڻي آءٌ پنهنجي گهر ڪان ويهن ميلن جي اندر اچي پهتو هوس، ۽ پاڻ ڪي انهن سڀني گهر جي ياتين سان ملڻ جي اُميدن سان تسلي ڏنم، جن ڪي ٿي سڄيءَ دنيا ۾ سڀ ڪان پيارو ٿي سمجهيم. رات جو رستي جي پرسان ننيڙيءَ سراءِ ۾ ٽڪي پيس، ۽ پنهنجي شراب جي بوتل ۾ جاءِ جي مالڪ جي رفاقت طلب ڪيم. اسين رڌڻي واري بهترين ڪمري ۾ باهہ جي پرسان ويٺا هئاسون، ۽ سياست ۽ ٻهراڙيءَ جي خبرن تي خيال پيي اورياسون. آخر ٻين احوالن ڪندي ڪندي اسين اچي نوجوان زميندار ”مسٽر

تارنهل" جي گفتگو تي ٻڌاسون، جنهن بابت ميزبان مون کي ٻڌايو تہ هو ايترو ئي گهڻو ذڪار جي نظر سان ڏٺو ويندو هو، جيترو گهڻو سندس چاچو "سر وليم تارنهل" جو ڪن وقتن تي ٻهراڙيءَ ۾ ايندو هو، پيار جي نگاهن سان ڏٺو ويندو هو. هن وڌيڪ چيو، "هن پنهنجي صرف اها تحصيل ڪئي آهي، تہ اهي ماڻهو جيڪي پنهنجي گهر ۾ سندس استقبال ڪن، انهن جي ڏيئرن سان هي دوهہ ڪري، ۽ ٻن ٽن هفتن لاءِ ڪين قبضي ۾ رکي بعد ۾ بنا اُجوري ۽ تباهہ تيل حالت ۾ لوڏي ڪڍي. جيئن اسين هن نموني جي گفتگو ۾ مشغول هئاسون، تيئن هن جي زال جا ٻاهر هوا خوريءَ لاءِ ويل هئي، واپس آئي، ۽ ائين ڏسندي تہ سندس مڙس اهي موجون ماڻي رهيو آهي جن ۾ پاڻ پائيوار نہ هئي، ڪاوڙجي پڇيائين تہ هن اتي ڇا پئي ڪيو. جنهن جي جواب ۾ سندس مڙس چيو، "تنهنجي صدقي ۾ صحت جام پي رهيو آهيان". هن واڪو ڪري چيو، "مسٽر سائمنڊس" توهان مون سان تمام خراب برتاءُ ڪريو ٿا، آءٌ اهو وڌيڪ وقت لاءِ برداشت ڪري نہ سگهنديس. ڪم جا ٽي حصا منهنجي حوالي ڪيل آهن، ۽ باقي جيڪو چوٿون حصو آهي سو بہ اڻ پورو تيل ڇڏين ٿو. جڏهين تون صرف مهمانن سان گڏ پيئڻ ۾ مشغول آهين، تڏهين جيڪڏهن شراب جو هڪ چمچو مون کي بخار کان شفا ڏئي ٿو، تہ بہ آءٌ ان کي نٿي ڇُهان". مون هاڻي ڏٺو تہ سندس خواهش کهڙي هئي، ۽ يڪدم هڪ گلاس پري ڪيس ڏنم، جنهن جو هن تواضع سان استقبال ڪيو، ۽ منهنجي تندرستيءَ جي صدقي پيئڻ شروع ڪيائين. هن چيو، "سائين، اهو ڪو گهڻو شراب تي خرچ ايندڙ رقم جو سبب نہ آهي، جنهن ڪان آئون ناراض آهيان، مگر جناب جڏهين گهر جو ڪاروبار سڄو درهم برهم ٿيندو ٿو وڃي، تڏهن ڪوبہ پاڻ کي روڪي نٿو سگهي. جيڪڏهن گراهڪن يا مهمانن کي پيئسن لاءِ دق ڪرڻو ٿو پوي، تہ سمورو بار منهنجي ڪلهن تي اچي پوي ٿو، ۽ هيءُ اهڙيءَ خوشيءَ سان اهو گلاس پيئندو، جهڙيءَ طرح پاڻ خود هنن جي پويان هڪ جاءِ تان اٿي ٻيءَ جاءِ ڏانهن وڃي ٿو. هينئر هتي ماڙيءَ تي هڪ عورت رهائش لاءِ آيل آهي، ۽ مون کي پڪ آهي، تہ ڪيس سواءِ انسانيت جي ٻيو ڪجھ بہ پاڻ سان ڪونهي. مون کي خاطري آهي تہ هوءَ پئسن ڏيڻ ۾ تمام ڍلي آهي، ۽ منهنجي مرضي آهي تہ ان باري ۾ ڪيس ڪَنُ ڪٽائجي". "هن کي يادگيري ڏيارڻ جو کهڙو ڪم آهي". ميزبان چيو، "جيڪڏهن هوءَ ڍلي آهي نہ پاڻ خاطريءَ واري آهي". زال جواب ڏنو، "آءٌ ائين نٿي سمجهان، هوءَ هتي ٻن هفتن کان وڌيڪ عرصو رهي آهي، مگر اسان اجا تائين سندس هڪڙي سڪي ڪوڏي بہ نہ

ڏني آهي". هُن چيو، "منهنجي پياري، آءُ سمجهان ٿو، تہ پئسا پاڻ کي يڪا ٿي ملندا". پر زال واڪو ڪري چيو، "يڪا، آءُ چاهيان ٿي تہ اهي ڪنهن بہ نموني ۾ ملن، ان لاءِ مون اهو ارادو ڪيو آهي تہ، يا تہ اڄ ئي رات اسين ڪانٽس پئسا وٺنداسون يا ڪيس سامان سوڌو ٻاهر ڪينداسون". مڙس دانهن ڪري چيو، "منهنجي پياري وري ويچار ڪر، هوءَ هڪ شريف عورت آهي ۽ قابل تعظيم پڻ". ميزبانڻ جواب ڏنو، "معزز يا حقير، ان جو ڪوبہ سوال نہ آهي، پر پئسن نہ ڏيڻ جي حالت ۾ هن کي زوريءَ ٻيڙ ٻڌايا ويندا". سڪر ماڻهو پلي اتي چڱيون وتون هجن. جتي ڪين ائين سمجهيو ٿو وجي، مگر منهنجي خيال ۾ تہ مون ڪين خوفناڪ وقتن تي بہ ڪڏهن چڱو نہ ڏٺو". ائين چوندي هوءَ ڊوڙي ڏاڪڻ جي سوڙهيءَ چاڙهيءَ تي چڙهي. جا رڌڻي جي مٿان اڏيل ڪوٺيءَ ۾ پهتي ٿي. ۽ مون جلدي سندس آواز جي بلنديءَ ۽ چيڀين جي تلخيءَ مان سمجهيو، تہ ڪيس مسافر وٽان ڪجهہ بہ پئسا نہ ٿي مليا. آءُ سندن رد ڪد تمام چٽائيءَ سان ٻڌي ٿي سگهيس. "آءُ چوان ٿي تہ هن ئي ساعت ٻيڙ ٻڌي ٻاهر نڪر، بدنام ۽ ڪميڻي عورت وڃي رُل، نہ تہ اهڙو تہ ڏک هندستانيءَ جو وري سال نہ ايندئين. چا، بيهودي عورت، تون ايماندار ماڻهوءَ جي گهر ۾ اچي مفت ۾ رهڻ چاهين ٿي، آءُ چوان ٿي تہ يڪدم هيڏانهن اچ". مسافر عورت چيو، "خاتون، مون تي رحم ڪر، ۽ باقي ڪم موت اچي سرانجام ڪندو". مون يڪدم پنهنجي تباهہ ٿيل غريب ذيءُ جو آواز سڃاتو. جنهن وقت اها عورت ڪيس وارن ڪان وٺي گهلي رهي هئي، تنهن وقت آءُ سندس بچاءَ لاءِ ڊوڙيس. مون يڪدم پنهنجي پياري بدنصيب ذيءَ کي پنهنجي ٻانهن ۾ جهليو ۽ چيو، "مرحبا! منهنجا وڃايل خزانا، تون ڪنهن بہ نموني پنهنجي غريب پيءُ وٽ پلي آئينءَ. جيتوڻيڪ اهو بدڪار توکي وساري سگهي ٿو، تاهم هن دنيا ۾ اجا هڪڙو انسان باقي آهي، جيڪو توکي ڪڏهن بہ وساري نہ سگهندو. جيتوڻيڪ توکٽي هزارين ڏوهہ ڪيا هوندا تہ بہ هو انهن سڀني کي وساري ڇڏيندو". "او منهنجا پيارا" ڪجهہ لمحن لاءِ هوءَ وڌيڪ چئي نہ سگهي، "منهنجا منڙا بابا، فرشتا بہ ڪو هن ڪان وڌيڪ مهربان ٿي سگهن ٿا! آءُ ڪيئن ايتريءَ نوازش جي لائق ٿي سگهان ٿي! هو بدمعاش هو، آءُ پاڻ کي ۽ هن کي نيڪيءَ تي هڪ بدنما داغ هئڻ سبب ڌڪاريان ٿي. تون مون کي معاف ڪري نٿوسگهين، آءُ سمجهان ٿي تہ تون ڪري نٿو سهگين". "نہ منهنجا ٻچا، آءُ توکي دل و جان سان معاف ڪريان ٿو. صرف توبهہ ڪر، ۽ اسين انهيءَ هوندي بہ خوش رهي سگهنداسون. منهنجي "اوليويا"، تنهن هوندي بہ

پاڻ گهٽيئي خوشيءَ وارا ڏينهن ڏسنداسون". "افسوس! ڪڏهن بہ نہ، سائين هرگز نہ، هن ڪان پوءِ رهيل منهنجي نياڳي زندگي باهر وارن لاءِ بدناميءَ ۽ اندر وارن لاءِ شرمساريءَ جو باعث ٿيندي. پر افسوس بابا، توهين جهڙا هئا، تنهن ڪان وڌيڪ ڪمزور ٿي ويل ٿا ڏسجو. ڇا، ٻي ڪابہ شيءِ اوهان کي ڪا مون جهڙي تڪليف ڏيئي سگهي؟ مون کي يقين آهي تہ اوهان ۾ ايتري تہ گهٽي سياڻپ آهي، جو توهين منهنجي گناهہ جون پريشانيون خود پاڻ تي نہ کڻندا. مون وراڻيو، "نوجوان عورت، اسان جي سياڻپ". "افسوس! بابا، ڇو اهڙو رکو نالو؟" هن واڪو ڪري چيو، "هي پهريون ئي دفعو آهي، جو توهان مون کي اهڙي رکي نالي سان سڏيو آهي". مون چيس، "پياري معاف ڪجانءِ، مگر آءٌ ظاهر ڪري رهيو هوس، تہ سياڻپ تڪليف جي مقابلي ۾ ڍلي آهي، مگر آخر ۾ خاطر خواه بچاءُ ڪري ٿي". جاءِ جي مالڪياڻي هاڻي اسان کان ان معلوم ڪرڻ لاءِ موٽي، تہ آيا، اسان کي ڪنهن وڌيڪ موزون ڪوٺيءَ جي ضرورت هئي، جنهن لاءِ هاڻوڪار ڪرڻ ٿي، اسان کي هڪ ڪوٺي ڏني ويئي، جتي اسين وڌيڪ آزاديءَ سان گفتگو ڪري ٿي سگهياسون. اسان پاڻ ۾ ڪجهہ قدر ڌيرج سان گفتگو ڪئي. ان کان پوءِ آئون ڪانئس ان ذلت جي ڪجهہ احوال پڇڻ کان رهي ڪين سگهيس، جنهن ڪيس موجوده حالت ۾ آندو هو. هن چيو، "سائين، هن بدمعاش اسان جي پهرين ملاقات جي ڏينهن کان وٺي مون کي عزت پريون مگر مخفي طرح شاديءَ جون درخواستون ڪيون هيون".

مون واڪو ڪري چيو، "تحقيق، هو بدمعاش آهي، پر حيرت اها اٿم تہ "مسٽر برچل" جهڙو چڱيءَ تميز وارو ڏسڻو وائسڻو ماڻهو ڇاڻي واٽي، هڪ ڪٽنب کي برباد ڪرڻ جهڙو، اڳ رتيل ڪميڻائيءَ وارو ڏوهہ ڪيئن ڪري سگهيو!"

منهنجي ڌيءَ وراڻيو، "بابا توهان عجيب غلطيءَ ۾ آهيو. "مسٽر برچل" ڪڏهن بہ مون کي ٺڳڻ جي ڪوشش نہ ڪئي، پر ان جي برعڪس هن "مسٽر ٿارنهل" جي حرفتن خلاف مون کي تاڪيد ڪرڻ جو هرڪو موقعو ورتو، جو هاڻي سمجهان ٿي، تہ جهڙو هن ڪان اڳ ٻڌو هئم، ان کان بہ وڌيڪ خراب هو". مون وچ ۾ چيو، "مسٽر ٿارنهل!" ڇا ائين ٿي سگهي ٿو؟" هن جواب ڏنو، "هائو سائين اهو "ٿارنهل" ئي هو، جنهن مون کي اغوا ڪيو، ۽ جنهن انهن ٻن بيگمن کي، اسان کي دلبو ڏيئي لنڊن وٺي وڃڻ لاءِ مقرر ڪيو، جي سچ پچ تہ بدلچڻيون ۽ بي رحم شهر جون ڏڪاريل رنون هيون. توهان کي ياد هوندو تہ،

انهن جون حرفتون، "مسٽر برچل" جي ان خط بغير خاطريءَ سان ڪامياب ٿين ها، جنهن دوران هن ڪين انهن عتابن سان جهٽڪيو، جيڪي پاڻ، پاڻ سان لڳايا. ڪيئن "مسٽر برچل" انهن جي مقصدن کي ناڪام بنائڻ جيترو اثر حاصل ڪيو، اهو سوال مون لاءِ اجا تائين هڪ راز آهي، پر مون کي خاطري آهي ته هو هميشه اسان جو سچو دوست هو".

مون چيو، "پياري، تو مون کي حيران ڪري ڇڏيو آهي، پر هاڻي مون کي معلوم ٿيو، ته مون کي جيڪي "ٿارنهل" جي ڪميٽپ ۾ شڪ هئا، سي صحيح بنياد وارا هئا، پر هو ڳالهين ۾ سويارو ٿي سگهي ٿو، ڇو ته هو شاهوڪار آهي ۽ اسين غريب. ڇڳو ٻچڙا مون کي ٻڌاءِ ته اها کهڙي لالچ هئي، جا هن طرح اهڙيءَ اعليٰ تعليم و تربيت جا سڀ اثر ۽ تنهنجي اهڙي خليق مزاج کي ميٽي سگهي؟"

هن جواب ڏنو، "سائين تحقيق، هو پنهنجي سچيءَ ڪاميابيءَ لاءِ منهنجي خواهش جو مقروض آهي، جا مون هن کي ۽ نه پاڻ کي خوش ڪرڻ لاءِ رکي ٿي. مون کي خاطري آهي ته اسان جي شاديءَ جي رسم جا "پوپ" [1] جي هڪ پادريءَ ڳجهيءَ طرح ادا ڪئي هئي، سا ڪنهن به نموني مٿس ٻنڌن نه هئي، ۽ مون لاءِ هن جي آبروءَ کان سواءِ ٻي ڪابه شيءِ اعتبار ڪرڻ جهڙي نه هئي". مون وچ ۾ پڇيو، "ڇا! سچ پچ تنهنجي شادي پادريءَ جي هٿان مذهبي قانون موجب ٿي هئي؟" هن جواب ڏنو، "ها بابا، سچ پچ ته اسان جي شادي پادريءَ هٿان ٿي هئي، مگر اسان ٻنهي کان سندس نالي لڪائڻ جو قسم ورتو ويو هو". "تڏهن ته منهنجا ٻچا، منهنجي ڀاڪر ۾ وري اچ. هاڻي تون اڳي کان به هزار ڀيرا وڌيڪ آدرياءُ لائق آهين. ڇاڪاڻ ته تون سيني مذهبي حڪمن ۽ قاعدن موجب هن جي زال آهين. اسان جا سڀئي قانون، جيتوڻيڪ اهي ڪٺي سخت پٿر جي ڇپن تي اُڪريل هجن ته به انهيءَ سڳوري ڳانڍاپي جو زور گهٽائي نٿا سگهن". هن جواب ڏنو، "افسوس! بابا، توهان هن جي مڪارين کان ناواقف آهيو. هن کان اڳ ساڳئي پادريءَ جي هٿان، هن ڇهن يا ان بين زالن سان شادي ڪئي آهي، ۽ آخر انهن سيني کي به مون وانگر هڪ ٻئي پنيان ٺڳي ۽ ترڪُ ڪري ڇڏيو آهي. مون دانهن ڪري چيو، "ڇا! هن ائين ڪيو

[1] پوپ: (Pope) هي ڪرستاني مذهب جو وڏي ۾ وڏو پيشوا ليکيو ويندو آهي.

آهي؟ تڏهن اسين ضرور انهيءَ پادريءَ کي تنگيندا سون. تون هن جي خلاف احوال ڏيندينءَ؟" هن جواب ڏنو. "پر بابا، مون ان کي ڳجهي رکڻ جو قسم ڏنو آهي". مون وراڻيو. "پياري جيڪڏهن تو اهڙو انجام ڪيو آهي، تہ پوءِ آءٌ هن کي تنگائي نٿو سگهان، ۽ نڪي توکي قسم تان ڦرڻ لاءِ آماده ڪندس. جيتوڻيڪ اهو ڪٿي خلق لاءِ فائديمند ٿئي، تہ بہ توکي ان جي خلاف بيان ڏيڻ جو ضرور نہ آهي. انسانذات جي سيني جماعتن ۾ ننڍڙو ڏوهہ گهٽي نيڪيءَ جي حاصل ڪرڻ لاءِ جائز ڪيل آهي. جيئن سياست ۾ بادشاهي حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ علائقي کي ڇڏي ڏجي، طبَ ۾ هڪڙو عضوو بدن جي حفاظت لاءِ پلي ڇانگي ڇڏجي، پر مذهب ۾ قانون لکيل، انَ ڦرندڙ ۽ ڪڏهن بہ گناهہ نہ ڪرڻ جو حڪم ڏيندڙ آهي.

"اوليويا" وڏيڪ چيو. "ٻئي ڏينهن صبح جو ئي مون کي معلوم ٿي ويو، تہ سندس سچائيءَ مان مون کي ڪهڙيون نہ ننڍڙيون اُميدون رکڻ گهرجن. ساڳئي صبح جو هن مون کي ٻن وڏيڪ عورتن سان واقف ڪرايو، جن کي پڻ مون وانگر ٺڳيو ويو هو، پر هو بدڪاريءَ ۾ رهڻ تي راضي هيون. مون هن کي ايترو تہ گهڻو پيار ٿي ڪيو، جو آءٌ اهڙين رقيبن کي برداشت ڪري نہ سگهيس، ۽ پنهنجي خواريءَ کي خوشيءَ جي گوڙ ۾ وسارڻ جي ڪوشش ڪيم. مون انهيءَ خيال سان ناچ ڪيو، پوشاڪ پهري ۽ گفتگو ڪئي، پر ان هوندي بہ آءٌ اجا تائين بہ ناخوش رهيس. جيڪي بہ معزز ماڻهو اتي ملاقات لاءِ آيا ٿي تن هر گهڙيءَ مون سان منهنجي حُسن بابت گفتگو ٿي ڪئي، مگر سندن اهڙي گفتگو صرف منهنجي ڏک کي وڌائڻ ۾ حصي داري ٿي ڪئي. اهڙيءَ طرح آءٌ هر ڪنهن ڏينهن وڌيڪ ڏڪايل ٿيندي ٿي ويس ۽ هو مون کي وڌيڪ گستاخ، جيستائين ڪ ڪيس خاطري ٿي تہ هو مون کي سندس هڪ واقفڪار نوجوان امير جي حوالي ڪري سگهيو ٿي. هن تجويز تي آءٌ مڪمل طرح پاڳل ٿي پيس. مون جدا ٿيڻ جي خواهش ڪئي. جيئن آئون وٺائيس نڪتيس، تيئن هن مون کي هڪ ٻٽئُون آڇيو. پر اهو مون غصي ۾ اچي ڏانهنس اُڇلي ڇڏيو ۽ ڪاوڙ ۾ ڪانئس پري ڀڳس. ان حالت ڪجهہ وقت مون کي پنهنجي بدحاليءَ کان بي حس رکيو. پوءِ مون پنهنجي ڇوڏاري نگاهہ ڪئي ۽ پاڻ کي هڪ بدڪار، نيچ ۽ مجرم انسان ۽ هن دنيا ۾ فرياد ڪرڻ لاءِ بي يارو مددگار ڏٺم. انهيءَ وقت اتان هڪ ڀاڙي واري گاڏي اچي لانگهائو ٿي. جيئن تہ منهنجو مقصد هو تہ آءٌ هن نامراد کان پرانهين ٿيان، جنهن کي مون ڌڪاريو ٿي، تنهنڪري آءٌ ان ۾ چڙهي وينس ۽

اچي هتي لتيس. ان ڏينهن کان وٺي صرف منهنجون ڳڻتيون ۽ هڪ عورت جي بي قياسي منهنجا ساٿي ٿي رهيا آهن. اهو زمانو، جو مون امڙ ۽ اديُن سان گڏ خوشيءَ ۾ گذاريو. سو مون لاءِ هاڻي نهايت گهڻو ڏکوئيندڙ ٿي پيو آهي. انهن جا غم واقعي زياده آهن. مگر منهنجا غم، گناهه ۽ بدناميءَ سان گڏ هئڻ ڪري انهن جي غمن کان به وڌيڪ آهن“.

مون دانهن ڪري چيو، ”ٻچڙا صبر ڪرڻ چڱو آهي. مون کي اميد آهي ته حالتون اجا به بهتر ٿينديون. اڄ رات سمهي ڪجهه آرام وٺ. سڀاڻي آءٌ توکي تنهنجي ماءُ ۽ ڀين گهر جي ياتين وٽ وٺي هلندس. جن وٽان مون کي اميد آهي ته توکي مهربانيءَ وارو استقبال ملندو. تنهنجي اغوا ٿيڻ، تنهنجي ماءُ جي دل تي گهڻو اثر ڪيو آهي، پر ”اوليويا“ هو اجا به توکي پيار ڪري ٿي، ۽ ضرور ان کي وساري ڇڏيندي“.

★

## باب ٻاويهون

# پيار ۽ ڏوهن جي معافيءَ بابت

ايندڙ ڏينهن صبح جو مون پنهنجيءَ ڏيءُ کي گهوڙي تي پنهنجي پويان ڪنيو ۽ پنهنجي گهر ڏانهن روانو ٿيس. واٽ تي آءُ سندس غمن ۽ خطرن کي ٽڏي ڪرڻ ۽ سندس ڪاوڙيل ماءُ جي ناراضگيءَ برداشت ڪرڻ لاءِ کيس سمجهاڻيون ڏيندو هليس. جنهن بہ دلپسند وسنديءَ مان لنگهياسون ٿي، تنهن جي نظاري مان مون هرڪو وجھ کيس ائين سمجهائڻ لاءِ ورتو ٿي، تہ جيتري قدر اسين هڪ ٻئي تي مهربان آهيون، ان کان ڪئين دفعا وڌيڪ مولا اسان تي مهربان آهي، ۽ قدرت طرفان پيدا ٿيل مشڪلاتون تمام ٿوريون آهن. مون هن کي دلجاءِ ڏني تہ، کيس منهنجي پيار ۾ ڪڏهن بہ تبديلي محسوس ڪرڻ نہ گهرجي، ۽ منهنجي حياتيءَ جي عرصي ۾، جا شايد اڃا بہ گهٽي هجي، هوءَ مون کي پنهنجو سنڀاليندڙ ۽ هدايت ڪندڙ سمجهي. کيس دنيا جي ملامت خلاف هٿيار بند ڪيم. مون کيس ٻڌايو تہ هڪ ڏکويل انسان لاءِ ڪتاب عتاب نہ ڏيندڙ دلپسند ساٿي آهن. اهي جيڪڏهن اسان کي حياتيءَ جي مزي ماڻڻ تائين نہ آڻيندا، تہ بہ ڪم از ڪم اسان کي سيکاريندا، تہ ڏک کي ڪيئن برداشت ڪريون.

جنهن گهوڙي تي اسين سوار هئاسون، اهو گهوڙو ان رات رستي جي پير واريءَ هڪ سراءِ ۾ ڇڏڻو هو، جا منهنجي گهر کان پنج ميل پري هئي. جيئن تہ مون گهر جي ڀاتين کي پنهنجيءَ ڌيءَ جي استقبال لاءِ تيار ڪرڻ جي خواهش ڪئي هئي، تنهنڪري کيس اها رات ان سراءِ ۾ رهائڻ ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو سوير پنهنجيءَ ڌيءَ "صوفيا" سان گڏ موٽي اچڻ جو ارادو ڪيم. اسين انهيءَ سراءِ ۾ پهتاسون، ان کان اڳ رات ٿي ويئي. تنهن هوندي بہ کيس مناسب ڪوٺيءَ مهيا ڪري ڏيڻ ۽ سندس لاءِ مناسب ناشتي تيار ڪرڻ جي حڪم ڪرڻ کان پوءِ، مون کيس چمي ڏني، ۽ پنهنجي گهر ڏانهن اڳتي وڌيس. جيئن آءُ پنهنجي امن ڀريل گهر ڏانهن ويجهو پوندو ٿي ويس، تيئن منهنجيءَ دل ۾خوشيءَ جا نوان اُمنگ پيدا ٿيندا ٿي ويا.

منهنجي پيار جا جذبا هڪ پنهنجي آڪيري مان ڏيڄاريل پکيءَ وانگر، منهنجيءَ رفتار جي تيزيءَ کان بہ وڌيڪ تڪڙا ٿي ويا، ۽ منهنجي ننڍڙي گهر جي چوڌاري بيحد خوشيءَ جي اميد سان هوا ۾ ڦرڻ لڳا. مون کي ڪيتريون اهي وٽندڙ ڳالهيون ياد آيون، جي مون کي ٻڌائيون هيون، ۽ جيڪا آذر ياءُ مون کي ملڻي هئي، تنهن جي اڳوات ئي اميد ڪيم. مون اڳوات ئي پنهنجيءَ زال جو دلنواز ياڪر محسوس ڪيو ۽ پنهنجن ننڍڙن ٻارن جي خوشيءَ تي مشڪيس. جيئن آءٌ آهستي آهستي پنڌ ڪندو هليس، تيئن رات تڪڙي تڪڙي گذرندي ويئي. سپيئي ڏينهن جو پورهيو ڪندڙ مزدور آرام لاءِ ستا پيا هئا. روشني سيني جهوپڙين ۾ گل ٿيل هئي ۽ تمام پرانهين مفاصلي تي، تکي چيخ ڪندڙ ڪُڪُڙَ ۽ پهري ڏيندڙ ڪُتي جي آوازن کان سواءِ بيو ڪجهہ بہ ٻڌڻ ۾ نٿي آيو. آءٌ پنهنجيءَ خوشيءَ واري رهائش گاهہ ڏانهن وڌيس، ۽ اجا ان جاءِ کان هڪ فرلانگ تي هوس، تہ اسان جو ايماندار گهرو پهريدار ڪُتو منهنجي آذرياءُ لاءِ ڊوڙندو آيو.

هاڻي تقريباً اڌ رات جو وقت هو، جو آءٌ پنهنجي گهر جي در تي ڪڙي کُڙڪائڻ لاءِ پهتس. چطرف سناٽو ڇانيل هو. جڏهن منهنجي دل نہ بيان ڪري سگهڻ جهڙيءَ خوشيءَ سان پرپور هئي، تڏهن مون حيرت ۾ پنهنجي گهر کي باهہ جي ڄيڀيءَ ۾ جلندو، ۽ هر هڪ شيءِ کي باهہ سان ڳاڙهو ٿيل ڏٺو. مون هڪ تمام بلند ۽ ٿرٿلي ۾ وجهندڙ جوشيلي دانهن ڪئي، ۽ بيهوش ٿي پٽ تي ڪري پيس. منهنجيءَ دانهن تي منهنجو نند ۾ سُتل پُٽ سجاڳ ٿيو. هن باهہ جي ڄيڀن کي ڏسندي يڪدم پنهنجي ماءُ ۽ ڀيڻ کي جاڳايو. سپيئي ياتي خوفزده ٿي ٻاهر نڪري آيا، ۽ مون کي وري هوش ۾ آندائون. پر اهو هوش صرف نئين خوف لاءِ هو، ڇاڪاڻ تہ ڄيڀن هن وقت تائين اسان جي رهائش گاهہ جي ڇت کي اچي وڪوڙيو هو. جڏهن ان جو تَڪرُ، تڪرَ جي پويان اندر ڪرڻ لڳو، تڏهن اسان جي ڪٽنب وارا دکدائڪ صبر سان ان ڏانهن اڻين نهاريندا رهيا جو ڇڻ تہ باهہ جي پنيت جو مزو وٺي رهيا هئا. مون واري سان هنن ڏانهن ۽ ان پنيت ڏانهن گهور سان پٽي نهاريو. ڪجهہ وقت بعد مون پنهنجن ٻن ننڍڙن ٻارڙن لاءِ پنهنجي چوڌاري نگاهہ ڪئي، پر اهي ڏسڻ ۾ ئي ڪونہ آيا. "بربادي! ڪٿي، ڪٿي آهن منهنجا ننڍڙا ٻالڪ؟" مون واڪو ڪري چيو،

منهنجي زال ڏيرج سان جواب ڏنو. "اهي باھ ۾ سڙي موت کي وجي پهتا آهن، ۽ آءٌ پڻ انهن سان گڏ مرنديس". انهيءَ ساعت مون اندران ٻارڙن جي دانهن ٻڌي، جي هاڻي باھ جي گرميءَ تي سجاڳ ٿيا هئا. مون ڇيين وڃان دوڙندي ۽ اهو ڪمرو جنهن ۾ هو سُتل هئا، ان جي دروازي اندر گهڙندي دانهن ڪئي، "ڪٿي، ڪٿي آهن منهنجا ٻچا. ڪٿي آهن منهنجا ننڍڙا ٻالڪ؟" باھ جون ڇيون، جنهن بستري تي هو سُتل هئا، ان کي وڪوڙڻ تي هيون. هنن گڏجي وراڻي ڏني، "هتي، بابا اسين هتي آهيون". مون انهن ٻنهي کي پنهنجي ٻانهن ۾ جهليو ۽ ايترو تڪڙو جيترو ممڪن هو. ڪين باھ جي وچان جهپو ڏيندي، جيئن اجا آءٌ ٻاهر نڪتس تہ ڇت ڪري پيئي. مون ٻارڙن کي مٿي جهليندي چيو، "هاڻي پلي تہ باھ ٻرندي رهي، ۽ منهنجي سموري ملڪيت ناس تي وڃي، . اِجهي هي آهن اِهي خزانا، جي مون بچايا آهن. اجهي منهنجي پياري، هي آهن اسان جا خزانا ۽ اسين اجا بہ آسودي زندگي گذاريندا سون". اسان پنهنجن ننڍڙن پيارن کي ڪيترائي دفعا منيون ڏنيون، هو اسان جي ڳچيءَ ۾ جوڏاري چنبڙي پيا. ۽ اسان سان گڏ خوش ٿيڻ لڳا. ۽ سندن ماءُ واري تي ڪلي بہ پئي، ۽ رني بہ پئي.

آءٌ هاڻي ڇيين جو هڪ تمام مانيٺو تماشبين ٿيو بيٺو هوس. ڪجهہ وقت کان پوءِ محسوس ڪرڻ شروع ڪيم. تہ منهنجي ٻانهن ڪُلهي وٽ تمام خطرناڪ نموني سڙي پئي هئي. انهيءَ ڪري اهو منهنجي وَسَ کان ٻاهر هو. تہ آءٌ پنهنجي پٽ کي اسان جي سامان جي بچائڻ جي ڪوشش ۾. يا باھ. جا اسان جي اَنَ متان پکڙجي رهي هئي، ان جي روڪڻ ۾ ڪا مدد ڏيئي سگهان. ايتري ۾ پاڙيسرين کي خبر پئجي ويئي ۽ هو اسان جي مدد لاءِ ڊڪندا آيا. پر سيڪجهہ جيڪي هو ڪري سگهيا. سو هو اسان وانگر ان مصيبت جا تماشبين ٿي بيهڻ. منهنجو سامان جنهن ۾ اُهي نوٽ بہ هئا، جي مون پنهنجين ڌيئرن جي ڏاج لاءِ محفوظ رکيا هئا. سواءِ رڌڻي ۾ رکيل ڪن ڪاغذن جي پيتيءَ ۾ منهنجي پٽ جي شروعات ۾ آندل ٻن يا ٽن معمولي شين جي، ٻيو سمورو سڙي ڀَسَمُ ٿي ويو. پاڙيسرين اسان جيءَ مصيبت کي گهٽ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي وس سارو اسان جي ڪافي مدد ڪئي. هنن اسان کي ڪپڙا آڻي ڏنا. ۽ اسان جي ٻاهرئين مڪان کي رڌڻي جي ٿانون سان سينگاريائون. اهڙيءَ طرح

صبح ٿيڻ تي اسين ٻئي گهر ۾ وڃي رهياسون. جيتوڻيڪ رهائش لاءِ اها هڪ ناموزون جڳهه هئي. منهنجي پر واري پاڙيسري ۽ سندس ٻارن اسان کي سيکنهن ضروري شيءِ جي ميسر ڪري ڏيڻ ۽ جيڪا تسلي حقيقي فيضُ ۽ ڪرمُ هدايت ڪري سگهي ٿو. ان جي پيش ڪرڻ ۾ ڪابه ڪثر نه ڇڏي.

جڏهن منهنجي گهر جي پاتين جا لڙڪ ڊرا ٿيا، تڏهن هنن مون کان منهنجي دير جو سبب پڇيو. مون هنن کي سمورو احوال ٻڌايو ۽ کين پنهنجي گم ٿيل ٻار جي استقبال لاءِ تيار ڪرڻ خاطر ڪوشش ڪرڻ شروع ڪئي. جيتوڻيڪ اسان وٽ سواءِ ڪم بختيءَ جي ٻيو ڪجهه به عنايت ڪرڻ لاءِ نه هو. ته به پنهنجي حال سارو سندس استقبال ڪرڻ جو خواهان هوس. اهو ڪم هوند وڏيڪ ڏکيو ٿي پوي ها، پر هڪ نئين مصيبت سهوليت جو سبب بني. ان منهنجيءَ زال کي هينانهون ۽ کيس سخت عذابن سان نرم ڪري ڇڏيو هو. جيئن ته منهنجيءَ ٻانهن ۾ سخت سور هو ۽ پاڻ "اوليويا" وٽ وڃڻ کان لاچار هوس، تنهنڪري "موزز" کي "صوفيا" سان گڏ اوڏانهن موڪليم. هو ان ڪم نصيب تباهه حال کي وٺي جلدي موٽي آيا، جا پنهنجيءَ ماءُ ڏانهن نهارڻ جي همت ڪري نه سگهي. سندس ماءُ کي منهنجيون سمجهاڻيون مڪمل پرچاءَ لاءِ آماده ڪري نه سگهيون، ڇاڪاڻ ته عورتن کي زنانيءَ غلطيءَ جو مردن کان وڏيڪ احساس آهي. ماڻس واڪو ڪري چيو، "خاتون، ايتري گهٽيءَ رونق ۽ مرتبي سان گذارڻ بعد، تون جنهن جڳهه تي آئي آهين جا صرف هڪ غريباڻي جهوپڙي آهي. اهي ماڻهو جن پنهنجي رفاقت مرتبي وارن ماڻهن سان ڪئي آهي، انهن کي آءٌ ۽ منهنجي ڌيءُ "صوفيا" تمام ٿوري آسائش ڏيئي سگهون ٿيون. ها، "مس لوي"، تنهنجي غريب پيءُ ۽ مون اڳيئي گهٽو ئي ڪي سنو آهي. پر مون کي اميد آهي ته مولىٰ توکي بخش ڪندو". هن استقبال جي عرصي ۾ ويچاري مظلوم ڇوڪري زردي ٿيل ۽ ڏڪندڙ بيني هئي. هوءَ نڪي روئي ٿي سگهي ۽ نڪي جواب ڏيئي، پر آءٌ گهٽي وقت لاءِ سندس مظلوميت جو خاموش تماشبين رهي ڪين سگهيس، تنهنڪري ڪجهه سختيءَ واري لهجي ۾ مون چيو، "عورت، آءٌ توکي التجا ٿو ڪريان، ته منهنجا هي لفظ هميشه لاءِ خيال ۾ رکيا وڃن: مون هن رلندڙ ۽ گمراهه غريب ڇوڪريءَ کي تو وٽ موٽائي آندو آهي. سندس واپسي اسان کان تقاضا ڪري ٿي، ته اسين

پنهنجيون اڳوڻيون نوازشون وري جاري رکون. حياتيءَ جون سچيون پڇيون سختيون پنهنجي مٿان هاٿي ٽڪريون اچن پيون. اڇو ته پاڻ انهن کي هڪ ٻئي جي وچ ۾ اٽبڻت سان نه وڏايون. جيئن ته اسان مان ڪافي افراد خواريءَ جي دنيا کي روڪيندڙ ۽ هڪ ٻئي کي ميلاپ ۾ رکندڙ آهن. تنهنڪري جيڪڏهن اسين پاڻ ۾ صلح سان رهنداسون ته پوءِ يقيناً اسين اڄا تائين به آسودا ۽ خوش رهي سگهنداسون. خدا جي رحمت توبه ڪندڙ کي وعدو ڪيل آهي. اڇو ته اسان جي نوازش پڻ ان جي پيروي ڪندڙ ٿئي. اسان کي يقين آهي. ته آسمان سچائيءَ جي سڌي رستي جي حمايت ڪندڙ نوانوي ماڻهن کان وڌيڪ هڪ توبه تائب گناهگار کي ڏسڻ تي خوش ٿئي ٿو. ۽ اهو صحيح آهي. ڇاڪاڻ ته اها هڪڙي ڪوشش جا اسان کي تباهيءَ کان روڪي ٿي. سا هڪ سؤ اجر وارن عملن کان وڌيڪ نيڪ آهي.

★

# باب ٽيويهون

## محض مجرم ئي ذليل ٿي سگهي ٿو

اسان جي هاٽوڪيءَ رهائش واري جاءِ کي سهوليت واري بنائڻ لاءِ ڪجهه محنت جي ضرورت هئي، ۽ جلد اسين وري به پنهنجي اڳئين صبر ۽ سانت سان رهڻ لڳاسون. جيئن تہ آءٌ پنهنجي پٽ کي دستوري ڏنڊي ۾ مدد ڪري نٿي سگهيس، تنهنڪري پنهنجي ڪتنب کي باقي جيڪي بچيل ڪتاب هئا، خاص طرح اهي، جن تصور کي وندرائيندي دل کي آٿت ڏيڻ ۾ مدد ٿي ڪئي، انهن مان ڪجهه پڙهي ٻڌائيندو هوس. اسان جا نيڪ پاڙيسري پڻ رحمدليءَ واري تسليءَ ڏيڻ لاءِ روزانو اسان وٽ ايندا هئا، ۽ وقت مقرر ڪيائون، جنهن تي انهن سيني کي منهنجي اڳئين گهر جي مرمت جي ڪم ۾ مدد ڪرڻي پوندي هئي. ايماندار هاري "وليمس" انهن ملاقاتن ۾ پوئتي پيل نہ هو، پر دل وَ جان سان پنهنجي دوستيءَ جي خاطري ڏنائين. هو منهنجيءَ ڌيءَ لاءِ پنهنجي درخواستن کي وري نئون ڪري ها، "اوليويا" هن کي اهڙيءَ طرح رد ڪري ڇڏيو، جو هن جون آئيندي لاءِ التجائون مڪمل طرح روڪجي ويون. سندس درد کي پائدار ڏنو ويو، ۽ اسان جي ننڍڙيءَ جماعت ۾ هيءَ ئي هڪ فرد هئي، جا هڪ هفتي تائين موٽي سرهي ٿي نہ سگهي. هن هاڻي اها معصوميت وڃائي ڇڏي هئي، جنهن ڪيس عزت ڏيڻ ۽ خوش ڪرڻ لاءِ هر ممڪن مدد ڪئي هئي پر ڳڻتي پوءِ بہ هن جي دل تي گهر ڪري ورتو هو. سندس حسن، تندرستيءَ سميت خراب ٿيڻ لڳو، ۽ بي توجهيءَ اجا بہ ان جي گهٽائڻ ۾ وڏيڪ مدد ڪئي. سندس پيڻ تي نوازش ڪيل هرڪا نرم دليءَ واري هلت سندس دل ۾ نهايت گهڻو درد ۽ سندس اکين ۾ آلاڻ آڻيندي هئي، ۽ جيئن هڪ بُدي جيتوڻيڪ اها معاف ٿيل آهي، تڏهن بہ جتي اها ٿيل آهي، اتي بين بَدين کي اُياري ٿي، اهڙي طرح سندس اڳيون ڏوهہ جيتوڻيڪ معاف ڪرڻ جي باوجود بہ هن کي ٻاهر هڪاليو ويو هو، تڏهن بہ هو حسد ۽ رَشڪ پنيان ڇڏي ويو هو. مون سندس ڳڻتيءَ گهٽائڻ لاءِ هزارين طريقن سان ڪوششون ڪيون، نہ فقط ايترو پر مون ان ڪم لاءِ تاريخ جا اهي دلچسپ ٽڪرا جي تمام تکي يادگيري ۽ مطالعو ئي پيش ڪري سگهن ٿا. انهن کي ياد ڪندي پنهنجو درد بہ وساري

ڇڏيو. آءُ چوندو هوس، ”منهنجي پياري، اسان جي خوشي هڪ هستيءَ جي طاقت ۾ آهي، جو ان کي انهن هزارين اڳواٽ ڏنل رستن تان آڻي ٿو، جي اسان جي دورانديشيءَ تي نئولي ڪن ٿا. منهنجا ٻچا. جيڪڏهن ان جي ثابت ڪرڻ لاءِ مثال ڏيڻ ضروري آهي، ته آءُ توکي هڪ آکاڻي ٻڌائيندس. جا اسان کي هڪ وڏي قابل انسان جي ٻڌايل آهي، جو ڪن وقتن تي هڪ خيالي قصا ناهيندڙ تاريخ نويس هو.

”مئنلڊا“ نالي هڪ ڇوڪريءَ نندي هوندي ”نيپولين“ جي هڪ اعليٰ ترين وصفن واري امير سان شادي ڪئي، ۽ پندرهين ورهين جي عمر ۾ پاڻ کي بيوه ۽ ماءُ ڏنائين. هڪ ڏينهن جيئن هوءَ پنهنجي ننڍڙي پٽ کي ”وولٽرنا“ نديءَ جي مٿان هڪ ڪونيءَ جي دريءَ ۾ لاڏ ڪوڏ سان راند ڪرائي رهي هئي، تيئن ٻار اوچتي اُچانگ سان سندس هٿن مان هيٺ وهندڙ پاڻيءَ ۾ ڪري پيو ۽ هڪ ساعت ۾ گم ٿي ويو. ماءُ اچانڪ حيرت سبب ۽ ان کي بچائڻ لاءِ پويان ٽپو ڏنو، پر ٻار کي مدد ڪري سگهڻ کان گهڻو پري هئڻ سبب هوءَ پاڻ تمام گهڻيءَ تڪليف سان ٻئي طرف واري ڪناري تي اصل ان وقت اچي پهتي، جڏهن ڪي فرينچ سولجر ان طرف ملڪ کي لُٽي رهيا هئا. ۽ انهن يڪدم کيس پنهنجو قيدي بنايو.

ان وقت لڙائي فرينچن ۽ اٽليءَ وارن جي وچ ۾ تمام سخت بي رحميءَ سان هلي رهي هئي. ٻئي قومون انهن حدن تائين ڏوهه ڪري رهيون هيون، جن ڏانهن ٻک ۽ ظلم کين اشارو ڪيو ٿي. تنهن هوندي بہ هڪ نوجوان آفيسر هن نيچ ارادي جي مخالفت ڪئي، ۽ جيتوڻيڪ کين تمام تکڙائيءَ سان پوئتي هٽڻو هو، تہ بہ ”مئنلڊا“ کي پاڻ سان ٻيلهہ کنيائين ۽ سلامتيءَ سان کيس پنهنجي رهڻ واري شهر ۾ آندائين. ”مئنلڊا“ جي حُسن سندس اک کي، ۽ جلدي پوءِ سندس لياقت هن جي دل کي گرفتار ڪيو. هنن پاڻ ۾ شادي ڪئي. هو تمام وڏن عهدن تي فائز ٿيو. هو گهڻو وقت گڏ رهيا، ۽ ڏاڍا خوش هئا. پر هڪ فوجي ماڻهوءَ جي خوشي ڪڏهن بہ جٽادار ٿي نٿي سگهي. ڪيترن سالن جي عرصي کان پوءِ اهي دستا جن جو هيءُ مهندار هو. انهن کي شڪست نصيب ٿي، ۽ اُنهيءَ شهر ۾ اچهي وڃڻ لاءِ مجبور ٿي پيو، جتي هو پنهنجيءَ زال سان رهيو هو. اتي هنن کي هڪ گهيري جو مقابلو ڪرڻو پيو. مگر آخرڪار شهر

دشمنن جي هٿ ۾ اچي ويو. ان وقت "فرينچن" ۽ "انلي" وارن هڪ ٻئي جي مٿان جيڪي ظلم ڪيا، انهن کان وڌيڪ ظلمن جي جدا جدا قسمن جا مثال ڪي ٿوريون تاريخون پيش ڪري سگهن ٿيون. شهر وٺڻ کان پوءِ فاتحن سپني فرينچ قيدين کي، پر خاص طرح سان بد نصيب "مٿلڊا" جي مڙس کي، جو گهيري جي وڌائڻ ۾ خاص طرح مددگار هو، موت جي سزا ڏيڻ جو ارادو ڪيو. عام طرح هنن جا فيصلا اجا تجويز ئي مس ڪيا ويندا هئا، ته يڪدم عمل ۾ آندا ويندا هئا. قيد ٿيل سولجر کي اڳتي آندو ويو، ۽ جلادُ پنهنجيءَ تلوار سان تيار بيٺو هو. تماشبين تمام غمگينيءَ جي صبر ۽ موتمار ڏک جي انتظار ۾ بيٺا هئا. جو، جنرل جي اشاري جي انتظار ۾ هو. هن غم ۽ انتظار جي عالم ۾ "مٿلڊا" پنهنجي مصيبت زده حالت ۽ بدنصيبيءَ تي، جنهن کيس "وولٽرنا" نديءَ ۾ سندس ٻي وقتي موت سان نابود ٿيڻ کان اجا بہ وڌيڪ وڏين مصيبتن جي ڏسڻ لاءِ بچايو هو، ان تي افسوس ڪندي، پنهنجي مڙس ۽ آزاديءَ ڏيندڙ جي آخري موڪلائيءَ لاءِ آئي. ڪپتان جو هڪ نوجوان هو، تنهن کي سندس حُسن تي حيرت لڳي، ۽ سندس پريشانيءَ تي رحم آيس، پر جڏهن سندس اڳيئن تڪليفن جو بيان ٻڌائين تڏهن اجا بہ وڌيڪ جذبات جي اثر هيٺ اچي ويو. هيءَ هن جو پُٽ هو، ۽ اهو ئي ٻالڪ هو، جنهن لاءِ کيس ايترين تڪيلفن ۽ خطرن سان مقابلو ڪرڻو پيو هو. هن کيس يڪدم پنهنجي ماءُ قبول ڪيو، ۽ سندس پيرن تي ڪري پيو، ۽ باقي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو. قيدي آزاد ڪيو ويو، ۽ سڀ خوشيون جي محبت، دوستي ۽ فرض هرهڪ تي عطا ڪري سگهيا. سي سيئي پاڻ ۾ گڏجي ويون."

مذڪوره نموني ۾ آءٌ پنهنجي ڏيءَ کي وندارڻ لاءِ ڪوشش ڪندو هوس، پر هوءَ ان ڏانهن پورو توجهہ نہ ڏيندي هئي، ڇاڪاڻ تہ سندس بدنصيبين سندس ان رحم کي ناس ڪري ڇڏيو هو، جو کيس ڪنهن وقت ٻين جي ڪمبختين تي هوندو هو. ڪابہ شيءَ کيس تسلي نہ ڏيندي هئي. مجلس ۾ هن کي حقارت جو خوف هوندو هو، ۽ خلوت ۾ کيس گُٽڻي ڏسڻ ۾ ايندي هئي. جڏهن سندس بيڪسيءَ جو اهو حال هو، تڏهن اسان کي اها خبر پهتي، تہ "مسٽر ٿارنهل" "مس ولمات" سان شادي ڪري رهيو آهي، جنهن لاءِ مون کي هميشه شڪ هو، تہ کيس سچو پچو شوق هو، جيتوڻيڪ هو مون وٽ سندس

شخصيت ۽ دولت بنسبت پنهنجي نفرت ڏيکارڻ جي هرڪا ڪوشش ڪندو هو. هن خبر صرف "اوليويا" جي رنج کي وڌائڻ جي خدمت ڪئي، ڇاڪاڻ تہ ڏنيءَ وائنيءَ بي وفائيءَ جي حمايت ڪري سگهڻ سندس همت کان ٻاهر هئي. وڌيڪ خاطريءَ واري معلومات ونڻ لاءِ ۽ جيڪڏهن ممڪن هجي، تہ سندس ارادي جي پوري ڪرڻ کي شڪست ڏيڻ خاطر مون پنهنجي پٽ کي پيرسن "مسٽر ولماٽ" وٽ ان خبر جي صداقت معلوم ڪرڻ جي هدايتن سان، ۽ اسان جي ڪٽنب سان "مسٽر ٿارنهل" جي ڪيل هلت بنسبت هِڪُ خط "مس ولماٽ" کي پهچائڻ لاءِ موڪلڻ جو ارادو ڪيو. منهنجو پٽ منهنجي هدايتن کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ ويو، ۽ انهيءَ احوال جي صداقت بابت خبر ڏيڻ لاءِ ٽن ڏينهن بعد واپس آيو، پر مس ولماٽ کي خط پهچائي نہ سگهيو، ڇاڪاڻ تہ "مسٽر ٿارنهل" ۽ "مس ولماٽ" ٻهراڙي گهمڻ ويا هئا. تنهنڪري هيءَ ان خط کي اتي ڇڏڻ تي مجبور ٿي پيو. هن ٻڌايو تہ سندس اتي پهچڻ کان اڳئين آچر تي ڪنوار ڇهن نوجوان عورتن، ۽ گهوٽ ايترن معززن سان گڏجي وڏي شان و شوڪت سان ديول ۾ حاضر ٿيا هئا. ۽ سندن شادي تورن ڏينهن ۾ ٿيڻ واري هئي. سندن قريب ايندڙ شاديءَ سڄيءَ ٻهراڙيءَ کي خوشين ۽ شادمانن سان ڀرپور ڪري ڇڏيو هو. هو هميشہ وڏي اتالي سان، جو ٻهراڙيءَ ۾ گهڻن سالن کان پوءِ ڏٺو ويو هو، سوار ٿي ٻاهر نڪرندا هئا. هن چيو تہ ٻنهين ڪٽنبن جا دوست خاص طرح زميندار جو چاچو "سر وليم ٿارنهل" جو تمام سٺي اخلاق جو مالڪ هو، اتي هئا. هن وڌيڪ چيو تہ خوشي ۽ ڪاڏي جي مجلسن کان سواءِ ٻيو ڪوبہ ڪاروبار هلندڙ نہ هو. سڄي ٻهراڙيءَ ڪنوار جي حُسن ۽ گهوٽ جي اعليٰ شخصيت جي تعريف ٿي ڪئي، ۽ ائين ٿي چيو، تہ اهي ٻئي هڪ ٻئي جو ازحد گهڻو شوق رکندڙ هئا. ۽ اختتام هن چوڻ سان ڪيائين، تہ هو "مسٽر ٿارنهل" کي دنيا ۾ تمام خوش نصيب ماڻهن مان هڪ سمجهڻ کان سواءِ پاڻ کي روڪي نٿي سگهيو.

مون جواب ڏنو، "جيڪڏهن هو شادي ڪري سگهي ٿو، تہ ڀلي ڪري، پر مَنهنجا پٽ هيءَ ڪکائون بسترو ۽ اڻ اڏيل ڇت، اهي ڪمزور ٿيندڙ ڀتيون ۽ پوسل وارا فرش، هن طرح ٻاهہ سان لاچار ٿيل منهنجو دکي جسم، ۽ مانيءَ لاءِ چوڌاري روئندڙ منهنجا ٻار ڏس، منهنجا ٻچا، تون هتي اهي سڀ حالات ڏسين

تو. تنهن هوندي بہ اجا هتي، اصل هن جاءِ تي تون هڪ اهڙو ماڻهو ڏسي سگهين ٿو، جو هزارن دنيائن سان بہ پنهنجي حالت کي نہ بدلائيندو. اي منهنجا ٻالڪو! جيڪڏهن توهين صرف پنهنجي دلين سان حال ونڊڻ سکي سگهو، تہ هوند هن ڪين جهڙي زينت، نزاڪت ۽ شان شوڪت لاءِ توهان کي ٿورو ئي ڪا عزت هجي. جملي ماڻهو حياتيءَ کي رستو ۽ پاڻ کي رهگذر سڏڻ سيکاريا ويا آهن. تمثيل اجا بہ وڌيڪ نصيحت آميز ٿي سگهي ٿي، جڏهن اسين چئون ٿا، تہ نيڪ انهن مسافرن وانگر خوش ۽ سانتيڪا آهن، جي پنهنجي گهرن ڏانهن وڃي رهيا آهن، ۽ بدڪار انهن مسافرن وانگر ڪن وقتن تي خوش آهن، جي ڪنهن مصيبت ڪان جلاوطنيءَ ۾ وڃي رهيا آهن. مون کي پنهنجي ڏکويل ذيءَ لاءِ جيڪو رحم هو، تنهن تي جيڪي آءٌ اڳتي چوڻ وارو هوس، ان ۾ رڪاوٽ وڌي. مون سندس ماءُ کي کيس ٽيڪ ڏيڻ لاءِ چيو، ۽ ٿورڙي وقت ڪان پوءِ هوءَ وري هوش ۾ آئي. هوءَ ان وقت ڪان وني وڌيڪ صابر ڏسڻ ۾ آئي. مون سمجهيو تہ هن پڪي ارادي جو نئون درجو حاصل ڪيو آهي. مگر ڏيکاءُ مون کي ٺڳي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ سندس راحت گهٽي جوش ۾ آيل رنج جي ماندگيءَ سبب هئي. منهنجي مهربان جماعتين جيڪو سيڌو اسان ڏانهن سخاوت نموني موڪليو، تنهن ڪتنب جي باقي ڀاتين ۾ نئين خوش مزاجي ڦهلائي ۽ آءٌ پڻ انهن کي وري بہ هڪ دفعو وڌيڪ ڦڙت، خوش ۽ آسودو ڏسي ناراض نہ ٿيس. انهن جي خوشيءَ کي خراب ڪرڻ، صرف پختي غم سان اعزا پرسي ڪرڻ، يا جيڪو غم انهن محسوس نہ ڪيو هو ان سان انهن کي بارگير ڪرڻ، هڪ بي انصافي تي پوي ها. اهڙيءَ طرح وري بہ هڪ دفعو وڌيڪ اها ڳالهہ وچان نڪري ويئي، راڳ جي محفل جاري ٿي، ۽ مسرت اسان جي غريباڻي گهر مٿان هوا ۾ ڦرڻ جي نوازش ڪئي.

★

# باب چوويهون

## نيون مصيبتون

ٻئي ڏينهن صبح جو سج دستورڪان زياده ان سڄيءَ موسم ۾ گرمائش سان اُڀريو. انهيءَ ڪري اسان "هَنِـي سڪل" انگريزي ٻوٽي جي ڪوڙي ۾ نيرن ڪرڻ جو ارادو ڪيو. جيستائين اسين اتي وينا هئاسون، تيستائين منهنجي ننڍيءَ ڌيءُ منهنجي چوڻ تي پنهنجو آواز وٺن تي تيندڙ پکين جي راڳ جي محفل سان هلائـي پئي ڳايو. هيءَ اها جڳهه هئي، جتي "اوليويا" پنهنجي اغوا ڪندڙ کي پهرين دفعي ملي هئي. سيڪنهن شيءِ سندس غم کي وري تازو تي ڪيو. پر اهو غم جو خوشيءَ جي شين سان جوش ڏياريو ويو آهي. يا صلح سانت جي آوازن سان پڙڪايو ويو آهي، سو دل کي آهستي آهستي ڪائي وجھ جي بدران آتت ڏئي ٿو. هن موقعي تي سندس ماءُ پڻ مصيبت کي خوشي ڏيندڙ محسوس ڪيو. هوءَ رُني ۽ پنهنجي ڌيءُ کي اڳئين وانگر پيار ڪيو. هن واڪو ڪري چيو، "منهنجي پياري "اوليويا"، اسان کي اهو غمگينيءَ وارو راڳ ٻڌاءِ. جنهن جي ٻڌڻ لاءِ تنهنجو پيءُ شائق هوندو هو. تنهنجيءَ ڀيڻ "صوفي" اسان تي اڳيئي احسان ڪيو آهي. ٻچا، چوڻ ڪر. اهو تنهنجي ٻڍڙي پيءُ کي خوش ڪندو". هن اهڙي تہ عمدي ۽ دلسوز آواز سان راڳ ڳايو، جو منهنجي دل پرجي آئي.

"جڏهين حسين عورت غلطيءَ جي آڻ مڃي ٿي،
۽ دير سان ڏسي ٿي، تہ مرد ٺي ڪن ٿا دوه،
ڪهڙو جادو رکي ٿو ان جي غم کي تسلي ڏيڻ جو اثر،
ڪهڙي فنڪاري هن جي جُرم کي ڌوئي سگهي ٿي؟
سندس گناهہ کي ڍڪڻ لاءِ صرف فن،
سندس شرم کي هر ڪنهن اک کان لڪائڻ لاءِ،
سندس پياري کي پڇتاءُ تي آڻڻ لاءِ،
۽ هن جي دل کي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي مرڻ".

جيئن هوءَ آخري مصرع ختم ڪري رهي هئي، جنهن کي سندس آواز ۾ غم سبب پيدا ٿيل هڪ اثر خاص قسم جو ميناج ڏنو هو، تيئن پريان "مسٽر ٿارنهل" جي اتالي اسان سيني کي خبردار ڪيو، پر ان منهنجي وڏيءَ ڌيءُ جي

بي آراميءَ کي خاص طرح وڌايو. جا پنهنجي ڏوه ڪندڙ ڪان پاسي ڪرڻ لاءِ، پنهنجيءَ پيٽ سان گڏ گهر ڏانهن واپس هلي ويئي. ٿورن لمحن ۾ هو پنهنجي گاڏيءَ مان لٿو، ۽ جتي آءٌ ويٺو هوس ان جاءِ تي اچي، پنهجي دستوري گهرائيءَ جي لهجي ۾ منهنجي تندرستيءَ بابت پڇا ڪيائين. مون جواب ڏنو، ”سائين توهان جي موجوده خاطري صرف توهان جي اخلاق جي نيچ پڻي ڪي وڌائي ٿي، ۽ هن ڪان اڳ ڪو اهڙو وقت هو، جڏهن آءٌ توهان جي هن طرح جرائت سان منهنجي اڳيان اچڻ تي توهان جي بي ادبيءَ ڪي سزا ڏيان ها. پر هاڻي توهين سلامت آهيو، ڇاڪاڻ تہ منهنجن جذبن ڪي عُمر ٿڌو ڪري ڇڏيو آهي، ۽ منهنجو ڏنڊو انهن ڪي روڪي ٿو“.

هن جواب ڏنو، ”سائين، آءٌ ساک سان چوان ٿو، تہ جيڪي توهين چئي رهيا آهيو، تنهن تي آءٌ حيران آهيان. آءٌ سمجهي نٿو سگهان، تہ ان جو مطلب ڇا آهي. مون ڪي اميد آهي، تہ اوهين ائين نہ سمجهندا هوندؤ، تہ مون سان گڏ توهان جي ڌيءَ جي اڳئين گهمڻ گهتڻ ۾ ڪا ڏوهہ جهڙي ڳالهہ هئي“.

مون واکو ڪري چيو، ”وج، تون هڪ ڪيمٽو آهين، هڪ ذليل قياس جوڳو ڪميٽو، ۽ سيڪنهن نموني ۾ ڪوڙو، پر تنهنجي ڪميٽائي توڪي منهنجيءَ ڪاوڙ ڪان بچائي ٿي. جناب، آءٌ هڪ اهڙي نسل مان آهيان، جنهن هوند هي برداشت نہ ڪيو هجي ها. پر تون هڪ ذليل انسان آهين، تو هڪ عارضي جذبي ڪي خوش ڪرڻ لاءِ هڪ غريب ڇوڪريءَ ڪي ساريءَ عمر لاءِ مصيبت زده بنائي ڇڏيو آهي، ۽ هڪ اهڙي ڪٽنب ڪي پليد ڪيو آهي، جنهن وٽ عزت ڪان سواءِ ٻي ڪابہ شيءِ نہ هئي.“

هن وراڻيو، ”جيڪڏهن توهان، يا هن پريشان رهڻ جو ارادو ڪيو آهي، تہ آءٌ ان لاءِ ڪجهہ بہ ڪري نٿو سگهان، پر توهين اجا بہ خوش رهي سگهو ٿا. مون بنسبت توهان جو ڪٽي کهڙو بہ رايو هجي، مگر مون ڪي هميشہ سندس مدد لاءِ تيار ڏسندؤ. اسين ڪيس ٿوريئي وقت ۾ ٻئي سان شاديءَ ڪرائي سگهون ٿا، ۽ ساڳئي وقت پلي هوءَ پنهنجي عاشق سان بہ محبت رکي. ڇاڪاڻ تہ آءٌ ساک سان چوان ٿو، تہ آءٌ ڪيس هميشہ سچي تعظيم ڏيندو رهندس“.

هن نئين بيهودي تجويز تي مون ڪي تمام گهڻي ڪاوڙ آئي. جيتوڻيڪ اڪثر ماڻهوءَ جي دل ڪٽي گهڻن زخمن هوندي بہ صبر ۾ هوندي آهي، مگر ڪن

وقتن تي هڪ خسيس بدمعاشي سندس روح ۾ اندر ڇُپيي ڪيس ڪاوڙ ۾ آڻي سگهي ٿي. مون واڪو ڪري چيو، "او زهريلا نانگ، منهنجي نظرن کان ٽري وڃ. پنهنجي موجودگيءَ سان منهنجي بي عزتي نہ ڪندو رهہ. جيڪڏهن منهنجو پيارو پُٽ گهر ۾ هجي ها، تہ هوند هي برداشت نہ ڪري ها. پر آءٌ بدو ۽ لاچار آهيان، ۽ سڀ نموني تباهہ ٿيل".

هن چيو. "آءٌ ڏسان ٿو، تہ توهين مون کي، منهنجي ڪيل ارادي کان وڌيڪ سخت نموني ۾ ڳالهائڻ لاءِ مجبور ڪري رهيا آهيو. پر جيئن مون اوهان کي ڏيکاريو آهي، تہ منهنجي دوستيءَ مان ڪهڙي اميد رکي سگهجي ٿي، تيئن اهو ڏيکارڻ بہ بيجا نہ ٿيندو، تہ منهنجي غصي جا ڪهڙا نتيجا ٿين ٿا. منهنجو عام مختيار جنهن کي مون اوهان جو اڳيون دستاويز ڦيرائي ڏنو آهي، سو سخت دڙڪا ڏيئي رهيو آهي. مون کي انصاف جي ڪاروائيءَ کي روڪڻ لاءِ ڪابہ واٽ ڪانہ ٿي سُجهي، سواءِ هن جي، تہ آءٌ اهي پئسا پري ڏيان. پر جيئن تہ تازو مون کي پنهنجيءَ شاديءَ کان اڳ جو خرچ ڪرڻو پيو آهي، تنهنڪري اهو ڪم منهنجي لاءِ اهڙو سَولو نہ آهي، جو آءٌ ڪري سگهان. تنهن کان سواءِ منهنجو ڪمدار دِل ۾ اوهان جي مال ڪاهڻ بنسبت گفتگو پيو ڪري. اها خاطري آهي تہ هو پنهنجو فرض پاڻ ڄاڻي ٿو، ڇاڪاڻ تہ آءٌ ڪڏهن بہ اهڙن قسمن جي ڪمن بابت پاڻ کي تڪليف نہ ڏيندو آهيان. تا هم اجا تائين بہ آءٌ اوهان جيءَ خدمت ڪرڻ، ۽ خصوصاً منهنجي ان شاديءَ تي اوهان ۽ اوهان جي ڌيءَ جي اچڻ جي خواهش ڪري سگهيس ٿي، جا شادي ٿوريئي وقت ۾ "مس ولمانٽ" سان وڏيءَ ڌام ڌُوم سان ٿيڻي آهي. منهنجيءَ محبوبہ "ارابيلا" جو پڻ اهوئي عرض آهي، ۽ مون کي اميد آهي، تہ توهين انڪار نہ ڪندؤ".

مون جواب ڏنو. "مسٽر ٿارنهل"، مون کان هميشہ لاءِ ٻڌي ڇڏ. منهنجيءَ ڌيءُ کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن سان بہ تنهنجي شاديءَ جي آءٌ اجازت نہ ڏيندس. تنهنجي دوستي مون کي ڪٽي تخت تي ويهاري، يا تنهنجو غُصو مون کي ڪٽي قبر داخل ڪري، پر آءٌ ٻنهين کي ڌڪاريان ٿو. تو مون کي دکدائڪ ۽ ناقابل تلافي نموني ۾ ٺڳيو آهي. مون تنهنجيءَ عزت تي ڀروسو رکي، پنهنجيءَ دل کي چَين ۽ آرام ڏنو، ۽ ان جو نتيجو ڏٺم. انهيءَ ڪري مون ۾ ڪڏهن بہ وڌيڪ دوستيءَ جي اميد نہ رک. وڃ، ۽ جيڪي نصيب توکي ڏنو آهي، سو

پنهنجي قبضي ۾ رک، ۽ حُسن، شاهوڪاري، تندرستي ۽ خوشي. وچ، ۽ مون کي ضرورت بدناميءَ، مرض ۽ غم ۾ ڇڏي ڏي. جيئن آءٌ ذليل ڪيو ويو آهيان، تنهن ڪري اجا تائين بہ منهنجي دل پنهنجي عزت جو بچاءُ ڪندي. ۽ جيتوڻيڪ آءٌ توکي معاف ڪريان ٿو، پر توکي هميشه لاءِ نفرت سان ڏسندس."

هن وراڻي ڏني، "جيڪڏهن اِئين آهي، تہ پوءِ خاطري ڪر، تہ تون هن گستاخيءَ جا نتيجا جلد ڏسندين. اسين جلدي ڏسي رهنداسون، تہ ڪير اسان مان وڌيڪ حقارت لائق آهي. تون يا آئون". ائين چوڻ بعد هو روانو ٿي ويو.

منهنجي زال ۽ پُٽ، جي انهيءَ ملاقات وقت موجود هئا، سي ڏاڍو گهٽو دِنا. سندس وڃڻ کان پوءِ منهنجون ڏيڻرون، اسان جي گفتگو جي نتيجي کان آگاهہ ٿيڻ لاءِ ٻاهر نڪري آيون، ۽ جڏهن کين احوال ٻڌايو ويو، تڏهن اهي پڻ بين وانگر خوف زده ٿي پيون. پر مون سندس بدخواهيءَ جي ڪيڏي بہ وڏيءَ ڪوشش جي پرواهہ نہ ڪئي. هن اڳيئي وار ڪيو هو، ۽ هاڻي آءٌ اهڙن جنگي اوزان مان هڪ اوزار وانگر سندس سيڪنهن نئين ڪوشش کي هٽائڻ لاءِ تيار بيٺو هوس، جي ڪهڙي بہ نموني ۾ اُڇليا وڃن، مگر دشمن کي خاطريءَ سان پهچي سگهن ٿا.

جلدي اسان ڏٺو، تہ هن کو اجايو خوف نہ ڏنو هو، ڇاڪاڻ تہ اصل ايندڙ ڏينهن صبح جو سندس ڪمدار مون کان ساليانی ڍل گهرڻ آيو. جا مٿي بيان ڪيل واقعات جي سلسلي سبب آءٌ ڏيڻ کان لاچار هوس. منهنجي بي پهچ هئڻ جو نتيجو اهو نڪتو، جو هن انهيءَ شام جو اسان جو مال ڪاهرايو، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو ان جي قيمت ڪئي، سندس قيمت کان اڌ قيمت ۾ ان جو وڪرو ڪيو. تنهنڪري منهنجيءَ زال ۽ ٻارن هاڻي ٻيءَ ڪنهن مصيبت کي پنهنجي سر تي آڻڻ کان بچڻ لاءِ کن بہ شرطن جي قبول ڪرڻ لاءِ التجائون ڪيون. هنن مورڳو التجا ڪئي، تہ آءٌ زميندار جي ملاقاتن جي هڪ دفعو وڌيڪ اجازت ڏيان. اهي مصيبتون جيڪي مون کي سهڻيون هيون، انهن کي نقش ڪرڻ ۾ هنن پنهنجي سموريءَ فصيح زبانيءَ کي ڪم ۾ آندو. هنن ان هلندڙ موسم جهڙيءَ سخت موسم ۾ جيڪي جيل جا خطرا ۽ خوف هئا، ۽ ان سان گڏ اهو خوف جنهن منهنجي تندرستيءَ کي باهہ سان تيل اڳئين حادثي کان ڍيچاريو هو، بيان ڪيا. پر آءٌ اڏول رهيس.

مون واکو ڪري چيو، ”منهنجا پيارئو، چو اوهين مون کي ان ڪم ڏانهن مائل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيو، جو جائز نہ آهي. منهنجي فرض مون کي سيڪاريو آهي، تہ آءٌ ڪيس معاف ڪريان، مگر منهنجو ضمير مون کي اها اجازت نہ ڏيندو، تہ آءٌ ڪيس پسند ڪريان. چا توهين مون تي زور رکندؤ تہ آءٌ ان دنيا کي عزت ڏيان، جنهن کي منهنجي دل اندرونيءَ طرح ضرور نفرت ڪندي؟ چا، توهين مون کي هڪ پاليل (ڪانئر) وانگر ويهاري، مون کان پنهنجي بدنام ڪندڙ جي خوشامد ڪرائيندا، ۽ قيد کي ٽارڻ لاءِ مون کي دماغي قيد جي هميشہ جٽاءُ ڪندڙ ۽ وڏيڪ خفي ڪندڙ ہنڌٽن سهڻ لاءِ مجبور ڪندا؟ نہ، ڪڏهن بہ نہ. جيڪڏهن اسين هن رهائش گاهہ کان ٻاهر نڪرڻا آهيون، تہ صرف اچو تہ حق کي قابو جهليون ۽ (اميد رکون) تہ جڏهن اسين پنهنجي دلين جي چوڏاري بهادريءَ ۽ مسرت سان نهاري سگهون ٿا، تڏهن جتي بہ اسان کي اُڇلايو ويندو، اتي اسين هڪ دل موهيندڙ مڪان ۾ آرام ڪري سگهون ٿا“.

ان نموني اسان اها رات گذاري. ٻئي ڏينهن صبح جو سوير جيئن تہ ان رات برف تمام گهڻي پيئي هئي، تنهنڪري منهنجو پٽ ان کي صاف ڪرڻ ۽ دروازي اڳيان لنگهہ ناهڻ لاءِ ٻاهر ڪم ڪري رهيو هو. اجا ٿورو وقت ئي ڪونہ گذريو، تہ هو پريشان حالت ۾ ڊوڙندو اسان کي ٻڌائڻ لاءِ اندر آيو، تہ ٻہ اجنبي، جن کي هن عدالتي ڪامورا ڪري سمجهيو هو، سي اسان جي گهر ڏانهن پئي آيا.

اجا هن ڳالهہ پئي ڪئي، تہ هو اندر آيا، ۽ منهنجي بستري جي ويجهو اچي، ڀريائين مون کي سندن مشغوليءَ ۽ ڪم کان آگاهہ ڪيائون، ۽ پوءِ مون کي تيار ٿي پاڻ سان گڏ ٻارنهن ميل پري ڀراڙيءَ جي جيل ڏانهن هلڻ جو حڪم ڏيئي، گرفتار ڪيائون.

مون چيو، ”منهنجا دوستو، هيءَ تمام خراب موسم آهي، جنهن ۾ اوهين مون کي جيل ڏانهن وٺي هلڻ لاءِ آيا آهيو. هن وقت منهنجو هلڻ تہ خاص طرح وڏيڪ ڏکيو آهي. ڇاڪاڻ تہ منهنجي هڪ ٻانهن ٿورن ڏينهن کان تمام سخت نموني ۾ سڙي پيل آهي، ۽ ان مون کي ٿورو بخار بہ ڏيئي ڇڏيو آهي، مون کي پنهنجي ڍڪڻ لاءِ ڪپڙا ڪونہ آهن، ۽ آءٌ اهڙو ضعيف ۽ ٻڍو آهيان جو اهڙيءَ سخت برف ۾ هلڻ کان لاچار آهيان، پر جيڪڏهن ائين ضرور ٿيڻو آهي تہ.....“

ان کان پوءِ آءٌ پنهنجيءَ زال ۽ ٻارن ڏانهن مخاطب ٿيس، ۽ باقي جيڪي ٿوريون شيون اسان وٽ ڇڏيل هيون، انهن جي گڏ ڪرڻ ۽ ان جڳهه جي يڪدم ڇڏڻ جي تياريءَ ڪرڻ لاءِ کين هدايت ڪيم. مون کين تڪڙي ٿيڻ لاءِ التجا ڪئي، ۽ پنهنجي پٽ کي سندس ڀيڻ جي مدد ڪرڻ لاءِ چيم. جا پاڻ کي اسان جي مصيبتن جو باعث سمجهي، بي هوش ٿي ڪري پيئي هئي، ۽ ڏک کي بيهوشيءَ ۾ گم ڪري ڇڏيو هئائين. مون پنهنجيءَ زال کي همٿايو. جا پيلي ٿي ويئي هئي، ۽ ڏکندي پنهنجن انهن ننڍڙن کي ڪٽي قابو ڪيو هئائين. جي انهن اجنبين کان ڊنا ٿي، ۽ سندس ڇاتيءَ کي ڇُهنيا پيا هئا. انهيءَ وقت "صوفيا" اسان جي روانگيءَ لاءِ تياري پئي ڪئي، ۽ جيئن ته ڪيس گهٽيون ٿي هدايتون تڪڙي ٿيڻ لاءِ ڪيون هيم، تنهنڪري اٽڪل هڪ ڪلاڪ ۾ اسين تيار ٿي وياسون.

★

## باب پنجويهون

# ڪو بہ مقام چڱائيءَ کان خالي نہ آهي

اسين هن آرام واري ڳوٺ کان ٻاهر نڪتاسون ۽ آهستي پنڌ ڪرڻ لڳاسون. منهنجي وڏيءَ ڌيءَ جنهن جي طبيعت کي گهٽڻ ڏينهن کان اينڌڙ سنهي تپ بگاڙي ۽ ڪيس ڪمزور ڪري ڇڏيو هو. تنهن کي ڪامورن مان هڪ گهوڙيسوار پنهنجي پويان ڪنيو. ڇو تہ اهڙا ماڻهو بہ پاڻ کي انسانيت کان صفا پري ڪري نٿا سگهن. منهنجو پٽ ننڍڙن مان هڪڙي کي هٿ کان وٺي هليو ۽ منهنجي زال ٻئي کي، انهيءَ وقت مون پنهنجي ننڍيءَ ڌي تي ٽيڪ ڏني هئي، جا پنهنجي لاءِ نہ مگر منهنجي مصيبتن تي روئي رهي هئي.

اسان پنهنجيءَ اڳين رهائش گاهہ کان اٽڪل ٻن ميلن تي پهتاسون، تہ ڪليسائي حلقي جي قريباً پنجاهہ کن تمام غريب ماڻهن جو ميڙ پويان ڊوڙندو ۽ دانهون ڪندو ڏٺوسون. انهن تمام خوفناڪ پِٽُن ۽ پاراتن سان جلدي اچي ٻنهي عدالتي عملدارن کي سوڙهو گهيريو. ۽ قسم کنيائون، تہ جيستائين سندن بدن ۾ رت جو آخري قطرو بہ موجود هوندو، تيستائين هو پنهنجي پادريءَ جي بچاءَ ۾ لڙندا. پر ڪيس ڪڏهن بہ جيل ڏانهن وڃڻ نہ ڏيندا. هو ڪامورن سان سخت هلت ڪرڻ وارا هئا. جيڪڏهن آءٌ وچ ۾ نہ پوان ها، پر مون ڪجهہ تڪليف وٺي ڪامورن کي ڪاوڙيل هجوم جي هٿن کان آجو ڪيو. منهنجا ٻار جن منهنجي آزاديءَ کي هاڻي يقيني سمجهيو، سي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ ڪپڙن ۾ نٿي ماپيا. پر جڏهن هنن مون کي انهن ماڻهن کي خطاب ڪندو ڏٺو، جو سندن خيال موجب منهنجي خدمت ڪرڻ آيا هئا، تڏهن جلدي غير فريب خورده ٿي پيا.

مون واڪو ڪري چيو، "دوستو، ڇا هي ئي طريقو آهي، جنهن ۾ توهين مون کي پيار ڪريو ٿا! هيءَ ئي نمونو آهي، جنهن ۾ توهين منهنجي انهن هدايتن تي عمل ڪريو ٿا، جي مون اوهان کي منبر تان ڏنيون آهن! هن نموني انصاف جي سامهون اچڻ، ۽ منهنجي لاءِ پنهنجي تباهي آڻڻ! اوهان جو سردار ڪهڙو آهي؟ مون کي اهو ماڻهو ڏيکاريو، جنهن اوهان کي هن ڪم لاءِ پڙڪايو آهي. يقيناً هن مون کي ناراض ڪيو آهي. افسوس! منهنجا پيارا ٻليل دوستو، واپس موٽو، ۽ اهي فرض وجي پورا ڪريو، جيڪي اوهان کي

خدا جا، منهنجا ۽ وطن جا ادا ڪرڻا آهن. مون کي اميد آهي تہ ڪن ڏينهن آءٌ توهان کي گهٽيءَ سعادت ۾ ڏسندس. ۽ اوهان جي زندگين کي خوشحال بنائڻ ۾ اوهان جي مدد ڪندس. پر جڏهن آءٌ هن فاني دنيا مان لاڏاڻو ڪندس. تڏهن پلي تہ گهٽ ۾ گهٽ اها منهنجي لاءِ تسلي ٿئي تہ جيڪي هتي موجود آهن انهن مان ڪوبہ غائب نہ هوندو. منهنجيءَ هدايت کان پوءِ اهي سڀ پڇتاءُ ڪندڙ ڏسڻ ۾ آيا. ۽ هڪ ٻئي پنيان ڳوڙها ڳاڙيندي، مون کان موڪلائڻ آيا. مون هرهڪ کي نرمي سان هٿ ڏنو. ۽ کين پنهنجي دعا سان ڇڏي، پوءِ ٻيءَ ڪنهن رڪاوٽ جي پيش نہ اچڻ سبب اڳتي وڌياسين. رات پوڻ کان ٿورو اڳ، اسين هڪ ڳوٺ مثل شهر ۾ پهتاسون. جو تہ اتي صرف چند غريباڻا گهر هئا. ان شهر پنهنجي سموري شاهوڪاري ۽ جيل کان سواءِ ٻيا پنهنجي قديم فوقيت جا جملي آثار وڃائي ڇڏيا هئا.

ڳوٺ ۾ داخل ٿيڻ تي اسين اچي هڪ سراءِ ۾ ٽڪياسين. جتي اسان کي ناشتي لاءِ اهي شيون مليون. جي تمام تڪڙ ۾ حاصل ٿي ٿي سگهيون. مون پنهنجي ڪٽنب سان گڏ دستوري نموني خوشي سان رات جي ماني کاڌي، ۽ ان رات لاءِ کين چڱيءَ طرح جاءِ گزين ڪري، پوءِ آءٌ جيل ڏانهن ويس، ۽ عدالتي آفيسرن وٽ حاضر ٿيس. اهو جيل تازو جنگي سببن ڪري اڏايو ويو هو. منجهس هڪ وڏو صحنو مضبوط پڄري ۽ فرش سان هو. اهو صحنو سيني بدمعاش ڏوهارين ۽ مقروض قيدين لاءِ چوويهن ڪلاڪن مان فقط چند ڪلاڪ لاءِ عام هو. هر ڪنهن قيديءَ کي جدا جدا ڪوٺي مليل هئي، جتي هو رات جو بند ڪيو ويندو هو.

اندر داخل ٿيڻ تي مون آهہ و فغان ۽ پريشانيءَ جي شور و غل کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڏسڻ جي اميد نٿي ڪئي. پر هي هڪ مختلف نموني جو جيل هو. سڀ قيدي خيال کي خوشيءَ يا تڪرار ۾ وسارڻ جي ساڳئي هڪ تجويز ۾ مڪمل مشغول ڏٺم. مون کي گهربل دستوري لاڳ کان آگاهہ ڪيو ويو، ۽ يڪدم ان جي ادائگي ڪيم. جيڪا پوري سوري رقم جو نوٽ هئي، سا يڪدم شراب آڻڻ لاءِ موڪلي ويئي، ۽ سارو جيل جلد گوڙ، کِلَ ۽ بيهودگيءَ جي آوازن سان گونججي ويو.

مون واڪو ڪري چيو، "اهڙا مجرم انسان ڪيئن خوش هوندا، ۽ آءُ غمگين هوندس! آءُ هنن لاءِ پڻ ساڳيو ئي بنديخانو محسوس ڪريان ٿو، ۽ سمجهان ٿو تہ مون کي تہ پاڻ خوش ٿيڻ جو وڏيڪ سبب آهي".

اهڙن خيالن سان مون پنهنجي دل خوش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي، پر خوشي ڪوشش سان حاصل ٿي نٿي سگهي. ڪوشش تہ پاڻ ايذاءُ ڏيندڙ عمل آهي. تنهنڪري جيئن آءُ جيل جي هڪ ڪُنڊ ۾ موڙهو سوڙهو ويٺو هوس، تيئن منهنجي قيدي پاين مان هڪ وڏي آيو، ۽ پر ۾ ويهي گفتگو شروع ڪيائين. اهو منهنجو زندگيءَ پر پڪو اصول هو، تہ ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي گفتگو، جا هو مون سان ڪرڻ چاهيندو هو، تنهن جي ٻڌڻ کان مان نٽائيندو نہ هوس. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اها چڱي هجي، تہ آءُ سندس هدايتن مان فائدو پرايان، ۽ جي خراب تہ پلي اڳلو منهنجيءَ مدد حاصل ڪري. مون ڪيس زماني جو تجربيڪار ۽ ڇاڻو ماڻهو سمجهيو، پر ڪيس صرف انساني فطرف جي غلط پهلوءَ جي ڄاڻ هئي. هن پڇيو، تہ آيا مون پنهنجي لاءِ بستري مهيا ڪرڻ جي خبرداري رکي آهي. سچ تہ اها هڪ اهڙي ڳالهہ هئي، جنهن ڏانهن مون اصل هڪ دفعو بہ ڌيان نہ ڏنو هو.

هن چيو، "اها هڪ وڏي غلطي ڪئي اٿئي، ڇاڪاڻ تہ توکي هتي ڪَکن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ ملندو، ۽ تنهنجي ڪوٺي وڏي ۽ ٿڌي آهي. تنهن هوندي بہ تون هڪ شريف ماڻهو ٿو ڏسڻ ۾ اچين، ۽ جيئن تہ مان پاڻ بہ ڪنهن وقت اهڙو شريف انسان هوس، انهيءَ ڪري پنهنجي بستري جي ڪپڙن جو اڌ توهان جيءَ خدمت ۾ حاضر ڪريان ٿو."

جيل جي چوڌاري اندر اهڙين مصيبتن ۾ وڪوڙيل هئڻ وقت اهڙيءَ رحمدليءَ جي هلت ڏسي مون کي حيرت لڳي. مون سندس شڪريو بجا آندو، ۽ ڪيس ائين ڏيکارڻ لاءِ تہ آءُ هڪ عالم آهيان، مون چيو، "ڏسجي ٿو تہ جهوني زماني جي ان بزرگ کي مصيبت ۾ رفيق جو قدر هو، جنهن چيو آهي تہ، اڪيلو نہ روئندو سونهين نہ پٽيندو". مون سلسلۂ ڪلام جاري رکندي چيو، "سچ پچ اُن دنيا ۾ ڇا رکيو آهي، جا صرف خلوت ڏئي سگهي ٿي؟"

منهنجي قيدي پائيءَ جواب ڏنو، "سائين تون دنيا جي ڳالهہ ٿو ڪرين، دنيا پنهنجي موهہ ۾ آهي، تنهن هوندي بہ پيدائش جي علم ۽ دنيا جي خلقت

هر ڪنهن زماني جي حڪيمن ڪي منجهائي وڌو آهي. دنيا جي حڪيمن ڪهڙو راين جو منجهيل ميڙ دنيا جي خلقت تي نہ ڇيڙيو آهي؟ "سئنچونيشن"، "مئنيثي" "بيروس"، ۽ "آسيلوس ليوڪانوس" سڀني ان تي اجايون ڪوششون ڪيون آهن. انهن مان پوئين جا هي لفظ آهن تہ "Anarchon arakai atehitation" جنهن جو مطلب آهي. مون چيو، "سائين، آئون اهڙيءَ عالمانہ گفتگو جي وچ ۾ رڪاوٽ وجهڻ جي معافي ٿو گهران، پر سمجهان ٿو، تہ هي جيڪي اوهين چئي رهيا آهيو، سو سڀ مون اڳ بہ ڪڏهن پڙهيو آهي. ڇا مون هڪ دفعو "ويلبرج" ميلي تي اوهان کي ڏسڻ جي مسرت نصيب نہ ٿي هئي؟ ۽ اوهان جو نالو "ايفريم جينڪنسن" نہ آهي؟" منهنجي هن سوال پڇڻ تي هن ٿڌو ساهہ کنيو، ۽ مون وري پنهنجي سوال کي دهرائي چيو، "آءٌ سمجهان ٿو، تہ توهين ضرور ان "ڊاڪٽر پرمروز" کي ياد ڪندا هوندا، جنهن کان توهان هڪ گهوڙو خريد ڪيو هو".

هن يڪدم مون کي سڃاتو، ڇاڪاڻ تہ جاءِ جي اونداهيءَ ۽ رات جي ويجهڙائي ڪيس ان کان اڳ منهنجي شڪل شبيهہ کي سڃاڻڻ کان روڪي ڇڏيو هو. "مسٽر جينڪنسن" جواب ڏنو، "هائو سائين، آءٌ توهان کي تمام چڱيءَ طرح سڃاڻان ٿو. مون اوهان کان گهوڙو خريد ڪيو، پر ان جي رقم ڏيڻ وسري ويم. توهان جو پاڙيسري "فلمبرو" هڪڙو ئي فريادي آهي، جنهن کان آءٌ ڪنهن بہ نموني عدالت جي وقت نهايت خائف آهيان، ڇاڪاڻ تہ هو منهنجي خلاف قسم کڻڻ لاءِ تيار آهي، تہ آءٌ جعلي سڪا ناهيندڙ آهيان. سائين، مون کي افسوس آهي، جو مون اوهان کي يا سچ پچ تہ ٻئي ڪنهن کي ٺڳيو آهي". هن سلسلہءِ ڪلام جاري رکندي ۽ پنهنجيون بيڙيون ۽ هٿ ڪڙيون ڏيکاريندي چيو، "ڇاڪاڻ تہ توهين ڏسو ٿا تہ منهنجي حرفتن مون کي ڪيستائين رسايو آهي".

مون جواب ڏنو، "چڱو سائين، جڏهن توهين ڪنهن بہ عيوضي جي اميد ڪري نٿي سگهيا تڏهن اوهان جيڪا منهنجي مدد ڪئي آهي، ان جو مڪافات "مسٽر فلمبرو" جي شاهديءَ کي نرم ڪرڻ يا اصل مڪمل طور دبائڻ سان ڪئي ويندي. انهيءَ مقصد سان آءٌ پنهنجي پٽ کي جلد ڏانهس موڪليندس. مون کي خاطري آهي تہ هو منهنجو عرض قبول ڪندو، ۽ منهنجي شاهديءَ بنسبت توکي ڪنهن بہ قسم جي ڳڻتي ڪرڻ نہ گهرجي.

هن چيو، ”چڱو سائين! جيڪو بہ عيوض آءٌ حاصل ڪري سگھندس، سو سمورو اوهان جو ٿي ٿيندو. اڄ رات منهنجي بستري جا اڌ ڪان بہ وڌيڪ ڪپڙا اوهان کي ڏنا ويندا، ۽ آءٌ جيل ۾ اوهان جو دوست ٿي رهندس. جتي سمجهان ٿو تہ منهنجو ڪجھہ اثر آهي“.

مون سندس ٿورو مڃيو، ۽ سندس ظاهري شڪل ۾ موجوده جوانيءَ واري تبديليءَ تي عجب کائڻ کان رهي نہ سگھيس. ڇاڪاڻ تہ جنهن وقت اڳي مون ڪيس ڏٺو هو، تنهن وقت هو گھٽ ۾ گھٽ سٺ سالن جو ٻڍو ٿي نظر آيو. هن جواب ڏنو، ”سائين توهين دنيا کان غير واقف آهيو. مون کي ان وقت جڙتو وار هئا. مون سترنهن ورهين کان وني ستر سالن تائين جڙتو ٻمار نيائڻ جو فن حاصل ڪيو آهي. سائين، افسوس مون جيڪي تڪليفون بدمعاش ٿيڻ لاءِ ورتيون آهن، انهن جو صرف اڌ جيڪڏهن واپار ۾ لڳايان ها، تہ هوند هن وقت شاهوڪار ماڻهو هجان ها. جيتوڻيڪ آءٌ بدمعاش آهيان، مگر تنهن هوندي بہ آءٌ اوهان جو شايد ان وقت سچو دوست ٿي سگھان، جڏهن اوهان کي ان جي ڪابہ اميد ڪانہ هوندي.

ان وقت اسين جيلر جي انهن نوڪرن جي اچڻ تي وڌيڪ گفتگو کان روڪجي وياسون، جي قيدين جا نالا پڪارڻ لڳا ۽ ڪين رات لاءِ مقفل ڪرڻ آيا هئا. هڪ ماڻهو جو منهنجي سُمهڻ لاءِ سُڪل گاهہ جو گَڏو کڻي آيو، سو مون کي هڪ اونداهي سوڙهي رستي کان وني هڪ ڪوٺيءَ ۾ آيو، جنهن کي عام رواجي جيل وانگر فرش لڳل هو. مون ان جي هڪ ڪُنڊ ۾ پنهنجو بسترو ۽ پنهنجي دوست قيديءَ کا مليل ڪپڙا وڇايا. ان بعد ان لحاظ پري ماڻهوءَ مون کي رات جو سلام ڪيو ۽ موڪلايو. آءٌ پنهنجي دستوري مراقبي ۽ خدا جي حَمد و ثنا کان پوءِ ليٽي پيس، ۽ تمام گھڻيءَ راحت سان صبح تائين آرام ڪيم.

★

# باب چويهون

## جيل ۾ هڪ سڏارو

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير مون کي پنهنجي ڪٽنب جي انهن ياتين جاڳايو، جن کي مون پنهنجي بستري جي چوڌاري ڳوڙها ڳاڙيندو ڏٺو. ڏسجي ٿو ته اسان جي چوڌاري هر ڪنهن شيءِ جي ڀيانڪ وحشت کين ڏيڇاريو هو. مون ڌيرج سان سندن غم کي گھٽايو، ۽ کين خاطري ڏني، ته مون ڪڏهن به ان وقت کان وڌيڪ راحت سان سُمهي ننڊ نه ڪئي. ان بعد پنهنجي وڏيءَ ڌيءَ بابت پڇا ڳاڇا ڪيم، جا ساڻن نه هئي. انهن مون کي آگاهه ڪيو، ته اڳئين ڏينهن جي تڪليف ۽ تڪ سندس تپ کي وڌايو هو، ۽ کيس پوئتي ڇڏڻ مناسب سمجھيو ويو. مون کي ٻي تشويش ڪٽنب جي رهائش لاءِ جيل جي ويجھڙائيءَ ۾ هڪ يا ٻن ڪوٺين هٿ ڪرڻ لاءِ پنهنجي پٽ جي موڪلڻ متعلق هئي. هن حڪم جي بجاآوري ڪئي، پر صرف هڪ ڪوٺي هٿ ڪري سگھيو. جيئن ته جيلر نوازش ڪري کيس اجازت ڏني ته پلي هو ۽ سندس ٻه ننڍا ڀائر مون سان گڏ جيل ۾ سمهن، تنهنڪري اها ڪوٺي سندس ماءُ ۽ ڀينرن لاءِ ٿوري خرچ سان مسواڙ تي ورتي ويئي. اجازت ملڻ بعد سندن لاءِ هڪ ڪنڊ ۾ سهولت وارو بسترو تيار ڪيو ويو. تنهن هوندي به مون ڀهريائين ڪائنس پڇڻ چاهيو ٿي ته آيا، منهنجا ننڍڙا ٻار ان جاءِ ۾ رهڻ پسند ڪندا، جا اندر داخل ٿيڻ وقت خوف واري معلوم ٿئي ٿي.

انهيءَ دريافت تي "ڊڪ" جواب ڏنو، "نه بابا، ڪنهن به جاءِ تي جتي توهين آهيو، اتي آءٌ سمهڻ کان پوءِ ڪونه ٿو ڪريان".

"بل" جو اجا صرف چئن سالن جو هو، تنهن چيو، "آءٌ ان سيڪنهن جاءِ کي تمام گھڻو پسند ٿو ڪريان، جنهن ۾ منهنجو پيءُ آهي".

ان ڪان پوءِ مون ڪٽنب جي هرهڪ ڀاتيءَ کي سندن ڪم ورچي ڏنو. منهنجي ڌيءَ کي خاص طرح سان پنهنجيءَ ڀيڻ جي پوئتي پوندڙ صحت جي سنڀال ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي. منهنجي زال کي منهنجي خدمت ڪرڻي هئي ۽ منهنجن ننڍڙن کي مون کي پڙهي ٻڌائڻو هو. مون پنهنجي ڪلام جو سلسلو جاري رکندي چيو، "منهنجا پٽ، جيتري قدر تنهنجو سوال آهي، اهو تنهنجي

هٿن جو ئي پورهيو آهي، جنهن تي اسان سيني کي گذران ڪرڻ جي خاطريءَ واري اميد آهي. تنهنجي روزمره جي مزدوري اسان سيني جي پرورش ڪرڻ ۽ پڻ سهنج سان گذارڻ لاءِ تمام ڪافي ٿيندي. تون هاڻي سورنهن سالن جو آهين ۽ توکي طاقت آهي جا توکي تمام ڪارائتن ڪمن لاءِ عنايت ڪئي ويئي آهي، انهيءَ لاءِ تہ اها ضرور تنهنجي والدين ۽ ڪٽنب کي ڏڪار کان بچائي. تنهنڪري اڄ شام جو سياڻي لاءِ ڪم ڳولي لهڻ جي تياري ڪر، ۽ جيڪي پئسا ڪمائين سي هر رات پنهنجي پرورش لاءِ گهر آڻيندو ڪج".

هن کي ائين سمجهائي ۽ ٻين کي جائيتو ڪري، آءٌ عام جيل ڏانهن ويس، جتي آءٌ وڌيڪ هوا ۽ خلاصيءَ جڳهہ جو لطف ماڻي ٿي سگهيس. اجا آءٌ اتي گهڻو وقت ترسيس ئي ڪين تہ لعنت، بداخلاقيءَ ۽ وحشت سيني طرفن کان مون تي حملا ڪيا، ۽ مون کي هڪالي پنهنجيءَ ڪوٺيءَ ڏانهن موڪليو ويو. اتي آءٌ ڪجهہ وقت لاءِ انهن نامرادن جي عجيب ناداniءَ تي غور ڪندو رهيس، جي سڀيءَ انسانذات کي پنهنجي برخلاف دشمن ڏسندي بہ پاڻمرادو ان کي مستقبل لاءِ تمام زوردار دشمن بنائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا هئا.

انهن جي بيحسيءَ منهنجي قياس کي اُياريو، ۽ منهنجيءَ دل جي بي آراميءَ کي ميٺي ڇڏيو. ڪين سڌارڻ جي ڪوشش ڪرڻ منهنجي لاءِ مورڳو هڪ لازمي فرض ٿي پيئي. مون انهيءَ ڪري هڪ دفعو وري واپس وڃڻ، ۽ سندن نفرت جي باوجود ڪين پنهنجي صلاح ڏيڻ سان انهن تي فتح ڪرڻ جو ارادو ڪيو. تنهنڪري آءٌ وري بہ وٽن ويس، ۽ مون "مسٽر جينڪنسن" کي پنهنجي ارادي کان واقف ڪيو، جنهن تي هو دل کولي کليو. هن اهو احوال پنهنجي سيني قيد ياين کي ٻڌايو، هنن منهنجي رٿ کي پنهنجي وندر جو هڪ نئون ذريعو سمجهيو، ۽ خوشيءَ سان ان جو استقبال ڪيائون.

ان مقصد کي ڪامياب بنائڻ لاءِ مون ڪين عبادت جي ڪتاب مان هڪ ٽڪرو بلند ۽ سياويڪ آواز سان پڙهي ٻڌايو، ۽ پنهنجن ٻڌندڙن کي انهيءَ موقعي تي مڪمل طرح خوش ڏٺم. بداخلاقي، پڻ پڻ، ٽوڪائتي نموني ۾ پشيمانيءَ (ڪنجهڪار)، اکين جي اشارن ۽ واري سان کنگهہ - کل کي اوپاريو. پر آءٌ پنهنجي فطري سنجيدگيءَ سان پڙهندو رهيس. مون خيال ڪيو تہ جيڪي آءٌ ڪري رهيو آهيان سو شايد ڪنهن نہ ڪنهن کي سڌاري وجهي.

دعائن پڙهڻ کان پوءِ آءٌ پنهنجيءَ نيڪ صلاح ڏيڻ تي شروع ٿي ويس، جا ڀِريائين ڇينڻ جي بدران خوش ڪرڻ سان سهڻي نموني اختيار ڪئي ويئي هئي. مون اڳيئي چيو آهي، ته سندن ڀِلاٽيءَ کان سواءِ ٻئي ڪنهن به مقصد مون کي ان ڪم لاءِ آماده نه ڪيو هو، ڇو ته آءٌ پڻ سندن قيد ڀائي هوس، ۽ وعظ ڪرڻ سان ڪجهه به حاصل ڪري نٿي سگهيس. ڪين اهڙو گهٽو ناپاڪ ڏسي مون کي نهايت گهٽو ارمان ٿيو. ڇاڪاڻ ته هنن ان مان ڪجهه به حاصل نٿي ڪيو. مگر گهٽو ئي ڪجهه (شايد) وڃائي ويٺا هجن. مون چيو، "منهنجا دوستو، ان لاءِ خاطري ڪريو، ڇاڪاڻ ته ڪيتري قدر به دنيا توهان جي دوستيءَ تان هٿ کڻي، ته به توهين منهنجا دوست آهيو. جيتوڻيڪ توهين کڻي ٻارنهن هزار قَسَم هڪ ڏينهن ۾ کڻو، مگر ان ڪري اوهان کي ڪجهه به پلئه نه پوندو. جڏهن اوهان کي خبر آهي ته شيطان کهڙيءَ نه ڪميڻپ جي نموني اوهان سان سلوڪ ڪري ٿو، ته پوءِ اوهان جي سيڪنهن ساعت ۾ ان سان ملاقات ۽ ساڻس دوستي کهڙي معنيٰ رکي ٿي. توهان ڏسو ٿا، ته هن اوهان کي هتي سواءِ قَسَمَنِ جي گرنهه ۽ خالي پيٽ جي ٻيو ڪجهه به نه ڏنو آهي. ۽ بهترين مثالن سان، جي هن جا مون وٽ موجود آهن. (آءٌ اوهان کي خاطري ڏيان ٿو) ته هيءَ اوهان کي هن کان پوءِ به اهو ڪجهه به نه ڏيندو. جو ڇڱو هجي.

جيڪڏهن اسان جي ڪاروبار ۾ ڪوبہ اسان سان سنو برتاءُ نٿو ڪري، ته اسين ازخود ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي وڃون ٿا. ڇا اهو اوهان لاءِ فائديمند نه ٿيندو، ته توهين پڻ ٻيو مالڪ ، جو اوهان کي ڪم از ڪم پاڻ وٽ اچڻ لاءِ دلپسند وعدا ٿو ڪري، ان جو به آزمودو ڪريو، ته توهين ڪيتري قدر سندس دستور پسند ٿا ڪريو؟

منهنجا دوستو، يقيناً دنيا ۾ وڏي ۾ وڏي بيوقوفي ضرور ان شخص جي ٿيندي، جيڪو ٻئي جي گهر لٽڻ کان پوءِ چور ڳولينڊڙ وٽ پناهه لاءِ ڊوڙي ٿو. توهين ڪيئن وڏيڪ سياڻا آهيو؟ جڏهن توهين سيئي انهن چور جهلينڊڙن مان ڪنهن به هڪ کان وڌيڪ زبردست بدخواه هستيءَ کي پنهنجي تسليءَ لاءِ عرض ڪري رهيا آهيو، جنهن اوهان سان اڳيئي ڊوه ڪيو آهي. چور جهلينڊڙ ته صرف دلٻو ڏين ٿا ۽ پوءِ توهان کي ڦاسائين ٿا. پر هيءَ ڊوه ڪري ٿو، ۽ تنگي ڇڏي ٿو. ياد رکو ته اهو جيڪو خراب ۾ خراب هوندو، سو توهان کي ڦاسيءَ ڏيڻ کان پوءِ به آزاد نه ڇڏيندو".

جڏهن مون پنهنجو وعظ ختم ڪيو، تڏهن مون کي پنهنجي ساٿين کان آفرينون مليون. منجهانئن ڪي آيا ۽ قسم کڻندي مون کي هڪ ايماندار ماڻهو تسليم ڪيائون. هنن منهنجي وڌيڪ واقفيت جي طلب ڪئي، ۽ منهنجو هٿ وني مرحبا ڪئي. تنهنڪري مون وري ٻئي ڏينهن پنهنجيءَ تقرير کي دهرائڻ جو وعدو ڪيو. مون اتي سڌاري آڻڻ جون ڪجهہ اميدون دل ۾ ڌريون، ڇاڪاڻ تہ منهنجو هميشه اهو اندازو رهندو هو، تہ ڪوبہ ماڻهو درستيءَ جي گهڙيءَ کان متي چڙهي ويل نہ آهي. صرف جيڪڏهن تير انداز پورو نشان وني سگهي، تہ هرڪا دل عتاب جي تير اڳيان کلي پيئي آهي. جڏهن مون اهڙيءَ طرح پنهنجي دل کي مطمئن ڪيو، تڏهن موٽي پنهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن واپس آيس، جتي منهنجي زال هڪ ڪفايتي خرچ واري ماني تيار ڪئي هئي. انهيءَ وقت "مسٽر جينڪنسن" اسان جي مانيءَ سان پنهنجي ماني گڏڻ، ۽ منهنجي گفتگو ٻڌڻ مان خوشي حاصل ڪرڻ جي طلب ڪئي. هن منهنجي ڪٽنب وارن کي اجا تائين نہ ڏٺو هو، ڇاڪاڻ تہ اهي منهنجي ڪوٺيءَ ۾ ان سوڙهي رستي واري دروازي کان ايندا هئا، جنهن جو احوال اڳي ڪيو ويو آهي، ۽ انهي طريقي عام جيل کان پاسو ڪندا هئا. هن پهرئينءَ ملاقات تي مون ڏٺو، تہ منهنجي ننڍي ڌيءَ جي حسن، جنهن کي سندس غمناڪ چهري دوبالا ڪري ڇڏيو هو، "مسٽر جينڪنسن" کي ڪا ٿوري چوٽ نہ هنئي، ۽ هن منهنجن ننڍڙن کي پڻ گهٽي توجهہ سان ڏٺو.

هن چيو، "ڊاڪٽر، هي ٻار اهڙا تہ حسين ۽ نيڪ آهن، جو هيءَ جڳهہ سندن لائق تي نٿي سگهي".

مون جواب ڏنو، "چو، "مسٽر جينڪنسن" خدا جو شڪر آهي، جو منهجا ٻار اخلاق ۾ گهڻو موچارا آهن، ان سان گڏ جيڪڏهن نيڪ تي پون، تہ پوءِ باقي ڪهڙي پرواهہ آهي؟"

منهنجي قيد ياڻيءَ جواب ڏنو، "آءُ ٻانيان تو، تہ تنهنجي چوڏاري هن تنهنجي ننڍڙي ڪٽنب جي موجودگيءَ توکي ضرور تمام گهڻي تسلي ڏني هوندي".

مون جواب ڏنو، "تسلي، "مسٽر جينڪنسن" ها. سچ پچ اها تسلي آهي، ۽ آءٌ سڄيءَ دنيا هوندي بہ هنن کان سواءِ هوند رهي نہ سگهان ها. اهي جيل کي بہ مون لاءِ محلات جهڙو بنائي سگهن ٿا. هن حياتيءَ ۾ منهنجيءَ خوشيءَ کي زخم رسائڻ جو صرف هڪ طريقو آهي، جو آهي انهن کي ڏکوئڻ".

هن چيو، ”سائين آءٌ ڏڃان ٿو، جو آءٌ ڪنهن حد تائين قاصر آهيان. آءٌ سمجهان ٿو، تہ آءٌ هتي هڪ اهو شخص ڏسان ٿو، جنهن ڪي مون ڏکويو آهي، ۽ جنهن کان آءٌ معافيءَ وٺڻ جي خواهش ڪريان ٿو“.

منهنجي پٽ جيتوٽيڪ هن کي اڳي بدليل پوشاڪ ۾ ڏٺو هو، تڏهن بہ هينئر ڪيس يڪدم سندس آواز ۽ مهانڊا ياد آيا. ۽ ڪيس هٿ ڪان جهلي مشڪندي معاف ڪيائين. هن وڌيڪ چيو، ”ان هوندي بہ جيڪي تون منهنجي منهن ۾ فريب جي پوري نشاني سمجهڻ لاءِ ڏسي سگهين، ان تي آءٌ اجا تائين عجب ڪائڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان“.

”جينڪنسن“ چيو، ”سائين منهنجا! اهو تنهنجو چهرو نہ هو، پر توهان جا اڇا موزا ۽ تنهجن وارن واري ڪارِي ربين هئي، جنهن مون کي گمراهہ ڪيو. پر ان ۾ تنهنجي ڪابہ گهٽتائي نہ آهي، مون پنهنجي وقت ۾ توکان وڌيڪ سياڻن ماڻهن کي نڳيو آهي“.

منهنجي پٽ جواب ڏنو، ”آءٌ سمجهان ٿو، تہ تنهنجيءَ حياتيءَ جو احوال ضرور گهڻو نصيحت آميز ۽ دلچسپ هوندو“.

”مسٽر جينڪنسن“ وراڻي ڏني، ”نہ، اهي ماڻهو جي صرف انسانذات جون حرفتون ۽ گناهہ بيان ڪن ٿا، سي حياتيءَ ۾ اسان جي شڪن کي وڌائڻ سان اسان جي ڪاميابيءَ کي پوئتي هٽائين ٿا. اهو مسافر، جو هر ڪنهن ان ماڻهوءَ تي شڪ آڻي ٿو، جو ڪيس گڏجي ٿو ۽ هر ڪنهن ان ماڻهوءَ کان منهن موڙي ٿو، جو ڪيس ڏسڻ ۾ ڦورو اچي ٿو، سو پنهنجيءَ مسافريءَ جي منزل تي ڪڏهن بہ پوري وقت تي نٿو پهچي سگهي.

سچ پچ تہ، آءٌ پنهنجي تجربي مان سمجهان ٿو، تہ اهو ماڻهو جو پاڻ کي ڪجهہ سمجهي ٿو، سو هن چمڪندڙ سچ جي هينيان وڏي ۾ وڏو بيوقوف ماڻهو آهي. آءٌ پنهنجي ٻاروتڻ کان وٺي اٽڪلي سمجهيو ويندو هوس، جڏهن ستن سالن جو ٿيس، تڏهن عورتون چونديون هيون، تہ آءٌ مڪمل طرح ننڍو مرد هوس، چوڏهن ورهين جي عمر ۾ مون دنيا کي سمجهيو، پنهنجي ٽوپلي کي هڪ پاسي تي رکيم، ۽ عورتن کي پيار ڪيم. ويهن ورهين جي عمر ۾، جيتوڻيڪ آءٌ مڪمل طرح ايماندار هوس، تنهن هوندي بہ سيڪنهن ماڻهوءَ مون کي اهڙو تہ اٽڪلي سمجهيو، جو هڪ بہ مون تي اعتبار نہ ڪندو هو. اهڙيءَ

طرح آخر آءُ پنهنجي بچاءَ ۾ دغاباز ثيڻ تي مجبور ٿي پيس، ۽ ان وقت کان وٺي منهنجو ذهن نڳڻ جي تجويزن سوچڻ ۾ مشغول رهيو آهي، ۽ منهنجي دل ظاهر ٿيڻ جي خوفن کان ڌڪ ڌڪ ڪري رهي آهي. آءُ اڪثر تنهنجي ايماندار ۽ ساده دل پاڙيسريءَ ”فلمبرو“ تي ڪلندو هوس، ۽ گهٽو ڪري هر سال هڪ دفعو هڪ نه ٻئي نموني کيس نڳيندو هوس. تنهن هوندي به اهو ايماندار ماڻهو وڏيڪ ترقي ڪندو ويو، ۽ شاهوڪار ٿي پيو، مگر مون اجا تائين پنهنجي نڳي، دغابازي ۽ چالاڪيءَ کي قائم رکيو. ايماندار هئڻ جي تسلي نه هئڻ سبب، غريب آهيان“. هن پنهنجو سلسلۂ ڪلام جاري رکندي چيو، ”مون کي پنهنجي حال جي خبر ڏيو، ته ڪهڙي ماجرا اوهان کي هتي آندو آهي. جيتوڻيڪ مون کي اهڙو هنر نه آهي، جو آءُ پاڻ کي جيل کان بچائي سگهان، مگر شايد آءُ پنهنجن دوستن کي ڇڏائي سگهان“.

مون سندس انتظار کي ڏسي، کيس انهن سيني واقعن کان واقف ڪيو، جن مون کي موجوده تڪليفن ۾ آندو هو. ۽ کيس پنهنجي آزاد ٿيڻ جي مڪمل لاچاريءَ کان آگاهه ڪيو.

منهنجي ڳالهه ٻڌڻ ۽ ڪجهه منٽن لاءِ ويچار ڪرڻ کان پوءِ هن پنهنجي پيشانيءَ تي اهڙيءَ طرح ڌڪ هنيو، جو ڄڻ ته ڪا فائدي واري تجويز سوچي هئائين، ۽ ائين چوندي موڪل ورتائين ته، ”جيڪا ڪوشش مون کان ٿي سگهندي، سا آءُ ڪندس“.

★

# باب ستاويهون

## ساڳيو مضمون هلندڙ

ٻئي ڏينهن صبح جو مون پنهنجيءَ زال ۽ ٻارن کي تجويز ٻڌائي، جا مون قيدين جي سڌارڻ لاءِ رٿي هئي. هنن ان کي ناممڪن ۽ نامناسب بيان ڪندي، ان کي نامنظور ڪيو ۽ چيو، ته منهنجون ڪوششون ڪنهن به طرح سندن اصلاح ۾ ڪم نه ڪنديون، پر وڏو امڪان آهي، ته شايد اهي منهنجن مذهبي فرضن جي بي حرمتي ڪن.

مون وراڻي ڏني، ”مون کي معاف ڪريو. اهي ڪيتري قدر به ڪٽي پَسِتِ پيل آهن، مگر هو اجا تائين مرد آهن، ۽ اهوئي منهنجن انهن پيارن تي سٺي ۾ سٺو لقب آهي. رد ٿيل سٺي صلاح ڏيندڙ جي دل کي وڌيڪ مالا مال ڪرڻ لاءِ موٽي ٿي، ۽ جيتوڻيڪ اها هدايت، جا آءٌ کين ڏيان ٿو، سا انهن کي ڪٽي درست نه به ڪري، تڏهن به اها يقيناً مون کي درست ڪندي. جيڪڏهن اهي منهنجا ڪم نصيب ٻچا، شهزادا هجن ها، ته جيڪر هزارين ماڻهو انهن جي مذهبي رهنما ٿيڻ لاءِ تيار ٿين ها. مگر منهنجيءَ راءِ مطابق اها دل، جا تُرم ۾ دفن ٿيل آهي، سا اهڙي ئي بي بها آهي، جهڙي تخت تي براجمان ٿيل. هائو، منهنجا پيارا، جيڪڏهن انهن سڀني کي درست ڪري سگهيس ته ڪندس، شايد اهي سڀيئي مون کي نه ڌڪارين. ممڪن آهي، ته آءٌ ان گرداب مان صرف ڪنهن هڪ کي جهلي سگهان، ۽ اهو هڪ وڏو فائدو ٿيندو. ڇاڪاڻ ته، ڌرتيءَ تي اهڙو ڪو هڪ هيرو آهي، جو اهڙو املهه هجي، جهڙو انسانذات جو روح؟“

ائين چوندي مون کين ڇڏيو، ۽ عام جيل ڏانهن ويس. اتي مون قيدين کي ڏاڍو خوش ۽ منهنجيءَ تشريف آوريءَ لاءِ منتظر ڏٺو. هرهڪ ڊاڪٽر جي مٿان ٺنوليءَ ڪرڻ لاءِ ڪنهن نه ڪنهن حرفت سان تيار هو. اهڙيءَ طرح، جڏهن، آءٌ وعظ شروع ڪري رهيو هوس، تڏهن هڪ منهنجي جڙتو وارن کي آڏو ڦيرايو، ڇڻ ته اتفاق سان، ۽ پوءِ معافي گهريائين، ۽ ٻيو ڪجهه مفاصلي تي بيٺو هو، ۽ ڪيس ڏندن وچان ٿُڪڻ جو هنر هو. تنهن اهڙيءَ طرح ٿُڪَ اڇلي، جو اها منهنجي ڪتاب تي اچي ڪري، ٽيون (آمين) اهڙي اثرائتي نموني ۾ چوڻ لڳو، جو گويا ٻين کي گهڻو خوش ٿي ڪيائين. چوٿين منهنجي ڪيسي

مان لڪائي عينڪ ڪڍي ورتي. پر اتي ٻيو هڪڙو بينل هو. جنهن جيءَ حرفت سيني کي ٻين کان وڌيڪ خوشي ٿي ڏني. چاڪاڻ تہ جنهن طريقي ۾ مون ڪتاب ميز تي رکياهئا سو نمونو ڏسي، هن نهايت چالاڪيءَ سان هڪڙو ڪتاب ڪٽي ورتو، ۽ ان جي جاءِ تي هڪڙو پنهنجو فاحش ڇرچن جو ڪتاب رکي ڇڏيو. تنهن هوندي بہ هي حرڪتي خسيس ماڻهن جو ٽولو جيڪي بہ ڪري سگهيو، تنهن تي مون ڪوبہ ڌيان ڪونہ ڏنو. پر اڳتي هلندو رهيس. چاڪاڻ تہ مون کي خاطري هئي، تہ جيڪي بہ منهنجيءَ ڪوشش ۾ بيهودو هوندو، سو صرف ٿورئين يا ٻئي دفعي خوشي جاڳائيندو. پر جيڪي بہ ضروري هوندو، سو هميشہ لاءِ قائم رهندو. منهنجي تجويز ڪامياب ٿي، ۽ ڇهن ڏينهن کان اڳي کي توبهہ ڪندڙ ۽ ڌيان ڏيندڙ بنجي پيا.

مون هاڻي ڪين آسودي بنائڻ لاءِ ويچار ڪرڻ شروع ڪيو. هن وقت تائين سندن وقت ڏکر ۽ ارزانيءَ، هُل مچائيندڙ فساد ۽ تمام گهٽي پڇتاءُ ۾ ورهايو هو. سندن صرف مشغولي هوندي هئي، پاڻ ۾ جهڳڙو ڪرڻ، بارين واري راند ڪيڏڻ ۽ تماڪ جون ٻنجيون وڃڻ. ان آخري سُستيءَ واري ڌنڌي مان ڪن کي، جن چاهيو ٿي، مون تماڪ وڪڻندڙن ۽ بوٽن ٺاهيندڙن لاءِ ڪاٺ جي گهوڙين ٺاهڻ جي ڪم ۾ لڳائڻ جو سبق ورتو. موزون ڪاٺ عام جي چندي مان خريد ڪيو ويو ۽ جڏهن مال جڙي تيار ٿيو، تڏهن اهڙي نموني وڪيو ويو، جو هرهڪ روزانو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪمايو. اهو اُجورو سچ پچ تہ تمام ٿورو هو، مگر سندن گذر لاءِ ڪافي هو.

مون پنهنجي ڪم کي اتي ختم نہ ڪيو، مگر بداخلاقيءَ جي سزا لاءِ ڏنڊ ۽ خاص هنرن لاءِ انعام جاري ڪيم. اهڙيءَ طرح ٻن هفتن کان گهٽ عرصي ۾ مون ڪين ڪجهہ قدر رَلِٺو مَلِٺو ۽ نرم دل بنايو.

اهو نهايت گهٽي قدر پسنديده ڪم ٿيندو جو قانون جوڙيندڙ طاقت، قانون کي سختيءَ بدران هن نموني سڌاري ڏانهن رجوع ڪري. چاڪاڻ تہ اهو ثابت ٿيل ڏسڻ ۾ ايندو، تہ گناهن کي پاڙون پٽي ڪڍڻ جو ڪم سزائن کي عام ڪرڻ سان نہ، مگر سخت ڪرڻ سان ٿيندو آهي. اسان جا موجوده جيل جي ماڻهن کي گنهگار ڏسن ٿا يا ڪن ٿا، جي ڪمبختن کي هڪ گناهہ جي سلسلي ۾ بند ڪن ٿا، ۽ جيڪڏهن هو جيئرا آهن، تہ ڪين وري هزارين گناهن ڪرڻ لاءِ

تمام لائق بنائي موڪلين ٿا. انهن جي بدران اسان وٽ ”يورپ“ جي بين ملڪن وانگر پڇتاءُ ۽ خلوت جون جايون هٿڻ گهرجن، جتي اهڙا ماڻهو جوابدارن وٽ حاضريءَ ۾ هجن، جي ڪين جيڪڏهن هو ڏوهي هجن، ته توبهه ڪرڻ تي آماده ڪن، ۽ جيڪڏهن معصوم هجن، ته ڪين اخلاق جا نوان مقصد ۽ طريقا سيکارين. هيءَ ئي طريقو رياست کي سڌارڻ جو آهي، مگر سزائن وڌائڻ سان ڪوبه ڪڙ تيل نه نڪرندو. آءٌ مورڳو ان حق جي سچائيءَ تي حجت اٿارڻ کان پاڻ کي روڪي نٿو سگهان، جو سماجي جماعتن خسيس ڏوهن لاءِ موت جي سزائن ڏيڻ ۾ اختيار ڪيو آهي. خون جي مقدمن ۾ سندن حق واجبي آهي، ڇاڪاڻ ته پنهنجي حفاظت جي قانون مطابق، ان ماڻهوءَ کي، جنهن ٻئي جي حياتيءَ ڏانهن بي لحاظي ڏيکاري آهي، قتل ڪرڻ اسان جو فرض آهي. اهڙن جي خلاف سموري خلق دشمن ٿي سگهي ٿي. مگر ان ماڻهوءَ جي خلاف اهڙي سزا واجبي نه آهي، جو منهنجي ملڪيت چورائي ٿو. قدرت جو قانون مون کي سندس حياتيءَ وٺڻ جو حق نٿو ڏئي، ڇاڪاڻ ته ان (قانون) موجب اهو گهوڙو جو هو چورائي ٿو، سو اوترو ئي هن جي ملڪيت آهي، جيترو منهنجي. وحشي، جي صرف قدرت جي قانون جي ئي رهنمائيءَ هيٺ هلن ٿا، اهي هڪ ٻئي جي حياتيءَ بنسبت ڏاڍا حليم آهن. اهي اڳئين ظلم جي بدلي وٺڻ کان سواءِ ورلي ڪا رتو ڇاڻ ڪن ٿا.

اسان جا ”سئڪسن“ ابا ڏاڏا، جيترو لڙائيءَ وقت تمام خوفناڪ هئا، اوترو ئي صُلح جي وقت ڪي ٿوريون قاسيءَ جون سزائون ڏيندا هئا. ۽ اهي سيئي بنيادي حڪومتون جن تي اجا تائين قدرت جو نشان پختو آهي، انهن ۾ ورلي ڪو ڏوهه موت جي سزا لائق نهرايو ويو آهي.

سُڌريل قوم جي شهر واسين وٽ سزا جا قانون، جي شاهوڪارن جي هٿن ۾ آهن، سي غريبن جي مٿان مڙهيا وڃن ٿا. ڏٺو ويو آهي، ته حڪومت جيئن جهوني ٿئي ٿي، تيئن پنهنجي بقا لاءِ وڌيڪ منتظر ٿئي ٿي. جهڙيءَ طرح جيئن اسان جي ملڪيت وڌي ٿي، تيئن اسان کي وڌيڪ پياري ٿئي ٿي. جيئن اسان جي ڌن جو وڌيڪ انداز، تيئن اسان جو خوف به بيحد وڌيڪ. اسان جون سيئي ملڪيتون روزانو نون فرمانن سان محفوظ ڪيون وڃن ٿيون، ۽ هر ڪنهن حملي ڪندڙ کي خوف ڏيارڻ لاءِ اهي ٽِڪٽِڪيُنِ جي وچ ۾ ٽنگيل آهن.

آڇيئي نتو سگهان. تہ آيا اهو اسان جي سزا جي قانونن جي ڪثرت ڪان آهي، يا اسان جي ماڻهن جي عيش سبب، جو اسان جو ملڪ ساليانو اڌ "يورپ" جي گڏيل حڪومتن ڪان بہ زيادہ سزا ڏنل ڏوهي ڏيڪاري ٿو. شايد اهو ٻنهي ڪري آهي. چاڪاڻ تہ اهي ٻئي هڪ ٻئي کي پيدا ڪن ٿا. جڏهن هڪ قوم، سوچ ۽ ويچار ڪان سواءِ جڙيل سزا جي قانون موجب ڏوهہ جي مختلف درجن لاءِ ساڳي سزا مقرر ٿيل ڏسي ٿي، تڏهن سزا ۾ ڪنهن بہ فرق نہ ڏسڻ سبب، ماڻهو ڏوهہ ۾ تفاوت محسوس ڪرڻ جي تميز وڃائي ويهن ٿا، ۽ ڏوهہ ڪرڻ لاءِ راغب ٿين ٿا.

تنهن هوندي بہ ائين هجي، جو گناهن جي سزا ڏيڻ لاءِ نون قاعدن جوڙڻ جي تجويز ڳولي ڪڍڻ بدران، اسان حڪومت جي پابندي وجهندڙ فنن کي آزمايون، ۽ قانون کي ماڻهن جو سنڀاليندڙ نہ ٿي انهن مٿان ظلم ڪندڙ بڻايون. پوءِ اسين ڏسنداسون تہ اهي ماڻهو جن جي روح کي نيچ جهڙو سمجهيو ويجي ٿو، تن کي صرف ڪنهن اصلاح ڪندڙ جي هٿ جي ضرورت آهي. اسين ڏسنداسون تہ اهي مخلوق جي هن وقت عذابن ۾ آهن، انهن سان جيڪڏهن پوريءَ طرح هلت ڪئي وڃي، تہ شايد اهي خوف جي وقت حڪومت کي وڏيڪ طاقتور بڻائڻ جي خدمت ڪن.

★

## باب اٺاويهون

# مرڪ ۽ لڙڪ

آئون هينئر ٻن هفتن کان وڌيڪ قيد ۾ رهيو هوس، پر پنهنجيءَ پياريءَ ڏيءَ جي ملاقات کان محروم رهيو هوس ۽ ڪيس ڏسڻ جي تمام گهڻي خواهش هيم. مون پنهنجي خواهشن کان پنهنجيءَ زال کي آگاهه ڪيو، ۽ ٻئي ڏينهن صبح جو اها غريب ڇوڪريءَ سندس پيڻ جي ٻانهن تي ٽيڪ ڏيندي، منهنجي ڪوٺيءَ ۾ اندر گهڙي. مون جا سندس چهري ۾ تبديلي ڏٺي تنهن مون کي ضرب هنئين، بيشمار زيب زينتون جي ڪنهن وقت اتي جاءِ گزين هيون، سي هاڻي اُداسي ويون هيون، سندس لوَندڙيون اندر پيهي ويون هيون، سندس پيشاني تاڻيل هئي ۽ موت جي پيلاڻ سندس ڳلن تي جاءِ گزين هئي.

مون چيو، ”منهنجي پياري، آءٌ توکي ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو آهيان، پر ”لوي“ اها اُداسائي ڇو؟ منهنجي پياري، مون کي اميد آهي تہ توکي منهنجي لاءِ ايتري گهڻي عزت آهي، جو تون نااميديءَ ڪري هن طرح هڪ ان حياتيءَ کي، جنهن کي آءٌ پنهنجي زندگيءَ جهڙي قيمتي سمجهان ٿو، ناس ڪرڻ جي اجازت نہ ڏيندس. ٻچا خوش خلق ٿيءُ، ڇو تہ اسين اجا بہ شايد وڌيڪ خوشيءَ وارا ڏينهن ڏسون“.

هن وراڻي ڏني، ”توهين هميشہ مون تي مهربان رهيا آهيو ۽ اهو خيال منهنجي درد ۾ وڌيڪ اضافو ڪري ٿو، تہ آءٌ ڪڏهن بہ اها خوشي جنهن جو توهين انجام ڪريو ٿا، ان ۾ شريڪ ٿي نہ سگهندس. مون کي خوف آهي تہ خوشي منهنجي لاءِ ڪوبہ وڌيڪ عرصو محفوظ ٿيل نہ آهي. آءٌ ان جاءِ کان آزاد ٿيڻ چاهيان ٿي، جتي مون صرف بربادي ڏٺي آهي. سچ پچ تہ سائين، آءٌ چاهيان ٿي، تہ توهين ”مسٽر ٿارنهل“ کي پوريءَ طرح پيش پئو. اوهان جو پيش پوڻ شايد ڪجهہ قدر ڪيس اوهان تي رحم ڪرڻ لاءِ آماده ڪري ۽ اهو مون کي مرڻ ۾ آرام ڏيندو.

مون جواب ڏنو، ”ٻچا، ڪڏهن بہ نہ. ڪڏهن بہ آءٌ پنهنجيءَ ڌيءَ کي هڪ بداخلاق عورت قبول نہ ڪندس. ڇاڪاڻ تہ جيتوڻيڪ دنيا پلي تنهنجي گناه کي حقارت سان ڏسي، مگر منهنجو خيال ان کي هڪ ٻي سمجهيءَ جي ۽ نہ گناه

جي نشاني سمجهندو. منهنجي پياري، آءٌ ڪنهن بہ حالت ۾ هن جڳهہ ۾ دکي نہ آهيان، پوءِ پلي اها ڪيتري قدر بہ پيانڪ ڏسڻ ۾ اچي. ۽ خاطري ڪر، جيستائين تون پنهنجي حياتيءَ سان مون تي نوازش ڪرڻ جاري رکنديءَ، تيستائين هو ڪڏهن بہ مون کان بيءَ شاديءَ جي اجازت حاصل ڪري، ان سان توکي وڏيڪ دکي نہ ڪندو.

منهنجي ڏيءَ جي موڪلاڻيءَ بعد پر ۾ وينل منهنجي قيد پائيءَ جنهن مون کي آزاديءَ ڏيارڻ جو وعدو ڪيو هو، منهنجي پيش پوڻ جي انڪار ڪرڻ جي شدت تي ڪافي دلسوزيءَ سان بحث ڪيو. هن چيو، "پنهنجي باقي ڪٽنب جي پاتين ڪي اهڙي اڪيلي پار جي سک خاطر قربان نہ ڪيو وجي، جنهن توهان جي جذبات کي تمام زبردست ضرب هنئي آهي". هن وڏيڪ چيو، "ان سان گڏ آئون نٿو سمجهان، تہ اهڙيءَ طرح زال ۽ مڙس جي اهڙي ميلاپ جي وچ ۾ رنڊڪ وجهڻ ڪو جائز ٿيندو، جنهن کي تون هن وقت هڪ "وهانءُ" جي اجازت ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ سان وڌيڪ پوئتي وجهي نٿو سگهين، پر شايد ناخوشيءَ سان قبول ڪرين".

مون جواب ڏنو، "سائين توهين ان ماڻهوءَ جا واقف نہ آهيو، جو اسان کي ايذائي ٿو. مون کي تمام چڱيءَ طرح معلوم آهي، تہ آءٌ ڪابہ اهڙي تابعداري ڪري نٿو سگهان، جا آزاديءَ جو صرف هڪ ڪلاڪ مون کي ڏيئي سگهي. جيستائين ڪ منهنجي ڏيءَ زنده آهي، تيستائين هن جي بي شادي ڪڏهن بہ منهنجي نظرن ۾ جائز نہ ٿيندي. جيئن تہ هيءُ بدمعاش آهي، تنهنڪري مون کي سندس مستقبل جي مڪاريءَ جي نتيجن کي روڪڻ لاءِ سندس شادي شده هئڻ جي خواهش رکڻ گهرجي. پر آءٌ هاڻ پنهنجي لاءِ صرف قيد کان پاسي ڪرڻ خاطر ان اقرار نامي صحيح ڪرڻ ۾ سيني پيئڻ کان وڏيڪ ظالم نہ ٿيندس چا، جو ضرور پنهنجيءَ ڏيءَ کي قبر ڏانهن روانو ڪندس. چا اهڙي طرح هڪ تڪليف مان آزاد ٿيڻ لاءِ پنهنجي پار جي دل، هڪ هزار دردن سان ٽوڙيان؟"

هن جواب جي معقوليت قبول ڪئي، پر هن چوڻ کان پاسو ڪري ڪين سگهيو، تہ ڪيس خوف هو تہ منهنجي ڏيءَ جي زندگي منهنجي قيد ۾ رهڻ سبب اڳيئي زبون ٿي چڪي هئي. تنهن هوندي بہ، هن وڏيڪ چيو، "جيتوڻيڪ تون پائٽي کي عرض ڪرڻ کان انڪار ڪرين ٿو، مگر مون کي اميد آهي، تہ

توکي سندس چاچي جي اڳيان پنهنجي ڪيس پيش ڪرڻ ۾ ڪو اعتراض نہ آهي، جنهن جو اخلاق هن حڪومت ۾ هر ڪنهن واجبي ۽ چڱي ڪم لاءِ اول درجو رکي ٿو؟ آءٌ توهان کي صلاح ڏيندس، تہ توهين ڏانهس ٽپال رستي خط موڪليو، جنهن ۾ سندس پيائٽي جيڪو بہ اوهان سان خراب برتاءُ ڪيو آهي، ان کان کيس آگاهہ ڪريو، ۽ منهنجي حياتيءَ جو قسم تہ ٿن ڏينهن اندر اوهان کي ان جو جواب ملندو". مون هن جي ڪيل هدايت جو شڪريو ڪيو. يڪدم ان جي بجا آڻڻ لاءِ تيار ٿيس. پر مون کي ڪاغذ گهربو هو، ۽ بد قسمتي سان سمورو اسان جو پيسو ان صبح جو سيڏي ۾ خرچ ٿي ويو هو. انهيءَ ڪري اهو پڻ هن مون کي ميسر ڪري ڏنو.

ايندڙ ٽي ڏينهن آءٌ ان معلوم ڪرڻ لاءِ انتظار ۾ هوس، تہ منهنجي خط جو ڪهڙي نموني خير مقدم ڪيو ويو هوندو. پر انهيءَ عرصي اندر منهنجي زال هتي رهڻ بدران ڪن بہ شرطن تي پيش پوڻ لاءِ بار بار عرض ڪندي رهي، ۽ هر ڪنهن ساعت پنهنجيءَ ڌيءَ جي زوال پذير تندرستيءَ جو احوال پڇڻ لڳو. ٽيون چوٿون ڏينهن آيا، مگر مون کي پنهنجي خط جو ڪوبہ جواب ڪونہ مليو. هڪ دل گهريي پيائٽي جي خلاف هڪ اجنبيءَ جون فريادون ڪنهن بہ صورت ۾ ڪامياب ٿيڻ جوڳيون نہ هيون. انهيءَ ڪري اهي اميدون منهنجن سيني اڳين اميدن وانگر جلدي غائب ٿي ويون. تنهن هوندي بہ منهنجي دل اجا تائين خود پنهنجي حمايت ڪرڻ لڳي. جيتوڻيڪ قيد ۽ خراب هوا منهنجيءَ تندرستيءَ ۾ ظاهر ظهور تبديلي ڪرڻ شروع ڪئي هئي، ۽ منهنجي ٻانهن جا باهہ ۾ سڙي هئي سا وڌيڪ خراب ٿي پيئي هئي، تنهن هوندي بہ منهنجا ٻار منهنجي بستري پرسان ويٺا هوندا هئا، ۽ جنهن وقت آءٌ پنهنجي ڪکن واري بستري تي ليٽيو پيو هوندو هوس، ان وقت واري واري تي مون کي انجيل پڙهي ٻڌائيندا هئا، يا منهنجي هدايتن تي توجهہ ڏيندا روئندا رهندا هئا. مگر منهنجيءَ ڌيءَ جي صحت مون کان وڌيڪ تڪڙي خراب ٿيڻ لڳي. وتانئس ايندڙ هر هڪ پيغام منهنجي انديشي ۽ درد کي وڌايو...... مون "سر وليم ٿارنهل" کي جنهن ڏينهن خط لکيو هو، ان کان پوءِ پنجين ڏينهن صبح جو مون کي هڪ احوال سان خبردار ڪيو ويو، تہ هوءَ ڳالهائي نٿي سگهي. هاڻي ائين ٿيو، جو قيد منهنجي دل لاءِ سچ پچ تہ تڪليف ده ٿي پيو هو. منهنجي دل

پنهنجي بار جي سيرانديءَ هئڻ، ڪيس تسلي ڏيڻ، ڪيس تقويت ڏيڻ، سندس آخري خواهشن ٻڌڻ، ۽ سندس روح کي بهشت ڏانهن وڃڻ جي طريقي سيکارڻ لاءِ پنهنجي قيد خاني مان اُڏَمان ڏيئي ٻاهر نڪرڻ لڳي. ٻيو احوال آيو تہ هوءَ سڪرات ۾ هئي. منهنجو قيد ڀائي ان کان ٿورو وقت پوءِ آخرين احوال سان آيو. هن مون کي صابر ٿيڻ لاءِ چيو، ۽ ٻڌايو تہ هوءَ مري ويئي. ٻئي ڏينهن صبح جو هو واپس آيو، ۽ مون کي پنهنجن ٻن ننڍڙن سان ڏنائين، جي ٿي هاڻي منهنجا فقط ساٿي هئا، ۽ جي پنهنجون جملي معصوم ڪوششون مون کي تسلي ڏيڻ لاءِ خرچ ڪري رهيا هئا. هنن مون کي دعائن پڙهي ٻڌائڻ لاءِ التجائون ڪيون، ۽ مون کي دانهن نہ ڪرڻ لاءِ چيائون. ڇاڪاڻ تہ آءٌ ايترو گهٽو ٻڌو هوس، جو روئي نٿي سگهيس. وڏي پُٽ دانهن ڪري چيو، "بابا، ڇا هاڻي منهنجي پيڻ ملائڪ نہ آهي؟ پوءِ ڇو توهين ان لاءِ اداس آهيو. آءٌ چاهيان ٿو تہ جيڪڏهن بابا مون سان گڏ هجي تہ آءٌ هن خوفناڪ جڳهہ کان ٻاهر جيڪر ملائڪ هجان". منهنجي ننڍڙي پياري پٽ چيو، "هائو، بهشت، جتي اسان جي پيڻ آهي، هن کان وڌيڪ عمدو آهي، ۽ اتي نيڪ ماڻهن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونهي، ۽ هتي تمام خراب ماڻهو آهن".

"مسٽر جينڪنسن" سندن ٻاراڻيءَ گفتگو کي وچ ۾ روڪيو. هن چيو، "تنهنجي ڌيءَ فوت ٿي چڪي آهي، توکي پنهنجي خاندان جو خيال نهايت سنجيدگيءَ سان ڪرڻ گهرجي ۽ پنهنجي زندگيءَ جي حفاظت لاءِ ڪوشش ڪرڻ گهرجي، جا ڏينهن بہ ڏينهن ضروريات زندگي ۽ صحت بخش هوا جي ڪميءَ سبب پوئتي پوندي ٿي وڃي". هن وڌيڪ چيو، "اهي تنهنجا ٻچا جي توتي پالنا لاءِ ڀروسو رکن ٿا، انهن جي ڀلي ڪاڻ ڪنهن بہ فخر يا ناراضپي کي قربان ڪرڻ هاڻي توتي لازم آهي". ان ڪري هاڻي آءٌ متين ٻنهي سببن ۽ انصاف ڪري پنهنجي زميندار سان صلح ڪرڻ جي ڪوشش لاءِ مجبور ٿي پيس.

مون جواب ڏنو، "مولا سائين جو حَمدَ ڪيو وڃي، مون وٽ هاڻي ڪجهہ بہ فخر نہ رهيو آهي. جيڪڏهن آءٌ فخر يا غصي کي پنهنجي دل ۾ چُپُ ماري ويٺل ڏسان ها، تہ هوند ان تي تمام سخت نفرت ڪريان ها. جيئن تہ منهنجو ستمگر ڪنهن وقت منهنجي حلقي جو فرد ٿي رهيو آهي، تنهنڪري آءٌ ڪيس ڪنهن ڏينهن هڪ پاڪ روح وانگر دائمي عدالت اڳيان پيش ڪرڻ جي اميد

رکان ٿو. نہ سائين، هاڻي مون کي ڪوبہ غصو نہ آهي، جيتوڻيڪ هن مون کان اهو ڪجهہ کسيو آهي، جو مون سندس سيني خزانن کان وڌيڪ پيارو سمجهيو هو. منهنجا قيد ڀائي، جيتوڻيڪ هن منهنجيءَ دل کي نپوڙيو آهي، ڇاڪاڻ تہ هن وقت آءٌ صفا بي هوش ٿيڻ تي بيمار، ۽ تمام بيمار آهيان. انهيءَ هوندي بہ منهنجي دل ڪڏهن بہ مون کي بدلي وٺڻ جي تلقين نہ ڪندي. آءٌ هاڻي سندس شاديءَ منظور ڪرڻ لاءِ خواهشمند آهيان، ۽ جيڪڏهن هي پيش پوڻ ڪيس ڪجهہ بہ راضي ڪري سگهي، تہ ڪيس اطلاع ڪريو تہ مون جيڪڏهن ڪيس ڪوبہ ايذاءُ پهچايو آهي، تہ ان لاءِ مون کي ارمان آهي".

"مسٽر جينڪنسن" مَس ۽ قلم ڪنيا ۽ منهنجي اقرار نامي کي جيئن مون مٿي بيان ڪيو آهي، تيئن لکيو. مون ان تي پنهنجي صحيح وڌي ۽ پنهنجي پٽ کي "مسٽر تارنهل" ڏانهن خط کڻي وڃڻ لاءِ مقرر ڪيو. ان وقت هو صاحب ٻهراڙيءَ ۾ پنهنجي صدر مقام تي هو. هو ويو ۽ اٽڪل ڇهن ڪلاڪن ۾ زباني جواب سان واپس آيو. هن چيو تہ جيئن تہ، سندس نوڪر گستاخ ۽ شڪي هئا، تنهنڪري ڪيس پنهنجي زميندار جي ديدار حاصل ڪرڻ ۾ ڪجهہ تڪليف ٿي، پر جيئن هو پاڻ سندس شاديءَ جي تياريءَ لاءِ ڪاروبار سان ٻاهر پئي ويو، جا ٽن ڏينهن اندر ٿيڻي هئي، تيئن هن اوچتو ڪيس ڏٺو هن اسان کي وڌيڪ ٻڌايو تہ، هو نهايت ئي نهنائي ۽ حليمائيءَ سان ڏانهس ويو، ۽ ڪيس خط ڏنائين، جو جڏهن "مسٽر تارنهل" پڙهيو، تڏهن چيائين، "سموري تابعداري هاڻي تمام ديري واري ۽ غير ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ مون اوهان جيءَ ان درخواست بابت ٻڌو آهي، جا اوهان منهنجي چاچي ڏانهن موڪلي آهي، ۽ جا حقيراڻي نموني نيڪال ڪئي ويئي آهي. باقي وڌيڪ جي لاءِ هن کان پوءِ سيئي درخواستون منهنجي مختيار ڏانهن موڪليون وڃن، ۽ نہ مون ڏانهن". موزز ڏنو تہ، جيئن تہ ڪيس انهن ٻن عورتن جي شعور بنسبت تمام سنو گمان هو، تنهنڪري اهي شايد تمام موزون سفارشي ٿيون هونديون.

مون پنهنجي قيد ڀائيءَ کي چيو، "چڱو سائين! تون هاڻي ان ماڻهوءَ جو مزاج معلوم ڪري سگهين ٿو. جنهن اسان تي ظلم ڪيو آهي. هو ساڳئي وقت تي خوش مزاج ۽ ظالم ٿي سگهي ٿو. پلي هو مون سان جيئن وڻيس تيئن برتاءُ ڪري، مگر هنن قيد ڪندڙ جملي لوهہ جي تاڙين جي باوجود، آءٌ جلدي آزاد ٿيندس. آءٌ هاڻي هڪ ان قيام گاهہ ڏانهن اڳتي وڌندو پيو وڃان، جا جيئن آءٌ

ويجهو تو وجان، تيئن وڌيڪ روشن نظر اچي ٿي. هيءَ (اميد) منهنجين مصيبتن کي هلڪو ڪري ٿي، ۽ جيتوڻيڪ آءٌ پويان بيوس يتيمن جوڪٽنب ڇڏيان ٿو، تنهن هوندي به اُميد اٿم ته اهي اصل وساريل نه ٿيندا. ڪو دوست شايد سندن غريب پيءُ جي صدقي هنن جي مدد ڪرڻ لاءِ ليي پوندو، ۽ شايد ڪي پنهنجي آسماني خدا جي واسطي سخاوت سان سندن دستگيري ڪندا".

جيئن مون ڳالهايو تيئن منهنجي زال، جنهن کي مون ان ڏينهن نه ڏٺو هو، سا خوفزده نگاهن سان ڳالهائڻ جون ڪوششون ڪندي حاضر ٿي، مگر ڳالهائي نه سگهي. مون چيو، "چو منهنجي پياري، چو تون اهڙي نموني پنهنجن ڏکن سان گڏ منهنجا ڏک به وڌائين ٿي. ڇا ٿيو، جيڪڏهن ڪي به تابعداريون اسان جي سخت مالڪ کي موڙي نٿيون سگهن. جيڪڏهن هن مون کي هن مصيبت جي حالت ۾ مرڻ جي سزا ڏني آهي، ۽ اسان پنهنجو پيارو ٻچو وڃايو آهي، تنهن هوندي به اجا تائين تون پنهنجن ٻين ٻارن مان تسلي حاصل ڪري سگهندينءَ، جڏهين آءٌ زنده نه هوندس". هن جواب ڏنو، "پاڻ سچ پچ ته، هڪ ٻار وڃايو آهي. منهنجي "صوفيا"، منهنجي پياري صوفيا اسان وٽان هلي ويئي آهي. اسان کان ڦرجي ويئي، ۽ ڪيس بدمعاش کڻي ويا".

منهنجي قيديائيءَ چيو، "ڪيئن خاتون، مس صوفيا بدمعاشن هٿان ڪچي ويئي؟ خاطري ڪر، ائين ٿي نٿو سگهي".

هوءَ صرف مستحڪم نگاهه ۽ ڳوڙهن جي سيلاب سان جواب ڏيئي سگهي، پر قيدين جي زالن مان هڪ زال جا، اتي حاضر هئي، ۽ ساڻس اندر آئي هئي، تنهن اسان کي وڌيڪ چٽو احوال ڏنو. هن اسان کي آگاهه ڪيو، ته، جيئن منهنجي زال، منهنجي ڌيءَ ۽ پاڻ ڳوٺ کان ٿورو ٻاهر شاهي رستي تي گهمي رهيون هيون، تيئن هڪ ڇئن ڦيٿن واري گاڏي ۽ هڪ جوڙو سوارن جو ڏانهن وڌيو ۽ اوچتو بيهي ويا. جلدئي هڪ خوش لباس ماڻهو، جيڪو "مسٽر ٿارنهل" نه هو، ٻاهر قدم رکندي منهنجي ڌيءَ کي چيلهه ۾ ٻڪ وڌو، ۽ زوريءَ ڪيس اندر ڪري ڪوچوان کي اڳتي هلڻ جو حڪم ڪيو. ايتري قدر جو هو هڪ ساعت ۾ نظرن کان غائب ٿي ويا.

مون چيو، "هاڻي منهنجي مصيبتن جو پيالو لبريز ٿي چڪو آهي، ۽ هاڻي ڌرتيءَ جي ڪنهن به شيءِ کي اهو سندس وس ۾ نه آهي، جو مون کي ڪوبه ٻيو

ڏک ڏيئي سگهي. ڇا هڪ بہ نہ ڇڏي ويئي! مون وٽ هڪ بہ نہ ڇڏي ويئي! راڪاس! اهو بار جو مون کي پنهنجيءَ دل کان بيو نمبر پيارو هو. ۽ ڪيس هڪ ملائڪ جو حسن ۽ سياٽپ هئي، ...... مگر ان عورت کي ٽيڪ ڏي، هن کي ڪِرَڻ نہ ڏي، هڪ بہ مون وٽ نہ ڇڏي ويئي!"

منهنجي زال چيو، "افسوس، منهنجا پيارا مڙس، ڏسجي ٿو تہ، تون مون کان بہ وڌيڪ تسڪين چاهين ٿو. اسان جون مصيبتون وڏيون آهن، پر آءٌ اهي ۽ ان کان بہ وڌيڪ برداشت ڪري سگهان ٿي، جيڪڏهن آءٌ صرف توکي آسودو ڏسان. جيڪڏهن هو صرف توکي مون وٽ ڇڏين، تہ پوءِ پلي منهنجا سپ بار ۽ سموري دنيا کڻي وڃن".

منهنجو پٽ جو حاضر هو، تنهن اسان جي ڏک کي هلڪي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن اسان کي تسليءَ ڏيڻ لاءِ چيو، ڇاڪاڻ تہ هن اميد ٿي ڪئي تہ شايد اسان کي اچا تائين بہ شڪرگذار رهڻ جو سبب هو. مون چيو، "منهنجا ٻچا، تون چوڌاري نظر ڪر ۽ ڏس، جيڪڏهن دنيا ۾ ڪابہ خوشي منهنجي لاءِ ڇڏيل هجي. ڇا تسڪين جو هرهڪ ڪرڻو بند ٿيل نہ آهي؟ هن وقت اسان جون جملي ترقيءَ جون روشن اميدون صرف قبر جي پويان رکيل آهن". هن جواب ڏنو، "مگر منهنجا پيارا والد صاحب مون کي اميد آهي، تہ اچا تائين ڪابہ شيءِ آهي، جا توهان کي ڪجهہ عرصي لاءِ خوشي ڏيندي. ڇاڪاڻ تہ مون وٽ منهنجي ڀاءُ جارج جو خط آيل آهي". مون وچ ۾ رنڊڪ وجهي چيو، "ٻچا، هن جو ڪهڙو احوال آهي. ڇا ڪيس اسان جي تڪليفن جي خبر آهي؟ مون کي اميد آهي، تہ منهنجو ڇوڪر، جيڪي بہ سندس دکي ڪٽنب برداشت ڪري رهيو آهي، تنهن جي هر ڪنهن اثر کان بَري آهي". هن جواب ڏنو، "هائو سائين، هو مڪمل طرح خوش ۽ آسودو، خورم ۽ راضي آهي. سندس خط سنيءَ خبر ڪان علاوه بيو ڪجهہ بہ نٿو آڻي. هو پنهنجي ان ڪپتان جو منظورِ نظر آهي، جنهن ڪيس اصل هن ڪان پوءِ خالي ٿيندڙ ليفٽيننٽ جي جڳهہ وٺي ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي."

منهنجيءَ زال چيو، "۽ تون ان سپ ڪان مطمئن آهين؟ ۽ توکي يقين آهي تہ ڪابہ مصيبت منهنجي ڇوڪري جي مٿان نازل نہ ٿي آهي". منهنجي پٽ چيو، "ها، يقيناً ڪجهہ بہ نہ. جڏهن توهين اهو خط ڏسندؤ، تڏهن اهو توهان کي گهڻي ۾ گهڻي خوشي ڏيندو. ۽ جيڪڏهن هن وقت ڪابہ شيءَ توهان کي

تسلي ڏيئي سگهي ٿي تہ مون کي خاطري آهي، تہ اهو ٿي ڏيندو". وري بہ سندس ماءُ دهرائي چيو. "پر توکي خاطري آهي، تہ اهو خط وٺانئس آيل آهي، ۽ سچ پچ تہ اهو اهڙو خوش آهي؟" "موزز" جواب ڏنو. "هائو امان، خاطري آهي تہ اهو خط سندس ئي آهي، ۽ هو ڪنهن ڏينهن اسان جي ڪٽنب جو ناموس ۽ شان ٿيندو". هن چيو. "تڏهن آءُ پروردگار جو شڪر ڪريان ٿي، جو منهنجو ڏانهس موڪليل خط پوري پتي تي نہ پهچايو ويو". "ها، منهنجا پيارا"، هن مون ڏانهن مُهَرُ ڪندي چيو. "هاڻي آءُ قبول ڪنديس، تہ جيتوڻيڪ بين واقعن ۾ اسان تي آسمان تمام سخت ٿيو آهي، تاهم هن وقت مهربان ثابت ٿيو آهي. آخري خط جو مون تمام سخت ڪاوڙ جي ڪوڙائيءَ ۾ پنهنجي پٽ کي لکيو هو، تنهن ۾ مون ڪانئس گهر ڪئي هئي تہ جيڪڏهن ڪيس هڪ مرد جي دل هئي تہ پوءِ سندس ماءُ جي دعائن جي صدقي هو سندس پيءُ ۽ پيءُ جو بدلو وٺي. پر ان موليٰ سائينءَ جا شڪرانا ڪجن، جو سيني شين کي انتظام هيٺ هلائي ٿو، ڇاڪاڻ تہ اهو خط پوري پتي تي نہ پهچايو ويو ۽ آءُ هاڻي خوش آهيان". مون چيو. "عورت تو تمام خراب ڪم ڪيو آهي ۽ ڪنهن ٻئي وقت تي منهنجيون ملامتون شايد گهڻو سخت هجن ها. تحقيق پروردگار، جيترو خود اسين پاڻ تي مهربان آهيون ان کان وڌيڪ هـن ڪم ۾ اسان تي مهربان ٿيو آهي. هن منهنجي پٽ کي انهيءَ لاءِ محفوظ رکيو آهي، تہ جڏهن آءُ مري وڃان تڏهن هو منهنجي ٻارن جو سنڀاليندڙ ٿئي. پر هن هاڻي ڪهڙيون پينرون ڇڏيون آهن. هن کي هاڻي ڪي بہ پينرون نہ آهن. اهي ٻئي هليون ويون، اهي مون کان کسيون ويون ۽ آءُ برباد ٿي ويو آهيان". منهنجي پٽ وچ ۾ چيو. "بابا، آءُ اوهان کي عرض ٿو ڪريان تہ اوهين مون کي هن خط پڙهڻ جي اجازت ڏيو. مون کي خبر آهي، تہ هيءُ خط اوهان کي خوش ڪندو". ان بعد هن منهنجيءَ اجازت سان اهو خط هيٺينءَ طرح پڙهڻ شروع ڪيو.

محترم قبلہ سائين

"مون پنهنجي خيال کي ڪجهہ ساعتن لاءِ انهن خوشين کان جي مون وٽ موجود آهن، هٽائي انهن شين ڏانهن متوجهہ ڪرڻ لاءِ ڦيرايو آهي، جي اجا بہ وڌيڪ خوشي ڏيندڙ آهن. يعني گهر جي وٽندڙ ننڍڙيءَ چلهہ جو پاسو. منهنجو وهم اهو اُنومان ڪڍي ٿو، تہ اهو بي ضرر ٽولو هن جي سيڪنهن سٽ ڏانهن

جميعت سان متوجهہ آهي. آءُ اهي ماڻهو مسرت سان ڏسان ٿو جن ڪڏهن بہ حرص يا مصيبت جو بي ڊولو ڪنڌڙ هٿ محسوس نہ ڪيو آهي. گهر ۾ اوهان کي ڪٽي ڪيتري بہ خوشي هجي، مگر مون کي يقين آهي، تہ هي احوال اوهان جي خوشيءَ ۾ اضافو آڻيندو. آءُ پنهنجيءَ حالت تي مڪمل طرح خوش ۽ سيڪنهن طريقي مطمئن آهيان. اسان جو فوجي دستو منسوخ ٿيو آهي ۽ ان کي حڪومت جون حدون ڇڏڻيون نہ آهن. ڪپتان جو منهنجي دوست هيٺ جي هام هٿي ٿو، سو مون کي سيني فوجي دستن ڏانهن جتي بہ سندس واقفيت آهي، پاڻ سان گڏ وٺي هلي ٿو، ۽ پنهنجيءَ پهرينءَ ملاقات کان پوءِ، آءُ عام طرح ڏسان ٿو تہ وري ان جي دهرائڻ تي منهنجو وڏيڪ عزت سان استقبال ڪيو وڃي ٿو. گذريل رات مون "ليڊي گرانٽ" سان ناچ ڪيو، مگر اوهان کي معلوم هجي تہ اها محبوبہ جنهن کي حاصل ڪرڻ ۾ آءُ شايد ڪامياب ٿيان، ان کي هڪ گهڙي بہ آءُ وساري ڪين سگهيس. منهنجو نصيب ئي ڪو اهڙو آهي، جو اجا تائين بہ آءُ ٻين کي ياد ڪريان ٿو، حالانڪ آءُ پاڻ پنهنجن غير حاضر دوستن مان تمام گهٽن کان وسريل آهيان ۽ مون کي خوف آهي، تہ آءُ ضرور اوهان کي بہ انهن ۾ شمار ڪندس. چاڪاڻ تہ مون گهڻو ئي وقت گهر جي طرف کان خط جي مسرت جي بي فائدي اميد رکي آهي. اوليويا ۽ صوفيا ٻنهي خط لکڻ جو وعدو ڪيو هو، پر ڏسجي ٿو تہ انهن ٻنهي مون کي وساري ڇڏيو آهي. ڪين ٻڌايو تہ هو بہ "لونيا فقير" آهن، ۽ ائين بہ تہ آءُ هن ساعت ساڻن تمام سخت ڪاوڙيل آهيان. جيتوڻيڪ آءُ ڪجهہ شوخي ڪرڻ چاهيان ٿو، تنهن هوندي بہ اجا تائين مون کي خبر نٿي پوي تہ، ڪيئن منهنجي دل صرف نرم جذبن ڏانهن جوابده آهي. تڏهن بہ سائين! ڪين ٻڌايو تہ انهيءَ هوندي بہ آءُ ڪين دلي محبت ڪريان ٿو. هميشہ خاطري ڪريو تہ آءُ اوهان جو فرمانبردار فرزند آهيان."

مون واڪو ڪري چيو، "منهنجا پٽ، اسان جي سيني مصيبتن جي باوجود ڪهڙن احسانن جو اسان کي شڪرانو ڪرڻ گهرجي، جو اسان جي ڪٽنب مان ڪم از ڪم هڪڙو، جيڪي اسين ڀوڳيون ٿا ان کان بَري آهي. مولئ شل سندس نگهبان ٿئي ۽ اهڙيءَ طرح منهنجي ڇوڪري کي پنهنجي بيوہ ماءُ جي حمايت ڪَرڻ ۽ هنن ٻن ٻارن جي سنياليندڙ ٿيڻ لاءِ خوش رکي. اهوئي جملي اباڻو ورثو آهي، جو آءُ کيس ورثي ۾ ڏيئي سگهان ٿو. شال هو سندس

معصوميت کي ضرورت جي لالچ کان پري رکي، ۽ عزت جي رستي تي سندن هلائيندڙ ٿئي". مون اجا اهي لفظ مس چيا، ته هڪ هُلُ هنگامو پريان جيل جي دروازي کان ويجهو ايندو ٻڌو ويو. جلدي اهو جهڪو ٿي ويو ۽ منهنجي ڪوٺيءَ ڏانهن ايندڙ رستي بيڙين جو کَڙڪو ٻڌڻ ۾ آيو. جيل جو داروغو، خون ۾ رتوچاڻ ٿيل، ۽ زخميل ۽ سخت ڳرين ڪڙين سان بيڙيون پيل هڪ ماڻهوءَ کي جهليندي اندر داخل ٿيو. جيئن هو ويجهو آيو تيئن مون هن ڏي قياس سان نهاريو. مگر جڏهن مون ڏٺو ته هو منهنجو پٽ هو، تڏهن مون خوف سان نهاريو. منهنجا جارج! منهنجا جارج، ڇا آءٌ توکي ئي هن نموني ۾ ڏسان ٿو! زخميل ڪڙيون لڳل! ڇا هيءَ ئي تنهنجي خوشي آهي؟ ڇا هي ئي تنهنجو طريقو آهي، جنهن ۾ تون مون ڏانهن واپس اچين ٿو؟ ڪاش! هي نظارو منهنجيءَ دل کي يڪدم ٽوڙي ڇڏي ۽ مون کي ماري ڇڏي.

منهنجي پٽ دليرائي آواز سان چيو، "سائين ڪيڏانهن وئي توهان جي بربادي؟ آءٌ ضرور تڪليف برداشت ڪندس. منهنجي زندگي ضبط ٿي وئي آهي ۽ پلي هو اها ونن".

مون پنهنجن جذبن کي ڪجهه لمحن لاءِ صبر ۾ رکڻ جي ڪوشش ڪئي مگر مون سمجهيو ته آءٌ شايد ان ڪوشش ڪرڻ سان مري پوان ها. "افسوس منهنجا پٽ منهنجي دل توکي هن حالت ۾ ڏسڻ تي روئي ٿي. پر آءٌ ڪجهه به ڪري نٿو سگهان ۽ ان کي روڪي به نٿو سگهان. ان ساعت جنهن ۾ توکي نوازيل سمجهيو ويو ۽ تنهنجيءَ سلامتيءَ لاءِ التِجا ڪئي ويئي. انهيءَ وقت ۾ وري توکي هن حالت ۾ ڏسان! زنجيرون پيل ۽ زخمي واقعي جوانيءَ جو موت خوشي وارو آهي. پر آءٌ پيرسن آهيان، تمام پيرسن. ۽ شايد هن ڏينهن ڏسڻ لاءِ زنده رهيو آهيان. جنهن وقت آءٌ ڪمبخت پس مانده بربادي‌ءَ جي وچ ۾ پيو رهان، ان وقت پنهنجن ٻارن کي بي وقتو پنهنجي اڳيان مرندو ڏسان! شال جملي بد دعائون هميشه لاءِ روح کي تباهه ڪري ڇڏين، سي منهنجن ٻارن جي خونيءَ مٿان تمام ڳوريون ڪڙڪن! پلي ته هيءَ به مون وانگر اهڙن ڏينهن ڏسڻ لاءِ زنده رهي".

منهنجي پٽ چيو، "نه سائين! هاڻي توهان جو فرض آهي ته، توهين مون کي ان خسيس موت لاءِ تيار ڪريو جو مون کي ضرور سهڻو پوندو. مون کي اميد ۽ پختي ارادي سان مُسلح ڪريو ۽ ان تمام سخت ڪوڙاڻ پيئڻ لاءِ همت ڏياريو، جا جلد منهنجو حصو ٿيندي".

منهنجا پچا توکي مرڻ مناسب نہ آهي. مون کي خاطر آهي تہ، تنهنجو ڪوبہ جرم اهڙيءَ بيحڙيءَ سزا جو لائق ٿي نٿو سگهي. منهنجو "جارج" ڪڏهن بہ پنهنجن وڏن کي پاڻ کان شرمسار ڪرڻ لاءِ ڪنهن بہ ڏوهہ جو ڏوهاري ٿي نٿو سگهي".

منهنجي پٽ وراڻيو، "مون کي خوف آهي تہ، منهنجو ڏوهہ ناقابل معافي آهي. جڏهن مون کي گهر مان محترمہ والده صاحبہ کان خط پهتو، تڏهن آئون يڪدم اتان روانو ٿيس. اسان جيءَ عزت سان دوه ڪندڙ کي سزا ڏيڻ جو ارادو ڪيم، ۽ ڪيس مون سان ملڻ لاءِ چيم. جنهن جو جواب هن پنهنجو پاڻ نہ، مگر پنهنجن چئن گهرو ماڻهن کي منهنجي پڪڙڻ لاءِ موڪلڻ سان ڏنو. مون هڪ کي زخمي ڪيو پر بچيلن مون کي قيدي بنايو. انهيءَ ڏجڻي قانون کي منهنجي برخلاف عمل ۾ آڻڻ جو پڪو ارادو ڪيو آهي ۽ ثابتيون نتائڻ جهڙيون نہ آهن. پهرين مون للڪار موڪلي آهي، ۽ جيئن تہ آءٌ قانون موجب پهريون قصور وار آهيان، تنهن ڪري آئون معافيءَ جي اميد ڪانہ ٿو ڏسان. پر توهان اڪثر مون کي بردباريءَ جي سبقن سان مُسلح ڪيو آهي. مون کي اجازت ڏيو تہ آءٌ انهن کي اوهان جي مثال ۾ ڏسان".

"منهنجا پٽ تون انهن کي حاصل ڪندين. هاڻي آءٌ دنيا ۽ جيڪي جملي شيون اها پيدا ڪري ٿي، انهن کان بلند آهيان. هن ساعت کان وٺي آءٌ پنهنجي دل جا اهي سڀ بنڌڻ جن ڪيس دنيا ۾ قابو جهليو، ٽوڙيان ٿو، ۽ پاڻ بنهين کي جاوداني حياتيءَ جي لاءِ لائق بنائڻ واسطي تيار ڪندس. هائو، منهنجا پٽ، آءٌ ان رستي ڏانهن اشارو ڪندس ۽ منهنجو روح تنهنجي مٿي چڙهڻ ۾ رهنمائي ڪندو. چاڪاڻ تہ پاڻ بئي گڏ هجرت ڪنداسون. آءٌ هاڻي ڏسان ٿو ۽ مطمئن آهيان، تہ تون هتي ڪنهن بہ معافيءَ جي اميد رکي نٿو سگهين ۽ آءٌ توکي اها صرف ان وڏي ۾ وڏيءَ عدالت وٽ، جتي پاڻ بنهين کي ٿوري ئي عرصي ۾ جواب ڏيڻو پوندو. حاصل ڪرڻ لاءِ سمجهاڻي ڏيئي سگهان ٿو، پر اچو تہ پاڻ پنهنجي سمجهاڻيءَ ۾ فراخ دل ٿيون.

★

## باب اٺٽيهون

# خالق جو مخلوق سان هڪ جهڙو برتاءُ

منهنجا دوستو، منهنجا ٻچا، ۽ مصيبت زده رفيقو، جڏهن آءٌ هتي هيٺ نيڪيءَ ۽ بديءَ ڏي نظر ٿو ڪريان، ته ڏسان ٿو ته، انسان کي گهٽوئي ڪجهه لطف وٺڻ لاءِ عطا ڪيو ويو آهي. ليڪن اجا به گهٽو سَهڻ لاءِ ڏنو ويو آهي. جيڪڏهن اسان دنيا کي جانچينداسون، ته اسان ڪوبه هڪ ماڻهو اهڙو خوش ڪونه ڏسنداسون، جو ڪنهن به شيءِ جي طلب ڪندڙ نه هجي. پر اسان روزانو هزارين اهڙا ماڻهو ڏسون ٿا، جي "آپ گهات" ڪرڻ سان اسان کي ڏيکارين ٿا، ته وٽن ڪابه شيءِ اميد ڪرڻ لاءِ رهيل نه آهي. تنهنڪري هن حياتيءَ ۾ اهو ظاهر ٿو ٿئي، ته اسين مڪمل طرح نوازيل ٿي نٿا سگهون، پر تنهن هوندي به شايد اسين مڪمل طرح دکي ٿي سگهون ٿا.

ماڻهن کي ڇو اهڙيءَ طرح دک محسوس ڪرڻ گهرجي، ڇو عالمگير خوشحاليءَ جي حلقي ۾ اسان جي ڪمبختي لاءِ طلب هجي، جڏهن ٻيا سيئي سرشتا سندن ماتحت ڀاڳن جي تڪميل سان مڪمل ڪيل آهن، تڏهن ان وڏي سرشتي کي مڪمل ڪرڻ لاءِ اهي ڀاڱا، جي نه فقط ٻين جا زير دست آهن، پر خود پنهنجو پاڻ به اڌورا آهن، جي طلب ڪرڻ گهرجي. هي اهي سوال آهن جي ڪڏهن به سمجهائي نٿا سگهجن، ۽ جيڪڏهن معلوم ٿين ته بيڪار ٿي پون. هن موضوع تي پروردگار اسان جي انتظاريءَ کي ٽارڻ مناسب سمجهيو، ۽ تسليءَ خاطر اسان کي مقصدن عطا ڪرڻ سان مطمئن ڪيو.

هن حالت ۾ انسان فلسفي جي مدد جي طلب ڪئي آهي، آسمان ان کي تسلي ڏيڻ لاءِ نااهل ڏسندي، ڪيس مذهب جي مدد ڏني آهي. حڪمت جون تسليون گهٽي خوشي ڏيندڙ آهن، مگر اڪثر فريبي آهن. اها اسان کي ٻڌائي ٿي، ته زندگي سهنجن سان پربور آهي، جيڪڏهن اسين صرف اُنهن مان لطف وٺون، ۽ ٻئي طرف جيتوڻيڪ اسان جي لاءِ هتي ڪيتريون ناگزير مصيبتون آهن، پر حياتي ننڍي آهي، ۽ اهي جلد ختم ٿي وينديون. اهڙيءَ طرح هي تسليون هڪ ٻئي کي ناس ڪري ڇڏين ٿيون. ڇاڪاڻ ته جيڪڏهن حياتي آرام جي جڳهه آهي، ته ان جي ڇوٽائي ضرور دکدائڪ ٿيندي، ۽ جيڪڏهن اها

ڏکيي ٿي پوندي، تہ اسان جا ڏک بہ گهٽو وقت جٽادار ٿي پوندا. اهڙيءَ طرح حڪمت ڪمزور آهي. مگر مذهب مٿانهين انداز ۾ تسلي ڏئي ٿو. هو اسان کي ٻڌائي ٿو، تہ انسان هتي پنهنجيءَ دل کي لائق بنائڻ لاءِ ۽ ان کي ٻيءَ رهائش گاهہ جي تيار ڪرڻ لاءِ آيل آهي. نيڪ ماڻهو جڏهن پنهنجو بدن وساري ڇڏي ٿو ۽ سچو شاندار روح آهي، تڏهن هيءُ ڏسندو، تہ هو خود هتي هڪ خوشيءَ جو بهشت ناهي رهيو آهي، پر ڪمبخت جو پنهنجن بڇڙاين سان جڏو ڪيل ۽ ناپاڪ ڪيل آهي، سو خوف سبب پنهنجي بدن کان بہ پري پڇي ٿو، ۽ ڏسي ٿو تہ پاڻ آسمان جي وير جي اميد رکي اٿس. تنهنڪري حياتيءَ جي سڀ ڪنهن مرحلي ۾ اسين مذهب کي ضرور پنهنجو سچي ۾ سچو سُک ڪري ونون. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اسين اڳيئي خوش آهيون، تہ ائين سمجهڻ ٿي خوشي آهي، تہ اسين انهيءَ خوشيءَ کي بي انتها بنائي سگهون ٿا. ۽ جيڪڏهن اسين دکي آهيون، تہ ائين سمجهڻ ٿي وڏي راحت آهي، تہ هُتي آرام جي جڳهہ آهي. اهڙيءَ طرح مذهب بختاور لاءِ نعمت جي لاڳيتي سلسلي ۽ دکيءَ لاءِ دک جي تبديليءَ جي خاطري ڏئي ٿو.

ازانسواءِ جيتوڻيڪ مذهب سڀني ماڻهن تي، تاهم ان دردمند ماڻهن لاءِ خاص عيوضاً وعدا ڪيا آهن. بيمار، اگهاڙي، بي گهر، ڳريءَ مصيبت هيٺ آيل ۽ قيديءَ لاءِ تمام گهڻا وعدا اسان جي پاڪ مذهب ۾ موجود آهن. اسان جي مذهب جو جوڙيندڙ، هر هنڌ مصيبت زده جي دوست هئڻ جي دعويٰ رکي ٿو. بي سمجهہ ماڻهن ان روش کي لياقت بغير پسنديدگي سمجهي خوشامد جو عتاب ڏنو آهي. پر اهي ڪڏهن بہ اهو خيال نٿا ڪن، تہ خود آسمان کي بہ طاقت نہ آهي، جو دائمي مسرت جي پيشڪش کي آسودن ماڻهن وٽ اهڙي وڏي نعمت بنائي سگهي، جهڙي ڏتڙيل ماڻهن وٽ. پهرين وٽ دائمي جٽاءُ فقط هڪ نعمت آهي، ڇاڪاڻ تہ گهٽي ۾ گهٽو تہ هوءَ صرف، جيڪي هو اڳيئي قبضي ۾ رکن ٿا، ان کي وڌائي ٿي. پوئين وٽ اها ٻٽي فائديمند آهي. ڇاڪاڻ تہ اها هنن جو درد هتي گهٽائي ٿي، ۽ کين هن کان پوءِ آسماني نعمت وسيلي اُجورو ڏئي ٿي.

پروردگار ٻيءَ حالت ۾ شاهوڪارن کان وڌيڪ غريبن تي مهربان آهي. ڇاڪاڻ تہ جيئن هو مٿي بيان ڪيل پيشڪش وسيلي موت کان پوءِ، سندس

حياتيءَ کي وڏيڪ پسنديده ڪري ٿو. تيئن هو اوڏانهن جي رستي کي بہ سڌو سنواٿو ڪري ٿو. مصيبت زده جي هر ڪنهن خوف جي حالت سان دراز عرصي کان بي تڪلفي هوندي آهي. جڏهن موت اچي ٿو، تڏهن غمن وارو ماڻهو سواءِ ڪن بہ ملڪيتن تي افسوس ڪرڻ جي، پاڻ کي صبر سان پيش ڪري ٿو ۽ ڪيس سندس رحلت کان روڪڻ لاءِ صرف کي تمام تورڙيون بندشون آهن. هو آخري جدائيءَ ۾ صرف اهو فطرت جو درد محسوس ڪري ٿو، جو ڪنهن بہ حالت ۾ ان کان وڌيڪ وڏو نہ آهي، جنهن هيٺ هيءُ اڳي اڪثر طرح زيربار ٿيو هو.

پروردگار مصيبت زده کي هن حياتيءَ ۾ آسودي جي مٽان بہ فائدا ڏنا آهن: هڪ مرڻ ۾ گهٽي آسودگي، ۽ ٻيو بهشت ۾ ان خوشيءَ جي فوقيت، جا مقابلو ڪيل لطف مان اُبري ٿي. منهنجا دوست، هيءَ فوقيت ڪو ننڍو فائدو نہ آهي، ۽ اها مٽي ڏيکاريل تمثيل ۾ غريب ماڻهوءَ جي خوشين مان هڪ خوشي آهي.

اهڙيءَ طرح منهنجا دوستو، توهين ڏسو ٿا، تہ مذهب اهو ڪم ڪري ٿو، جو حڪمت ڪڏهن بہ ڪري نٿي سگهي. مذهب آسودن ۽ دردمندن لاءِ آسمان جو هڪ جهڙو سلوڪ ڏيکاري ٿو، ۽ سمورين انسانذات جي خوشين کي قريباً هڪ ئي درجي تي سنواري سڌو ڪري ٿو. هو ٻنهي، غريبن توڙي شاهوڪارن کي هن حياتيءَ کان پوءِ ساڳي خوشي ۽ هڪ جهڙيون اميدون ۽ آرزوئون رکڻ لاءِ ڏئي ٿو. جيڪڏهن شاهوڪارن کي هتي موج ماڻڻ جو لاڀ آهي، تہ هن کان پوءِ جڏهن غريب لامحدود سعادت سان تاج پهرايل آهن، تڏهن ڪين هن معلوم هئڻ جو لامحدود راضپو حاصل ٿئي ٿو، تہ هڪ وقت ڪمبخت ٿيڻ ڇا هو. جيتوڻيڪ ان کي ننڍو فائدو سڏڻ گهرجي، تنهن هوندي بہ جتادار هئڻ سبب اهو پنهنجي عرصي جي وسيلي، وڏي ماڻهوءَ جي بي جتا خوشيءَ، پنهنجي گهٽائيءَ سبب جيڪا واڌ ڪئي هوندي، ان جو ضرور پورائو ڪندو.

اهي ئي تسليون آهن، جي بدنصيبن کي خاص قسم جون آهن، ۽ انهيءَ ۾هو ٻئي انسانذات کان مٽي آهن. پر ٻين ڳالهين ۾ انهن کان هيٺ آهن. اهي. جي غريبن جون پريشانيون ڄاڻندا هوندا. سي ضرور زندگي ڏسندا ۽ اها برداشت ڪندا. اهي فاني فائدا جي هو ماڻين ٿا، انهن تي جوش و خروش سان ڳالهائڻ صرف ان کي دهرائڻ آهي، جنهن کي نڪي ڪو قبول ڪري ٿو، ۽ نڪي عمل ۾ آڻي ٿو. اهي جن وٽ ضروريات زندگيءَ جون شيون موجود آهن،

سي غريب نہ آهن. ۽ اهي جيڪي انهن جي طلب رکن ٿا، سي ضرور خستہ حال هوندا. باريڪ بين قوتِ متخيلہ جون اجايون ڪوششون نڪي قدرت جي ضرورت کي دلاسو، نڪي جيل جي پُرنـَم خيال خام کي حالات جي مطابق رنگ اختيار ڪرڻ وارو ميناج. نڪي شڪستہ دل جيءَ ڏڪ ڏڪ کي فرحت ڏيئي سگهن ٿيون. پلي تہ حڪيم، پنهنجيءَ نرمائش واري فرحتَ گاهہ مان اسان کي بڌائي، تہ اسين انهن سيني جو مقابلو ڪري سگهون ٿا. افسوس! اها ڪوشش جنهن سان اسين انهن جو مقابلو ڪريون ٿا، سو اجا بہ وڌي ۾ وڏو درد آهي. موت سوکو آهي، ۽ هرڪو ماڻهو ان کي گوارا ڪري سگهي ٿو. مگر عذاب تمام خوفناڪ آهن، ۽ اهو ڪوبہ ماڻهو برداشت ڪري نٿو سگهي.

اهڙيءَ طرح منهنجا دوستو، تڏهن اسان کي بهشت ۾ خوشيءَ جا وعدا خاص طرح پيارا هئڻ گهرجن. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اسان جو اجورو صرف هن حياتيءَ ۾ ئي هجي، تہ پوءِ اسين سچ پچ تہ سيني ماڻهن کان وڌيڪ دکي آهيون. جڏهين آءٌ هنن اندوهناڪ پتين جي ڇوڏاري نهاريان ٿو، جي مون کي ڊيڇارڻ ۽ بند رکڻ لاءِ ناهيون ويون آهن. جڏهن آءٌ هيءَ روشني ڏسان ٿو، جا صرف هن جڳهہ جي خوفن ۽ انهن ڪَڙيـِنِ ڏيکارڻ جو ڪم ادا ڪري ٿي، جي ظلم مون کي وڌيون آهن، يا ڏوهہ انهن کي ضروري ڪيو آهي. جڏهن آءٌ اهي جهڪيون نگاهون ڏسان ٿو، ۽ اهي ڪنجهڪارون ٻڌان ٿو، او! منهنجا دوستو، تڏهين بهشت انهن لاءِ ڪهڙي نہ شاندار تبديلي ٿيندي. هوا وانگر لامحدود ملڪن وچان اڏامڻ، لافاني نعمتن جي سورج جي روشنيءَ ۾ اُس ونڻ، حـَمد و ثنا جا پورا نہ ٿيندڙ نغما ڳائڻ، اسان کي ڊيڇارڻ يا بي عزت ڪرڻ لاءِ ڪوبہ آقا نہ هجڻ، مگر صرف نيڪيءَ جو خاڪو، خود بخود هميشه اسان جي اکين ۾ هجڻ. جڏهن آءٌ انهن ڳالهين جو ويچار ڪريان ٿو، تڏهن موت تمام سنين بشارتن جو پيغام آڻيندڙ ٿي پوي ٿو. جڏهن آءٌ انهن ڳالهين جو ويچار ڪريان ٿو، تڏهن هن جو تيز تير منهنجي ٽيڪ جي لٺ ٿي پوي ٿو. جڏهن آءٌ انهن ڳالهين تي ويچار ڪريان ٿو، تڏهن حياتيءَ ۾ ڪهڙي شيءِ هئڻ جي لائق آهي؟ جڏهن آءٌ انهن شين جو ويچار ڪريان ٿو، تڏهن ڇا آهي، جو ڏکاري ڇڏڻ نہ گهرجي؟ بادشاهن کي پنهنجي محلاتن ۾ اهڙن فائدن لاءِ ڪنجهڻ گهرجي. پر اسين جيئن تہ نماڻا آهيون، تنهنڪري اسان کي انهن لاءِ آرزو رکڻ گهرجي.

ڇا اهي شيون اسان جون ٿينديون؟ اهي خاطريءَ سان اسان جون ٿينديون، جيڪڏهن اسين صرف انهن لاءِ ڪوشش ڪنداسون. ۽ اها اسان لاءِ هڪ تسڪين آهي، جو اسين انهن ڪيترن زيبن ڪان دور رکيل آهيون، جي جيڪر اسان جي جستجوءَ ۾ روڪ وجهن. اڃو تہ صرف اسين انهن لاءِ ڪوشش ڪريون، ۽ خاطريءَ سان اهي اسان جون ٿي پونديون. اجا بہ جيڪا تسلي آهي، سا اها، تہ اهو ڪم تمام ٿوري عرصي ۾ ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ جيڪڏهن اسين گذريل حياتيءَ ڏانهن پوئتي نهاريون ٿا، تہ اها اسان کي صرف تمام ننڍڙي وڇوٽي نظر اچي ٿي. ۽ جيڪو بہ اسين پنهنجي باقي حياتيءَ لاءِ ويچار ڪنداسون، اهو اجا بہ گهٽ عرصو ڏسڻ ۾ ايندو. جيئن اسين پيدا ٿيندا ٿا وڃون، تيئن ڏينهن وڌيڪ ننڍا ٿيندا ٿا وڃن، ۽ اسان جي وقت سان گهرائي هميشہ سندس انتظار جي پروڙ ۾ ڪمي وجهي ٿي. تڏهن اچو تہ هاڻي آرام ڪريون، ڇاڪاڻ تہ اسين جلد پنهنجي مسافريءَ جي ڇيڙي تي پهچنداسون. اسين جلد اهو ڳورو بار، جو آسمان اسان تي رکيو آهي، سو لاهي ڇڏينداسون. جيتوڻيڪ موت، جو ئي خستہ حال جو صرف هڪ دوست آهي، سو ڪجهہ وقت لاءِ ان ٿڪل مسافر کي ڏسڻ سان ننولي ڪري ٿو، ۽ سندس دائره نگاهہ وانگر اجا تائين بہ سندس اڳيان اُڏامي ٿو. تنهن هوندي بہ خاطري آهي، تہ ٿوري ئي عرصي ۾ اهو وقت ايندو، جڏهن اسين مشقت ڪرڻ کان بس ڪنداسون. جڏهن هن دنيا جا اعليٰ طبقي وارا انسان اسان کي گهڻو وڌيڪ ذرتيءَ تي نہ لتاڙيندا. جڏهن اسين خوشيءَ سان پنهنجي مصيبتن تي ويچار ڪنداسون. جڏهن اسين پنهنجي سيني دوستن يا اهڙن سان، جن اسان جي دوستيءَ جي لياقت رکي ٿي، گهيريا ويندا سون. جڏهن اسان جي نعمت نہ بيان ڪرڻ جوڳي ۽ اجا تائين بہ سيني کي فائديمند ٿيڻ لاءِ نہ ختم ٿيڻ جوڳي ٿيندي.

★

# باب ٽيهون

## خوشيءَ واريون اميدون

جڏهن مون پنهنجو خُطبو ختم ڪيو، تڏهن جيل جو داروغو، جو نرم دل ماڻهن مان هڪ هو، تنهن چيو، "مون کي اميد آهي، ته توهين ناراض نه ٿيندا، چاڪاڻ ته جيڪي به آئون ڪريان ٿو، سو صرف منهنجو فرض آهي. آءُ توهان جي پٽ کي ڪنهن وڌيڪ مضبوط ڪوٺيءَ ۾ وٺي وڃڻ لاءِ مجبور آهيان، مگر آءُ کيس اجازت ڏيندس، ته هو پلي روزانو توهان سان ملاقات ڪري". مون سندس رحم واريءَ هلت تي سندس شڪر گذاري ڪئي، ۽ پنهنجي پٽ جو هٿ جهلي کيس خدا حافظ ڪري هدايت ڪيم، ته جيڪو وڏو فرض کيس اڳيان هو، ان لاءِ خبردار ٿئي.

آءُ وري ليٽي پيس، منهنجي ننڍڙن مان هڪڙو منهنجي بستري جي پرسان پڙهڻ ويٺو، ۽ "مسٽر جينڪنسن" اندر ايندي مون کي آگاهه ڪيو، ته منهنجيءَ ڌيءَ جي خبر ملي آهي، ته کيس هڪ ماڻهوءَ به ڪلاڪ اڳي هڪ اجنبي سگر ماڻهوءَ سان گڏ ڏٺو، جنهن چيو ته هو هڪ پسگردائيءَ واري ڳوٺ ۾ ناشتي لاءِ ترسيا هئا، ۽ اٿين ڏنو ويو، ته چڻ ته هو شهر ڏانهن پئي موٽيا. هن اجا اها خبر مشڪل ڪا ڪئي هوندي، ته داروغو تڪڙو ۽ خوشيءَ جي نگاهن سان مون کي اطلاع ڏيڻ آيو، ته منهنجي ڌيءَ هٿ ڪئي ويئي هئي. ان کان هڪ ساعت پوءِ "موزز" ڊوڙندو واڪا ڪندو آيو، ته سندس ڀيڻ "صوفيا" اسان جي جهوني دوست "برچل" سان گڏ پئي آئي.

جيئن ئي هن هيءَ خبر پهچائي، تيئن منهنجي پياري ڌيءُ اندر گهڙي، ۽ خوشيءَ جي بيتاب نگاهن سان، محبت جي بيخوديءَ ۾، مون کي چمي ڏيڻ لاءِ ڊوڙي، سندس ماءُ جي لڙڪن ۽ صبر پڻ سندس خوشي ڏيکاري. موهيندڙ ڇوڪريءَ چيو، "بابا، اجهو هيءُ ئي اهو بهادر آهي، جنهن جي آءُ پنهنجي آزاديءَ لاءِ ممنون آهيان، ۽ پنهنجي خوشيءَ ۽ سلامتيءَ لاءِ پڻ هن معزز ماڻهوءَ جي مقروض آهيان". "مسٽر برچل"، جنهن جي خوشي مورڳو سندس خوشيءَ کان به وڌيڪ ڏسي پئي ويئي، ان جي هڪ چميءَ، جيڪي هوءَ ڇٽي رهي هئي، ان ۾ رڪاوٽ وڌي.

مون چيو، "افسوس، "مسٽر برچل" هيءَ هڪ خستہ حال رهائش گاهہ آهي، جنهن ۾ تون هاڻي اسان کي ڏسين ٿو. ۽ اسين هاڻي، جهڙو تو اسان کي اڳي ڏٺو هو، ان کان گهڻو مختلف آهيون. تون اسان جو هميشه دوست هئين، اسان بنسبت پنهنجون غلطيون هن کان گهڻو اڳ محسوس ڪيون آهن، ۽ پنهنجيءَ بي شڪريءَ تي پڇتايو اٿئون. آءٌ پنهنجي خراب برتاءُ ڪري تنهنجي منهن ڏسڻ کان بہ شرمندو آهيان. تنهن هوندي بہ مون کي اميد آهي تہ تون مون کي معاف ڪندين. چاڪاڻ تہ آءٌ هڪ ڪميڻي، ظالم ۽ ڪمبخت کان ٺڳجي ويو هوس، جنهن دوستيءَ جي پردي ۾ مون کي برباد ڪيو آهي".

"مسٽر برچل" جواب ڏنو، "جيئن تہ توهان ڪڏهن بہ منهنجي ناراضگيءَ جا مستحق نہ هئا، تنهنڪري اهو ناممڪن آهي، جو آءٌ توهان کي معافي ڏيان. ان وقت مون ڪجهہ قدر توهان جو خيال خام ڏٺو، ۽ جيئن تہ ان کي روڪڻ منهنجيءَ طاقت کان ٻاهر هو، تنهنڪري آءٌ ان تي صرف قياس ڪري ٿي سگهيس".

مون چيو، "اهو هميشه منهنجو اندازو هو، تہ تنهنجي دل شريف آهي، ۽ هاڻي بہ آءٌ ان کي اهڙيءَ طرح ئي ڏسان ٿو. پر منهنجا ٻچا، مون کي ٻڌاءِ تہ تون ڪيئن آزاد ٿينءَ، يا اهي ڪهڙا لفنگا هئا، جي توکي کڻي ويا".

هن جواب ڏنو، "سچ پچ تہ بابا، اهو بدمعاش جو مون کي کڻي ويو، ان بابت آئون اجا تائين بيخبر آهيان، چاڪاڻ تہ آءٌ ۽ منهنجي ماءُ جيئن ٻاهر پئي گهميونسين، تيئن هو اسان جي پويان آيو، ۽ ان کان اڳ جو آءٌ مدد لاءِ سڏ ڪري سگهان، هن مون کي زوريءَ چوڦيٽيءَ گاڏيءَ ۾ کڻي ويهاريو، ۽ يڪدم تيز هلائڻ شروع ڪيائين. مون رستي ۾ ڪيترائي ماڻهو ڏٺا، جن کي مون مدد لاءِ سڏ ڪيا. مگر هنن منهنجي التجائن کي بي لحاظيءَ سان ٺڪرائي ڇڏيو. انهيءَ وقت ۾ ان بدمعاش مون کي دانهن ڪرڻ کان روڪڻ لاءِ سيڪو هنر ڪم ۾ آندو. هن مون کي واري تي ساراهيو، ڌيڄاريو ۽ قسم کنيو، تہ جيڪڏهن آءٌ صرف صبر ۾ رهنديس، تہ ڪيس مون کي نقصان پهچائڻ جو ڪوبہ ارادو نہ هو. انهيءَ وقت مون هن جي ڏنل پردي کي ٽوڙي ڇڏيو، ۽ اهو ماڻهو جنهن کي مون ڪجهہ مفاصلي تي سڃاتو، سو توهان جو جهونو دوست "مسٽر برچل" هو. هو پنهنجيءَ دستوري تڪڙ سان هلي رهيو هو، ۽ ڪيس اها ساڳي ڏنگهي لٺ هئي، جنهن تان پاڻ مٿانئس گهڻيو ئي ٺٺوليون ڪندا هئاسون. اسين اجا سڏ پنڌ تي

مس آياسون، تہ مون کيس نالو وٺي سڏ ڪيو. ۽ ڪيس مدد لاءِ التجا ڪئي. مون پنهنجا واڪا ڪيترا دفعا دهرايا. جنهن تي هن تمام وڏي بلند آواز سان گاڏيءَ واري کي بيهڻ جو حڪم ڪيو. پر گاڏي هلائيندڙ ماڻهوءَ ڪوبہ توجهہ ڪونہ ڏنو ۽ اجا بہ وڌيڪ تيز رفتار سان گاڏيءَ کي هڪليندو هليو. مون هاڻي خيال ڪيو، تہ هو ڪڏهن بہ اسان کي پهچي نہ سگهندو. مگر منٽ اڌ ۾ مون "مسٽر برچل" کي گهوڙن سان گڏ ڊوڙندو ڏٺو. ۽ هڪڙي ٿي ئونشي سان گاڏيءَ واري کي پٽ تي ڪيرائي وڌائين. جڏهين هو ڪريو، تڏهن گهوڙا پاڻ مرادو بيهي رهيا. ۽ ان بدمعاش قدم گاڏيءَ کان ٻاهر رکي تلوار مياڻ مان ڪڍي، ۽ موت کان بچڻ لاءِ "مسٽر برچل" کي ڇڏي ڏيڻ جو حڪم ڪيائين. پر "مسٽر برچل" ڏانهس ڊوڙندي سندس تلوار کي ڀڃي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيو. ۽ پوءِ پاءُ ميل تائين سندس پويان پيو. پر هو ڀڄي ويو. آءُ ان وقت پنهنجي ڇڏائيندڙ کي مدد ڪرڻ جي ارادي سان پاڻ ٻاهر نڪري آيس. پر هو ڪاميابيءَ سان جلد مون ڏانهن واپس آيو. گاڏيءَ وارو، جو هاڻي سُرت ۾ آيو هو، سو پڻ ڀڄڻ لڳو. پر "مسٽر برچل" کيس سندس بربادي‌ءَ جي خطري کان بچڻ لاءِ وري سوار ٿيڻ ۽ واپس شهر ڏانهن گاڏي ڪاهي هلڻ لاءِ چيو. مقابلو ڪرڻ ناممڪن ڏسي، هن ڪيبائيندي حڪم جي پيروي ڪئي، جيتوڻيڪ کيس پهتل زخم مون کي خوفناڪ نظر آيو. جيئن اسين اڳتي گاڏي هڪليندا وياسون، تيئن هن پنهنجي درد جي دانهن ڪرڻ جاري رکي، ايتري قدر جو ان آخر "مسٽر برچل" جي رحم کي پڙڪايو. جنهن منهنجي عرض تي هڪ مهمان سراءِ وٽ پهچي سندس ملم پٽي ڪئي.

مون چيو، "مرحبا، منهنجا ٻچا، تون ۽ تنهنجو بهادر ڇڏائيندڙ، توهان کي هزار مرحبائون. جيتوڻيڪ اسان جي خوشي صرف ڪمبختيءَ واري آهي، تنهن هوندي بہ اسان جون دليون توهان جي استقبال ڪرڻ لاءِ تيار آهن. ۽ هاڻي "مسٽر برچل"، جيئن تہ تو منهنجيءَ ڌيءَ کي ڇڏايو آهي، تنهنڪري جيڪڏهن تون کيس عيوضو سمجهين، تہ هوءَ تنهنجي آهي. جيڪڏهن تون اسان جهڙي هڪ غريب خاندان سان رشتيداريءَ رکڻ لاءِ رضامند آهين، تہ هن کي پنهنجي هٿ ڪر، ۽ سندس قبوليت حاصل ڪر. جيئن مون کي معلوم آهي تہ توکي هن جي دل جو پيار حاصل آهي، تيئن توکي منهنجيءَ دل جو پيار پڻ حاصل آهي سائين مون کي هن ٻڌائڻ جي اجازت ڏي، تہ آءُ توکي ڪو ٿورو خزانو ڪونہ تو ڏيان".

"مسٽر برچل" چيو، "سائين آءٌ سمجهان ٿو، تہ توهين منهنجيءَ حالات ۽ جنهن پرورش جي هوءَ مستحق آهي، تنهن نموني پرورش ڪرڻ واري منهنجيءَ لاچاريءَ کان باخبر آهيو".

مون جواب ڏنو، "جيڪڏهن توهان جو هاٺوڪو اعتراض منهنجيءَ آڇ کي رد ڪرڻ جي معنيٰ رکي ٿو، تہ آءٌ هٿ کڻان ٿو. آءٌ ڪوبہ ماڻهو اهڙو سندس مستحق نٿو سمجهان، جهڙو تون آهين. جيڪڏهن آءٌ ڪيس هزار مڙس ڏيئي سگهان، ۽ هزار مرد مون کان ان جي طلب ڪن، تہ بہ منهنجو ايماندار دوست "برچل" منهنجو پياري ۾ پيارو انتخاب ٿيڻ گهرجي".

هنن سيني ڳالهين تي سندس ماٺ، شرمندو ڪندڙ ڏني ويئي، ۽ منهنجيءَ آڇ جو ڪوبہ جواب نہ ڏيندي، هن پڇا ڪئي تہ آيا، انهيءَ پر واريءَ سراءِ مان ڪيس ناشتي سان نوازيو ويندو، جنهن جو جواب هاٺوڪار ۾ ملندي، هن صاحب کي بهترين ماني جا ٿوري اطلاع تي ميسر ٿي سگهي ٿي، موڪلڻ جو حڪم ڪيو. هن بهترين شراب جي هڪ درجن بوتلن ۽ منهنجي لاءِ طاقت ڏيندڙ دوائن جو اڳيئي سنو انتظام ڪيو هو. هن مشڪ سان خاطري ڏيندي وڏيڪ چيو، تہ جيتوڻيڪ پاڻ جيل ۾ ڪڏهن بہ نہ رهيو هو، تڏهن بہ هو هڪ دفعي لاءِ ڪجهہ وقت اتي ليٽندو. پيشڪار مانيءَ جي تيارين سان جلدي حاضر ٿيو. هڪ ميز اسان کي داروغي کان اڌاري ملي. هو نهايت چڱي مزاج وارو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. شراب دستور موجب تقسيم ڪيو ويو، ۽ بہ تمام چڱيءَ طرح ڊڪيل طعام جا خومچا اندر آندا ويا.

منهنجي ڌيءَ اجا تائين پنهنجي ڀاءُ جي دکدائڪ حالت بابت نہ ٻڌو هو، ۽ اسان پڻ ان بيان سان سندس خوشيءَ کي افسرده ڪرڻ نٿي چاهيو. اهو اجايو هو، جو مون خوش مزاج ظاهر ٿيڻ لاءِ ڪوشش ڪئي، ڇاڪاڻ تہ منهنجي بدبخت پٽ جي حالتن ڊوڙنگ جي سيني ڪوشش کي ايتري قدر تہ ٽوڙي ڇڏيو، جو آءٌ هن جي بدبختين کي بيان ڪرڻ ۽ چاهنا ڪرڻ سان تہ هو اسان سان هن خوشيءَ جي ننڍڙي وقفي ۾ حصي وٺڻ لاءِ آندو وڃي، پنهنجي خوشيءَ کي شڪستہ ڪرڻ تي مجبور ٿي پيس. منهنجا مهمان منهنجي بيان جي پيدا ڪيل ٽرٽلي مان سڌير ٿيا، ان کان پوءِ مون عرض ڪيو، تہ "مسٽر جينڪنسن" کي پڻ اجازت ملي. داروغي اها غير دستوري فرمانبرداري جي نموني ۾ منظور ڪئي. اجا

منهنجي پٽ جي پيڙين جو ڪڙڪو رستي تي مس ٻڌڻ ۾ آيو، تہ سندس پيڻ ساڻس ملڻ لاءِ بي صبريءَ سان ڊوڙي. ان وقت "مسٽر برچل" مون کان پڇيو، تہ آيا منهنجي پٽ جو نالو جارج هو، جنهن جو جواب هاڪاريءَ ۾ ملندي، هن اجا تائين پنهنجي ماٺ جاري رکي. جيئن منهنجو پٽ ڪونيءَ ۾ گهڙيو، تيئن مون ڏٺو تہ هن "مسٽر برچل" جي عجب ۽ تعظيم واريءَ نگاهہ سان عزت ڪئي.

مون چيو، "منهنجا پٽ هليو اچ، جيتوڻيڪ اسين تمام گهڻو تباهہ ٿي ويا آهيون، تنهن هوندي بہ پالڻهار اسان کي ڏکن کان ڪجهہ ڇوٽڪاري ڏيڻ تي مهربان ٿيو آهي. منهنجي ڌيءَ اسان کي واپس ملي آهي، ۽ اهو ٿي ماڻهو هن کي ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي. هن ٿي بهادر انسان جو آءٌ احسانمند آهيان، جو منهنجي هڪ ڌيءَ هاڻي منهنجي قبضي ۾ آهي. منهنجا پٽ، ڪيس پنهنجي دوستيءَ جو هٿ ڏي. هو اسان جي گرماگرم شڪريي جو مستحق آهي".

منهنجو پٽ هيءُ سمورو عرصو جيڪي مون چيو، ان ڏانهن توجهہ نہ ڏيندڙ ڏسڻ ۾ آيو. ۽ اجا تائين عزت پرئي مفاصلي تي بيٺو رهيو. سندس پيڻ چيو، "منهنجا پيارا ڀاءُ، ڇو تون منهنجي نيڪ ڇوٽڪاري ڏيندڙ جو شڪريو بجا نٿو آڻين؟ پهلوانن کي هميشہ هڪ ٻئي کي پيار ڪرڻ گهرجي".

هن اجا تائين بہ پنهنجي ماٺ ۽ حيرت جاري رکي، جيستائين اسان جي مهمان آخر پاڻ کي سڃاتل ڏٺو. ۽ پنهنجو اصل شان اختيار ڪندي، منهنجي پٽ جي اڳتي اچڻ جي خواهش ڪئي. جهڙي مقتدر ادا هُنَ هِنَ موقعي تي اختيار ڪئي، تهڙي مون هن کان اڳ ڪڏهن بہ هِنَ ۾ ڪانہ ڏٺي هئي. هڪ معتمد فيلسوف چوي ٿو، تہ "سرشتيءَ ۾ اعليٰ ترين وَٿُ اهو نيڪ ماڻهو آهي، جو مصيبت سان ڪشمڪش ڪندڙ آهي. تنهن هوندي ان کان بہ وڌيڪ اعليٰ اهو نيڪ ماڻهو آهي، جو ان مصيبت کان ڇوٽڪاري ڏيڻ لاءِ اچي ٿو". هن منهنجي پٽ جو نهايت عمدي طريقي ۾ ڪجهہ وقت لحاظ رکيو. ۽ ان کان پوءِ چيو، "وري بہ آءٌ ڏسان ٿو، بي خيال ڇوڪر، تہ اهو ساڳيو ڏوهہ!" مگر اتي هو داروغي جي نوڪرن مان هڪ جي اچڻ تي رڪجي ويو. اهو نوڪر اسان کي اطلاع ڏيڻ آيو هو، تہ هڪ مرتبي وارو ماڻهو، جو هڪ گاڏيءَ ۽ ڪيترن حاضريءَ وارن نوڪرن سان گڏ شهر ۾ آيو هو، تنهن پنهنجيون تعظيمون ان سڪر ماڻهوءَ لاءِ موڪليون هيون، جو اسان سان گڏ هو. ۽ ان معلوم ڪرڻ جو

عرض ڪيائين، تہ هو ڪڏهن بہ مناسب سمجهندو جڏهن هو ساڻس ملاقات ڪري. اسان جي مهمان جواب ڏنو. ”ان ڪي چئو تہ. تيستائين اتي ترسي جيستائين مون کي ساڻس ملڻ جي فرصت ملي“. ان کان پوءِ منهنجي پٽ ڏانهن مخاطب ٿي وڌيڪ چيائين، ”آئون وري بہ ڏسان ٿو، تہ تون ساڳئي ڏوهہ جو مجرم آهين، جنهن لاءِ مون توکي اڳي هڪ دفعو جهڙڪيو هو. ۽ جنهن لاءِ قانون هاڻي تمام واجبيءَ ۾ واجبي سزائون پيو تيار ڪري. تون سمجهين ٿو تہ شايد، تنهنجي پنهنجي حياتيءَ لاءِ حقارت توکي ٻئي جي حياتيءَ وٺڻ جي اجازت ڏئي ٿي. سائين هڪ املهہ حياتيءَ کي جوکي ۾ وجهندڙ موڳي ۾ موڳي ماڻهوءَ ۽ هڪ حفاظت سان عمل ڪندڙ خونيءَ جي وچ ۾ ڪهڙو تفاوت آهي؟ جُواريءَ جي دغا ۾ اها ڪا ڪمي آهي ڇا، جڏهن هو دليل پيش ڪري ٿو تہ پاڻ هڪ ڪوڙو سِڪو شرط ٻڌو هئائين؟“

مون چيو، ”اَفسوس، سائين تون ڪير بہ هجين، غريب گمراهہ مخلوق تي رحم ڪر. ڇاڪاڻ تہ جيڪي ڪي هن ڪيو آهي، سو هڪ گمراهہ ماءُ جي فرمانبرداريءَ ڪري. سندس ماءُ پنهنجي بغض جي شديد غُصي ۾ پنهنجي دعائن جي نالي تي ڪانئس طلب ڪئي، تہ هو سندس تڪرار جو عيوض وٺي. سائين، اجهو، هيءُ خط آهي، جو توهان کي هن جي بيوقوفي ثابت ڪري ڏيکاريندو ۽ سندس ڏوهہ گهٽ ڪندو“.

هن خط کنيو ۽ ان کي تڪڙو پڙهيو. هن چيو، ”هيءُ جيتوڻيڪ هن گناهہ جو هڪ مڪمل عذر نہ آهي، پر هڪ اهڙي جرم کي خفيف ثابت ڪندڙ آهي، جو مون کي ڪيس معاف ڪرڻ تي آماده ڪري ٿو“.

هن پنهنجو سلسلي ڪلام جاري رکندي، ۽ مهربانيءَ سان جارج جي هٿ کان جهلندين چيو، ”هاڻي سائين آءُ ڏسان ٿو، تہ مون کي هتي ڏسي، اوهين حيران ٿيا آهيو! پر مون اڪثر جيلن کي گهٽ پسند ايندڙ موقعن تي ڏٺو آهي. آءُ هينئر ڏسڻ آيو آهيان، تہ هڪ لائق ماڻهو، جنهن لاءِ مون کي تمام سچي دلي عزت آهي، ان سان انصاف ٿئي. آءُ گهڻو ئي تنهنجي والد جي فيض و ڪرم جو ڇمڙا پوشيءَ ۾ تماشبين ٿي رهيو آهيان. مون سندس ننڍڙي رهائش گاهہ تي خوشامد کان پاڪ عزت حاصل ڪئي آهي، ۽ سندس باهہ جي چوڌاري مزيدار سادگيءَ مان اها خوشي حاصل ڪئي اٿم، جا بادشاهي درٻارون بہ ڏيئي

نہ سگھنديون هونديون. منهنجو پائٽيو منهنجي هٿي اچڻ جي ارادن کان واقف ٿيو آهي، ۽ آءٌ سمجهان ٿو تہ اهو آيو آهي. سندس پيءُ ڳاڇا ڪان سواءِ ڪيس ڏوهي نهرائڻ ساڻس ۽ توهان سان ظلم ٿيندو. ۽ هيءَ آءٌ سواءِ ڪنهن ٻئاڪ جي چئي سگهان ٿو، تہ ڪڏهن بہ ڪنهن "سر وليم ٿارنهل" تي بي انصافيءَ جو الزام نہ لڳايو آهي.

هاڻي اسان ڏنو، تہ اها شخصيت جنهن کي اسان ايترو گهڻو وقت هڪ غريب ۽ دلچسپ ساٿيءَ وانگر مهمان رکيو هو، سو نامور "سر وليم ٿارنهل" کان سواءِ ٻيو ڪونہ هو، جنهن جي اخلاقن ۽ خاص خوبين کان ورلي ڪو غير واقف هو. غريب "مسٽر برجل" سچ پچ تہ هڪ وڏيءَ دولت ۽ گهڻي اثر وارو ماڻهو هو، جنهن ڏانهن قانون جوڙڻ واريءَ جماعت جي ميمبرن گهڻي تعريف سان توجهہ ڏنو ٿي، ۽ جنهن کي ان جماعت اعتماد سان ڀُڏو ٿي. هو پنهنجي ملڪ جو دوست، مگر پنهنجي بادشاهہ سان وفادار هو. منهنجي غريب زال، پنهنجي اڳئين گهرائي ياد ڪندي، انديشي کان ڪانئس ڪوٰ ڪرڻ لڳي. پر صوفيا جنهن ڪجهہ منٽ اڳ ڪيس پنهنجو ٿي سمجهيو، سا هاڻي ڪيس تمام دور مقام تي، جنهن تي ڪيس نصيب ڪٽي ويو هو ڏسندي، پنهنجي لڙڪن لڪائڻ کان لاچار هئي. منهنجيءَ زال نهايت قابل رحم حالت ۾ چيو، "سائين، اهو ڪيئن ممڪن ٿي سگهي ٿو، تہ مون کي ڪڏهن بہ اوهان جي معافي ملي سگهندي؟ اڳئين دفعي جڏهن مون کي اوهان کي پنهنجي گهر ۾ ڏسڻ جي عزت نصيب ٿي هئي، تڏهن مون کان جيڪي بي مانائيءَ وارا چرچا ٿيا، سي مون اوهان سان ڪيا. هاڻي مون کي خوف آهي، تہ اهي ڪڏهن بہ معاف ٿي نہ سگهندا".

هن جواب ڏنو، "خاتون، جيڪڏهن تو ڪو چرچو ڪيو هوندو، تہ مون ان جو جواب ڏنو هوندو. آءٌ اهو سڄيءَ جماعت تي ڇڏيندس، تہ اهي فيصلو ڪن تہ آيا، منهنجا چرچا اهڙا سنا نہ هئا، جهڙا تنهنجا. سچ تہ مون کي ڪوبہ اهڙو ماڻهو ڪونہ ٿو سجهي، جنهن سان آءٌ هن وقت ناراض آهيان، سواءِ ان شخص جي جنهن منهنجيءَ پياريءَ ڇوڪريءَ کي اهڙو ڏيڇاريو آهي. مون کي موربگو ان بدمعاش جي بدن کي جاچڻ جو بہ وقت ڪونہ مليو، جو ڪيس اشتهار ۾ پڙرو ڪري سگهجي. منهنجي پياري "صوفيا" ڇا تون ڪيس وري سڃاڻي سگهندينءَ؟"

صوفيا جواب ڏنو، ”سائين آءٌ خاطريءَ سان چئي نٿي سگهان، پر هاڻي مون کي ياد اچي ٿو، ته سندس پُرن مان هڪ جي مٿان هڪ وڏو نشان هو“. ”جينڪنسن“ جو پير ۾ بيٺو هو، تنهن وچ ۾ چيو، ”بيبي تڪليف معاف ڪجو، نوازش ڪري مون کي ٻڌايو، ته ڇا، ان شخص جا وار ڳاڙها هئا؟“ صوفيا جواب ڏنو، ”ها، آءٌ ائين سمجهان ٿي“. هن ”سروليم“ ڏانهن مخاطب ٿيندي وڌيڪ چيو، ”سائينءَ جن، هن جي ٽنگن جي لمبائي ڏني؟“ امير جواب ڏنو، ”آءٌ سندس ڊگهائيءَ بنسبت خاطري ڏيئي نٿو سگهان، مگر مون کي سندس تڪڙي هئڻ جي خاطري آهي. ڇاڪاڻ ته هو مون کا اڳتي نڪري ويو، جو هڪ اهڙو ڪم آهي، جو مون خيال ڪيو ته، هن حڪومت ۾ ڪي چند ماڻهو ڪري سگهندا هوندا“. ”حضور جن اطمينان ڪن“. ”جينڪنسن“ دانهن ڪئي، ”آءٌ ان ماڻهوءَ کي سڃاڻان ٿو. يقيناً اهو ساڳيو ماڻهو آهي“. هو ”انگلينڊ“ جو بهترين ڊوڙندڙ آهي. هن ”نيوڪئسل“ جي ”پِنوائر“ کي جيتيو. سندس نالو ”ٽموٿي بئڪسٽر“ آهي. آءٌ کيس مڪمل طرح سڃاڻان، ۽ سندس موجوده لڪڻ جي جڳهه جي به ڄاڻ اٿم. جيڪڏهن حضور جن داروغي کي حڪم ڪن، ته هو مون کي سندس ٻن ماڻهن سان گڏ ڇڏي، ته آءٌ گهٽي ۾ گهٽو کيس هڪ ڪلاڪ ۾ توهان وٽ پيش ڪرڻ جو ذمو کڻندس“. انهيءَ تي داروغي کي ڪوٺايو ويو. داروغي جي حاضر ٿيڻ تي، ”سر وليم“ کانئس پڇيو، ”ڇا تون مون کي سڃاڻين ٿو؟“ داروغي جواب ڏنو، ”هائو، حضور خاطري ڪريو، آءٌ ”سر وليم ٿارنهل“ کي چڱيءَ طرح سڃاڻان، ۽ هرڪو ماڻهو جنهن کي هن جي خبر آهي، سو کيس وڌيڪ ڄاڻڻ جي خواهش رکي ٿو“. ان تي امير چيو، ”تڏهن تمام چڱو، منهنجو عرض آهي، ته تون منهنجي اختياريءَ تي هن ماڻهوءَ ۽ پنهنجن نوڪرن مان ٻن کي هڪ پيغام پهچائڻ لاءِ وڃڻ جي اجازت ڏي. آءٌ عدالتي ڪاروبار هلائيندڙ جماعت جو ميمبر آهيان. تنهنڪري آءٌ انهن کي هٿ ڪري ڏيڻ جو ڪم پنهنجي ذمي کڻان ٿو“. ٻئي جواب ڏنو، ”توهان جو وعدو ڪافي آهي، ۽ هڪ منٽ جي اطلاع سان حضور جن کيس ساريءَ ”انگلينڊ“ ۾ جڏهن موزون سمجهن، تڏهن پلي موڪلين“.

داروغي جي اجازت بعد ”جينڪنسن“ کي ”ٽموٿي بئڪسٽر“ جي تلاش ۾ موڪليو ويو. سندس وڃڻ کان پوءِ اسين پنهنجي ننڍڙي ”بِلِ“ جي راند روند ۾ وندريا

پيا هئاسون، جو ان وقت اتي آيو هو. ۽ "سر وليم" کي چمي ڏيڻ لاءِ سندس ڪلهن تي چڙهي وينو. سندس ماءُ کيس گوشمالي ڪرڻ لاءِ پٺي ويئي، مگر ان بابت اسان کيس روڪيو. ۽ جيئن ئي هو قاتل تتل ڪپڙن ۾ هو، تيئن ئي کيس پنهنجي گوڏن تي ڪلندي چيائين، "چا بل ڱُنـڪالـِجَ، تون پنهنجي جهوني دوست "برچل" کي سڃاڻين ٿو؟ ۽ تون "ڊِڪ"، منهنجا آزمودگار سپاهي، تون پڻ هتي آهين؟ توهين ڏسندؤ تہ مون توهان کي ڪونہ وساريو آهي". ائين چوندي هن هرهڪ کي هڪ وڏو جنجر جي مانيءَ جو ٽڪرو ڏنو، جو انهن غريبن تمام خوشيءَ سان کاڌو. ڇاڪاڻ تہ ڪين ان صبح جو تمام ٿورڙي نيرن ملي هئي.

اسين هاڻي مانيءَ تي ويناسون، جا ٿڌي ٿي ويئي هئي. پر ان کان اڳ جيئن تہ مون کي ٻانهن ۾ اجا تائين سور هو، تنهنڪري "سر وليم" هڪ نسخو لکيو، ڇاڪاڻ تہ هن علم طبعيءَ جو اڀياس ڪرڻ پنهنجي وندر ڪيو هو، ۽ ڌنڌي ۾ وچٽري هنر واري کان وڌيڪ هو. اهو نسخو ڳوٺ جي دوائن وڪڻندڙ ڏانهن موڪليو ويو. منهنجيءَ ٻانهن جي ملم پٽي ڪئي ويئي، ۽ مون جلدي آرام حاصل ڪيو. مانيءَ تي اسان جي حاضري داروغي پري، جو اسان جي مهمان جي ايتري تعظيم ڪري رهيو هو، جيتري سندس طاقت ۾ هئي. اسان ڇگيءَ طرح ڪائي ورتو، ان کان اڳ پيو پيغام سندس ڀائٽي کان آيو، جو پاڻ کي ٻي ڏوهي نهرائڻ لاءِ حاضر ٿيڻ جي اجازت جي خواهش ڪري رهيو هو. امير اهو عرض قبول ڪيو، ۽ "مسٽر ٿارنهل" کي اندر اچڻ جي اجازت ڏنائين.

★

## باب ايڪٽيهون

# اڳئين ڪريم النفسي

”مسٽر تارنهل“ هميشه وانگر مشڪندي ظاهر ٿيو ۽ ٻڌو پنهنجي چاچي کي ياڪر پائڻ ويو. مگر چاچس ڪيس حقارت سان موٽائي ڇڏيو. امير سختيءَ سان چيو, ”هن وقت ڪابه چاپلوسي نہ گهرجي. منهنجيءَ دل کي قبول پوڻ جو صرف هي طريقو آهي, عزت جي رستي ڪان اچڻ. پر هتي آءٌ صرف ڪوڙ, گيديپڻي ۽ ظلم جا منجهيل واقعات ڏسان ٿو. جناب! اهو غريب ماڻهو جنهن سان تو دوستيءَ جي دعويٰ ٿي رکي, ان سان اهڙي نموني برتاءُ ڪرڻ ڪهڙي معنيٰ ٿو رکي؟ سندس ڌيءَ سندس مهمان نوازيءَ جي عيوض ڪميڻپ جي نموني زوري ڀڄائي ويئي, ۽ شايد صرف بي عزتيءَ کي روڪڻ لاءِ سندس پيءُ کي جيل ۾ اُجلايو ويو آهي. هن جو پٽ جنهن کي تون هڪ مرد وانگر منهن ڏيڻ کان ڊنئين ٿي سو پڻ.....“. ”مسٽر تارنهل“ گفتگو ٽوڙيندي چيو, ”سائين, ڇا اهو ممڪن آهي تہ منهنجو چاچو ان ڪم تي هڪ گناهہ وانگر اعتراض ونيِ, جنهن کي ڇڏڻ لاءِ سندس وري وري هدايتن ئي مون کي آماده ڪيو آهي“.

”سر وليم“ جواب ڏنو, ”تنهنجو چوڻ بلڪل ٺيڪ آهي. هن موقعي تي تو چڱيءَ سياڻپ سان ڪم ڪيو آهي, مگر اهڙو نہ جهڙو هوند تنهنجو پيءُ ڪري ها. منهنجو ڀاءُ سچ پچ تہ, عزت جو روح روان هو, پر توهان......, هائو, تو هن موقعي تي مڪمل طرح نيڪ ڪم ڪيو آهي, ۽ آءٌ ان کي گهڻو پسند ڪريان ٿو“.

سندس ڀائٽي چيو, ”مون کي اميد آهي تہ منهنجي باقي هلت ملامت جي لائق نہ ڏني ويندي. سائين, آءٌ هن معزز ماڻهوءَ جي ڌيءَ سان گڏ ڪن عوامي وندر گاهن تي حاضر ٿيس. اهڙيءَ طرح جيڪا هلڪائي هئي, تنهن کي بدناميءَ جي سخت نالي سان ڪوٺيو ويو, ۽ ظاهر ڪيو ويو تہ, منهنجو ساڻس گهرو تعلق هو. سندس راضپي موجب ڳالهہ کي صفا ڪرڻ لاءِ آءٌ شخصي طرح سندس پيءَ وٽ ويس, پر هن منهنجو استقبال صرف بي عزتيءَ ۽ گارين سان ڪيو. باقي ٻين ڳالهين بنسبت منهنجا عام مختيار ۽ وڪيل اوهان کي چڱيءَ طرح آگاهہ ڪري سگهندا. چاڪاڻ تہ آءٌ پنهنجو سمورو ڪاروبار سندن ئي حوالي ڪريان ٿو. جيڪڏهن هن قرض ڪنيا

آهن. ۽ موٽائي ڏيڻ جي لائق نـہ آهي، تـہ سندن ٿي ڪم آهي، تـہ هن نموني سان ڪاروائيءَ ڪن ۽ آءٌ داد رسيءَ لاءِ انهن تمام قانوني طريقن اختيار ڪرڻ ۾ ڪابہ سختي يا بي انصافي ڪونہ ٿو ڏسان“.

”سر وليم“ چيو. ”جيڪڏهن اهو ائين آهي جيئن تو بيان ڪيو آهي، تـہ پوءِ تنهنجي ڪيل ڪم ۾ ڪابہ اهڙي ڳالهہ نـہ آهي، جا معاف ڪرڻ جوڳي نـہ هجي. هيءُ معزز انسان اهڙي ظلم سان دٻايو وڃي، ان کي برداشت نـہ ڪرڻ ۾ تنهنجي هلت وڏيڪ سخاوت واري ٿئي ها. تنهن هوندي بہ هيءُ ڪاروائي ڪم از ڪم انصاف ڪارڻ ٿي آهي“.

زميندار جواب ڏنو. ”هيءُ ڪنهن بہ هڪ تفصيل جو رد ڏيئي نٿو سگهي، ۽ آءٌ ائين ڪرڻ لاءِ ڪيس سامهون ٿيان ٿو. ۽ جيڪي آءٌ چوان ٿو، ان جي تصديق ڪرڻ لاءِ منهنجن نوڪرن مان ڪيترا تيار آهن“. مون کي صبر ۾ ڏسي، هن وڌيڪ چيو. ”اهڙيءَ طرح سائين ثابت ٿئي ٿو تہ آءٌ بي ڏوهي آهيان. پر جيتوڻيڪ اوهان جي استدعا تي، آءٌ هن معزز ماڻهوءَ کي پيو سيڪو گناهہ معاف ڪرڻ لاءِ تيار آهيان، تـہ بہ مون کي توهان وٽ بي آبرو ڪرڻ لاءِ هن جيڪي ڪوششون ورتيون آهن، سي اهڙو غصو اُيارين ٿيون، جو آءٌ پاڻ کي سنڀالي نٿو سگهان. ۽ اهو پڻ ان وقت تي، جڏهن سندس پٽ سچ پچ تـہ منهنجيءَ حياتيءَ وٺڻ جي تياري ڪري رهيو هو. ان لاءِ آءٌ چوان ٿو، تـہ هڪ اهڙو ڏوهہ آهي، جنهن کي مون قانون تي ڇڏڻ لاءِ ارادو ڪيو آهي، تـہ اهو پلي پنهنجو رستو اختيار ڪري. مون وٽ سندس چئلينج ۽ ان کي ثابت ڪرڻ لاءِ بہ شاهد موجود آهن. منهنجي نوڪرن مان هڪُ خوفناڪ نموني ۾ ڦٽيو ويو آهي، ۽ جيتوڻيڪ منهنجو چاچو پاڻ ڪٽي مون کي سمجهائي ان کان باز آڻيندو، جو آءٌ سمجهان ٿو تہ هو نـہ ڪندو. تنهن هوندي بہ آءٌ قانوني انصاف ٿيل ڏسندس ۽ هي ان لاءِ ڀوڳيندو“. منهنجيءَ زال چيو. ”بدمعاش، تو اڳيئي پنهنجو وير نـہ ورتو آهي ڇا. جو منهنجو ڇوڪرو تنهن جو ظلم ضرور ڇڪندو؟ مون کي اميد آهي تہ نيڪ ”سر وليم“ اسان کي بچائيندو. ڇاڪاڻ تـہ منهنجو پٽ اهڙو تـہ معصوم آهي، جهڙو ٻار. مون کي خاطري آهي، تـہ هيءُ بي ڏوهي آهي. ۽ هن ڪڏهن بہ ڪنهن ماڻهوءَ کي نقصان نـہ رسايو آهي“.

ان نيڪ انسان جواب ڏنو. "بيبي! سندس سلامتيءَ لاءِ توهان جون دلي خواهشون منهنجين ڪان وڌيڪ نہ آهن. پر مون کي افسوس آهي، جو آئون ڏسان ٿو، تہ هن جو ڏوهہ بلڪل پڌرو آهي، ۽ جيڪڏهن منهنجو پائينو ان تي زور رکي ٿو......". پر "جينڪنسن" ۽ داروغي جي نوڪرن هاڻي اسان جي ڏيان کي ڇڪي ورتو، جو هڪ قداور خوش پوش شخص کي ڇڪيندا، اندر گهڙيا. "جينڪنسن" کيس اندر ڌڪيندي چيو، اجهو هي اسان وٽ حاضر آهي، ۽ جيڪڏهن ڪو شخص ڪڏهن بہ "ٽائبرن" لاءِ اميدوار هو تہ اهو هي شخص آهي".

جنهن ساعت "مسٽر ٿارنهل"، ان قيديءَ ۽ "جينڪنسن" جنهن جي هو حوالات ۾ هو، سُڃاتو، تنهن وقت خوف کان پوئتي هٽندو ڏنو ويو. سندس منهن پنهنجي ڪيل گناهہ کان پيلو ٿي ويو. پر "جينڪنسن" سندس ارادو پرکي ورتو ۽ کيس بيهاري ڇڏيائين. هن چيو، "ڇا، زميندار صاحب، تون پنهنجن ٻن جهونن واقف ڪارن، "جينڪنسن" ۽ "باڪسٽر" کان شرمسار آهين؟ پر هي ئي طريقو آهي جنهن ۾ سڀيئي وڏا ماڻهو پنهنجن دوستن کي وساري ڇڏيندا آهن، جيتوڻيڪ منهنجو پڪو ارادو آهي تہ اسين توهان کي ڪڏهن بہ ڪين وسارينداسون". هن "سر وليم" ڏانهن مخاطب ٿي چيو، "حضور جن خاطري ڪن، تہ اسان جي قيديءَ اڳيئي سڀ ڪجهہ قبول ڪيو آهي، هي اهوئي سڪر ماڻهو آهي، جنهن لاءِ سخت زخمي هئڻ جي پڪار ڪيل آهي. هي ظاهر ڪري ٿو، تہ "مسٽر ٿارنهل" ئي هو، جنهن پهريائين کيس هن ڪم تي مقرر ڪيو. هن ئي کيس اهي ڪپڙا ڏنا، جي هو هاڻي هڪ معزز ماڻهوءَ وانگر ڏسڻ ۾ اچڻ لاءِ پهري ٿو. هُن ئي کيس هڪ گاڏي مهيا ڪري ڏني. سندن وچ ۾ اها رٿ رٿيل هئي، تہ هي نوجوان عورت کي ڪنهن سلامتيءَ واري جاءِ ڏانهن ڪڍي ويندو ۽ اتي کيس خوف ۽ دڀ ڏيندو. پر "مسٽر ٿارنهل" ان وقت اندر ڇڙ تہ اتفاقاً سندس آزاديءَ لاءِ اتي پهچي ويندو، ۽ ٻئي ڪجهہ وقت پاڻ ۾ وڙهندا. ان کان پوءِ هو ڀڄي ويندو، جنهن موجب "مسٽر ٿارنهل" کي بچائيندڙ هئڻ جي حيثيت ۾ هن عورت جي پيار حاصل ڪرڻ جو بهتر وجهہ ملندو".

"سر وليم" اهو ڪوٽ سڃاتو، جو اڪثر سندس پائنيو پهريندو هو. قيديءَ پاڻ مرادو وڌيڪ تفصيل وار بيان سان ائين اختتام ڪندي قبول ڪيو، تہ "مسٽر ٿارنهل" اڪثر ساڻس ظاهر ڪيو هو، تہ هو ساڳئي وقت تي ٻنهين ڀينرن سان محبت ۾ ڦاٿل هو.

”سر وليم“ واکو ڪري چيو، ”خدايا! ڪهڙو نہ ڪپر نانگ، آءُ پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي پالي رهيو هوس. جنهن انصاف جو شوق هو رکندڙ آهي، اهوئي ڪيس ملندو. محترم داروغا، ڪيس حفاظت سان رک. تنهن هوندي بہ جهل مون کي خوف آهي، تہ ڪيس روڪڻ لاءِ اسان وٽ ڪابہ قانوني شاهدي نہ آهي“.

ان تي ”مسٽر تارنهل“ نهايت حلم سان التجا ڪئي، تہ انهن ٻن بدمعاشن کي سندس برخلاف شاهدن طور قبول نہ ڪيو وڃي. پر سندس نوڪر پلي پڇيا وڃن. ”سر وليم“ جواب ڏنو، ”منهنجا نوڪر! بدبخت کين وڏيڪ لاءِ پنهنجو نہ ڪوٺ. پر اڄو تہ ٻڌون تہ انهن ماڻهن کي ڇا چوڻو آهي. سندس بورچيءَ کي سڏيو“.

جڏهن بورچيءَ کي اندر داخل ڪيو ويو، تڏهن هن پنهنجي اڳئين مالڪ جي نگاهن مان ڏٺو، تہ سندس سمورو زور هاڻي ختم ٿي چڪو هو. ”سر وليم“ سختيءَ سان واکو ڪري چيو، ”مون کي ٻڌاءِ، تہ تو ڪڏهن پنهنجي آقا ۽ هن ماڻهوءَ کي سندس ڪپڙن ۾ ملبوس ٽيل ۽ هڪ ٻئي سان گڏ ڏٺو آهي؟“ بورچيءَ جواب ڏنو، ”هائو، حضور جن خاطري ڪن هڪ هزار دفعا، هي اهو ماڻهو آهي، جو هميشہ سندس ڪڏَنِ ڪَرتُوتَنِ ۾ ساڻس شامل رهندو هو“.

”مسٽر تارنهل“ وچ ۾ پڇيو، ”ڪيئن، هي سڀ منهنجي منهن تي!“ بورچيءَ جواب ڏنو، ”هائو، آبا ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي منهن تي....، توکي سچ ٻڌايان ٿو، تہ مون ڪڏهين بہ توکي پيار نٿي ڪيو، ۽ نکي توکي پسند ٿي ڪيو. ۽ مون کي ڪابہ پرواهہ نہ آهي، جيڪڏهن هينئر آءُ تو کي پنهنجي دل جو راز ٻڌايان ٿو“. ”جينڪنسن“ واکو ڪري چيو، ”جيڪڏهن توکي مون بابت ڪابہ خبر هجي، تہ اها بہ حضور جن کي ٻڌاءِ“. بورچيءَ جواب ڏنو، ”آءُ چئي نٿو سگهان، تہ مون کي ڪا تو بابت گهڻي خبر آهي، مگر ان رات جڏهن هن معزز ماڻهوءَ جي ڌيءَ کي فريب ڏيئي اسان جي گهر آندو ويو هو، تڏهن تون انهن مان هڪڙو هئين. ”سر وليم“ چيو، ”اهڙيءَ طرح آءُ ڏسان ٿو تہ تو پنهنجي معصوميت ثابت ڪرڻ لاءِ هڪ تمام عمدو شاهد آندو آهي. تون انسانذات تي داغ لڳائين ٿو! اهڙن بدمعاشن سان صحبت ڪرڻ! (پر هُن جي شاهدي جاري رکندي) ها، محترم بورچي تون مون کي ٻڌاءِ، ڇا، هيءَ اهو ماڻهو آهي، جنهن هن وٽ هن ٻڍي ماڻهوءَ جي ڌيءَ آندي هئي؟“ بورچيءَ جواب ڏنو، ”نہ سائين، حضور جن خاطري ڪن، تہ هن ان کي نہ آندو هو. ڇاڪاڻ تہ اهو ڪاروبار

زميندار پاڻ تي ڪنيو هو. پر هن ان پادريءَ کي آندو هو، جنهن ڪين پرٽائڻ جو ڊوئنگ ڪيو هو". "جينڪنسن" چيو، "اهو اهڙو تہ پورو پورو سچ آهي، جو آءٌ ان کان ڪنڌ ڪڍائي نٿو سگهان. اهو ئي ڪم هو، جو مون کي سپرد ڪيو ويو هو، ۽ آءٌ پنهنجيءَ پشيمانيءَ سان اهو قبول ٿو ڪريان".

امير عجب ۾ پئجي چيو، "سڳورا موليٰ سائين! ڪيئن نہ هن جي ڪميٽپ جي هرهڪ نئين خبر مون کي خبردار ٿي ڪري، هن جو هرڪو ڏوهہ تمام پڌرو آهي، ۽ آءٌ ڏسان ٿو تہ هن جو مقدمو ظلم، گيدي پڻي ۽ انتقام سان تيار ڪيل آهي. محترم داروغا، منهنجي پروسي تي هن نوجوان عملدار کي جو هن وقت تنهنجو قيدي آهي، آزاد ڪر. ۽ نتيجن لاءِ مون تي پروسو رک. آءٌ هن ڪم کي ان پنهنجي دوست جج وٽ صحيح روشنيءَ ۾ پيش ڪرڻ جو ڪم پنهجي ذمي ڪٽندس، جنهن ڪيس جيل ڏانهن موڪليو آهي. مگر اها بدنصيب نوجوان عورت ڪٿي آهي؟ پلي تہ هوءَ هن ڪمبخت کي سامهون پوڻ لاءِ حاضر ٿئي. آءٌ معلوم ڪرڻ چاهيان ٿو، تہ هن ڪهڙن هنرن سان ڪيس نڀيو آهي، ڪيس اندر اچڻ لاءِ التجا ڪريو. هوءَ ڪٿي آهي؟"

مون چيو، "افسوس سائين! اهو سوال مون کي دل ۾ ڏنگ هڻي ٿو، آءٌ سچ پچ تہ ڪنهن وقت هن ڌيءَ مان خوش هوس، مگر سندس تباهي...." اِتي منهنجي ڳالهائڻ ۾ ازخود رڪاوٽ پئي، جڏهن مون ڏٺو تہ جا عورت ان وقت حاضر ٿي رهي هئي، سا هئي "مس ارابيلا ولماٽ" جا ايندڙ ڏينهن تي "مسٽر ٿارنهل" سان پرڻجڻي هئي. "سر وليم" ۽ سندس ڀائيٽي کي اُتي پنهنجي اڳيان ڏسي، جيڪا حيرت ڪيس لڳي، تنهن جو بيان ڪري نٿو سگهجي. ڇاڪاڻ تہ سندس اتي اچڻ بلڪل اتفاقي هو. ائين ٿيو جو سندس چاچيءَ زور رکيو هو، تہ سندس شادي "مسٽر ٿارنهل" سان سندس گهر ۾ مڪمل ڪئي وڃي. ان جي گهر ڏانهن ويندي هوءَ ۽ سندس پڊو پيءُ شهر جي وچان لنگهي رهيا هئا. پر تفريحاً ترسندي، هو شهر جي ٻئي ڇيڙي تي هڪ سراءِ ۾ رهي پيا. اتي ائين ٿيو جو دريءَ کان هڪ نوجوان عورت منهنجي ننڍڙن ڇوڪرن مان هڪ کي گهٽيءَ ۾ راند ڪندي ڏٺو، ۽ يڪدم ڇوڪر کي هڪ نوڪر هٿان پاڻ وٽ گهرائي، ڪانئس اسان جي ڪجهہ مصيبتن جو احوال معلوم ڪيائين، مگر اجا تائين ڪيس اها خبر نہ ڏني ويئي تہ "مسٽر ٿارنهل" ڪو انهن جو سبب هو.

جيتوٽيڪ سندس پيءُ ملاقاتن لاءِ اسان وٽ جيل ۾ اچڻ جي نامناسب هلت تي گهڻيئي اعتراض ڪيا. تنهن هوندي بہ اهي بي اثر ٿيا. هن ڇوڪري ڪي وني هلڻ لاءِ چيو، جو ڪم هن ڪيو. ۽ اهڙيءَ طرح هن جي غير متوقع ٿائي تي آمد اسان کي حيرت ۾ وڌو.

آءٌ انهن اتفاقي ملاقاتن تي روشني وجهڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نٿو سگهان، جي جيتوٽيڪ روز مره پيون ٿين، مگر سواءِ ڪنهن غير معمولي موقعي جي اسان جي حيرت کي ڪو ورلي اُڀارين ٿيون. اسين پنهنجين زندگين جي سيڪنهن خوشيءَ لاءِ ڪهڙيءَ اتفاقي ماجرا جا مرهون منت نہ آهيون؟ اسين ڪپڙا پهرايا يا ڪاڏو ڪارايا وجون ٿا. ان کان اڳ ڪيترا نہ گهٽا ظاهر ظهور محنت ڪرڻ ڏانهن متوجهہ هئڻ گهرجن. وسڪارو ضرور وسي، هوا واپار لاءِ ويندڙ جهاز جي سڙهہ کي پيري، ۽ ماڻهو ضرور دستوري سامان جي ضرورت رکندا هجن.

اسان سيني ڪجهہ ساعتن لاءِ پنهنجو صبر قائم رکيو. هن زميندار کي چيو، جو هن سمجهيو تہ اسان جي مدد لاءِ ۽ نہ ئي ظلم ڪرڻ لاءِ آيو هو. ”سچ پچ تہ منهنجا پيارا ”تارنهل“. آءٌ ان کي ڪجهہ بي مروتيءَ جو طريقو سمجهان ٿي، جو تون مون کان سواءِ هتي اچين، ۽ مون کي هن ڪٽنب جي حالت کان آگاهہ نہ ڪرين، جو پاڻ ٻنهين کي تمام گهڻو پيارو آهي. توکي خبر آهي، تہ مون کي پنهنجي معزز بزرگ استاد. جنهن کي آءٌ هميشه لاءِ تعظيم ڏيندس، ان جي دستگيريءَ لاءِ مدد ڪرڻ ۾ ايتري ئي مسرت هئڻ گهرجي جيتري تون حاصل ڪري سگهين ٿو. پر آءٌ ڏسان ٿي، تہ تون پنهنجي چاچي وانگر ڳجهيءَ طرح نيڪي ڪرڻ ۾ خوشي حاصل ڪرين ٿو“.

”سر وليم“ وچ ۾ ڳالهائيندي چيو، هي نيڪيءَ ڪرڻ ۾ مسرت حاصل ڪري ٿو! نہ. منهنجي پياري، هن جون خوشيون اهڙيون ئي ذليل آهن، جهڙو هي پاڻ آهي. خاتون، تون هن جي شڪل ۾ اهو پورو پورو بدمعاش ڏسين ٿي، جنهن هميشه انسانذات جي گهٽتائي ڪئي. هڪ ڪميڻو، جنهن هڪ غريب ماڻهوءَ جي ڌيءَ کي گمراهہ ڪرڻ کان پوءِ ۽ سندس پيٽ جي معصوميت خلاف منصوبي رٿڻ کان پوءِ، سندس پيءُ کي قيد ۾ اڇلايو، ۽ وڏي پاءُ کي بيڙين ۾ وڌو آهي. چاڪاڻ تہ هن کي سندس ٻوه ڪندڙ سان سامهون ٿيڻ جي همت هئي، ۽ خاتون، تون مون کي اجازت ڏي، تہ آءٌ توکي هن راڪاس جهڙي کان بچي وڃڻ تي مبارڪون ڏيان“.

ان وٽندڙ چوڪريءَ چيو، "او خدا، آءٌ ڪيئن نہ نڀاڳي ويئي آهيان! "مسٽر تارنهل" مون کي خاطريءَ جهڙو اطلاع ڏنو، تہ هن بزرگ جو وڏو پٽ "ڪيپٽن پرمروز" پنهنجي نئين شادي ڪيل زال سان ٻاهر آمريڪا ڏانهن ويو هو".

منهنجيءَ زال چيو، "منهنجي منڙي ڪڪي، هن توکي ڪوڙن کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ ڪونہ ٻڌايو آهي. منهنجي پٽ "جارج" ڪڏهن بہ حڪومت جون حدون نہ ڇڏيون. نڪي ڪڏهن بہ ڪا شادي ڪيائين. جيتوڻيڪ توکيس وساري ڇڏيو آهي، مگر هن توکي هميشہ ايترو تہ گهڻو پيار ڪيو آهي جو ڪنهن ٻيءَ جو خيال بہ نہ ڪري سگهيو آهي. مون کيس ائين چوندي ٻڌو آهي، تہ هو تنهنجي واسطي ڪنوارو مرندو". هوءَ پوءِ پنهنجي پٽ جي عشق جي سچائيءَ جو تفصيلوار احوال ڏيڻ لڳي. هن سندس ۽ "تارنهل" جي جهڳڙي کي صحيح روشنيءَ ۾ پيش ڪيو. ان کان پوءِ ان ڳالھ کان نڪري وڃي زميندار جي بد اخلاقين ۽ سندس مَڪَرَ وارين شادين جي ڳالھ ڪيائين ۽ سندس گيدڙپڻي کي نهايت بي عزتيءَ واريءَ تصوير ۾ پيش ڪري، پنهنجيءَ گفتگو کي ختم ڪيائين.

"مس ولمات" چيو، "خدايا! آءٌ ڪيترو نہ بربايءَ جي ڪناري کي ويجهو اچي پهتي هيس! پر ان کان بچڻ تي مون کي ڪيڏي نہ وڏي خوشي ٿي آهي! هن ماڻهوءَ مون کي ڏھ هزار ڪوڙ ٻڌايا آهن. هن کي اهڙو ڪو فن هو جو هو آخر مون کي ان خاطريءَ ڏيارڻ ۾ ڪامياب ٿيو، تہ منهنجو ان معزز ماڻهوءَ سان وعدو، منهنجي مٿان لازم نہ هو، ڇاڪاڻ تہ هيءَ ٿي بي وفا ٿيو هو. هن جي ڪوڙن مون کي هڪ اهڙي ماڻهوءَ کي ڌڪارڻ سيکاريو، جو مڪمل طرح بهادر ۽ مهربان هو."

هن وقت تائين، جيئن تہ جيڪو ماڻهو زخمي ٿيل سمجهيو ٿي ويو، سو مڪار ثابت ٿيو هو، تنهنڪري منهنجو پٽ انصاف جي بندڻن کان آزاد ٿي ويو. "مسٽر جينڪنسن" جنهن خدمتگار وانگر ڪم پئي ڪيو، تنهن پڻ سندس وارن کي سنواريو ۽ معزز ڏسڻ ۾ اچڻ لاءِ جيڪي ڪجهہ ضروري هو، سو کيس ميسر ڪري ڏنو. هاڻي هي تمام سهڻي نموني سان فوجي لباس ۾ اندر گهڙيو، ۽ آءٌ سواءِ ڪنهن فخر جي چوان ٿو، (ڇاڪاڻ تہ آءٌ ان کان مٿي آهيان) تہ هي

اهڙو تہ سهڻو ڏسڻ ۾ ٿي آيو. جهڙو هڪ اهو انسان جنهن هميشه فوجي لباس پهريو هجي. جيئن هي اندر گهڙيو، تيئن هن پراڻهون ۽ نماڻائي سان "مس ولماٽ" کي سلام ڪيو. چاڪاڻ تہ سندس ماءُ جي فصيح زبانيءَ جيڪا تبديلي سندس فائدي ۾ آندي هئي، ان کان هي قطعاً غير واقف هو. ڪابہ فضيلت هن لچاريءَ عورت جي بي صبريءَ کي معافي ڏيڻ کان روڪي نٿي سگهي. سندس لڙڪن ۽ نگاهن، سندس پهرئين وعدي کي وساري ڇڏڻ سبب سندس دل ۾ جيڪي ندامت جا جذبات ٿيا، تن کي ظاهر ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. منهنجو پٽ سندس هيءَ شفقت ڏسي حيران ٿي ويو، تہ ان کي ورلي ڪو سچو سمجهي سگهيو. هن چيو، "خاتون، هي صرف وهمي خيال آهي. آءٌ ڪڏهن بہ اهڙي لياقت رکي نٿو سگهان. اوهان جي هن نموني نوازش ڪرڻ تي آءٌ نهايت گهڻو خوش ٿيو آهيان. "مس ولماٽ" جواب ڏنو، "نہ سائين، مون سان دوکو ڪيو ويو آهي، آءٌ نهايت ذليل نموني ٺڳجي ويئي هيس، نہ تہ ڪابہ ڳالهہ مون کي پنهنجي وعدي پاڙڻ کان روڪي نہ سگهي ها. توکي منهنجي دوستيءَ جي خبر آهي، تو ان کي گهڻو ئي آزمايو آهي، مگر جيڪي ڪجهہ مون ڪيو آهي، ان کي وساري ڇڏ. جيئن توکي اڳي تمام گهڻا سچائيءَ جا وعدا مليل هئا، تيئن وري بہ اهي توسان دهرايل آهن. ۽ خاطري ڪر تہ جيڪڏهن تنهنجي "ارابيلا" تنهنجي ٿي نٿي سگهي تہ هوءَ ٻئي جي بہ ڪڏهن نہ ٿيندي". "سر وليم" چيو، "جيڪڏهن مون کي تنهنجي پيءُ تي ڪجهہ بہ اثر آهي، تہ پوءِ تون ٻئي ڪنهن جي بہ نہ ٿيندينءَ".

هي اشارو منهنجي پٽ "موزز" لاءِ ڪافي هو. هو جيڪي ٿيو هو، تنهن کان ٻڍڙي رئيس کي آگاهہ ڪرڻ لاءِ يڪدم مسافرخاني ڏانهن ڊوڙيو، جتي هو موجود هو. پر انهيءَ وقت سيڪنهن طرف کان برباد ٿيل زميندار اهو معلوم ڪندي تہ فريب ۽ خوشامد ۾ بہ ڪي اميدون باقي ڇڏيل نہ هيون، ان نتيجي تي پهتو تہ سندس لاءِ بهترين رستو ٿيندو تبديل ٿيڻ، ۽ سندس پيچو ڪندڙ کي منهن ڏيڻ. اهڙيءَ طرح سڀ شرم ڇڏي هي بي باڪ بدمعاش ظاهر ٿيو. هن چيو، "تڏهين آءٌ ڏسان ٿو تہ آءٌ هتي ڪنهن بہ انصاف ٿيڻ جي توقع نٿو رکان. پر مون ارادو ڪيو آهي، تہ اهو آءٌ ضرور حاصل ڪندس". "سر وليم" ڏانهن مخاطب ٿيندي هن چيو، "سائين توهان کي خبر هجي تہ آءٌ هن کان وڌيڪ عرصو

توهان جي نوازش تي مدار رکندڙ نہ آهيان. آءٌ انهن کي نفرت سان ڏسان ٿو. ڪابہ طاقت ”مس ولماٽ“ جي ان دولت کي مون کان پري رکي نٿي سگهي، جا سندس اورچائيءَ ڪري ڪافي ڪني تي چڪي آهي. سندس ملڪيت لاءِ صحيح ٿيل دستاويز ۽ اقرار ناما مون وٽ محفوظ آهن. اهو سندس مال ٿي هو. جنهن مون کي هن سگهَ لاءِ هرڪايو. ۽ نہ سندس شخصيت، دولت مون پنهنجي قبضي ۾ آندي آهي، هاڻي ڏسجي تہ ٻئي کي ڪير ٿو پنهنجي حوالي ڪري“.

هيءَ هڪ خوفناڪ ضرب هئي. ”سر وليم“ سندس حقن جي راستبازيءَ کان واقف هو، ڇاڪاڻ تہ هيءُ پاڻ شاديءَ جي شرطن فيصل ڪرڻ جي سلسلي ۾ سندس ٻانهن ٻيلي هو. تنهنڪري ”مس ولماٽ“ اهو ڏسي تہ سندس دولت وڃڻ کي ويئي، منهنجي پٽ ڏانهن مخاطب ٿي، ڪانئس پڇيو تہ آيا دولت جو نقصان سندس قدر وٽس گهٽ ڪري سگهيو آهي؟ هن وڏيڪ چيو، ”جيتوڻيڪ هاڻي دولت منهنجي وس کان ٻاهر آهي، تہ بہ آءٌ ڪم از ڪم پنهنجو هٿ اوهان کي ڏيئي سگهان ٿي“.

سندس عاشق چيو، ”پياري اهو ئي سڀ ڪجهہ هو جو توکي ڏيڻو هو. منهنجي ”ارابيلا“، آءٌ هاڻي هر ڪنهن خوش نصيب سان دعوا رکندي چوان ٿو، تہ هن وقت تنهنجي دولت جي ڪمي منهنجي خوشي وڌائي ٿي ۽ اها منهنجيءَ پياريءَ محبوبہ کي منهنجي سچائيءَ جي خاطري ڏئي ٿي“.

”مسٽر ولماٽ“ اندر لنگهندي، پنهنجي ڌيءَ کي ان وقت خوف مان نجات حاصل ڪيل ڏسي تمام گهڻو خوش ٿيو ۽ يڪدم سگهَ رد ڪرڻ جي اجازت ڏنائين. مگر اهو معلوم ڪندي دلشڪستو ٿي پيو، تہ جا سندس دولت ”مسٽر ٿارنهل“ کي دستاويز موجب ڏني هئائين، تنهن تان هٿ کڻڻو پوندس. هن هاڻي ڏٺو تہ سندس جملي ملڪيت ان ماڻهوءَ جي حوالي ٿيڻي هئي، جنهن وٽ پنهنجي اصلي ملڪيت نہ هئي. هو سندس بدمعاش هئڻ برداشت ڪري سگهيو ٿي، مگر ملڪيت تان هٿ کڻي نٿي سگهيو. تنهنڪري ڪجهہ منٽن لاءِ ڳوڙهي خيال ۾ محو ٿي ويو. ايستائين جو ”سر وليم“ سندس ڳڻتيءَ کي گهٽائڻ لاءِ چيو، ”سائين آءٌ قبول ڪريان ٿو، تہ تنهنجي موجوده نااميدي مون کي ناخوش نٿي ڪري. تنهنجو دولت لاءِ غير معتدل ذوق هاڻي واجبي نموني ۾ سنواريو ويو آهي. جيتوڻيڪ هيءَ تنهنجي ڇوڪري شاهوڪار ٿي نٿي سگهي، مگر هوءَ اجا بہ ڪيس

اطمينان ڏيڻ جي ڪافي لياقت رکي ٿي. تون هتي هڪ ايماندار نوجوان سپاهي ڏسين ٿو، جو ڪيس بغير دولت جي قبول ڪرڻ چاهي ٿو. هنن گهڻو عرصو هڪ ٻئي کي پيار ڪيو آهي، ۽ منهنجي دلچسپي سندن ترقيءَ جي راهه ۾ پوئتي نه پوندي. تنهنڪري اهو حرص ڇڏي ڏي، جو توکي نااميد ڪري ٿو، ۽ هڪ دفعي لاءِ ان خوشيءَ کي اجازت ڏي جا تنهنجي قبوليت چاهي ٿي".

پيرسن سکر ماٺهوءَ جواب ڏنو، "سر وليم"، خاطري ڪريو، مون هيستائين ڪڏهن سندس تمنائن کي مجبور نه ڪيو آهي، نڪي ڪي هاڻي ائين ڪندس. جيڪڏهن هيءَ اجا تائين به هن نوجوان شريف انسان کي پيار ڪري ٿي، ( ته پوءِ آءٌ) پنهنجيءَ دل و جان سان اجازت ڏيان ٿو، ته هو پلي ڪيس هٿ ڪري. خدا جو شڪر آهي، جو اجا تائين ڪجهه ملڪيت ڇڏيل آهي، ۽ اميد آهي، ته توهان جو وعدو ان کي ڪجهه قدر زياده ڪندو. صرف منهنجو دوست (مطلب آءٌ) منهنجي ڌيءَ کي ڇهن هزارن پائونڊن ڏيڻ جو وعدو ڪري جڏهين به پاڻ شاهوڪار ٿئي. آءٌ ان اجازت ڏيڻ لاءِ پڻ تيار آهيان، ته هو پلي اڄ ئي رات پاڻ ۾ گڏجن".

جيئن ته هاڻ اهو مون تي ئي ڇڏيل هو، ته آءٌ هن نوجوان جوڙي کي خوش ڪريان، تنهنڪري مون يڪدم رقم ڏيڻ جو وعدو ڪيو، جا هن چاهي ٿي. اهو ڪم هڪ مون جهڙي ماڻهوءَ لاءِ ڪو وڏو احسان نه هو، جنهن کي اهڙيون اميدون نه هيون. تنهنڪري هاڻي اسان کي سندن بي خوديءَ ڪري هڪ ٻئي جي آغوش ۾ ڊوڙي وڃڻ جي خوشي حاصل ٿي. منهنجي پٽ "جارج" چيو، "آخرڪار مون بدنصيب کي هن نموني عيوضو ملڻ! خاطري آهي ته هي (نوازش) ان کان وڌيڪ آهي، جنهن جي آءٌ ڪڏهن به اميد ڪري ٿي سگهيس. تڪليف جي ايتري عرصي کان پوءِ ان سڀ جو مالڪ ٿيڻ جو خوشي ڏيندڙ آهي منهنجون تمنائون ڪڏهن به ايڏيءَ بلنديءَ تي نه پهچي سگهيون". "مس ولماٽ" وراڻيو، "هائو، منهنجا جارج، هاڻي ڇڏ ته پلي هيءُ نامراد منهنجي دولت حاصل ڪري، ڇاڪاڻ ته تون ان کان سواءِ به خوش رهي سگهين ٿو ۽ آءٌ پڻ اهڙيءَ طرح. او! ڪهڙي نه بدل سدل مون ڪئي آهي. نيچن ۾ نيچ انسان جي طرف کان منهن موڙي پيارن ۾ پيارن سُپرين ڏانهن! پلي ته هو اسان جي دولت مان لطف حاصل ڪري. آءٌ هاڻي تنگدستيءَ ۾ پڻ خوش رهي سگهان ٿي".

زميندار ڪوڙي ڪل سان چيو، ”آءٌ توکي خاطري ٿو ڏيان، تہ جنھن دولت کي تون ڌڪارين ٿي، ان کي حاصل ڪرڻ سان آءٌ تمام گھڻو خوش ٿيندس“.

”جينڪنسن“ چيو، ”جھل سائين جھل، انھيءَ باري ۾ اجا مون کي ٻہ لفظ ڳالھائڻا آھن. جيتري قدر ان عورت جي ملڪيت جو سوال آھي، تہ تون ڪنھن بہ صورت ۾ ان جي ھڪ پئسي کي بہ ھٿ نہ لائي سگھدين“. ھن ”سر وليم“ کي مخاطب ٿي چيو، ”حضور جن کي عرض آھي، تہ جيڪڏھن زميندار جي ٻيءَ عورت سان شادي ڪيل ھوندي تہ پوءِ بہ ھن خاتونِ جي ملڪيت ڪيس ملي سگھي ٿي يا؟“ امير چيو، ”تون ھڪ اھڙو سادو سوال ڪيئن ڪري سگھين ٿو؟ سچ پچ تہ، ھو اھا حاصل ڪري نٿو سگھي“. ”جينڪنسن“ چيو، ”مون کي ان لاءِ افسوس آھي، ڇاڪاڻ تہ جيئن تہ ڪنھن زماني ۾ اسين گڏ رانديون ڪيڏيندا ھئاسون، تنھنڪري منھنجي ساڻس دوستي آھي. پر جيئن آءٌ ڪيس پيار ڪريان ٿو، تيئن اھو پڻ ظاھر ڪندس تہ سندس اقرار نامو ھڪ تماڪ جي ٽوٽي جيتري بہ قيمت نٿو رکي، ڇاڪاڻ تہ سندس اڳيئي شادي ڪيل آھي“. زميندار پنھنجي بي عزتي ڏسي جوش ۾ اچي ويو ۽ چيائين، ”تون ھڪ ڪم ذات وانگر ڪوڙ ٿو ڳالھائين. مون قانوني طرح اصل ڪنھن سان بہ شادي نہ ڪئي آھي“.

”جينڪنسن“ جواب ڏنو، ”حضور جن جي معافيءَ جو طلبگار آھيان. توھان شادي ڪئي ھئي، ۽ مون کي اميد آھي، تہ توھين پنھنجي دوستيءَ جو ٻورو عيوضو پنھنجي ان ايماندار دوست ”جينڪنسن“ کي ڏيندؤ، جو توھان کي زال ھٿ ڪري ڏئي ٿو. جيڪڏھن سئي رفيق ڪجھہ منٽن لاءِ پنھنجي انتظار کي روڪيندا، تہ اھي ان عورت کي ڏسندا، جنھن سان ھن اڳي شادي ڪئي ھئي. ائين چوندي ھو پنھنجي دستوري تيزيءَ سان ٻاھر نڪري ويو ۽ اسان سيني کي سندس مراد متعلق اندازي لڳائڻ کان لاچار ڇڏي ويو. زميندار چيو، ”ھا، ڇڏيوس تہ وڃي، جيڪي بہ ٻيو مون ڪٿي ڪيو ھوندو، تہ ان لاءِ آءٌ ڪيس اتي جواب ڏيندس. آءٌ ھاڻي اھڙين ڇوڪرين کان ڪونہ ٿو ڏڄان“.

”مون کي حيرت آھي“. ”امير جواب ڏنو، ”تہ، ھن شخص جو ان ڳالھہ سان ڪھڙو مطلب آھي؟ آءٌ ان کي ڪجھہ بازاري نموني جو چرچو ٿو سمجھان“. مون جواب ڏنو، ”شايد ھن جو ڪو سنجيدو مطلب ھجي. ڇاڪاڻ تہ جڏھن اسين ھن زميندار جي معصوميت کي گمراھہ ڪرڻ وارين جدا جدا قسمن جي رٿن تي

ويچار ڪريون ٿا. تڏهن شايد ڪو هڪ هن ڪان وڌيڪ هنر وارو اهڙو شخص بہ هجي جنهن ڪيس نڀيو هجي. جڏهن اسين خيال ٿا ڪريون، تہ ڪيترو نہ وڏو انداز ماڻهن جو هن برباد ڪيو آهي، ۽ ڪيترا والدين هاڻي سندس آندل دک سان گڏ رسوائي ۽ ناپاڪائي محسوس ڪن ٿا. تڏهن اهو مون کي حيرت ۾ نہ وجهندو، جيڪڏهين منجهانئن ڪو........ حيرت! ڇا هيءَ ئي منهنجي مري ويل ڌيءَ آهي؟ ڇا! هوءَ اڃا تائين زنده آهي؟ اها ئي آهي. اهائي منهنجي زندگي ۽ منهنجي خوشي آهي. منهنجي "اوليويا". مون توکي مري ويل سمجهيو ٿي، مگر آءٌ توکي اڃا تائين زنده ڏسان ٿو. مون کي اميد آهي تہ تون مون تي نوازش ڪرڻ لاءِ اڃا بہ زندهہ رهنديءَ "جينڪنسن" مون کي "اوليويا" سان گڏ اندر ايندو ڏٺو. تڏهن ڪنهن تمام جوشيلي عاشق جي بي خوديءَ ڪان بہ منهنجا جذبات تيز هئا. ۽ پنهنجيءَ ڌيءَ کي پنهنجي ڀاڪر ۾ آندم. هن جي صرف ماٺ سندس خوشي بيان ٿي ڪئي.

مون چيو تہ منهنجي پياري تون مون وٽ پيرسنيءَ ۾ تسڪين ڏيڻ لاءِ واپس آئي آهين! "جينڪنسن"چيو، "هيءَ سچ پچ تہ، تو لاءِ تسڪين آهي، ۽ ان تي تمام گهڻي خوشي ڪر. واقعي هيءَ تنهنجي معزز نياڻي آهي، ۽ اهڙي ايماندار عورت بي ڪابہ هن ڪونيءَ ۾ مشڪل هوندي. زميندار! هيءَ نوجوان خاتون تنهنجي قانوني شادي ڪيل زال آهي، ۽ توکي خاطري ڏيارڻ لاءِ آءٌ حق ڪان سواءِ بيو ڪجهہ بہ نٿو چوان. اِجهو هيءَ اجازت نامو آهي، جنهن موجب اوهان ٻنهي جي شادي ٿي هئي". ائين چوندي هن اهو اجازت نامو امير جي هٿ ۾ ڏنو، جنهن ان کي پڙهيو ۽ ان کي سيني پرئين پورو ڏٺو. هن وڌيڪ چيو، "معزز صاحبو! آءٌ هاڻي ڏسان ٿو، تہ توهين هن سموري ڪارگذاريءَ تي حيران آهيو، پر ٿورڙائي لفظ اها مشڪل حل ڪندا. هيءَ زميندار، جنهن سان منهنجي گهاٽي دوستي آهي، سو اڪثر ڪري پنهنجا اڍنگا ڪم مون ڪان ڪرائيندو هو. بين ڪمن سان گڏ هنُ عورت کي دلَبي ڏيڻ لاءِ هنَ مون کي پنهنجي شاديءَ لاءِ هڪ جڙتو اجازت نامي ۽ هڪ پادريءَ هٿ ڪرڻ لاءِ موڪليو. پر جيئن تہ آءٌ سندس سچو دوست هوس، تنهنڪري مون ڇا ڪيو جو هڪ سچو اجازت نامو ۽ هڪ سچو پادري هٿ ڪيم، ۽ هنن ٻنهي جي ايترو تڪڙو شادي ڪرايم، جيترو تڪڙو پادري ڪين ڪرائي سگهيو ٿي. شايد توهان سمجهندا تہ

مون کنهن ڪرم فرمائيءَ مطابق ائين ڪيو. پر نہ، آءٌ شرمساريءَ سان قبول تو ڪريان. تہ منهنجي صرف اها مراد هئي، تہ آءٌ اهو اجازت نامو پاڻ وٽ محفوظ رکان ۽ زميندار کي ان ڳالهہ کان آگاهہ ڪريان. تہ موقعي ملڻ تي آئون ان بابت مٿس ثبوت رکي سگهيس ٿي. ۽ اهڙيءَ طرح پئسن جي ضرورت وقت کيس زيربار ڪري سگهيس ٿي. ان وقت ڏسڻ ۾ آيو. تہ خوشيءَ جي لهر سڄي ڪمري کي ٻيري چڏيو هو. اسان جي خوشيءَ عام ڪونيءَ تائين بہ پهچي ويئي. جتي قيدين پڻ ان خوشيءَ ۾ حصو ورتو. ۽ پنهنجون زنجيرون بيحد خوشيءَ ۽ ادنگي سُرَ ۾ لوڏيائون.

هر ڪنهن جو چهرو خوشيءَ وچان ٻهڪڻ لڳو. ۽ "اوليويا" جا ڳل پڻ خوشيءَ سبب سرخ ڏسڻ ۾ آيا. اهڙيءَ طرح ناموس، دوستن ۽ دولت جي وري حاصل ڪرڻ جي بيحد مسرت تباهيءَ جي واذاري کي روڪڻ، ۽ اڳئين تندرستيءَ ۽ خوش طبعيءَ کي واپس آڻڻ لاءِ ڪافي هئي. مگر شايد انهن سڀني مان جيڪي اتي موجود هئا. ڪو بہ اهڙو ڪونہ هو. جنهن مون کان زياده خوشي محسوس ڪئي هجي. اجا تائين بہ پنهنجي ٻچي کي پنهنجين ٻانهن ۾ جهليندي مون پنهنجيءَ دل کان پڇيو. تہ آيا اهي خوشيون وهمي تہ نہ هيون. مون "مسٽر جينڪنسن" ڏانهن مخاطب ٿي واڪو ڪري چيو. "تون اهو ڪم ڪيئن ڪري سگهئين؟ تون سندس موت جي افواهہ سان منهنجي مايوسين ۾ ڪيئن اضافو ڪري سگهئين؟ مگر اها ڪا وڏي ڳالهہ نہ آهي. هن کي وري ڏسڻ تي مون کي جيڪا خوشي ٿي آهي، سا ان درد جي عيوضي کان وڌيڪ آهي". "جينڪنسن" جواب ڏنو. "توهان جي سوال جو جواب هيءَ آهي، تہ مون توهان کي قيد کان آزاد ڪرائڻ جو صرف ممڪن طريقو زميندار جي آڏو اوهان جو پيش پوڻ، ۽ سندس هڪ نوجوان خاتون سان شادي ڪرڻ تي قبوليت ڏيڻ سمجهيو هو. پر جيستائين اوهان جي ڌيءَ زندهہ هئي، تيستائين ڪڏهن بہ ان جي منظور ڪرڻ کان توهان قسم کنيو هو. تنهنڪري بغير توهان کي مطلع ڪرڻ جي تہ هوءَ فوت ٿي ويئي هئي، ٻيو ڪوبہ طريقو مون کي ڪونہ سجهيو. مون توهان جي زال کي ان منصوبي ۾ شامل ٿيڻ لاءِ آماده ڪيو. ۽ هن وقت تائين اهڙو ڪو مناسب موقعو ئي ڪونہ مليو. جو اوهان کي هن حقيقت کان آگاهہ ڪريون".

هاڻي هن سڃي ميڙ ۾ صرف ٻه ماڻهو هئا، جي خوش ڏسڻ ۾ نٿي آيا. ”مسٽر ٽارنهل“ کي پنهنجيءَ ڪاميابيءَ جو جيڪو يقين هو سو هميشه لاءِ ٽٽي پيس. هن هاڻي رُسوائيءَ ۽ افلاس جي ڪُن کي پنهنجي اڳيان ڏٺو ۽ ٿڀيءَ ڏيڻ ڪان ڏڪڻ لڳو. تنهنڪري پنهنجي چاچي جي اڳيان گوڏن ڀر ڪري پيو، ۽ تمام دل ۾ ڇُيندڙ درديلي آواز ۾ رحم لاءِ التجا ڪيائين. ”سر وليم“ کيس حقارت سان ڌڪاري ڇڏڻ تي هو، مگر منهنجي عرض تي هن کيس مٿي ڪنيو، ۽ ڪجهه وقت ڪان پوءِ چيو، تنهنجون بدڪاريون، ڏوهه ۽ احسان فراموشي ڪنهن به فرمائش جي لياقت نٿيون رکن، تنهن هوندي به تون مڪمل طرح وساريو نه ويندين. هڪ معمولي رقم حياتيءَ جي ضروريات جي پورائيءَ لاءِ، پر نه ان جي ڪذاين لاءِ تنهنجي حوالي ڪئي ويندي. هن نوجوان خاتونءَ، تنهنجيءَ زال کي ان دولت جو ٽيون حصو ڏنو ويندو، ۽ صرف ان جي ئي سفارش سان تون مستقبل ۾ وڌيڪ ڪنهن غير معمولي امداد جي اميد رکي سگهين ٿو“. هو هن جي اهڙي نوازش لاءِ پنهنجي احسانمنديءَ کي هڪ با رونق گفتگو ۾ ظاهر ڪري رهيو هو، پر امير کيس روڪي ڇڏيو. هن کيس چيو، ته هو پنهنجي ڪميڻائيءَ کي وڌيڪ زياده نه ڪري جا اڳيئي گهڻو ظاهر ٿي چڪي هئي، ۽ کيس ساڳئي وقت تي نڪري وڃڻ ۽ سندس گهرو نوڪرن مان ڪنهن به هڪ کي پنهنجي حاضريءَ لاءِ چونڊڻ جو حڪم ڪيو.

اجا هن اسان کي ڇڏيو ئي مس، ته ”سر وليم“ مڪمل دلي اطمينان سان پنهنجي ڀائٽيءَ وٽ مشڪندي آيو، ۽ کيس خوشيءَ لاءِ دعا ڪيائين. سندس مثال ”مس ولماٽ“ ۽ سندس پيءُ عمل ۾ آندو. منهنجي زال پڻ گهڻي پيار سان پنهنجي ڌيءَ کي چمي ڏني، جيئن سندس اصطلاح ۾ چئجي، ته هوءَ ان وقت هڪ با وفا عورت بنائي ويئي هئي. ”صوفيا“ ۽ ”موزز“ واري سان پيروي ڪئي ۽ اسان جي مهربان ”جينڪنسن“ پڻ ان اخلاقي رسم ۾ شامل ٿيڻ جي خواهش ڪئي. اسان جي دل کي بيحد گهڻو سڪون حاصل ٿيو. ”سر وليم“ جنهن جي زياده ۾ زياده خوشي نيڪيءَ ڪرڻ ۾ هئي، تنهن هاڻ سج جهڙي روشن چهري سان چوڌاري نهاريو، ۽ سيني جي اکين ۾ خوشيءَ ڪان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه ڏٺو، سواءِ منهنجي ڌيءَ ”صوفيا“ جي، جا ڪن سببن ڪري، جي اسين پروڙي نٿي سگهياسون، مڪمل طرح خوش نه ڏٺي ويئي. هن مشڪندي چيو. ”آءٌ

هاٿي سمجهان ٿو، تہ سواءِ هڪ يا ٻن ماڻهن جي هيءَ سموري مجلس پوريءَ طرح خوش ڏسجي ٿي. هتي صرف باقي هڪ حق جو ڪم منهنجي ڪرڻ لاءِ رهيل آهي". هن مون کي مخاطب ٿي چيو، "سائين تون انهن احسانن کان واقف آهين، جن لاءِ پاڻ ٻئي "جينڪنسن" جا مرهون منت آهيون، ۽ اهو صرف انصاف آهي، تہ پاڻ ٻنهي کي ان لاءِ ڪيس معاوضو ڏيڻ گهرجي. مون کي خاطري آهي تہ "مس صوفيا" هن کي تمام گهڻو مطمئن ڪري سگهندي، ۽ آءُ ڪيس پنج سؤ پائونڊ ڏاج ۾ ڏيڻ لاءِ تيار آهيان. مون کي يقين آهي، تہ انهيءَ رقم ملڻ تي هي ٻئي تمام آسودگيءَ سان گذاري سگهندا. "مس صوفيا" اچ، تون هن منهنجي تجويز ڪيل وهانءَ لاءِ ڇا ٿي چوين؟ ڇا تون هن کي قبول ڪندينءَ؟" هن خوفائتيءَ تجويز تي منهنجيءَ ڌيءَ پنهنجيءَ ماءُ جي ٻانهن ۾ ڇهتل ۽ هينون هاريل ڏني ويئي. "سائين آءُ هن کي قبول ڪريان!" هن جهڪي آواز ۾ چيو، "نہ سائين، ڪڏهن بہ نہ". "ڇا" "امير" وري چيو، "پنج سؤ پائونڊ ۽ تمام سهڻين اميدن واري پنهنجي مهربان حسين نوجوان "مسٽر جينڪنسن" کي قبول نہ ڪندينءَ!" هن ڳالهائڻ کان بيوس هوندي جواب ڏنو، "سائين آءُ عرض ٿي ڪريان تہ توهين ان تجويز تان دستبردار ٿيو، ۽ مون کي اهڙو گهڻو دکي نہ ڪريو. هن وري چيو، "اهڙو ضد بہ ڪڏهن ڪو ڏنو ويو! هڪ ان ماڻهوءَ کان انڪار ڪرڻ، جنهن جا هن ڪٽنب تي بيشمار احسان آهن. هن تنهنجيءَ پيڻ کي بچايو آهي ۽ هي پنج سؤ پائونڊن جو مالڪ ٿيندو. ڇا، هن کي قبول نہ ڪندينءَ! هن ڪاوڙ ۾ جواب ڏنو، "نہ سائين، ڪڏهن بہ نہ، هن کان اڳ آءُ هوند مري وڃان ها". هن چيو، "جيڪڏهن اها حالت آهي، ۽ جيڪڏهين تون هن کي قبول نہ ڪندينءَ، تہ پوءِ آءُ خيال ڪريان ٿو، تہ مون کي ئي ضرور توکي قبول ڪرڻ گهرجي". ائين چوندي هن ڪيس تمام گهڻي شوق سان پنهنجيءَ ڇاتيءَ سان لاتو. هن چيو، "پياري، سيني چوڪرين کان وڌيڪ سمجهو، منهنجي محبوبہ تون ڪيئن ويساهہ ڪري سگهينءَ ٿي، تہ تنهنجو پنهنجو "برچل" توکي دولاب ڏيئي سگهيو ٿي؟ يا ائين تہ "سر وليم ٿارنهل" ڪيئن ان محبوبہ کي جا صرف ڪيس ئي محبت ڪري ٿي، ڪڏهن بہ پيار ڪرڻ بند ڪري سگهندو؟ مون ڪجهہ سالن کان وٺي هڪ اهڙيءَ عورت جي تلاش پئي ڪئي جا منهنجيءَ دولت کان غير واقف هئڻ جي حالت ۾ بہ سمجهي سگهي،

تہ مون ۾ هڪ مرد هئڻ جي لياقت آهي. شوخ توڙي بدمزاج ماڻهن جي ڪٽنبن ۾ ڳولا ڪرڻ بعد هڪ با اخلاق ۽ آسماني حسن تي فتحياب ٿيڻ سبب مون کي ڪيتري نہ گهڻي خوشي ٿيڻ گهرجي". هن پوءِ "جينڪنسن" ڏانهن مخاطب ٿي چيو، "جناب، آءٌ هن ڇوڪريءَ کان جدا ٿي نٿو سگهان، ڇاڪاڻ تہ هن مون جهڙي ماڻهوءَ جي طبيعت کي سٺو سمجهيو آهي، تنهنڪري جملي معاوضو جو آءٌ مقرر ڪري سگهان ٿو، سو آهي سندس ملڪيت توکي ڏيڻ، ۽ صبحاڻي ٽون يلي پنج سوَ پائونڊن لاءِ منهنجي عام مختيار وٽ وڃج". ان بعد اسان سيني کي پنهنجيون مبارڪون دُهرائيون پيون، ۽ "بيگم ٿارنهل" کي پڻ ساڳيءَ رسم جي ادائگي ڪرڻي پيئي، جا سندس پيءُ اڳي ادا ڪئي هئي. ان وقت اندر "سر وليم" جو ڪمدار اسان کي ٻڌائڻ آيو، تہ گاڏيون اسان کي سراءِ ڏانهن ڪٽي هلڻ لاءِ تيار هيون، ۽ اتي هر ڪا شيءِ اسان جي استقبال لاءِ موجود هئي. منهنجيءَ زال ۽ مون اڳواٽي ڪئي، ۽ جلدي اهي غم جون انتدوهناڪ جڳهيون ڇڏيون ڪيوسون. ڪشاده دل امير صاحب حڪم ڪيو تہ، چاليهہ پائونڊ قيدين ۾ ورهايا وڃن. ۽ "مس ولمائٽ" سندس مثال کان متاثر ٿي اڌ رقم ڏني. ٻاهر نڪرڻ تي ڳوٺاڻن نعرن سان اسان جو استقبال ڪيو. مون پنهنجن ٻن ايماندار جماعتين کي ان ميڙ ۾ ڏٺو، ۽ کين هٿ ڏيئي ڪيڪاريو. اهي اسان سان سراءِ تائين گڏجي هليا. جتي هڪ عمدي کاڌي جو بندوبست ڪيل هو، ۽ سادو سودو سامان گهڻي انداز ۾ عام ماڻهن ۾ تقسيم ڪيو ويو هو.

رات جي ماني بعد پنهنجن رفيقن کي مسرت جي مستيءَ ۾ ڇڏي پنهنجيءَ دل کي خوشي ۽ غم جي ڏيندڙ جي مهربان ياد ۾ مصروف ڪيم، ۽ صبح تائين ڪنهن بہ قسم جي پريشانيءَ کان سواءِ سمهي ننڊ ڪيم.

★

# باب ٻٽيهون

## پڇاڙي

ايندڙ صبح جو آءٌ اجا ننڊ مان مس جاڳيس، مون پنهنجي وڏي پٽ کي بستري جي ير ۾ وينل ڏٺو. هو منهنجي فائدي ۾ تيل نصيب جي ٻئي ڦيري سان منهنجيءَ خوشيءَ کي زياده ڪرڻ آيو هو. پهريائين مون کي پنهنجي ان وعدي کان آزاد ڪيائين، جو مون اڳئين ڏينهن تي سندس فائدي ۾ ڪيو هو. ۽ پوءِ مون کي ٻڌايائين، تہ منهنجو پلاوٽو جو شهر ۾ ناڪام ٿيو هو، سو "ائنٽورپ" وٽ گرفتار ٿيو هو، ۽ جيڪو سندس قرضين جو مٿس قرض هو، ان کان وڌيڪ قيمت واري جائداد اتي ڇڏي هئائين. منهنجي پٽ جي ڪرم فرمائيءَ مون کي ايترو ئي خوش ڪيو، جيترو هن غير متوقع سني نصيب مون کي خوش ڪيو هو. مگر مون کي ڪجهہ شڪ هئا، تہ اصولي طرح مون کي اها آڇ قبول ڪرڻ نہ گهرجي. آءٌ اجا انهيءَ ڳالهہ تي ويچار ڪري رهيو هوس، تہ "سر وليم" ڪوٺيءَ ۾ گهڙيو، ۽ مون کيس پنهنجن شڪن کان واقف ڪيو. سندس راءِ هئي، تہ جيئن تہ منهنجو پٽ پنهنجي شاديءَ سبب وسيع دولت جو مالڪ ٿيو هو، تنهنڪري مون کي سندس آڇ ڪنهن بہ هٻڪ کان سواءِ قبول ڪرڻ گهرجي. تنهن هوندي بہ هو مون کي آگاهہ ڪرڻ لاءِ آيو هو، تہ جيئن تہ پاڻ اڳئين رات تي شاديءَ جي اجازت نامن لاءِ ماڻهو موڪليا هئائين، ۽ سيڪنهن ساعت انهن جي پهچڻ جي توقع پئي ڪيائين، تنهنڪري کيس اميد هئي، تہ ان صبح جو آءٌ سڄيءَ مجلس کي مسرور ڪرڻ لاءِ پنهنجيءَ شموليت کان انڪار نہ ڪندس. جنهن وقت اسان پاڻ ۾ گفتگو پئي ڪئي، ان وقت هڪ نوڪر قاصد جي واپس اچڻ بنسبت اطلاع ڏيڻ لاءِ اندر گهڙيو. آءٌ ان وقت تائين تيار ٿي چڪو هوس، ۽ اوڏانهن ويس. اتي مون سڄيءَ جماعت کي ايترو خوش ڏٺو، جيترو دولتمندي ۽ معصوميت کين خوش ڪري سگهي ٿي. تنهن هوندي بہ جيئن تہ هو هاڻي هڪ تمام پر رعب ديني رسم لاءِ تياري ڪري رهيا هئا، تنهنڪري سندن ڪل مون کي ناراض ڪيو. مون کين هن روحاني موقعي تي سنجيده، سونهندڙ ۽ بلند طريقي واريءَ هلت جي اختيار ڪرڻ لاءِ هدايت ڪئي، ۽ کين تيار ڪرڻ لاءِ بہ گيت ۽ هڪ پنهنجو تيار ڪيل مضمون پڙهي ٻڌايا. ان

هوندي بہ اجا تائين ڪين ضدي ۽ بي ضابطہ ڏنو ويو. جيئن اسين ديول ڏانهن پئي وياسون، ۽ مون سندن اڳواٽي پئي ڪئي، تيئن سموري سنجيدگي ڪين مڪمل طرح ڇڏي ويئي هئي. ۽ آئون اڪثر ڪري غصي ۾ پوئتي موٽڻ لاءِ آماده پئي تيس. ديول ۾ هڪ نئون مونجهارو پيدا ٿيو. جنهن ڪيس ڪنهن سَولي حل جو منهن نہ ڏنو. مونجهارو اهو هو، تہ ڪهڙي جوڙي ڪي پهريائين پرڻايو وڃي. منهنجي پٽ جي ڪنوار زور رکڻ لڳي، تہ "بيگم وليم تارنهل" (جا هوءَ ٿيڻي هئي) پهرين اڳواٽي ڪري. پر ان جو ٻيءَ بہ گرم جوشيءَ سان مقابلو ڪيو. هن اعتراض طور چيو، "آءٌ دنيا جي اڳيان اهڙيءَ بي ادبيءَ ڪرڻ جي مجرم نہ ٿيندس". اهو دليل ڪجهہ وقت لاءِ سندن وچ ۾ هڪ جيتري ضد ۽ سهڻي نموني جي تڪرار سان هلي رهيو هو. پر جيئن تہ آءٌ هيءُ سمورو وقت پنهنجي ڪتاب سان تيار بيٺو هوس، تنهنڪري آخر ان ڇتا پيٽيءَ ڪان گهڻو تڪجي پيس ۽ ان کي بند ڪندي، ڪڙڪي سان چيم، "آءٌ ڏسان ٿو، تہ اوهان مان ڪنهن کي بہ شاديءَ ڪرڻ جو ارادو نہ آهي. انهيءَ ڪري اسان جو اهڙو ئي گهر موٽي هلڻ چڱو ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ آءٌ سمجهان ٿو، تہ هتي اڄ ڪو بہ ڪم نہ ٿيندو". هن ڇوڻ ڪين يڪدم هوش ۾ آندو. پهريائين امير ۽ سندس بيگم جي شادي ڪرائي ويئي، ۽ پوءِ منهنجي پٽ ۽ سندس دلپسند محبوبہ جي.

مون اڳيئي انهيءَ ڏينهن صبح جو پنهنجي ايماندار پاڙيسريءَ "فلمبرو" ۽ سندس ڪٽنب جي گهرائڻ لاءِ هڪ گاڏيءَ موڪلڻ جو حڪم ڪيو هو. جڏهن اسين مهمان سراءِ ڏانهن واپس موٽياسون، تڏهن "فلمبرو" جي ٻن ڪِڪين کي پنهنجي اڳيان گاڏيءَ مان لهندو ڏسي اسين ڏاڍا خوش ٿياسون. "مسٽر جينڪنسن" پنهنجو هٿ وڏيءَ ڇوڪريءَ کي ڏنو، ۽ منهنجي پٽ "موزز" ٻيءَ کي هٿ ڏيئي مٿي آندو. (۽ ان وقت کان وٺي مون ڏٺو آهي تہ ڪيس ان ڇوڪريءَ لاءِ سچي محبت آهي، ۽ جڏهن بہ هو منهنجيءَ اجازت ۽ نوازش جي طلب ڪرڻ جو موزون وقت سمجهندو، تڏهن ڪيس اها ملندي). اسين اجا مهمان سراءِ ڏانهن مس موٽي آيا هئاسون، تہ منهنجي علائقي وارن جا ٽولا، منهنجي ڪاميابيءَ جي احوال ٻڌڻ تي مون کي مبارڪ ڏيڻ آيا. انهن ۾ اهي بہ هئا، جي مون کي آزاد ڪرائڻ لاءِ ڪڙا ٿيا هئا ۽ جن کي مون اڳي تمام گهڻيءَ سختي سان جهڻڪيو هو. مون پنهنجي نانيءَ "سر وليم" کي سچي سرگذشت

ٻڌائي، ۽ هو ڪين وڏيڪ سختيءَ سان چينيڻ لاءِ ٻاهر ويو. پر ائين ڏسندي تہ سندس سخت چينپ سبب اهي سيئي دلگير تي پيا هئا. هن ڪين اڏگيني پنهنجي زندگيءَ جي صدفي ۽ سندن روح کي تقويت ڏيڻ لاءِ ڏني.

ان کان پوءِ جلدي اسان جي هڪ دلپسند مانيءَ جي دعوت ڪئي ويئي. اها ماني "مسٽر تارنهل" جي بورچيءَ تيار ڪئي هئي. هن سکر ماٺهوءَ لاءِ ائين چوڻ نامناسب نہ ٿيندو. تہ هيءُ هاڻي هڪ عزيز جي گهر ۾ ڀاتيءَ جي حيثيت ۾ رهي ٿو. ڪن لاچاري وقتن کان سواءِ هميشہ هنن سان گڏ ساڳئي دسترخوان تي ماني کائي ٿو، ڇاڪاڻ تہ ان گهر جا ڀاتي کيس ڏاريو ڪري نٿا سمجهن. سندس گهڻو وقت پنهنجي عزيز کي سنڀالڻ ۾ صرف ٿي وڃي ٿو. جو ڪجهہ قدر سودائي آهي، ۽ جهيڙي جهڳڙي جي ڪمن سڪڻ جي ماليخوليا اٿس. منهنجي وڏيءَ ڏيءَ اجا تائين کيس افسوس سان ياد ڪري ٿي، بلڪ هن مون کي ٻڌايو آهي، ۽ جيتوڻيڪ آءٌ ان کي گهڻو مخفي رکان ٿو، تہ جڏهن هو سڏرندو تڏهن هوءَ مٿس رحم ڪندي.

آءٌ وري بہ موٽي ساڳيءَ ڳالهہ تي واپس اچان ٿو. ڇاڪاڻ تہ آءٌ اهڙيءَ طرح هڪ ڳالهہ کي ڇڏي، ٻيءَ ڏانهن وڃڻ وارو نہ آهيان. جڏهن اسان کي مانيءَ تي ويهڻو هو، تڏهن اسان جون رسمون وري نيون ٿيڻ لڳيون. سوال هو تہ آيا منهنجي وڏي ڏيءَ جا شادي شده هئي، ان کي هنن ٻن عورتن کان مٿي ويهڻ گهرجي يا نہ؟ پر بحث مباحثي کي منهنجي پٽ "جارج" چوٽو ڪري ڇڏيو. هن رٿ ڏني، تہ سيني رفيقن کي ڪنهن بہ فرق کان سواءِ ويهڻ گهرجي، ۽ هر هڪ معزز پنهنجيءَ زال جي پرسان ويهي. اها رٿ منهنجيءَ زال کان سواءِ، جا مڪمل طرح راضي نہ هئي، ٻين سيني تحسين سان پسند ڪئي. ڇاڪاڻ تہ هن اميد تي ڪئي تہ کيس مس جي مٿئين پاسي تي ويهڻ ۽ سڄيءَ محفل لاءِ گوشت ڪورڻ جي اڳواٽيءَ جي عزت حاصل ٿيندي. پر باوجود انهيءَ جي، اسان جي خوش طبعيءَ جو بيان ڪرڻ ناممڪن آهي. آءٌ چئي نٿو سگهان، تہ ان وقت اسان ۾ ڪا دستور کان زياده ظرافت هئي. پر مون کي يقين آهي، تہ اسان ۾ زياده ڪِل هئي. جنهن پڇاڙيءَ تائين جٽاءُ ڪيو. هڪ چرچو جو مون کي خاص طرح ياد آهي، سو هيءُ آهي، جڏهن پيرسن "مسٽر ولمات" "موزز" کي پيالو ڏيئي رهيو هو، تڏهن منهنجي پٽ جواب ڏنو، "خاتون، آءٌ اوهان جو شڪر گذار

آهيان”. جنهن تي ان پيرسن معزز باقي رفيقن کي اک جو اشارو ڪندي چيو، تہ لاهيءَ پنهنجي قربدار جو خيال ڪري رهيون آهيو”. هن چرچي تي مون ڏٺو، تہ ”فلمبرو“ جون ٻئي ڪِڪيون ايترو تہ کليون جو شايد مري پون ها. اجا ماني مس ختم ٿي، تہ مون پنهنجي جهوني دستور موجب پنهنجيءَ خوشيءَ ڏيندڙ گهرو زندگيءَ ۾، هڪ دفعو وڌيڪ پنهنجي ڪٽنب کي ڏسڻ جي خوشيءَ حاصل ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو، تہ ميز پري ڪئي وڃي. منهنجا ٻہ ننڍڙا ٻار هرهڪ منهنجي گوڏي تي ۽ باقي ڪٽنب جا ياتي پنهنجن رفيقن سان گڏ وينا. هاڻي قبر جي هِنِ طرف منهنجي لاءِ ڪابہ شيءِ طلب ڪرڻ لاءِ رهيل نہ هئي، سڀئي منهنجيون حاجتون پوريون ٿي ويون هيون. منهنجي خوشي بيان تيڻ جوڳي نہ هئي. هاڻي صرف ايترو رهيو هو تہ منهنجي سٺي نصيب واري وقت جي احسانمنديءَ کي منهنجيءَ اڳئين مصيبت واري وقت جي اعتراف کان زياده تيڻ گهرجي.

★

# ڪتابن جي فهرست جيڪي مترجم ترجمي وقت ڏٺا

(A) English Books. (الف) انگريزي ڪتاب

1. The English to Sindhi Dictionary by Anandram.
2. Ferozson's English - Urdu Dictionary.
3. The Chamber's Twentieth Century Dictionary.
4. The Camber's Shorter English Dictionary.
5. The Concise Oxford Dictionary of English Litrature.
6. The Reader's Hankbook.
7. The Oxford companion to English Litrature.
8. The Oxford Encyclopaedia.
9. The Encyclopaedia Britanica.
10. Casell's Encyclopaedia of Litrature.
11. Chamber's Encyclopaedia.

(B) Sindhi Books. (ب) سنڌي ڪتاب

| | | | |
|---|---|---|---|
| 12 | راندیون | | پمو سدارنگاڻي |
| 13 | بلو کوکر | ناول | ايس - سي شاهاڻي |
| 14 | سچ تان صدقي | = | لالچند امر ڏنومل جڳتياڻي |
| 15 | سون ورنيون دليون | = | = |
| 16 | ڊينسبريءَ جي آکه | = | ليلا رام ولايت راءِ |
| 17 | ايسٽلن | = | = |
| 18 | سٽنڊ فرڊ ۽ هرٽن | = | ميرزا قليچ بيگ |
| 19 | هئمليٽ | ناٽڪ | = |
| 20 | خود ياوري | | = |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 21 | غلاميءَ مان متي چاڙهو | | = |
| 22 | گمراهه دوست | ناٽڪ | عثمان علي انصاري |
| 23 | فيروز دل افروز | ناٽڪ | ميرزا قليچ بيگ |
| 24 | روهڻي | ناول | = |
| 25 | راسيلاس | = | = |
| 26 | مڪالات الحڪمت | | = |
| 27 | طلسم | ناول | پيرومل مهر چند |
| 28 | مهراڻ جا رسالا | | سنڌي ادبي بورڊ |

*

# سنڌي ادبي بورڊ پاران ناولن تي ڇپايل ڪجهه ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| ايرڪ | ف.و.فرار<br>ميرزا قليچ بيگ | 50/= |
| سون ورنيون دليون | لالچند امرڏنو مل جڳتياڻي | 30/= |
| دنيا دورنگي | آغا غلام نبي خان | 30/= |
| ٽي گهر | ن. و. فرار/ ميرزا قليچ بيگ | 50/= |
| زينت | ميرزا قليچ بيگ | 50/= |
| گلن جي ٽوڪري | ميرزا قليچ بيگ | 50/= |
| خوش خصلت خاتون | بيگم بادام ناتوان | 25/= |
| ڪئنڊيڊ | والٽيئر/ شمشير الحيدري<br>محمد ابراهيم جويو | 30/= |
| نيٺ ڇا ڪجي؟ | ليو ٽالسٽاءِ/نورالدين سرڪي | 100/= |
| جهان آرا | عبدالرزاق عبدالسلام | 55/= |
| ڪنوار جو آئينو | نذير احمد | 70/= |
| غازي صلاح الدين | ساڌو هيرانند شوقيرام آڏواڻي<br>۽ پيرومل مهرچند آڏواڻي | 30/= |
| بلو کوکر | صاحب سنگهه چندا سنگهه شاهاڻي | 35/= |
| بدنصيب ٽري | محمد اسماعيل عرساڻي | 50/= |
| انڪوائري آفيسر | ميرزا قليچ بيگ | 20/= |
| ڪرامازوف ڀائر (ڀاڱو پهريون) | دوستو وسڪي/ احسان بدوي | 225/= |
| ڪرامازوف ڀائر (ڀاڱو ٻيو) | دوستو وسڪي/ احسان بدوي | 275/= |
| جوئاري | دوستووسڪي/قاضي خادم | 110/= |